# فڪر جي آزادي



سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ
حيدرآباد سنڌ



استیفن زویگ
(۱۸۸۱-۱۹۴۲ء)

# فڪر جي آزادي

هيءُ ڪتاب سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو
۽ محمد ابراهيم جويي، صدر، سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ،
٨- ٽـماڙ، منظور چيمبرس، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ مان ڇپائي
پڌرو ڪيو.

# فڪر جي آزادي

(اسٽيفن زويگ جي ڪتاب THE RIGHT TO HERESY
جو سنڌي ترجمو)

از

محمد ابراهيم جويو

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ
حيدرآباد سنڌ

چاپو پهريون　　　جون، ١٩٧٧ع　　　تعداد ١٠٠٠

[مترجم جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: پندرهن رپيا

*FIKRA JI AZADI*
*(THE RIGHT TO HERESY)*
*By Stefan Zweig*
*Translated into Sindhi by*
*Mohammad Ibrahim Joyo*
*Published by The Sindhi Writers' Cooperative Society Ltd:*
*8- Manzoor Chambers, Gadi Khato, Hyderabad Sind.*

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پهريان ۾ اکر | | ۷-۱۴ |
| مهاڳ | | ۱ |
| باب پهريون: | ڪال‌ون جو طاقت ۾ اچڻ | ۱۳ |
| باب ٻيو: | ضابطو | ۴۰ |
| باب ٽيون | ڪاسٽيلو جو ميدان تي اچڻ | ۷۱ |
| باب چوٿون | سرويٽس جو معاملو | ۱۰۱ |
| باب پنجون | سرويٽس جو خون | ۱۲۸ |
| باب ڇهون: | سهپ ۽ رواداريءَ جو پڌرنامو | ۱۵۶ |
| باب ستون: | زور ۽ ضمير جي جنگ | ۱۹۰ |
| باب اٺون: | ضمير تي زور جو غلبو | ۲۱۷ |
| باب نائون: | پوتاميل | |
| نوٽ ـ | ڪتاب سان لاڳاپيل ڪي مکيه تاريخون ۽ واقعا | ۲۶۹ |

تصويرون ـ

اسٽيفن زويگ مصنف ـ پهريان مهاڳ ۾

سيباسٽيان ڪاسٽيلو ـ ص. ۷۳ جي سامهون

ڪال‌ون، زندگيءَ جي آخري سالن ۾ ـ ص. ۷۲ جي سامهون

## ٻهريان ٻہ اکر

منهنجا ڪافي ڪي پيارا دوست آهن، جن جو خيال آهي تہ آءٌ هي جي ڪتاب″ ترجمو ڪريان ٿو، اِهو وقت جو زيان آهي. آءٌ آنهن سان انهيءَ خيال ۾ متفق نہ آهيان، ۽ آن لاءِ مون وٽ پختا دليل آهن.

ٻهرين ڳالهہ تہ طبعزاد يا اصلوڪو (*Original*) خيال، جيڪڏهن فڪري دنيا ۾ اهڙي ڪا شيءِ آهي بہ، تہ آهي جڏهن بہ ۽ جنهن ڪي بہ من ۾ ايندا آهن، تڏهن هو آهي ڪنهن نہ ڪنهن صورت۾ ضرور ظاهر ڪري ڇڏيندو آهي - ٻيو نہ، تہ ڪنهن نہ ڪنهن دوست يا دوستن سان ڳالهين ٻولهين ۾ ۽ بحث مباحثي ۾ آهي ٻڌائي ڇڏيندو آهي، بلڪ اِئين آنهن ڪي ٻڌائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪي ٻڌائڻ جهڙا يا ظاهر ڪرڻ جهڙا اصلوڪا خيال ڪنهن جي من ۾ اچن ٿا، ۽ هو آهي نٿو ظاهر ڪري، تہ آهو ماڻهو ذهني طور سنئون سڌو يا صحتمند نہ چئي سگهبو، ۽ اهڙي ماڻهوءَ جا خيال ڪيتري قدر ٻڌڻ ٻڌائڻ جهڙا ٿي بہ سگهن ٿا، اِن جو جواب ٻڌرو پيو آهي. اِنهيءَ ڪري ڪنهن ڪي ڇوڻ تہ ٻنهنجا ’اصلوڪا‘ خيال دنيا ڪي ٻڌاءِ، زباني يا لکيت ۾ يا ڪنهن ٻئي اظهاري وسيلي سان، آءٌ سمجهان ٿو تہ اِن جي ڪنهن صورت ۾ ڪا ضرورت ئي ڪٿي درپيش اچڻ نہ کپي.

ٻيو تہ جيڪڏهن شوق يا گهرج اصلوڪن خيالن جي ئي آهي، تہ آهي تہ ترجمي ۾ بہ موجود هوندا آهن - منهنجا، يعني الف جا، اصلوڪا خيال نہ، تہ ڪتاب جي اصل مصنف جا. هرويرو ڪنهن ڪي ڪنهن خاص ماڻهوءَ جا اصلوڪا خيال ٻڌڻ ڇو گهرجن!. جيڪڏهن ڪو خاص مسئلو سامهون هجي، ۽ آن خاص مسئلي متعلق معلوم هجي تہ الف ئي ڪجهہ ڄاڻي ٿو ۽ ب نہ، تہ آن صورت ۾ الف سان ملاقات - روبرو، خط پَٽ رستي، يا جيڪڏهن هن جي ڪا تصنيف يا لکيت آن مسئلي بابت موجود آهي تہ آن وسيلي، آسانيءَ سان ٿي سگهي ٿي. ورنہ ترجمي ٿيل ڪتاب″ بہ سچي جو سچو اصلوڪن خيالن سان ڀريو پيو آهي -

جيڪي هوندن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ بيان ٿيل هئا، ۽ هاڻي اُن مان ڪٽي ٻيءَ هڪ ٻوليءَ ۾، ۽ سڀ کان بهتر، پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾، اسان جي پڙهڻ لاءِ ۽ سمجهڻ لاءِ اسان جي اڳيان رکيا ويا آهن. خيال ڪنهن جا آهن، اِن جو ويچار ڪرڻو ڪونهي. پر خيال ڪهڙا آهن - اصل ڳالهه ڳولڻ جي، سمجهڻ جي ۽ سوچڻ جي اِها آهي.

ٽين ڳالهه ته خيالُ ڪڏهن به ڪو اصلي يا نقلي ڪونه ٿيندو آهي - خيال صرف صحيح يا غلط ٿيندو آهي، فائدي وارو يا نقصانڪار ٿيندو آهي، عملي يا غيرعملي ٿيندو آهي - سڀ کان وڌيڪ، قبولڻ جهڙو يا نه قبولڻ جهڙو ٿيندو آهي. ۽ ڪهڙو خيال قبولبو يا ڪيتري قدر قبولبو يا نه قبولبو، اُن جو مدار وري ذهن ۾ اڳ موجود خيال يا خيالن تي رهي ٿو. اِنهيءَ ڪري جيترا گهڻا چڱا ۽ چوکا خيال ذهن ۾ هوندا، ايتري ماڻهوءَ جي صحيح يا غلط خيال جي پرک تيز ٿيندي ۽ هو قبولڻ جهڙا وڌ ۾ وڌ خيال قبوليندو ۽ ائين پنهنجي ذهن کي تيز کان تيز تر ۽ سجاڳ رکي سگهندو.

خيال 'پنهنجو' يا 'پرايو' به ڪونه ٿيندو آهي. فقط آهي، جن کي ڪا ڳالهه لڪائڻي يا مڙهڻي هوندي آهي، آهي 'پراون' خيالن کان، يعني، اڄڪلهه، خاص طرح مغربي خيالن کان، مادّي خيالن کان، خود 'عقلي' خيالن کان جهليندا ۽ روڪيندا آهن - حالانڪ جن خيالن جي قبولائڻ يا 'پنهنجي' ڪرڻ لاءِ اِهو سڄو اهتمام هو ڪندا آهن، خود آهي خيال به هُنن جا 'پراوا' هوندا آهن - ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ جا، ٻئي ڪنهن پاسي جا، ٻئي ڪنهن ماحول ۽ پراڻي ڪنهن وقت جا.

چوٿين ڳالهه ته ڪو به ٻُڌل يا پڙهيل خيال پنهنجي ٻوليءَ يا پنهنجن لفظن ۾ جيئن جو تيئن، يعني جيئن اهو اصل هو تيئن، ظاهر نٿو ڪري سگهجي. ذهن ۾ اڳ سوجود خيالُ اُن کي پاڻ سان ملائڻ لاءِ اُن تي پنهنجو ڪو خاص رنگ يا اُن جو ڪو پاڇو ضرور وجهي ٿو. اِها انساني فطرت آهي ته ڪو به ڪم هو ڪري ٿو، ته اُن تي هو ويچار به ڪندو هلي ٿو، يعني ان ۾ هو پنهنجو ذهن وجهي ٿو، اُن کي هو پسند

ڪندو يا نہ پسند ڪندو ۽ اُن جي تور تڪ بہ ڪندو هلي ٿو - ۽ اِئين ئي هو پنهنجي ڪم ڪي سوڌي سنواري ۽ سهڻو بنائي سگهي ٿو. حسن جي تخليق ائين ئي ٿئي ٿي. ۽ اِنهيءَ ڪري ڪوبہ فنڪار پنهنجيءَ ڪنهن تخليق ڪي ڪامل بہ نہ سمجهندو آهي، ۽ سدائين هڪ ڪان وڌيڪ پيءَ ڪي بهتر بنائڻ چاهيندو آهي ۽ اڪثر بنائي بہ سگهندو آهي. ساڳيءَ طرح هڪ ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ خيالن ڪي آڻڻ سان، آنهن ۾ هڪ قسم جي نواڻ، ترجمي جي چاشني، بہ اچي وڃي ٿي. اِهو ئي سبب آهي، جو خود اصل ٻوليءَ ۾ ڪنهن ڪتاب ڪي پڙهڻ وارا اُن جي ترجمي ڪي بہ پڙهڻ چاهيندا آهن، ۽ اُن مان آنهن ڪي هڪ جدا لطف حاصل ٿيندو آهي. اسين شاهہ جا شعر انگريزيءَ ۾ يا ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ ۾ بہ شوق سان پڙهندا آهيون. عمر خيام جي رباعين ڪي اصل ٻوليءَ ۾ پڙهڻ وارا بہ اُن جي فزجيرالڊ واري انگريزي ترجمي ڪي وري وري پيا پڙهندا ۽ اُن مان سواد وٺندا آهن. انهيءَ خيال ڪان ڪي ڪي ترجما بہ، پنهنجيءَ جڳهہ تي، ٻوليءَ، فڪر ۽ جذبي جي ادبي، فني ۽ تخليقي پيشڪش جي حيثيت وٺي بيهندا آهن - اُن جو مثال جڳ مشهور ٻوليءَ جو بائيبل آهي، جيڪو انگريزي ادب جو متفقہ طور هڪ بهترين نمونو سمجهيو ۽ قبوليو ويو آهي.

آخر ۾، ترجمي جي افاديت جي سلسلي ۾ هيءُ پڌرو دليل بہ پيش ڪري سگهجي ٿو تہ انساني فڪر جي واڌ ۽ پکيڙ دنيا ۾ جيتري ترجمن وسيلي ٿي آهي، ۽ ٿي رهي آهي، اهڙي ڪنهن بہ ٻئي ذريعي سان ٿي نہ سگهي آهي. هندستان ۽ يونان جي ادب ۽ علم جو عربيءَ ۾ نقل، يورپ جي ٻولين جي علمي ۽ ادبي ذخيري جو دنيا جي ٻولين ۾ منتقل ٿيڻ - جديد مهذب دنيا جي ڄاڻ جون اِهي زوردار ڌارائون ئي اُن جي مهذب بنجڻ ۽ مهذب هجڻ جو مکيہ سبب بڻيون ۽ مکيہ سبب آهن. دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ اهو ڪهڙو اهم ڪتاب لکجي ٿو، جو دنيا جي ڪنهن علمي ۽ ادبي ٻوليءَ ۾ نٿو ترجمو ٿئي! اسان جي سنڌي ٻوليءَ ڪي تہ عالمي ادب ۽ فڪر جي آثاري جي جيڪڏهن سڀ ڪان

وڌ نه ته به لازمي طور وڌ ۾ وڌ ضرورت آهي.

تنهن کان سواءِ آزاد فڪرُ ۽ عقل جي آڌار تي ايرنڊڙ فڪرُ ئي اصلوڪا ۽ طبعزاد عظيم ڪتاب پيدا ڪري سگهندو' آهي. اسان وٽ جيئن ئي 'آزادي' آئي آهي، تيئن ئي سڀ خيال تي قلف لڳي ۽ پهرا ويهي ويا آهن، سواءِ هڪ خيال جي، جنهن ۾ ڪا جان رهي ڪانهي، رڳو ڊانيڊي وانگر پيو وڄي ۽ وڄندو رهي. جيڪو ٿو ڪجهه لکي ۽ ڪجهه چوي، سو ڦيري ڦيري محض انهيءَ ڊانيڊي کي پيو وڄائي - صحيح به اسين، سچا به اسين، ڏاها به اسين ۽ سٺا ۽ صالح به اسين: آهيون، يا، جي بنهه نه آهيون - جا ئي صحيح ڳالهه آهي - ته تي سگهون ٿا، بشرطيڪ آهو ڊانيڊو زور سان ۽ تيئن زور سان وڄائڻ ويهي رهون. دهشت ۽ دهمان وري ايترو، جو ٻئي ڪنهن خيال جي رڳو ڪا سونگهه، يا سنُس ئي ڪٿان پهچي ويئي، ته الائي ڇا ٿيندو، ڌرتي ڏري پوندي يا آسمان ڪري پوندو! ان صورتحال ۾ بي خوف ۽ جان نثار قلمَ گهرجن، جو واقعي به ڪي طبعزاد ۽ اصلوڪا ڪتاب پيدا ڪري سگهن. ۽ اهڙا قلم به نيٺ پيدا ٿيندا، ضرور پيدا ٿيندا. تنهن وچ ۾ جيڪي ڪجهه باضمير ۽ ديانتدار قلمن کان پڄي سگهي ٿو، سو هو وري به پنهنجي دور کي ڏيندا رهن ٿا. مون کان به اِن ڏس ۾ جو ڪجهه ممڪن ٿي سگهيو ۽ ٿي سگهي ٿو، سو لکندو رهيو آهيان.

چون ٿا ته زمانو گول ڦرندو ٿو رهي، تاريخ پاڻ کي دهرائي ٿي - پر زماني جو اِهو گول ڦيرو هڪ ئي ليڪي تي ڪونه ٿو ڦري، ۽ نه تاريخ پاڻ کي جيئن جو تيئن ٿي دهرائي. زماني جو ڦيرو ڪڏهن وڏي گول ۾ ڪڏهن ننڍي گول ۾ ۽ سدائين نئين محور ۽ نئينءَ زمين تي عمل ۾ ايندو رهي ٿو ۽ هميشه اُن جي مجموعي رواني ۽ رخ اڳتي ۽ اڳتي هوندو آهي، ۽ تاريخ، جي پاڻ کي دهرائي به ٿي ته سدائين نئين رنگ ۽ نئين ڍنگ سان - ڇو ته حالتن ۾ جمود ۽ ماٺ ڪڏهن به ڪانه ٿي رهي، ۽ متحرڪ ۽ بدليل حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ انساني ذهن کي رستا ۽ حل به بدليل ۽ نوان سوچڻا ۽ استعمال ڪرڻا پون ٿا.

ٻهرحال، گذريل تجربن جا بنياد ۽ آنهن جا سبق، پنهنجن تجربن جي بنياد سان ملائي ۽ پيٽي سگهجن ٿا ۽ آنهن سان ليکي چڪائڻ لاءِ آهي سبق ڏاڍا ڪمائتا ٿي سگهن ٿا. اِنهيءَ ڪري گذريل وقتن ۾ يا اڄوڪي دور ۾ جتي جتي ڪو اهڙو خيال، جتي جتي ڪا اهڙي روشني ۽ اهڙو سبق ڏسجي ٿو، جنهن مان سمجهجي ٿو ته آن مان اسان واريءَ اوندهه ۾ اسان لاءِ ڪو سوجهرو يا سهولت پيدا ٿي سگهي ٿي، ته آن خيال، آن روشنيءَ يا آن سبق کي پنهنجن پيارن پڙهندڙن لاءِ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري پيش ڪرڻ کان دل باز نٿي رهي. جيڪڏهن ڪنهن دوست يا ساٿيءَ کي خاص منهنجن 'پنهنجن' خيالن جي ئي ڪا تانگهه آهي، ته جيڪي خيال، جنهن جا به خيال، جتان جا به خيال مون کي پسند آهن، آهي به ڪين منهنجا ئي خيال سمجهڻ کپن. جيڪو به ڪتاب آءٌ ترجمو ڪريان ٿو آهو ڪنهن جي مجبوريءَ تحت نه ۽ نه پيسن خاطر- پر آن کي آءٌ مٿئين نقطي نگاهه کان صحيح، مفيد ۽ عين ضروري سمجهي ترجمو ڪريان ٿو. اِنهيءَ ڪري آن ڪتاب جا خيال سچ پچ به ته جڻ منهنجا پنهنجا طبعزاد ۽ اصلوڪا خيال آهن.

ترجمي سان - بشرطيڪ آهو ڪامياب ترجمو هجي - ٻوليءَ جي اظهاري صلاحيت ڪيتري وڌي ٿي، اِن جي ڪٿ ڪرڻ سولي به آهي، ڏکي به آهي. سنڌيءَ ۾ صحيح، پختي، مايه دار ۽ ادبي خيال کان اعليٰ نثر جي روايت اڃا ايتري عام ڪانه ٿي آهي. اعليٰ نثر جا اوصاف به پنهنجيءَ جاءِ تي اوترا ئي مقرر ۽ واضح آهن جيترا اعليٰ شعر جا. لفظن جي اِملا (صورتخطي) ۽ چونڊ، جملي ۾ آنهن جي جاءِ، خود جملن جي الڳ الڳ قسمن سان ٺُز قسمن جي چونڊ ۽ آنهن جو ڏهڪندڙ استعمال ۽ پاڙ ۾ سونهندڙ لاڳاپو، هر پئرا (فقري) جي اندروني ترتيب ۽ پيش ٿيل ڳالهه يا خيال جي مطابقت سان آنهن جو باهمي ربط ۽ سلسلو، دمن جي نشانين جو گهربل ۽ صحيح استعمال - جو ته جملي ۾ جيئن ٻئي ڪنهن لفظ جي معنيٰ ٿئي ٿي ۽ ڪو لفظ سواءِ مطلب ۽ ضرورت جي ڪم ڪونه ٿو اچي، تيئن ان ۾ استعمال ٿيل هر هڪ دم جي نشانيءَ

هٿ ڪيا، جيڪي منهنجي مختصر لئبرريءَ ۾ موجود به آهن، ۽ آنهن ۾ ۴۴۸ صفحن جو هڪ جلد لائق مصنف جي ’آپ بيتيءَ‘ جو *World of Yesterday* جي نالي سان پڻ آهي، جيڪو مون سڄو پڙهيو آهي. سچ پچ ته انسان ذات ڪهڙا نه عجيب ۽ عظيم ماڻهو ٿي پيدا ڪري، ۽ هو زندگيءَ ۾ ڇا ڇا نه سهن ٿا ۽ ڇا ڇا نه ڪن ٿا! هيڏانهن اسين آهيون، جو ٿورڙي ڪا ڳالهه ٿا ڪريون ته ڦونڊ ۾ پرجيو، ڪنهن کي پاڻ جهڙو سمجهڻ ئي ڇڏي ٿا ڏيون.

آنهيءَ ئي سندس ’آپ بيتيءَ‘ جي آخر ۾ جڏهن ناشر جو آخري نوٽ پڙهيم ته اسٽيفن زويگ ۽ سندس زال ايلزبيٿ شارلوٽ زويگ، ٻنهي گڏجي، صلاح ڪري، پنهنجي وطن کان بيوطن، برازيل ملڪ جي پيٽرو پولس شهر ۾، فبروري ۲۳، ۱۹۴۲ع ۾ پنهنجن هٿن سان پاڻ پنهنجو انت آندو، تڏهن ڏاڍو ڏک ٿيم ۽ روئي ويٺس، ۽ ڪي ڏينهن ڪوٺيءَ ۾ پاڻ کي بند ڪري ويهي رهيس - ائين سمجهيم ڄڻ پنهنجو ڪو عمر جو آمل يار وڇڙي ويو هوم. ڏاڍيءَ ڪنهن ترتيب ۽ اٽڪل سان دل کي پرپائي وري پاڻ پرو ٿي، اٽاسي من کي دنيا جي ڪمن ڪارين سان رَلائي ۽ رهڻت ڪري سگهيس.

هيءُ ڪتاب آءٌ پنهنجن عزيز پڙهندڙن کي پنهنجي پاپوهه ۽ پيار جي پورهئي جو ثمر ڪري پيش ٿو ڪريان. اميد آهي ته هو، اسان جي موجوده حالتن ۾، جڏهن شريعتن جي اِجراءَ ۽ نظامن جي نفاذ جا آهڙا ئي سانباها ٿي رهيا آهن، جهڙا سورهين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ شهيد سرويٽس ۽ شهيد ڪاسٽيلو ۽ هزارن ۽ لکن پين اهڙن گمنام شهيدن کي ڏسڻا ۽ سهڻا پيا هئا، هن ڪتاب ۾ پيش ٿيل ڳالهين، خيالن ۽ راين جي روشنيءَ ۾ پنهنجن خيالن ۽ راين جي تشڪيل ڪندا ۽ پنهنجي عمل ۽ ردعمل جي رخ جو تعيّن ڪندا.

— محمد ابراهيم جويو

حيدرآباد سنڌ

۶-۳-۱۹۷۷ع

# فڪر جي آزادي

# مهاڳ

جيڪو ماڻهو ڏک ڪائي ڪري ٿو، پر همت نٿو هاري، ۽ موت جي منهن ۾ هوندي به خود اعتمادي قائم رکي ٿو، ۽ مرڻ دم به دشمن جي منهن ۾ ٽاندين ڀريل اکين سان ڏسي ٿو- آهو مغلوب ٿئي ٿو، پر اسان جي هٿان نه، قسمت هٿان: هو مارجي وڃي ٿو، پر هارائي ڪونه ٿو. غير معمولي بهادر شخصن جو بخت اڪثر غيرمعمولي طرح ڦٽي به پوندو آهي. انهيءَ ڪري آنهن جون سوڀياوان شڪستون آنهن جي ڪاميابين کان وڌيڪ قابلِ رشڪ هونديون آهن.

— مانتين، 'انسان حيوان' جي مضمون ۾

جڏهن سيباستيان ڪاسٽيلو، ڪٽر مذهبي ۽ حڪمرانيءَ جي انڌ ۾ ورتل جيهان ڪالوِن جي خلاف، پنهنجي نظرياتي اظهارناسي جو مُسودو تيار ڪيو هو، تڏهن آن جي پهرئين صفحي تي، مٿان ئي مٿان، لکيو هئائين ته ”هيءَ منهنجي ڪوشش ائين آهي، جيئن هاٿيءَ تي مک جو حملو.“ سيباستيان ڪاسٽيلو جينيوا جي رياست ۾ هڪ اسڪول جو غريب استاد هو، ۽ جيهان ڪالون آن رياست جو مذهبي ۽ سياسي مطلق العنان سربراهه ۽ حڪمران هو. سيباستيان ڪاسٽيلو جيهان ڪالوِن تي هڪ انسان جي ناحق خون جو الزام رکيو هو ۽ هُن کي جوابدار بڻايو هو ته هُن ڪٽرپڻي جي انڌ ۾ وٺجي، هڪ معصوم ماڻهوءَ کي جيئري باهه ۾ سڙائي ماريو هو، ۽ مذهبي تقدس ۽ اعتقادي اصلاح جي نالي ۾ انساني ضمير جي آزاديءَ جو خون ڪيو هو.

سيباستيان ڪاسٽيلو هڪ اڪيلو آدرش پسند انسان هو. هُن فڪر

## ٢

جي آزاديءَ خاطر ڪالوِن جي بيعت ڪان ۽ پڻ پيءَ هر قسم جي روحاني غلاميءَ ۽ ذهني تشدد ڪان بغاوت جو اعلان ڪيو هو. هو ڇا هو؟ ڪالوِن جي مذهب ۽ حڪومت ۽ انهن جي شمار ڪان زياده ديولين ۽ پادرين جي طاقت ۽ انهن جي قانون ۽ ان جي زنجيرن، ڪال ڪوٺڙين، ڦاسي گهاٽن ۽ باهه جي آڙاهن جي پيٽ ۾ ڪجهه به نه ــ نلهو هڪ نالو، هاٿيءَ جي ڪچيل پير هيٺان هڪ ماڪوڙي، طوفان جي آڏو هڪ ڪکُ. هو هڪ مسڪين ماستر هو، جيڪو پنهنجي زال ۽ پنهنجن ٻچن جي پيٽ پيرڻ ۽ ٻت ڍڪڻ لاءِ ڪتابن جا ترجما ڪندو هو ۽ خانگي ٽيوشنون ڏيندو هو. هو پنهنجي ملڪ ڪان جلاوطن، ڌارئين ملڪ ۾ هڪ پناهگزين هو، جتي هن کي نه شهريت جو ڪو درجو هو ۽ نه رهائش جو ڪو حق هو. دنيا ۾ اهڙا دؤر به ايندا آهن، جڏهن انسان جي خير ۽ خوشيءَ جو ڪو طالب هٿ ڏرسيءَ ۽ ڪروڌ ۾ ورتل ٻن ڌرين جي وچ ۾ ائين هيڪلو ۽ بيوس بنجي ويندو آهي، جيئن وڙهندڙ سانن جي تکن ڪُرن هيٺان ڪو ٻُوڙو. سيباسٽيان ڪاسٽيلو پنهنجي دور جو آهو هڪ ٻُوڙو هو.

سالن جا سال هيءُ عظيم، نماڻو شخص، انسان دوست، علم جو صاحب ظلم ۽ غربت جي ديون جي پيرن ۾ سٿبو رهيو، پر پنهنجي اندر ۾ سدائين بي خوف ۽ آزاد رهيو، ڇاڪاڻ ته ڌاڍ ۽ ڏمر جي ڪنهن هڪ صورت سان به هُن پاڻ کي ڪڏهن ٻَڌيل نه رکيو ۽ ڪنرپٽي ۽ انڌ جي ڪنهن هڪ رسيءَ ۾ به ڪڏهن هن پاڻ کي ٻڌجڻ نه ڏنو. ۽ پوءِ جڏهن ڪالوِن جي هٿان سَرويٽَس جي خون هن جي ضمير کي للڪاريو ۽ مٽ ۾ جهلي نپوڙيو، تڏهن هُن، پنهنجي غريباڻي ڏنڊي کي هڪ پاسي رکي، ڪچليل انساني حقن جي نالي ۾، وڏي، آن آمر سان هٿ ٻَڌيو، ۽ پوءِ ئي، هن هيڪلي ۽ هيٺي شخص پاڻ کي سچ جي راهه جو هڪ بي ڊپو ۽ سرفروش سورمو ثابت ڪيو. لشڪر ماڻهن جا هن جي ترپناڪ ۽ بي ترس مخالف جا وفادار پوئلڳ هئا ــ وفادار نه، ته به پوري ضابطي ۾ ٻيٺل، حڪم جا ٻندا اهي ضرور هئا. هن جو ساٿي ڪوئي به ڪونه هو. هو نه ڪئٿولڪ نه پروٽيسٽنٽ ڌر جي مدد جو آسرو رکي ٿي سگهيو. ڪوبه وڏو

ماڻهو، ڪو بہ شاھ، شهنشاھ اهڙو ڪونہ هو، جنهن وٽ هو پناھ وٺي سگهي ها، جيئن ڪانٽس اڳ پروٽيسٽنٽ تحريڪ جي اڳواڻ، مارٽن ليوٿر، کي اهڙي پناھ ملي سگهي هئي. جيڪي ڪجهہ دوست ۽ ويجها ساٿي سندس حوصلي ۽ بهادريءَ کان متاثر هئا، اهي ڪيس هڪ بہ لفظ دل ڍڏائيءَ جا مس چئي سگهيا ٿي، پر سي بہ اڪي لڪي ۽ ڊڄي ڊڄي.

ان زماني ۾ جڏهن تعصب ۽ ڪٽرپڻي جون اکين تي پٽيون ٻڌيو، زوراور ماڻهو، هلندي هلندي، 'ڪافرن' ۽ 'ملحدن' کي جهليندا وتندا هجن ۽ انهن کي اشڪنجن ۾ ڪشيندا ۽ باھ جي آڙاهن ۾ اڇلائيندا وتندا هجن، ڪنهن اهڙي ملحد جو، پڌري پٽ، عام ماڻهن جي اڳيان اچي، بچاءُ ڪرڻ، جنهن اُن ظلم جي خلاف آواز اٿاريو هجي ۽ مظلومن جو پاسو ورتو هجي، جڳهي ۽ جان کي وڏي جوکي ۾ وجهڻ جو ڪم هو. ۽ ائين بہ تہ ڪونہ هو، جو ڪاسٽيلو رڳو ڪن خاص مسئلن تائين پاڻ کي محدود رکيو هجي: هن تہ بنيادي طرح ان ڳالھ جو انڪار ٿي ڪيو تہ اختيار ۽ اقتدار جي گادين تي ويٺل ڏاڍن شخصن کي ڪو حق هو تہ، هو ڪنهن ماڻهوءَ کي اختلاف راءِ جي ڪري ڪا سزا ڏين يا ڪو نقصان پهچائين. تاريخ ۾ اهڙا وقت بہ آيا آهن ۽ ايندا رهن ٿا، جڏهن ماڻهن تي اجتماعي ديوانگي طاري ٿي ويندي آهي، ۽ هو پنهنجن مخالفن کي پنهنجي دلپسند نظريي جي آڏيءَ تي ڪُهڻ شروع ڪندا آهن، ۽ اُن کي ڪارِ خير سمجهي اُن تي خوش ٿيندا ۽ فخر ڪندا آهن. ڪاسٽليو جي زندگي بہ يورپ جي، ۽ خاص طرح جنيوا جي رياست جي، اهڙي ئي هڪ هوش ڪان نڪتل، اجتماعي ديوانگيءَ جي دور ۾ گذري. اهو دور يورپ ۾ مسيحيت جي ٻن شريعتن جي ٽڪر جو دور هو — ڪئٿولڪ شريعت ۽ پروٽيسٽنٽ شريعت. جنيوا رياست ۾ پروٽيسٽنٽ شريعت غالب هئي. ڪاسٽيلو ۽ شهيد سرويٽس (جنهن جي بچاءَ ۾ ڪاسٽيلو پاڻ بہ، اڳتي هلي، ذري گهٽ شهادت جي رتبي تي رسيو)، ٻئي انهن شريعتن جي ظلم ۽ گڏيل سازش جا شڪار ٿيا. سرويٽس جي خون ناحق تي ڪاسٽيلو جي انسان‌دوست پيڙا هن کي وڏيڪ خاموش رهڻ نہ ڏنو، ۽ مجبور ٿي، هُن انسان ڏانهن انسان جي هين مروئپي

خلاف پنهنجو هيڪلو آواز اٿاريو. پر نسلِ انسانيءَ جو ڪانئرپڻو ايترو ڪو ازل ڪان اَن جي تقدير ۾ آيل ٿو ڏسجي، جو ڪاسٽيلو ۽ اَن جهڙا سِرُ ٺِريءَ تي رکي اقتدار جي گادين تي براجمان ڏاڍن مڙس ڪي للڪاريندڙ چند بهادر شخص، پنهنجي اَن نجات انسانيءَ جي جدوجهد ۾، مشڪل ڪنهن هڪ اڌ مددگار جي اميد رکي سگهن ٿا. ۽ ٿيو به ائين، جو فيصلي ڪُن گهڙيءَ تي ڪاسٽيلو جو ساٿ ڪنهن به دوست يا حمايتيءَ ڪونه ڏنو، سواءِ سندس پنهنجي بي خوف دل ۽ ناقابل شڪست ضمير جي، جيڪي ئي هر حالت ۾ هڪ جهونجهار فنڪار جي آجيت شخصيت جو لازمي ۽ اٽوٽ حصو هوندا آهن.

اها خود اسان جي هن هيڪلي سورمي ڪي به خبر هئي ته ڪاميابيءَ جي هر ظاهري پيماني جي خيال ڪان، سندس سڄي ڪوشش بيڪار ۽ سڄو ڪم اجايو هو، پر اهو سڀڪجهه سمجهندي ۽ ڄاڻندي به، هو پنهنجي ضمير جي آواز تي لبيڪ چئي، ميدان ۾ ٽپي پيو، ۽، سواءِ هڪ گهڙيءَ جي هٻڪ ۽ هراس جي، آخري دم تائين اَن ۾ هڪ اڏول پهاڙ جيان محڪم بيٺو رهيو: سڀ ڪان وڌيڪ اها هڪ ئي ڳالهه هن ”نا معلوم سپاهيءَ“ ڪي انساني آزاديءَ جي عظيم جنگ جي هڪ لافاني سورمي جي پد تي پهچائڻ لاءِ ڪافي آهي. دراصل ڪاسٽيلو جي هيءَ هيڪلي لڙائي، پنهنجي زمان ۽ مڪان جي حدن ڪان ٻاهر نڪري، انساني تاريخ جي هڪ دائمي مسئلي جي اَتل ۽ شايد ڪڏهن ختم نه ٿيندڙ لڙائيءَ جي صورت وٺي چڪي آهي - هو ۽ سندس مخالف ڪالون دنيا جي اَن ازلي ۽ دائمي جنگ جا نشان يا علامتون بنجي چڪا آهن - جنگ جيڪا قطبن جي جنگ آهي، جنگ جنهن ڪي نيڪيءَ ۽ بديءَ جي جنگ، سهپ ۽ مسهپ، آزاديءَ ۽ غلاميءَ، انسان دوستيءَ ۽ ڪترپڻي، انفراديت ۽ مشيني قسم جي يڪسانيت، ضمير ۽ زور جي جنگ چئجي ٿو. حرف آخر طور هن جنگ جو فيصلو اسان مان هر فرد جي پنهنجي مَنَ ۾ ٿيڻو آهي ته اسان لاءِ ڇا وڌيڪ اهم ۽ اعليٰ آهي: انسان ذات يا سياست، ماڻهو يا مذهب، قانون جو روح يا اکري معنيٰ، ڳالهه جو باطن يا ظاهر، نارَ جو وهڻ يا اَن جو رينگڻ؟

جڏهن هڪ نسل جا آدرش پنهنجو زور، پنهنجو ڪارج، پنهنجي ڪشش وڃائي ويهن ٿا - ايتري قدر، جو ڪو شخص، وجهه وٺي، پنهنجي جاذب نگاهه ۽ جادو بيانيءَ جي زور تي، الهامي انداز سان، سامهون اچي اعلان ڪري ٿو ته ”سون، ۽ فقط سون، هي نئون سچ آندو آهي“، ته، ڀڪ ئي پڪ، ڀلي هر پيري هزارين، لکين، ڪروڙين ماڻهو اُن نئين ’مسيحا‘ جي ڪِيڏ لڳي پون ٿا. نئون نظريو نوان آدرش آڻي ٿو. جڏهن به ڪنهن شخص خلق جي آڏو نيڪيءَ، اتحاد ۽ سلامتيءَ جو ائين نئون ڪو سراب پيدا ڪيو آهي، تڏهن اُن جي ڏورانهين سڏ اُنهن ۾ آجهل انساني قوتون آپاريون آهن، ۽ هو خودقربانيءَ ۽ محويت جا پيڪر بڻجي، ميدان ۾ ڪُڏي اچي بيٺا آهن. لکين ڪروڙين ماڻهو پوءِ اُن جادوءَ جي اثر هيٺ اُن ماڻهوءَ جا چيلا ۽ ديا مريد ٿي پون ٿا، ۽ هُن جي هر حڪم کي اکين تي رکي، انڌن وانگر هن جي پٺيان هلڻ لڳن ٿا. جيتري وڏي محنت ۽ قرباني هو ڪانئن گهري ٿو، اوتري هو هن کي ڪري ڏيکارين ٿا. آزادي، جيڪا رڳو ڪالهه هنن لاءِ هڪ اسلهه وٽ هئي، سا وڏي شوق ۽ خوشيءَ سان اڇلائي، هن جي پيرن ۾ ڦٽي ڪري ڇڏين ٿا. تاريخ

هميشه ائين ٿيو آهي ته ماڻهن پوءِ پنهنجا ڪلها پاڻ آڻي پاڃارين ۾ وڌا آهن ۽ پنهنجين اکين تي پاڻ بيهي ڪوپا چاڙهيا آهن، ۽ پنهنجي ’مالڪ‘ جي هٿ ۾ ڏگهي، لچڪدار ۽ ڪهري تلهڙ ڏيئي، اُن هٿ کي پاڻ بيهي چميو آهي، ته ڀل هو سٽي سٽي سندن ٻت جي چمڙي آڏوڙي ڇڏي، ۽ ڊوڙائي ڊوڙائي، سُئي ڪان اڌ مئو ڪري، وري ڊوڙائي ۽ تاهڙن مان ڪيي، ۽ ائين پوءِ ڪين سدائين سٽيندو ۽ ڊوڙائيندو رهي.

فڪر ڪندڙ ۽ سوچيندڙ ماڻهن جون دليون پوءِ به هيءَ ڳالهه ڳڻي، پُر اميد ۽ مطمئن رهن ٿيون ته اسان جي هن قديم، ناسڪمل ۽ ڦرندڙ گهرندڙ دنيا جي تاريخ ۾ جنهن شيءِ هيڙا اڪواڻيءَ ۽ فرمانبرداريءَ جا معجزا عمل ۾ پئي آندا آهن، اُها وري به خيال ۽ فڪر جي قوت ئي آهي - يعني هڪ خالص غير مرئي، روحاني طاقت، جيڪا ڪنهن جي به ونجڻ ۽ جهلجڻ جي نه آهي. ۽ انهيءَ ڪري ئي اسين اهڙن ’عالمي ڏوگڻن‘

کي هميشه آفرين ڏيڻ ۽ اڪثر نذر عقيدت پيش ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿا سگهون، جن ڪوتي، ٿلهي، آجاڻ سادي کي روح جي قوت سان ايڏو متاثر پئي ڪيو آهي. پر، ڪاميابي حاصل ڪرڻ کان پوءِ، هي آدرشي، ۽ خيالي بهشتن جا دعويدار، ذري گهٽ، سڀ جا سڀ پاڻ وهيٽا، جهل ۽ ڏينڊڙ بدترين ڏيک ثابت پئي ٿيا آهن. طاقت کين سموري طاقت هٿ ڪرڻ تي آماده ڪري ٿي، ۽ ڪاميابي کين ڪاميابيءَ جي غلط استعمال ڏانهن وٺي وڃي ٿي؛ ۽ ايترن ساٿين ۾ پنهنجي خيالن جي سچتا پيدا ڪرڻ ۽ اهڙن پنهنجن پوئلڳن پيدا ڪرڻ تي خوش ٿي ويهڻ عوض، جيڪي سندن مقصد لاءِ جيئڻ ۽ مرڻ لاءِ تيار هجن، هي طاقت ۽ فتح جي نشي ۾ ورتل، ساٿين کان مٿيرا ساٿهو گهٽائيءَ کي سڀ ۾، اڪثريت کي ڪُل ۾، بدلائڻ جي چُوس جا شڪار ٿي وڃن ٿا. هو پنهنجي اعتقادي شريعت آنهن سڀني تي مڙهڻ گهرن ٿا، جيڪي سندن جماعت ۾ شامل نه هوندا آهن. هڪ آمر ڪڏهن به پنهنجي خود-مقصدي تحريڪ لاءِ فقط پنهنجن غلام طبع پوئلڳن ۽ جي-حضورين تي راضي نه ٿيندو آهي. هو تيسين مطمئن نه ٿيندو آهي جيسين سڀ آزاد طبع، اصول پسند ۽ عزتِ نفس جا صاحب به هن جا سلامي ۽ مڃتائو نه ٿي وڃن. پنهنجي نظريي کي اِن طرح عالمگير ڪرڻ لاءِ هو پوءِ پنهنجي حڪومت طرفان قانونن مٿان قانون ٺاهي، ملڪ سان لاڳو ڪري ٿو، جن هيٺ ساڻس هر اختلاف ۽ نا اتفاقي سزا لائق جرمُ شمار ٿئي ٿي. جڏهن به، ڪي مذهبي ۽ سياسي نظريا پنهنجي آمريت قائم ڪرڻ ۾ ائين ڪامياب ٿيا آهن، تڏهن آهي، پنهنجي اوائلي دور جي برخلاف، جڏهن آهي خالص پنهنجي فڪر ۽ خيال جي اثر ۽ دعوت تي مدار رکندا هئا، هڪدم ڦري، ظلم ۽ تشدد جا نظام بنجي ويا آهن. ۽ جيئن ئي ڪو نظريو پنهنجي تسليميءَ لاءِ پنهنجي تعليم جي تبليغ تي نه پر زور جي استعمال تي مدار رکڻ شروع ڪري ٿو، تيئن ۽ تڏهن آهو سڀ کان وڏيڪ فڪر جي آزاديءَ خلاف کُليءَ جنگ جو اعلان ڪري ٿو، ۽ پوءِ آهو هڪ انساني آدرش مان، جيئن پهريائين آهو هو، ڦري وحشي زندگيءَ جو طريقي ڪار بنجي پوي ٿو، جنهن ۾ سڀ ڳالهه جو فيصلو زور

وسيلي ئي ٿيندو آهي. ۽ اهڙيءَ طرح جڏهن ڪو خالص ترين سچ به، نه مڃيندڙن مٿان، زوريءَ مڙهجي ٿو، تڏهن آهو سچ جي بدران ڦري بدترين ڪوڙ ۽ 'خدائي رحمت' بدران 'شيطاني رحمت' بنجي وڃي ٿو. ۽ آهو پوءِ پنهنجي خاتمي واسطي انساني فڪر لاءِ ڪُلي للڪار ثابت ٿئي ٿو. اهوئي سبب آهي، جو ڪنهن به نظريي ۽ آن جي ڪنهن به خود پسند ۽ خود فريب آمر جو "سچ، ۽ واحد سچ" تاريخ جي ڪنهن به دور ۾ گهڻو وقت جٽاءُ ڪري نه سگهيو آهي.

سورهين صدي عيسويءَ ۾ جينيوا جي رياست ۾ جيهان ڪالون، آهڙي ئي هڪ خود پسند ۽ خود فريب آمرَ ملڪ جي شهرن ۾ ۽ ڳوٺن ۾، شهرن جي بازارين ۾ ۽ چونڪن تي ۽ ڳوٺن جي وچ تي، وري وري پڙهو گهمارايو ۽ اعلان ڪرايو ته "آهو، جو اسين سيڪاريون ٿا، سو سچ آهي؛ ۽ جو اسين نٿا سيڪاريون، سو ڪوڙ آهي." ۽ پوءِ جيڪي پنهنجي ذاتي عقيدي تي قائم رهيا ۽ ڪالون جي "سچ، ۽ واحد سچ" جي مقابلي ۾ "پنهنجي سچ" تي هلندا رهيا، جيئن آهو هُنن سمجهيو هو ۽ محسوس ڪيو هو، آنهن تي ظلم ۽ تشدد جا پهاڙ ليٽي پيا، جن ۾ تعذير، جلاوطني ۽ جيئري جلائڻ - اهي تي مکيه عذاب جا نمونا هئا، جيڪي جيهان ڪالون جي تعليم ڪان ڪفر ڪرڻ وارن ڪي سهڻا ٿي پيا. ڪيترائي انسان دوست آتي اهڙا هئا، جن هيءُ، خدا ۽ يسوع مسيح جي نالي ۾، وحشي زندگيءَ جو دور دورو ڏسي، مات اختيار ڪئي- چو ته تجربي هنن ڪي ڏاهپ جو سبق سيڪاريو هو، يعني هيءُ ته "درويش؛ چتي ڪتي ڪي جهلڻ بدران پيا ئي بهترين ڪم ڪري سگهي ٿو: سمجهو ماڻهوءَ ڪي هٿي پري ٿيڻ ڪپي، مٿان چتو ڪتو ڪيس ئي نه چڪ هڻي ڪڍي!" پر ڪاستيلو انهيءَ سبق تي عمل ڪونه ڪيو، ۽ سنئين‌ءَ سڌيءَ ڏاهپ جي وات بدران، هُن ڏٺي وائٺي چريائيءَ جي وات ورتي، ۽ چتي ڪتي جي جهٽ ڪان بچي نه سگهيو. پنهنجي سک جي، پنهنجي سلامتيءَ جي، خود پنهنجي جان جي به پرواهه نه ڪندي، هُن پنهنجن عتاب هيٺ آيل ساٿين ۽ ساٿارين جو بچاءُ ڪيو. هر روز بلڪ هر گهڙيءَ مذهب جي جاهل ۽ هٺ ڌرم فدائين جي هٿان

روزگار، عزت ۽ جان جي خطري هيٺ هوندي به، هو بي خوف، اڏول، پنهنجي راءِ تي محڪم بيٺو رهيو. هُن جو ڪالون سان ڪهڙين ڳالهين ۾ اختلاف هو؟ بنيادي طرح ٻن ڳالهين ۾: هڪڙي هيءَ ته هيءَ ڪائنات ڇا آهي، اُن باري ۾ ڪو ماڻهو ڪهڙي به راءِ رکي، اُن لاءِ هن جي مٿان ڪنهن به قسم جو ڪو زور يا دٻاءُ اچڻ نه کپي؛ ۽ ٻي هيءَ ته، ماڻهوءَ جي ضمير تي اختيار هلائڻ جو ڪنهن به ٻئي کي ڪو حق ڪونهي. هُن اهي رايا ڪنهن شريعت يا نظريي جو طرفدار بڻجي يا ڪنهن جماعت جي رڪن جي حيثيت ۾ نه، پر انسان ذات جي ازلي ۽ اٽ روح جي پاڻمرادي اظهار طور بيان ٿي ڪيا؛ ۽ انهيءَ ڪري ئي هن جا خيال، توڻي جن لفظن ۾ هن آهي بيان ٿي ڪيا، سي لفظ، ڪڏهن به مٽجڻا نه آهن. عالمگير انساني اهميت ۽ ابدي افاديت جا خيال جڏهن ڪو فنڪار، سونَ جهڙن سڪن وانگر، پنهنجي محبت پرڻي روح جي ضربخاني ۾ ويهي ڍالي ۽ گهڙي ٿو، اُنهن هن جي آسلهه خيالن جي اصلوڪي چمڪ ۽ ڇِٽائي، صدين گذري وڃڻ کان پوءِ به، جهڪي ڪانه ٿي ٿئي. مَنُش جاتيءَ جي اهڙن پريمين، گهڻگهرن ۽ خير جي طلبگارن جو هڪڙو اهڙو قول، جو ائين انساني اتحاد جي ڏورانهين خواب کي حقيقت جي ڪجهه ويجهو آڻي ٿو، فرقيوار ۽ نفاقي شخصن جي هزارها نظرياتي ڳالهين، طول طويل خطبن ۽ اَٺ جيڏن ڪتابن جي فنا ٿي وڃڻ کان پوءِ به، زنده ۽ قائم رهي ٿو. انهيءَ ڪري، انسان ذات جي هِن خاموش، بي ڊپي، بي غرض، وشال من ۽ وسيع نگاهه رکندڙ هڪ ذري گهٽ وسري ويل خادم جي همت ۽ بهادريءَ جو مثال ايندڙ نسلن لاءِ هڪ سدا روشن مشعل جو ڪم ڏيئي سگهي ٿو- خاص طرح انساني اخلاقيات جي دائري ۾. ڇاڪاڻ ته جڏهن، شريعتي عالمن ۽ فقيهن جي مقابلي ۾، ڪاستيلو، ڪالون جي هٿان قتل ٿيل سرويٽس کي "هڪ معصوم شهيد" سڏيو؛ ۽ جڏهن ڪالون جي منطقي موشگافين جي جواب ۾ هُن پنهنجو هيءُ آسر ٻول وڏي وات ماڻهن کي ٻڌايو ته "ماڻهوءَ کي جيئري جلائڻ سان ڪنهن عقيدي جو بچاءُ ڪونه ٿو ٿئي، پر ماڻهوءَ جو خون ضرور ٿئي ٿو"؛ ۽ جڏهن هُن پنهنجو "رواداريءَ

پڻ مروڙي پيٽو ڪيو وڃي ٿو. ڪالون ڪڏهن به ڪاسٽيلو کي سنجيدگيءَ سان جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي. هُن سدائين پنهنجي نڪته چين کي خاموش رهڻ تي مجبور ڪرڻ چاهيو. ڪاسٽيلو جي تحريرن تي چاري ۽ راڪا ويهاريا ويا، انهن کي ضبط ڪيو ويو، ۽ جتي آهي هٿ آيون، اتي انهن کي ڦاڙي ۽ ساڙي ناس ڪيو ويو. سياسي اثر رسوخ کان ڪم ورتي، پر وارن ملڪن ۽ رياستن ۾ هن جي تقرير ۽ تحرير تي بندش وجهائي ويئي. پوءِ جڏهن هن جي احتجاج ۽ جوابي تنقيد جي طاقت اِئين بلڪل ختم ڪئي ويئي، ۽ هو رڳو ڪنهن کي اِنهيءَ پڌائڻ کان به لاچار ٿي ويو ته سندس برخلاف ڪهڙا ڪهڙا اقدام ڪيا پيا وڃن، تڏهن ڪالون جي رسيءَ مان نڪتل قلمباز ۽ ڊگهه-زبانيا هن، تي چوطرف کان حملا ڪري چڙهي ويا. هي ڪو ٻن ڌرين جو آهو مناظرو ۽ قلمي اختلاف ڪرنه هو، جنهن ۾ ٻنهي وٽ ساڳيا هٿيار هجن. هيءُ مقابلو اِئين هو، جيئن ڪنهن بي هٿيار اڪيلي انسان کي نيزي باز بدمعاشن جو ڪو ڪٽڪ ورائي وڃي. ڪالون جو ڇاپخانن تي، سنبرن تي ۽ علمي مسندن تي پورو پورو قبضو هو. ڪاسٽيلو جي پوئتان جاسوس ڇڏيا ويا، هن جي ڳالهين ٻڌڻ لاءِ هرهنڌ چغلخور مقرر ڪيا ويا، هن جي خطن کي وچ ۾ جهلي پڙهيو ويندو هو. اهڙي سخت چوڪسي ڪنهن ماڻهوءَ تي هجي، ۽ آهو اُن کان پاڻ بچائي وڃي، سا هڪ اڻٽيٽي ڳالهه هئي. حقيقت هيءَ آهي ته هنن حالتن ۾ ڪاسٽيلو کي ڪاسٽيلو جو وقت کان اڳ موت ئي جلاوطنيءَ يا جيئري باهه جي ٻارڻ بنجڻ کان بچائي سگهيو. هُن جي اِئين مرڻ کان پوءِ ڪاميابيءَ جي ڦونڊ ۾ پريل ڪٽر مها پادري ڪالون ۽ ڪالون جا جانشين هن جي مڙهه سان وڙهڻ ۽ اُن کان بدلي چڪائڻ کان به باز نه رهيا. شڪ ۽ تهمتون ايتريون ته هن جي مرڻ کان پوءِ هن تي هنيون ۽ هٽايون ويون، جو هُن جو نالو به جڻ هن جي ميت سان گڏ قبر ۾ دفن ٿي ويو ۽ مٽيءَ سان گڏجي مٽي ٿي ويو. ڪم از ڪم ڪاسٽيلو جي دشمنن پنهنجيءَ دل ۾ اِنهيءَ ڳالهه جي پڪ ڪرڻ کان پوءِ ئي هن جي نالي جي پچر ڇڏي، ۽، شايد، پوءِ ئي هو سامت ۾

آيا ۽ اطمينان جو ساهه کڻي سگهيا.

ڪاستيلو کان، سندس آخري ڏينهن ۾، قلم کسيو ويو؛ سندس زبان بندي ڪئي وئي؛ جيسين جيئرو هو تيسين کيس قيد ۾ رکيو ويو؛ سندس مرڻ کان پوءِ به ڪيترا سال، 'علم' جي دائرن ۾، هن جي لکيتن مان حوالن ڏيڻ ۽ انهن جي رڳو نالن کڻڻ تي به منع قائم رهي؛ ۽ سوين سال پوءِ به سندس مکيه ڪتابن جي اشاعت تي عملي طور بندش عائد رهي - ڪنهن به عام ڇاپيندڙ کي اِها همت ڪانه ٿي ٿيي، جو آهي سچي جا سچا ڇاپي ۽ شايع ڪري سگهي. آن وچ ۾ ٻين انسانيت جي علمبردارن هن جي خيالن کي پنهنجو ڪيو؛ ۽ جيڪا انسان جي فڪر جي آزاديءَ جي تحريڪ هن شروع ڪئي هئي، جنهن ۾ هو ڏڪ کائي ڪريو هو، آها ٻين انسان شناس عالمن، اديبن ۽ فنڪارن جي اڳواٽيءَ ۾ نئين سر اُڀري ۽ اڳتي وڌي. جيڪي ڪاستيلو جي 'نقش قدم' تي اِئين اٿيا ۽ اڳتي وڌيا، آنهن هن جي خاموش پورهئي ۽ ڪشٽ جو لاڀ کنيو ۽ هن جي نالي جو به فائدو ورتو؛ اج به يورپ جي فڪر جي آزاديءَ جي تاريخ ۾ آنهن ٻين جا نالا مثلاً لاڪ (Locke) ۽ هيوم (Hume) جا نالا، درج ڪيا وڃن ٿا - جڻ ته آهي ئي يورپ ۾ فڪري رواداريءَ ۽ سهپ جا پهريان داعي ۽ دعويدار هئا، جڻ سيباسٽيان ڪاستيلو جو "مسئله ملاحده" (De Haereticis) نالي ڪو ڪتاب لکيو ۽ ڇپيو ئي ڪونه ويو هو. آن ڪتاب جي مصنف جي اخلاقي جرئت به وسري وئي، سرويٽس جي بچاءَ ۾ هن جي تحريڪ جي ڳالهه به ياد نه رهي، ڪال ون جي خلاف هن جي لڙائي ("هيءَ منهنجي ڪوشش اِئين آهي، جيئن هاٿيءَ تي مک جو حملو")، ۽ هن جون اِن سلسلي ۾ سموريون لکيتون به وسري ويون. تحقيق، انساني آزاديءَ جي هن وسريل سورمي جي شڪرگذاريءَ جو دنيا تي وڏو قرض رهيل آهي، جنهن جي ادائگي اڃا باقي آهي ۽ اِن سلسلي ۾ تاريخ هٿان جيڪا بي انصافي ٿي آهي، آن جو پورو ازالو به خود تاريخ کي ئي ڪرڻو آهي.

هونئن ته تاريخ وٽ انصاف ڪرڻ جي فرصت ڪانه ٿي ڏسجي.

## باب پهريون

# ڪالون جو طاقت ۾ اچڻ

١٥٣٦ عيسويءَ جي سيپٽمبر مهيني جي ٥ تاريخ تي، اڇر جي ڏينهن، جينيوا جا شهرواسي، توتارن جي زوردار آواز تي، گهرن مان نڪري، شهر جي وڏي چوڪ ۾ اچي گڏ ٿيا، ۽ پنهنجا ساڄا هٿ مٿي ڪٽي، اتفاق راءِ سان، فيصلو ڪيائون ته اُن ڏينهن کان پوءِ هو هر حالت ۾ فقط "خداوند قدوس جي سڀ کان سچي دين، ۽ اُن جي سڀ کان سچيءَ شريعت" مطابق پنهنجي زندگي بسر ڪندا - خداوند قدوس جو سڀ کان سچو دين، مسيحيت، ۽ اُن جي سڀ کان سچي شريعت، پروٽيسٽنٽ شريعت، جيئن آها جيهان ڪالون پنهنجي ڪتاب "نظامِ دينِ مسيح" *(Instituio Religionis Christianae)* ۾ هڪ سال اڳ قلمبند ڪري، دنيا جي آڏو پيش ڪئي هئي.

اُئين پوري اجتماع جي راءِ سان، کُلئي ميدان ۾، خداوند قدوس کي حاضر ناظر ڄاڻي، مسيحي دين، اُن جي واضح ۽ سڀ کان بهتر اجتهادي شريعت جي صورت ۾، جينيوا جي شهري رياست جو سرڪاري مذهب تسليم ڪيو ويو.

جينيوا ۾ مسيحي نظام جي اجتهادي شريعت جو هيءُ نفاذ خاص طرح هڪڙي دهشت پسند، ڪٽر مذهبي مبلغ، فاريل، جي محنت جو نتيجو هو. هو هڪ بيحد هٺ ڌرم، ضدي، ننڍڙي نرڙ وارو ۽ تحڪمانه طبيعت رکندڙ شخص هو. اِرئسمَس ناليءَ اُن زماني جي هڪ مشهور انسان دوست، بيحد سياڻي شخص، هُن بابت لکيو آهي ته "هڙو خود پسند ۽ بي مهابو ماڻهو مون زندگيءَ ۾ پيو ڪونه ڏٺو." عام ماڻهن ۾ هو "فرانس جو ليوٿر" سڏبو هو، ۽ منجهن ڏاڍو مقبول به هو. ننڍي قد جو، ڏسڻ ۾ بڇڙو،

ڳاڙهه-ڊاڙهيو، مٿي جا وار سدائين ڪنبريل - هيءُ جڏهن منبر تي چڙهي، وڏي آواز سان، ماڻهن جي انبوهه اڳيان تقرير ڪندو هو، ته آنهن ۾ ڄڻ بجليءَ جي لهر ڊوڙي ويندي هئي، ۽ آنهن جا آسنگ ۽ آنهن جون تڙيل پڪڙيل سڌون هڪ هنڌ گڏ ٿي، هر شيءِ کي آڏائي آسمان تي کڻي وڃڻ لاءِ آنهن جي دلين ۾ هڪ وڏو طوفان اٿاري ڇڏينديون هيون. جينيوا ۾ پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيڻ کان اڳ هو ڪيترائي ڀيرا بنهه موت جي مُنهن مان بچي نڪتو هو. جلسن جلوسن ۾ ڪيترن هنڌ ماڻهن مٿس پٿر وسايا هئا، ۽ هو رتوڇاڻ ٿي پيو هو. ڪيترا ڀيرا هو گرفتار ٿيو هو. الائي ڪيترن شهرن ۽ رياستن مان هن کي ڏيهه-نيڪالي ملي هئي. پر خالص هڪ ڳالهه جي جُنون ۾ ورتل هيءُ شخص، هر شيءِ کان بي پرواهه، پنهنجيءَ ڌُن ۾ مست، پنهنجن مخالفن کي رستي تان هٽائيندو، پري ڪندو، اڳتي وڌندو رهيو. هڪ ڀيري، پنهنجي طوفاني محافظ دستي جي رضاڪارن کي ساڻ ڪري، هو هڪ ڪئٿولڪ ديول ۾ گهڙي ويو، جتي ماڻهو عبادت ۾ مصروف هئا، ۽ امالڪ ڊوڙي، وڃي، مٿي منبر تي چڙهي بيٺو، ۽ پادريءَ کي هٽائي پري ڪري، آتان 'عدوعيسيٰ' تي ڏو ڏڙام تبرا ڪرڻ بيهي رهيو. هو گهٽين جا ڪي نه ڪي واندا ماڻهو پاڻ سان رکندو هو، ۽ آهي شهر جي رول ڇوڪرن کي ميڙائي، ٽولين جي صورت ۾، ديولين تي حملا ڪرائيندا هئا، خاص ڪري تڏهن جڏهن ماڻهو عبادت لاءِ آتي وڃي گڏ ٿيندا هئا، ۽ آهي پوءِ اندر وڃي ڪِل ڪِل ڪندا ۽ ٺهڪ ڏيندا هئا ۽ ٻدڪن وانگر 'ڪَڪ ڪَڪ' جا آواز ڪندا هئا، ۽ ڪئٿولڪ جماعتن جي عبادت ۾ رخنو وجهندا هئا. ائين ڪندي ڪندي، نيٺ جڏهن فاريل ڏٺو ته هاڻي سندس پوئلڳ زور آهن، تڏهن پنهنجا محافظ دستا منظم ڪري، يڪي هڪڙي آخري حملي ڪرڻ لاءِ آنهن کي تيار ڪيائين. پوءِ هڪ ڏينهن هُن جينيوا جي سڀني ديولن ۽ خانقاهن تي هڪ ئي وقت ڪاهون ڪرايون، ۽ آنهن ۾ رکيل اصحابين ۽ اوليائن جي تصويرن کي ڇيرائي ڦاڙائي ۽ ٻيل 'بتن' کي ڪيرائي ۽ ڀڃائي، پرزا پرزا ڪرائي ڇڏيو، ۽

ائين هُنَ، زوران زور ريءَ 'خدا جي گهرن' کي آنهن 'شيطانن' ۽ 'شيطان دوستن' کان پوريءَ ريت پاڪ ۽ صاف ڪرائي، پنهنجي فتحمند 'ديني اصلاح' جي حوالي ڪري ڇڏيو. تاريخ ۾ سدائين اِئين ٿيندو ٿي آيو آهي ته هڪ مختصر پر باعمل اقليت، غيرمعمولي همت ۽ حوصلي کان ڪم وٺي، وڏيءَ پر بي عمل اڪثريت تي غالب پئجي وڃي ٿي. هِن حالت ۾ به اِئين ٿيو. ڪئٿولڪ فرقي وارن، جيتوڻيڪ هِنن غير قانوني ڪارروائين خلاف گهڻو رُنو پٽيو ۽ ڪافي دانهون ڪوڪون ڪيون، ۽ شهري انتظاميه کي قدم کڻڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ليلايو ۽ منٿون ڪيون، پر، مجموعي طور، هو سڀ هٿ تي هٿ رکيو پنهنجن گهرن ۾ ئي ويٺا رهيا، تان جو، پڇاڙيءَ ۾، ڪنهن به جوابي ڪارروائي ڪرڻ کان سواءِ، هنن جو پشپ' پنهنجي جان ۽ مال جو خير گهرندو، پنهنجي خالي مسند فاريل ۽ فاريل جي ماڻهن جي حوالي ڪري، چپ چاپ، جينيوا مان نڪري، هليو ويو.

پر فاريل جي اِئين ڪامياب ٿيڻ کان ترت ئي پوءِ، ڳالهه ظاهر ٿي ته هو انقلابي برابر هو پر منجهس ڪا تخليقي صلاحيت ڪانه هئي. هو پراڻو نظام ڊاهي ته سگهيو، پر آن جي جاءِ تي ڪنهن نئين نظام کي اڏڻ جي هن ۾ لياقت ڪانه هئي. هو ننڊڻ ۽ خراب ڪرڻ ۾ ته پَڙ هو، پر تعميري هوش منجهس بنهه ڪونه هو. هو گوڙ ڪرائي سگهيو ٿي، ڳالهه ڦٽائي سگهيو ٿي، پر ڳالهه کي ٺاهڻ ۽ اڳتي هلائڻ هن جي وس کان ٻاهر هو. هو رومن ڪليسا جي خلاف گهڻو ڪجهه ڳالهائي سگهيو ٿي ۽ سڌي سادي عوام کي پادرين، راهبن ۽ راهبائن خلاف آڀاري ته سگهيو ٿي، ۽ پنهنجن هٿن سان ديولين جا منبر مسندون پٽي، ٽڪر ٽڪر ڪري، اٿلائي پٿلائي ته سگهيو ٿي، پر آن سموريءَ ڊاهه ڊوهه کان پوءِ جڏهن هُن ويهي پنهنجي آن تخريب کي ڏٺو ۽ تپاسيو ٿي، ۽ آن تي غور ڪيو ٿي، ته منجهي ٿي پيو ۽ حيران ٿي ويهي ٿي رهيو ته آن کان پوءِ ڪيئن ڇا ڪرڻ کپي - ڇاڪاڻ ته هن جي سامهون ڪابه پڌري منزل ڪانه هئي، ڪوبه چٽو مقصد ڪونه هو. جيڪو ماڻهو

تاريخ جو سونپيل ڪو ڪم هٿ ۾ ڪٽندو آهي، پر ان جي فرض ۽ ذميدارين پوري ڪرڻ جي جاڻ ۽ صلاحيت منجهس ڪانه هوندي آهي. اَن سان اِهو ئي سانحو درپيش ايندو آهي، جيڪو فاريل ڪي، ايتريءَ انقلابي ڪاميابيءَ کان پوءِ جينيوا ۾ درپيش هو. هو ڳالهه ڪي اِنهيءَ حد تائين آڻي ڪان پوءِ، هوش حواس وڃايو، بلڪل اَنهيءَ ماڻهوءَ وانگر رستي جي وچ تي وائڙو ٿيو بيٺو هو، جنهن کي اِها خبر نه هجي ته اَتان ڪان پوءِ ڪيس ڪيڏانهن وڃڻو هو.

عين اَنهيءَ وقت، حُسن اتفاق سان، فاريل پڌو ته ڪالون، مشهور جيهان ڪالون، جنهن پروٽيسٽنٽ شريعت جو "نظام دين مسيح" جهڙو عظيم ڪتاب لکيو هو، خوش قسمتيءَ سان پنهنجي وطن، فرانس جي جي پرواري شهر، سئواءِ، ڏانهن ويندي، جينيوا مان اچي لانگهائو ٿيو هو، ۽ هڪ ڏينهن اَتي ترسي پيو هو. فاريل هڪدم اٿيو ۽ اَنهيءَ سراءِ ۾ پهتو، جتي ڪالون لٿل هو، ۽ 'ديني اصلاح' جي هن نامور اڳواڻ کان آئيندي جي نئين تنظيم بابت صلاح گهريائين. ڪالون جيتوڻيڪ فقط چويهن سالن جو هو، ۽ اِئين فاريل کان ويهه سال عمر ۾ ننڍو هو، تڏهن به فقه ۽ شريعت جي ميدان ۾ هڪ مستند عالم هئڻ سبب، هو وڏي اختيار ۽ وڏيءَ حيثيت جو صاحب هو. ڪالون اصل ۾ مسيحي ڪليسا جي هڪ محصول اڳاڙيندڙ عملدار جو پٽ هو، ۽ روم جي اعليٰ ديني مدرسي جو فارغ التحصيل هو. پٽس هن لاءِ شروع کان پادريت جو پيشو دل ۾ رٿيو هو، پر دستاربنديءَ کان هڪدم پوءِ هو قانون جي ڏنڊي ڏانهن ڇڪجي ويو، ۽ چوويهن سالن جي عمر ۾، ليوٿر جي پروٽيسٽنٽ اصولن جي تبليغ ڪرڻ جي ڏوهه ۾ هن کي فرانس مان ديس نيڪالي ڏني ويئي، ۽ هو اَتان ڀڄي وڃي جمهوريه وينس جي باسيل شهر ۾ پناهه گزين ٿيو- بلڪل اِئين جيئن فاريل، جيڪو به اصل فرانس جو رهواسي هو، ساڳئي ئي سبب، پنهنجي وطن مان تڙجي، جينيوا جي شهري رياست ۾ اچي پناهه گزين ٿيو هو.

جيهان ڪالون (يا شاون) اَتي باسيل جي شهر ۾ ويهي، سال ١٥٣٥ع

۾، پروٽيسٽنٽ شريعت جو آهو پنهنجو عظيم ڪتاب ”نظامِ دينِ مسيح“ تيار ڪيو، جنهن لاءِ چيو ويو آهي ته آهو دنيا جي آنهن ڏهن يا ويهن ڪتابن مان هڪ آهي، جيڪي تاريخ جو رخ موڙي سگهيا، ۽ جن يورپ جي پهرين صورت بدلائي آن کي نئين شڪل ڏني. ليوٿر جي انجيل مقدس جي ترجمي ڪان پوءِ، ڪالون جو هيءُ ڪتاب ’ديني اصلاح‘ جي تحريڪ جو ٻيو سڀ ڪان وڏو ۽ اهم ڪارنامو هو، ۽ آن ڪالون جي همعصرن کي پنهنجي لاجواب منطق، ۽ واضح تعميري ڳالهين سبب، تمام گهڻو متاثر ڪيو. روحاني ۽ ذهني تحريڪن کي هڪڙو دانـاءُ مـاڻهو شروع ڪندو آهي، ۽ ٻيو ڏانـاءُ ماڻهو آنهن کي سندن منطقي نتيجي تي پهچائيندو آهي. ليوٿر ’ديني اصلاح‘ جي تحريڪ جو آتاريندڙ ۽ آڀاريندڙ هو ۽ هن آن جو پهريون نغارو وڄايو ۽ آن ۾ جان وڌي؛ ڪالون هڪ جوڙجڪي ۽ منتظم ماڻهو هو، ۽ هن، بجاءِ اِن جي جو آها انتهائيت جو رستو وٺي، بيڪار ختم ٿي وڃي، تنهن ڪان اڳ آن کي هڪ تعميري ۽ مثبت نتيجي تي پهچايو. هڪ معنيٰ ۾، اِنهيءَ ڪري، چئي سگهجي ٿو ته جيئن گهڻو گهڻو پوءِ فرينچ انقلاب ”نيپولين جي قانون“ جي مرتب ٿيڻ سان پنهنجي مقصد تي پهتو، تيئن ’ديني اصلاح‘ جي تحريڪ پڻ، ڪالون جي ”نظام دين مسيح“ جي صورت ۾ ئي پنهنجي مقصدي خاتمي تي پهتي. ٻنهي ڪتابن ۾ چٽيون، فيصلي جي انداز جون ڳالهيون ڪيون ويون، ۽ جيڪي ٿي گذريو هو آن جو تت ڳولي، تحريڪن جي ابتدائي گرمائش ۽ تيزيءَ کي مانـو ڪري، آنهن کي قانون ۽ استحڪام جي مقرر شڪل ڏني ويئي. ۽ اهڙيءَ طرح ڪثيرَ فڪري ڦهلاءَ بدلجي ٻڌل ۽ ٻيڌل عقيدن جي، ۽ آزاديءَ بدلجي آمريت جي جنم جي صورت ورتي، ۽ روحاني آدمي کي مضبوط رسن ۾ جڪڙي بند ڪيو ويو. اِئين واقعي آهي ته جڏهن به انقلاب جي گهوڙي کي لغام ڏنـو ويندو آهي، تڏهن آن جي جولاني ۽ رفتار گهڻي قدر گهٽجي ويندي آهي. ڪالون جي هٿن ۾، ’ديني اصلاح‘ جي تحريڪ جي پڻ اِها حالت ٿي؛ پر آن جو نتيجو هيءُ به عمل ۾ آيو ته آن منزل ڪان پوءِ، پروٽيسٽنٽ شريعت روحاني طور هڪ متحد ۽ عالمگير

حيثيت حاصل ڪئي، جيئن اَن کان اڳ ڪئٿولڪ شريعت کي حاصل هئي، ۽ هاڻي مسيحي دين جون هي ٻه الڳ الڳ شريعتون، هڪٻئي سان مدمقابل، دنيا جي توجهه جون مرڪز بڻيون.

ڪالون جي غيرمعمولي قوت اِنهيءَ مان ئي ظاهر هئي، جو هو پنهنجي اَن پهرينءَ تعليم تي آخر تائين جيئن جو تيئن قائم رهيو. وقت بوقت اَن جيِي هو پوءِ وضاحت ڪندو رهيو، پر اَن جي ڪنهن به بنيادي نُڪتي، اصول يا تعميم ۾ هُن ڪا به ڦيرگهير ڪانه آندي ۽ نه برداشت ڪئي. پنهنجي ڪتاب جا هُن پوءِ جيڪي به نوان ڇاپا پڌرا ڪيا، انهن ۾ هُن ڪن ڳالهين جون سمجهاڻيون ضرور پيش ڪيون ۽ ڪٿي ڪٿي اضافا به اَن ۾ شامل ڪيا، پر بنيادي طور پنهنجن پهريَن فيصلن ۾ ڪنهن به درستيءَ يا اصلاح آڻڻ جي ضرورت محسوس ڪانه ڪيائين. پنجويهن سالن جي عمر ۾ هن پنهنجو سڄو نظرياتي فلسفو مڪمل طور سمجهي، اَن جي منطقي پڄاڻيءَ تائين، پنهنجي ڪتاب ۾ دنيا کي آهو پنهنجي ليکي سمجهائي، ڳالهه کي ختم ڪري ڇڏيو. باقي پنهنجي سڄي عمر ڪيس اَن پنهنجي نظريي کي فقط عملي صورت ڏيڻ ۾ گذارڻي هئي. جو ڪجهه هن اکيو هو، اَن جو هڪ لفظ به ڦري نٿي سگهيو. پنهنجو ڪو ڪنيل قدم هن ڪڏهن به پوئتي نه هٽايو. پنهنجي مخالف سان هُن ڪڏهن به ڪا مصالحت ڪانه ڪئي. جڏهن اهڙي ڪنهن ماڻهوءَ سان ڪنهن جو واسطو پوندو آهي، تڏهن بنهي مان فقط هڪڙو ئي بچي نڪرندو آهي. اهڙي ماڻهوءَ جي نظريي کي يا بنهه ڪوڙو سمجهي رد ڪرڻو آهي، يا 'آمنا صدقنا' چئي، اَن کي پورِيءَ طرح قبول ڪرڻو پوندو آهي. ٽيون ڪو رستو اهڙيءَ حالت ۾ ماڻهوءَ لاءِ موجود ئي نه هوندو آهي.

ڪالون سان پهرينءَ گڏجاڻيءَ ۾ ئي، فاريل اِها ڳالهه سمجهي ويو - ۽ اِها ئي خود فاريل جي وڏي ۾ وڏي خوبي شمار ٿي سگهي ٿي. جيتوڻيڪ هو ڪالون کان عمر ۾ ايترو وڏو هو، تہ به اَن ئي گهڙيءَ، هن پاڻ کي، هڪ فرمانبدار پوئلڳ طور، ڪالون جي سپرد ڪري ڇڏيو. ڪيس ڪالونِ کي پنهنجو ليڊر ۽ آقا ۽ پاڻ کي هُن جو نوڪر بلڪ

غلام تسليم ڪرڻ ۾ ويرم ئي ڪانہ لڳي. اُن کان پوءِ پورا ٽيهہ سال فاريل پاڻ کان عمر ۾ ننڍي، اُن شوخ طبع ۽ سخت دل مالڪ جي هڪ لفظ جي بہ عدولي ڪانہ ڪئي ۽ هُن جي هڪ اکر کي بہ، ڪڏهن رد ڪونہ ڪيو. هر ڳالهہ ۾، هر مسئلي ۾، هُن ڪالون جو طرف ورتو، ۽ هن جي حڪم تي هرهنڌ ۽ هر حالت ۾ هن پاڻ کي قربان ڪري ڇڏڻ پنهنجو فرض بلڪ پنهنجي زندگيءَ جي سعادت سمجهيو. ڪالون جو پهريون پڪو مريد ۽ فدائي فاريل پاڻ ئي بنيو، ۽ ڪالون پوءِ سڄي عمر پنهنجن معتقدن کان اهڙي ئي قسم جي انڌي ويساهہ ۽ مڪمل غلاميءَ جي طلب ڪندو رهيو. فاريل پاڻ هُن کان سڄيءَ زندگيءَ ۾ فقط هڪ ڳالهہ جي گهر ڪئي هئي، ۽ آها بہ اُن پهرينءَ ملاقات ۾. فاريل کيس درخواست ڪئي هئي تہ ڇاڪاڻ هن فقط کيس ئي سڀ کان وڌيڪ اُن جو لائق ٿي سمجهيو، تنهنڪري جينيوا جي روحاني مرشد ۽ ديني امام ٿيڻ جي ذميداري کيس هر صورت ۾ قبول ڪرڻي هئي، ۽ اِهو سندس فرض بہ هو. جينيوا جي شهري رياست ۾، پنهنجي خداداد لياقت سان ڪالون کي ئي 'ديني اصلاح' جي تعمير ڪرڻي هئي، ۽ خداوند قدوس جي راهہ ۾ مسيحي دين جي سڀ کان سچيءَ شريعت جو نفاذ بہ کيس ئي عمل ۾ آڻڻو هو- ڇاڪاڻ تہ خود فاريل" اُن عظيم فرض پوري ڪرڻ جو پاڻ کي ڪنهن بہ صورت ۾ لائق نٿي سمجهيو.

پهرين تہ ڪالون اُن خدائي سڏ جي قبول ڪرڻ ۾ ڪافي ڪجهہ حجاب ۽ حيرت کان ڪم ورتو- ڇاڪاڻ تہ جيڪي ماڻهو جسماني دنيا جي مقابلي ۾ روحاني دنيا جا رهواسي هوندا آهن، آنهن کي جڏهن خالص فڪر جي پُرسڪون دائري مان نڪري، سياسي حقائق جي تلخ ۽ وڳوڙي دائري ۾ پير رکڻ لاءِ چئبو آهي، تڏهن هو بيحد منجهي پوندا آهن، بلڪ هيڪر تہ ڪين ڏاڍو خوف وٺي ويندو آهي، ۽ هو اُن کان پاڻ" بچائڻ جي هرڪا ڪوشش ڪندا آهن. ڪالون تي بہ ڪجهہ دير اهڙي ئي قسم جو خوف طاري هو. هن ويچار ڪيو، دل من هنيو، ڪجهہ پوئتي پير ڪيا، ۽ پنهنجي ننڍيءَ عمر ۽ تجربي نہ هئڻ جا عذر

پيش ڪيا. هُن فاريل کي بہ ڏاڍيءَ نيازمنديءَ سان ڳالھ تان هٿي وڃڻ لاءِ چيو، - ڇاڪاڻ جو هو پنهنجن ڪتابن ۽ خيالن جي دنيا ۾ ئي خوش هو. پر فاريل ڪان آخرڪار مات پچي نہ سگهي، ۽ ڪال‌ون جي اِئين خدائي سڏ ڪان باربار نتائڻ تي هو ڪاوڙجي پيو، ۽ ٻنھ هڪ مست درويش وانگر، جلال ۾ اچي، کيس چوڻ لڳو: ”تون پنهنجن ڪتابن کي وڏو ٿو سمجهين، پر آءٌ قادر مطلق جي نالي ۾ توکي چوان ٿو، جنهن جي هٿ ۾ سيني جو ساھ آهي، تہ تو تي اُن جو عذاب نازل ٿيندو، جيڪڏهن تون ڊرتيءَ تي اُن جي آسماني بادشاهت جي اڏاوت ۾ مدد نہ ڪندين ۽ دنيا ۾ يسوع مسيح جي مرضيءَ بدران پنهنجي مرضيءَ جي ڪمن ۾ لڳو رهندين!“

فاريل جي هِن جذباتي سڏ تي ڪال‌ون جو من ڏُڏي ويو، ۽ اُنهيءَ ئي گهڙيءَ هُن پنهنجي زندگيءَ جو عظيم فيصلو ڪري ورتو، ۽ زور سان آتي جواب ڏنائين: ”لبيڪ يا خداوند يسوع، لبيڪ! آءٌ حاضر آهيان! آءٌ حاضر آهيان!! شال جينيوا ۾ تنهنجو سچو دين قائم ٿئي ۽ تنهنجي سچي شريعت نافذ ٿئي- آمين، ثمر آمين!“ ۽ هيستائين جو ڪجھ هو لفظن ۾ ۽ خيالن ۾ ئي آڏيندو ٿي رهيو، اُهو هاڻي حقيقت جي صورت ۾ ۽ عمل جي دنيا ۾ نمودار ٿيڻ وارو هو. هو، جو هيلتائين محض هڪ ڪتاب تي پنهنجي ارادي جي ڇاپ هڻندو ٿي رهيو، هاڻي هُن کي هڪ شهر، هڪ رياست تي آها ڇاپ هڻي ڏيکارڻ جو موقعو ملي رهيو هو.

ڪنهن تاريخي دور ۾ رهڻ وارا ماڻهو اڪثر اُن دور بابت گهٽ ڄاڻ رکندا آهن. تاريخ جي بيحد اهم گهڙي هُنن جي اکين اڳيان- گذري ويندي، پر هُنن جو اُن ڏانهن ڌيان بہ ڪونہ ويندو. تاريخ جا فيصلڪن واقعا بہ پنهنجي پنهنجي دور ۾ پوريءَ طرح لکجڻ ۽ رڪارڊ ٿيڻ کان رهجي ويندا آهن. اهڙيءَ ئي طرح، ١٥٣٦ عيسويءَ جي مئي مهيني جي ٢١ تاريخ، جينيوا جي شهري ڪائونسل جي ميڙ ۾، فاريل جي نهراءَ تي، يڪراءِ فيصلي سان، ڪال‌ون کي ”رياست ۾ مقدس انجيل جو مير واعظ“ مقرر ڪيو ويو؛ پر ڪائونسل جي سيڪريٽريءَ هِن فيصلي کي

ايتري به اهميت ڪانه ڏني، جو ڪارگذاريءَ جو احوال رڪارڊ ڪندي، ڪال ون جو نالو به لکڻ ضروري سمجهي - ڪير پيو ههڙيءَ ننڍڙيءَ ڳالهه لاءِ ۽ هڪڙي معمولي واعظ جي نالي پڇڻ ۽ آن جي صحيح لکڻ جي تڪليف ڪري - آن جي بدران هُن رڳو هي لکي ڇڏيو ته فاريل جي نهراءَ تي ”هڪڙي فرينچ شخص“ کي انجيل مقدس جو واعظ مقرر ڪيو ويو. جڻ هيءُ رڳو هڪڙي ڪنهن پرديسي واعظ کي تورڙي پگهار ڏيڻ جو خسيس سوال هو. خود شهري ڪائونسل به پنهنجي اِن فيصلي کي ڪا وڏي اهميت ڪانه ٿي ڏني. هُنن اِئين ٿي ڄاتو ٿي ته هڪڙو ڪو ننڍو عملدار وڌيڪ مقرر ڪرٺو هون، جيڪو ڪري ڇڏيائون، ۽ هو چپ چاپ، پوريءَ فرمانبرداريءَ سان، پنهنجو ڪم ڪندو رهندو ۽ پگهار وٺندو رهندو - بلڪل اِئين جيئن ڪو پوليس جمعدار، ڪو چوڪيدار يا ڪو جلاد سندن نوڪري ڪندو ٿي رهيو.

شهري ڪائونسل جا ميمبر صاحب ايترا ڪي علم جا صاحب به ڪونه هئا، جو هو واندڪائيءَ ۾ ڪي ديني ڪتاب ويهي پڙهندا هجن. سنجهائڻ ڪنهن هڪڙي به شايد ڪال ون جي ”نظام دين مسيح“ جا رڳو پنا اٿلائي به ڪونه ڏنا هئا. هو جيڪڏهن عالم هجن ها، ته آن ۾ جيڪي اختيار ”هن فرينچ“ يعني هن ”مقدس انجيل جي واعظ“ کي ’مومنن جي جماعت‘ اندر مليل هئا، آنهن کي پڙهي، ضرور ڪين ڊپ وٺي وڃي ها: ”مقدس ڪليسا جي واعظين“ کي هيٺيان خصوصي اختيار رهندا - ڇاڪاڻ ته هو ڪلام خداونديءَ جا منتظم ۽ مبلغ آهن، اِنهيءَ ڪري هو سڀڪجهه ڪري سگهن ٿا، ۽ دنيا جي وڏن کان وڏن ۽ طاقتور کان طاقتور ماڻهن کي خداوند قدوس جي عظمت جي آڏو جهڪڻ ۽ آن جي بندگي ڪرڻ تي مجبور ڪري سگهن ٿا. هُنن کي وڏن کان وڏن ۽ ننڍن کان ننڍن تي ڪُلي اختيار رهندو، ڇو ته هنن کي دنيا ۾ خداوند قدوس جي مرضيءَ کي نافذ ڪرڻو آهي ۽ شيطان جي حڪمرانيءَ کي ختم ڪرڻو آهي؛ ننڍن ۽ هيٺن گهيٽڙن کي بچائڻو آهي ۽ بگهڙن کي ناس ڪرڻو آهي؛ ڪين فرمانبردار ٻندن کي همٿائڻو ۽ سيکارڻو آهي، ۽ هنيلن ۽ راهه تان ٿڙيلن کي ڏوهي

بنائڻو ۽ ناس ڪرڻو آهي. هو ٻڌي سگهن ٿا ۽ چوڙي سگهن ٿا؛ هو گوڙيون پيدا ڪري سگهن ٿا ۽ وڃون ڪيرائي سگهن ٿا. پر آهو سڀڪجهه هو احڪام خداونديءَ جي مطابقت ۾ ڪري سگهن ٿا." ڪالون جا اِهي لفظ - "واعظين کي وڏن کان وڏن ۽ ننڍن کان ننڍن تي ڪلي اختيار رهندو" - پڪ ئي پڪ شهري ڪائونسل جي ميمبرن نظرانداز ڪري ڇڏيا هوندا. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن هو اِنهن لفظن کي پنهنجي خيال ۾ رکن ها، ته ڪڏهن به هو آن ماڻهوءَ جي هٿن ۾ ايتري لامحدود طاقت ڏيئي نه ڇڏين ها، جنهن آن جي استعمال لاءِ اڳي ئي پنهنجي ڪتاب ۾ ايڏيون وڏيون دعوائون داخل ڪري ڇڏيون هيون. هنن جي دلين ۾ اِهو گمان به ڪونه گذريو هوندو ته جنهن فرينچ پناهگزين کي هو پنهنجي ڪليسا ۾ واعظ مقرر ڪري رهيا هئا، آهو شروع کان ئي سندن شهر ۽ رياست جي حاڪم مطلق بنجڻ جو دل ۾ پڪو پهه پچائي چڪو هو. ٿورو به اهڙو ڪو شڪ هنن کي هجي ها ته هن کي آهو عهدو ۽ آن سان گڏ پگهارُ ۽ اِن قسم جو درجو هرگز ڪونه ڏين ها. بهرحال، هن جي اِن تقرر کان پوءِ سندن پنهنجا سڀ اختيار يقيناً ختم ٿي ويا، ڇاڪاڻ ته ڪالون ترت ئي، پنهنجي آجهل ذهني صلاحيتن کان ڪم وٺندي، پنهنجا سمورا غيرمحدود حڪمرانيءَ جا ارادا، زوران زوريءَ، مٿن مڙهي ڇڏيا، ۽ هڪ جمهوري عوامي راڄ کي پوريءَ طرح هڪ مطلق مذهبي آمريت جي صورت ۾ بدلائي ڇڏيو.

اِن سلسلي ۾ ڪالون جيڪي پهريان قدم کنيا، آنهن مان هن جي دورانديش منطق ۽ سوچيل سمجهيل مقصد جي خبر پئجي سگهي ٿي. گهڻو پوءِ هن پاڻ اِن باري ۾ لکيو هو ته "جڏهن پهريائين آءٌ سومنن جي هن جماعت ۾ آيو هوس تڏهن هتي جينيوا ۾ 'ديني اصلاح' جو ڪم بلڪل ختم ٿيو پيو هو. ماڻهو هتي نلها واعظ پيا ڪندا هئا، ۽ بيو ٿيو خير. هنن ايترو سو ڪيو هو، جو اوليائن جا عڪس ميڙي، گڏ ڪري، آنهن کي ساڙي ڇڏيو هئائون. پر حقيقي ديني اصلاح جنهن کي چئجي، آن جو نالو به ڪٿي ڪونه هو. سڀ ماڻهو ضابطي کان نڪتل، ۽ هر شيءِ

هستان جي بگڙي پيئي هئي." ڪالون چائي ڄم کان جڻ تہ ضابطي ۽ انتظام جو صاحب هو. هن کي بدانتظاميءَ کان چڙ هئي. هن جي فطرت بلڪل رياضيءَ جي علم جهڙي تُز هوندي هئي، ۽ هر بي قاعدي ۽ بي ترتيبي ڳالهہ هن کي سخت ناگوار لڳندي هئي. واعظ مقرر ٿيڻ کان ٿي مهينا پوءِ، هن ايڪيهن نُڪتن وارو هڪ شرعي دستاويز تيار ڪيو، جنهن ۾ هن پنهنجي نئين پروٽيسٽنٽ شريعت جا لازمي بنيادي احڪام شامل ڪيا، ۽ آهو دستاويز هُن شهري ڪائونسل کان پاس ڪرائي، سڄيءَ جينيوا جي رياست ۾ آن جي نفاذ جو اعلان ڪرايو.

پر ڪالون آهو ماڻهو نہ هو، جو رڳو زباني ايمان تي خوش ٿي ويهي رهي. هن مطالبو ڪيو تہ جينيوا جا شهري آن سندس شرعي دستاويز جي ايڪيهن ئي نڪتن تي سختيءَ سان عمل ڪن. هن جي نظر ۾ اِهو ڪافي نہ هو تہ ڪو نظريو يا شرعي دستور فقط ڪاغذ تي مرتب ڪيو وڃي ۽ ماڻهو آهو پڙهي يا ٻڌي زبان سان چون تہ آهو کين قبول هو- ڇاڪاڻ تہ پوءِ بہ هو پنهنجي راءِ مطابق فيصلو ڪري سگهيا ٿي تہ هو آن جي ڳالهين تي ڪيتري قدر ۽ ڪيئن عمل ڪن. نظريي جي سلسلي ۾، ۽ زندگيءَ جي روزمره واري عمل ۾، مومنن جي اِها شخصي آزادي ڪالون کي قبول ڪانہ هئي. ديني ۽ روحاني ڳالهين ۾ هڪ اکر جي تہ ڇا پر هڪ نقطي جي ڇڏ ڇوٽ نٿي، ٿي سگهي؛ ذاتي خيالن جو هتي سوال ئي ڪونہ هو؛ سندس نظر ۾ مقدس ڪليسا کي نہ فقط اِهو حق هو، پر آن جو اِهو فرض هو تہ 'نظام دين مسيح' جي هر ڳالهہ تي، جيئن هن آها پنهنجي ڪتاب ۾ لکي هئي ۽ جيئن آها سندس ايڪيهن نڪتن واري شرعي دستاويز ۾ ٻڌايل هئي، هر ماڻهوءَ کان زوريءَ عمل ڪرايو وڃي، ۽ آن ۾ ٿوري کان ٿوري غفلت سرزد ٿيڻ تي بہ آهڙي سخت سزا ڏني وڃي جهڙي ڪاميل انڪار يا بغاوت تي، ۽ اِئين هر ڳالهہ ۾ مسيحي پروٽيسٽنٽ شريعت جي ڪالويني فقهہ جي حد جو عملي مظاهرو ٿيندو رهي، تہ جيئن خداوند قدوس جي دين اطهر جي حاڪميت جينيوا جي سرزمين تي پوريءَ طرح قائم ٿي سگهي ۽ پوريءَ ڪاميابيءَ سان هلي سگهي.-"پيا ڇا بہ سوچين ۽

محسوس ڪن، پر اڄ پاڻ هرگز هرگز اِهو نہ مڃيندس تہ اسان جو منصبي فرض ايترو محدود ٿي سگهي ٿو، جو جماعت جي اڳيان واعظ ڪري اسين جڏهن پورو ڪيون، تہ اِئين سمجهون تہ اسان پنهنجو فرض پورو ڪيو، ۽ هاڻي اسان کي ٻانهون ٻڌي، چپ ڪري، ويهي رهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اسان جو ڪم پورو ٿيو، ۽ پوءِ ماڻهن کي جيئن وڻي تيئن وينا دين پاڪ جي مٿي پليٽ ڪن!" ڪالون جي هِن شرعي دستاويز ۾ نہ فقط سچن مومنن جي رهبريءَ لاءِ هدايتون موجود هيون، پر اُن ۾ رياست جي شهري انتظام جا احڪام بہ ڏنل هئا. هُن شهري ڪائونسل کان مطالبو ڪيو تہ جينيوا جي عام شهرواسين جي اجتماعي بيعت کان پوءِ جتي هُنن، ظاهر ظهور، شهر جي وڏي چونڪ ۾ گڏجي، ساڄا هٿ مٿي کڻي، ڪالوني فقهہ تي ايمان آڻي، پنهنجي نئين سر مسيحي امت هجڻ جو اعلان ڪيو هو، تيئن شوري ڪائونسل جي ميمبرن کي بہ مجبور ڪيو وڃي تہ آهي وري هڪ هڪ ٿي، شهر جي وڏيءَ ديول ۾، کليءَ عام، ٻيئي هٿ مٿي کڻي، سندس ٢١ نڪتن واري شرعي دستاويز تي پنهنجي حلفيہ ايمان جو اعلان ڪن، ۽ اِئين هو بہ نئين سر مسيحي امت ۾ داخل ٿين، جيڪا دنيا ۾ سڀ کان پهرين امت آهي ۽ پڻ خداوند قدوس جي حضور ۾ سڀ کان وڌيڪ پسند پيل امت آهي. ڪالون جي هيءَ تجويز بہ جينيوا جي شهري ڪائونسل قبول ڪئي. ۽ پوءِ ڪائونسل جا ميمبر ڏهن ڏهن جي ٽولن ۾، اسڪولي ڇوڪرن وانگر قطارون ڪري، شهر جي وڏيءَ ديول ۾ آيا، جتي ڪائونسل جي سيڪريٽريءَ وڏي واڪ کين ڪالون جو ايڪيهہ نڪاتي شرعي دستاويز پڙهي ٻڌايو، ۽ پوءِ اُنهن مان هڪ هڪ، الڳ الڳ، ٻيئي هٿ مٿي کڻي، اُن تي پنهنجي حلفيہ ايمان جو اعلان ڪيو. کين اِهو بہ ٻڌايل هو تہ جيڪڏهن کي بہ منجهانئن اِئين پنهنجي بيعت جو اعادو نہ ڪندا، تہ اُنهن کي فوراً، اُنهيءَ سهل، جلاوطن ٿيڻو پوندو. اِن جي صاف معنہ هيءَ هئي تہ اُن ڏينهن کان پوءِ ڪوبہ شهري جينيوا جي چوديواريءَ ۾ رهي ڪري، روحاني مسئلن ۾، ڪالون جي مطالبن ۽ خيالن کان هڪ وار بہ اختلاف ڪري نٿي سگهيو. 'ديني

ٻئي خيال جو ماڻهو هو. هن کي اِها مذهب کان سياست جي علحدگي پسند ڪانه هئي. هن جي اختيارپسند طبيعت اِن تي مطمئن رهي نه ٿي سگهي ته هو رڳو هڪ پاسي خطبا پڙهندو وتي ۽ وعظ ڪندو رهي، ۽ ٻئي پاسي جيڪڏهن ڪو خدائي حڪمن جي پيڪڙي ڪري ته آن کي هـو رڳو ’ اڙي‘ بـ نه چئي سگهي! اِنهيءَ ڪري هُن سوچي ويچاري اهڙو هڪڙو رستو ڳولي ڪڍيو، جنهن ۾ ماڻهن کي سزائن ڏيڻ لاءِ شهري ڪائونسل ڦري سندس حڪم بلڪ اشاري جي غلام بنجي پيئي! اِن قسم جي قانوني حيثيت تـ برابر ڪيس مليل ڪانه هئي، پر هن ”مذهبي“ ڏوهين کي ”جماعت مان نيڪالي ڏيڻ“ جو رواج قائم ڪري، اهڙو قانوني حق بہ، ويني ويني، ازخود، پنهنجي لاءِ پاڻ حاصل ڪري ورتـو. دانائيءَ جي هڪڙي عمل سان هن ”مقدس دعوت“ جي مسيحي اسرار کي ڦيرائي پنهنجي آن مقصد جي حاصلات جو هڪ ڪامياب وسيلو بنائي ڇڏيو- يعني، آنهيءَ خالص مذهبي تقريب مان هُن پنهنجي شخصي طاقت ۽ اختيار کي وڌائڻ ۽ پنهنجن مخالفن کي دٻائي پنهنجي اڳيان نمائڻ جو بهترين گُـر ڳولي لڌو. هُن فيصلو ڪيو ته خداوند يسوع مسيح جي ”مقدس دعوت“ ۾ فقط اهڙن صالح جماعتين کي شموليت جي اجازت ڏبي، جن جي هلت چلت ۽ ڪارڪردگي پسندگيءَ واري ۽ قابل قبول هوندي. پر جيڪڏهن ڪالون جو ڪو واعظ ڪنهن مومن کي اِئين ”خداوند مسيح جي مقدس دعوت“ مان، مذهبي طور غير صالح سمجهي، خارج ڪري ڇڏي، ته آهو شهري خيال کان مسيحي سماج مان پڻ خارج سمجهيو ويندو. ڪالون جي هـن نئين هٿيار جي ساهہ گهٽيندڙ طاقت اِنهيءَ ڳالهہ ۾ هئي. ڪنهن کي بہ پوءِ آن ”ڏوهيءَ“ بابت ڳالهہ ڪرڻ جي اجازت ڪانه هئي، جيڪو، عام جي زبان ۾، جڻ نيات مان نڪري چڪو هو، ۽ ڪو بہ پوءِ هن سان ڏيتي ليتي نه ٿي ڪري سگهيو. اهڙيءَ طرح، جيڪا ڳالهہ پهريائين هڪ خالص مذهبي رسم طور روحاني اختياريءَ وارن جي حوالي ڪئي ويئي هئي، آها اِئين ڪالون ۽ سندس واعظين جي هٿن ۾ بدلجي، سماجي، ۽ ڪاروباري قطع تعلق جـو خطرناڪ هٿيار بنجي پيئي. جيڪڏهن آن

ماڻهوءَ، جنهن جي خلاف اهڙي قطع تعلق جو اعلان ٿي چڪو هو، ڪنهن طرح پنهنجي آڻ نہ سچي ۽ اڳتي لاءِ اُن ڏوهہ کان ڪُلئي عام توبهہ نہ ڪئي، تہ ڪالون هڪدم مسيحي جماعت مان هن جي نيڪاليءَ جو اعلان ڪرائي ڇڏيندو هو. ڪالون جو ڪو بہ مخالف، پوءِ اهو ڪيتري قدر بہ هڪ معزز شهرواسي هجي، ڪالون جي اهڙيءَ طرح ناپسندگيءَ جي شڪار ٿيڻ کان پوءِ، جينيوا ۾ هڪ پل بہ وڌيڪ رهي نٿي سگهيو. هُن جي اهڙي ڪنهن ظاهر ظهور مخالف جو، هڪ سڪئي ستابي شهرواسيءَ جي حيثيت سان، شهر ۾ باقي وجود ۽ موجود گيءَ جو سوال ئي ڪونہ ٿي آٿيو.

ڪالون جي هن خطرناڪ اختيار جي سامهون جنهن بہ ڪنڌ مٿي ٿي ڪنيو، آهو آتي ئي سنجي ٿي ويو. هڪڙي ئي ڏڪ سان هُن هي "وچ ۽ گوڙ" جهڙا ساهہ ڪيندڙ هٿيار هٿ ڪري ورتا هئا، جيڪي ڪانئس اڳ جينيوا جو ڪئٿولڪ پشپ خواب ۾ بہ ڪم آڻي نٿي سگهيو. ڪئٿولڪ ڪليسا جي حالت ۾ بي بہ ڳالهہ هئي تہ اُن ماتحت ننڍيءَ اختياريءَ وارن کان وٺي چوٽيءَ جي اختياريءَ وارن تائين ڪيترا ئي هڪٻئي کان وڏا اختياريءَ جا صاحب هئا، جن وٽ ڪيترين ئي دانهون ڪوڪون ۽ اپيلون ٿِي ٿي سگهيون، ۽ ڳالهہ آنهن سيني مرحلن مان گذرڻ کان پوءِ ئي وڃي جماعت جي نيڪاليءَ تائين ٿي پهتي. مطلب تہ آتي بہ جماعت يا شهر مان نيڪاليءَ جي ڳالهہ اهڙي هڪ غير معمولي ڳالهہ هئي، جو آها ڪنهن بہ هڪ شخص جي انفرادي ارادي يا فيصلي جي اختيار کان ٻاهر هئي. پر ڪالون جو هن سلسلي ۾ مقصد وڌيڪ صاف هو، ۽، پنهنجي طاقت ۽ اختيار کي پوريءَ آزاديءَ سان استعمال ڪرڻ خاطر، هُن زوريءَ آهو اختيار الڳ الڳ پنهنجن سيني ماتحت واعظين ۽ پڻ پنهنجي هڪ هٿ نوڪيءَ "احتسابي ڪاميٽيءَ" جي حوالي ڪري ڇڏيو. جماعت کان نيڪاليءَ جي خطرناڪ دڙڪي کي هُن اِئين هڪ باقاعدي سزا جي صورت ڏيئي ڇڏي، ۽ اهڙيءَ طرح هن پنهنجي ذاتي اختيار ۽ شخصي طاقت ۾ لامحدود اضافو آندو. نفسياتي ڄاڻوءَ وانگر، هن کي پورو اندازو هو تہ اهڙيءَ دهشتناڪ سزا جي خوف جو ماڻهن تي ڪهڙو اثر

پونڊو ۽ ڪيتري قدر هرڪو آن ڪان بچڻ لاءِ پاڻ کي سندس خاص پوئلڳن ۾ شمار ڪرڻ جا جتن ڪندو. شهري ڪائونسل ڪان هُن مطالبو ڪيو تہ ”تجديد ايمان جي مقدس رسم“ هرمهيني ادا ڪئي وڃي، تہ جيئن جينيوا جا شهرواسي هرمهيني وٽس ۽ سندس واعظين وٽ حلفيہ پنهنجي سچي مسيحي هجڻ جو اعلان ڪري سگهن. شهري ڪائونسل وڏين ڪوشش سان ڪانئس اِها ڳالهہ قبول ڪرائي تہ ”تجديد ايمان“ جي آها مقدس تقريب هرمهيني بدران هر ٽئين مهيني منعقد ڪئي وڃي. بهرحال، هُن جماعت نيڪاليءَ جو هٿيار ۽ آن جي نتيجي ۾ شهر نيڪاليءَ جي سزا جو اختيار ڪنهن بہ صورت ۾ پنهنجي هٿان نہ ڇڏيو. ڪيس پوري خبر هئي تہ آن هٿيار جي استعمال سان ئي هو سموريءَ طاقت ۽ سموري اختيار هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهيو ٿي، ۽ آهو ئي، جنيوا جي مير واعظ ٿيڻ وقت، هن جو سُنيد ڪان دلي مقصد هو.

ڪافي وقت گذرڻ ڪان پوءِ هڪ قوم کي خبر پوي ٿي تہ آمريت جي عارضي فائدن سان گڏ، مثلاً شديد ضابطي ۽ سخت انتظام سبب قوم جي جنگي قوتن ۾ اضافي سان گڏ، ڪيس ڪيترن ئي انفرادي حقن ۽ اختيارن تان هٿ ڪڻو پوي ٿو ۽ ڪيترن ئي بنيادي انساني آزادين ڪان محروم ٿيڻو پوي ٿو. جينيوا ۾، جيئن جيئن ڏينهن گذرندا ٿي ويا، تيئن تيئن اِها حقيقت ماڻهن تي ظاهر ٿيندي ويئي ٿي. شهرواسين پنهنجي خوشيءَ سان شهر جي وڏي چونڪ تي ۽ وڏيءَ ديول ۾ گڏ ٿي، هٿ مٿي ڪئي، نئينءَ شريعت تي پنهنجي پختي ايمان جو اعلان ڪيو هو. پر هاڻي پنهنجي سٺان واعظين جي اک ۽ احتسابي جاسوسن جي نظر کي ايتري قدر چوڪس ڏسي ڏسي، سندن جمهوري امنگن ۾ بغاوت جا آثار نمودار ٿيا. هر ٽئين مهيني ايمان کي تازي ڪرڻ لاءِ، توڙي ڪالون جي ڪنهن اوچتي مذهبي فرمان جي بيعت لاءِ، وچ ۾ هر هر، پاڻ اڳيان ۽ واعظين پٺيان، جوابدارن وانگر هڪلجي، ديولين ۾ وڃي واڙجي ويهڻ ۽ پيري پيري هٿ مٿي ڪئي، ”ماءِ لارڊ“ (= مولانا) ڪالون جي فرمانبرداريءَ جي قسم کڻڻ جي خلاف هُنن جي دلين ۾ شديد ڪاوڙ

۽ سخت احتجاج اٿڻ شروع ٿيو. هُنن هِن خشڪ اخلاقي اصلاح ڪي اِن ڪري قبول ڪونہ ڪيو هو تہ ڪين شراب ڍڪ پيئڻ، راڳ ٻڌڻ، رنگين ڪپڙن پائڻ ۽ اهڙيءَ ڪنهن خسيس خوشيءَ ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ سزائون ڏنيون وڃن ۽ جماعت نيڪاليءَ ۽ جلاوطنيءَ جي ڊپ ۾ سندن ساهہ سڪايو وڃي. ماڻهن وٽي سوال پڇڻ شروع ڪيا تہ اِهو حضرت ڪالون ۽ اِهو حضرت فاريل ڪير هئا، جن ايذا وٽي حڪم هلائڻ شروع ڪيا هئا. ڇا، اِهي جينيوا جا رهواسي هئا؟ ڇا، اِهي اصلوڪن آيل ماڻهن منجهان هئا، جن شهر کي وڏائي ايڏو وڏو ڪيو هو ۽ هيترو خوشحال بنايو هو؟ ڇا، اِهي آزمايل ۽ پروسي جهڙا محب وطن هئا، ۽ شهر جي شريف خاندانن جا هڏ رت هئا؟ نہ نہ، اِهي تہ نوان، ٻاهران آيل، فرانس جا پناهگير هئا. اِهي تہ مهمانن وانگر آيا هئا، هتان جي مهمان نوازيءَ جو فائدو وٺي هتي رهي پيا هئا، هتي ڪين روزگار مليو، متي لڪائڻ لاءِ اجهو نصيب ٿيو، عزت پريسا درجا حاصل ٿيا؛ ۽ هاڻي هِن پاڙيسري ملڪ مان آيل محصول اڳاڙيندڙ جي پٽ، هتي پنهنجي لاءِ سکيو گهر هٿ ڪري، پنهنجو پاءُ ۽ پنهنجا سالا پيٽيويا گهرائي ويهاريا هئا، ۽ هاڻي جينيوا جي ست پيڙهيائتن ۽ ٻيڻل ماڻهن جي خلاف ٻڪواس ڪرڻ ۽ آنهن کي دٻائڻ ۽ هيسائڻ شروع ڪري ڏنو هو! هيءُ فرانس مان هڪڙو تڙجي آيل، ٻي پاڙو ماڻهو، تنهن کي ايڏي همت ٿي هئي، جو قانون ٿي ناهيائين تہ ڪير جينيوا ۾ رهي ۽ ڪير نہ رهي!

آمريت جي پهرين ڏينهن ۾ جڏهن اجا ڪن آزاد طبع ماڻهن جي مٿن مان ڏنڊا هٽي پوري هوا نہ ڪيي ويندي آهي، ۽ ٻين کي لوڏي ملڪ بدر نہ ڪيو ويندو آهي، تڏهن مقابلي ڪرڻ وارا ڪجهہ وقت پير جمائي، پنهنجي جاءِ تي مضبوط بيهي رهندا آهن ۽ ڏاڍيءَ همت ۽ حوصلي جو مظاهرو ڪندا آهن. اِنهيءَ طرح، جينيوا ۾ پڻ، هِن مرحلي تي آزادي پسند ۽ جمهوري لاڙن جا ڪي ماڻهو، همت ڪان ڪم وٺي، ميدان تي نڪري آيا ۽ اعلان ڪيائون تہ پنهنجي شهر ۾ هو ڪنهن کي اهڙي اجازت نہ ڏيندا تہ هو ڪين ”چورن ۽ جوارين“ وانگر خوار خراب ڪندو

رهي! تان جو اهڙو به موقعو آيو، جو شهر جي ڪيترن سڄڻ سڄڻ محلن جا ماڻهو پڙ ڪيدي بيهي رهيا ۽ مسٽ سا هي "تجديد ايمان" جي تقريبن ۾ حصي وٺڻ کان انڪار ڪيائون، ۽ باغي بنجي چوڻ لڳا ته هو هڪڙي بڪئي ۽ رول فرينچ جا حڪم ڪين مڃيندا ۽ ڪڏهن به هن جي چوڻ تي پنهنجا گهر ڇڏي، جينيوا کان ٻاهر پير نه ڪيندا. ترت ئي پوءِ فبروري ۱۵۳۸ع ۾ نيون چونڊون ٿيون ۽ انهن ۾ مولانا ڪالون جا پنهنجا ويجها پوئلڳ شهري ڪائونسل ۾ پنهنجي اڪثريت وڃائي ويهي رهيا، ۽ جينيوا جي شهري رياست ۾ جمهوريت پسند ڌر هڪ ڀيرو وري ڪالون جي اختيار پسند دعوائن جي برخلاف پنهنجي راءِ جي برتري قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي.

دراصل ڪالون تمام ڀري نڪري ويو هو ۽ ڏاڍيءَ تڪڙ کان ڪم وٺي رهيو هو. سياسي نظريي باز گهڻو ڪري ماڻهن جي ذهني آسود گيءَ کي گهٽ اهميت ڏيندا آهن، ۽ سمجهندا آهن ته جيتريءَ تيزيءَ سان ڪن فيصلڪُن قسم جي نون خيالن کي هو پاڻ قبول ڪري وٺن ٿا، اهڙيءَ ئي تيزيءَ سان حقيقت جي دنيا ۾ هو انهن خيالن کي عمل ۾ پڻ آڻي سگهندا. ڪالون جي هڪ ٻي به ڪمزوري هئي، ۽ آها هئي سندس طبيعت جي شوخي ۽ رُڪ جهڙي سختي. سڄيءَ حياتيءَ ۾ هن نٿي کان چوٽيءَ تائين هٺ ڌرم شخص ڪڏهن به ڪنهن ڳالهه تي مُڙي وڃڻ يا سرچاءُ ڪرڻ سکيو ئي ڪونه هو. وچٽري رستي وٺي هلڻ جهڙي ڳالهه هن لاءِ ڪا هئي ئي ڪانه. هن جو اصول ئي هو: 'سڀ يا ڪجهه نه.' هن چاهيو ٿي ته ڪيس اختيار ملي ته ڪُلي ۽ سڀ کان اعليٰ، جي نه ته هو پنهنجي سڄيءَ دعوا تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار ويٺو هوندو هو. ڪڏهن به هو ڪا مصلحت ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. هو پنهنجي يعني جيهان ڪالون جي نقطي نگاهه جي صداقت جو ايترو ته قائل ۽ آن کان ايتري قدر ته مطمئن هو، جو هُن جي ڌيان ۾ به هيءَ ڳالهه نٿي اچي سگهي ته هن جو مخالف ڪنهن ٻيءَ ڳالهه جي صداقت کي به مڃي سگهيو ٿي ۽ پنهنجي الڳ نقطي نگاهه کان ايترو ئي صحيح ٿي سگهيو

تي جيترو سولانا ڪالون پاڻ. اِهو هن لاءِ هڪ 'ذهن جي سچ جهڙو سچ' بڻجي چڪو هو ته هن جو فقط ڪر هو سيڪارڻ ۽ ٻين ماڻهن جو فقط ڪم هو ڪانئس سکڻ. پوري خلوص ۽ سنجيدگيءَ سان هو دعوا ڪندو هو ته "جيڪي ڪجهه آءٌ سيڪاريان ٿو، سو مون کي خدا وٽان چيل آهي، ۽ انهيءَ ڪري منهنجو ضمير منهنجي اطمينان لاءِ ڪافي آهي." پنهنجي خودداريءَ تي هو ايترو ته خوش هوندو هو، جو پنهنجي خيالن کي هو ڪامل سچ سمجهندو هو، ۽ چوندو هو ته "خداوند قدوس پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان مون کي نيڪيءَ ۽ بديءَ جي سڄي ڄاڻ ڏني آهي." هو ايڏو ته پنهنجي پاڻ ۾ محو هوندو هو، جو جيڪڏهن ڪنهن ڪان ڪا ابتڙ راءِ ظاهر ٿيندي هئي، ته اُن کي هو پنهنجي ذاتي بي عزتي سمجهندو هو ۽ ڪاوڙ ۾ ونجي، سچو ڳاڙهو ٿي ويندو هو- ڀانئبو هو ته اِجهو ٿو وٽ ڪائي ڪري. ڪڏهن ڪڏهن ته هن جي مرضيءَ خلاف ڪا ڳالهه ٿيندي هئي، ته پيٽ ۾ ڪٽي هٿ وجهندو هو ۽ اُلٽي اچي ويندي هيس. سندس مخالف ڪٽي کهڙا به معقول دليل ڏئي، پر اُن جو هن تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيندو هو; هو فقط هڪ ڳالهه ڄاڻندو هو ته اُن ماڻهوءَ جا مختلف خيال هئا، تنهنڪري آهو دشمن هو- نه رڳو جيهان ڪالون جو، پر سڄيءَ دنيا جو، ۽ خود خدا جو به. پنهنجي دور جي انسان پسند ۽ صلح جُو اديبن ۽ عالمن کي هو "زهريلا نانگ"، "پونڪندڙ ڪتا"، "درنده حيوان"، "بدمعاش"، "شيطان جا ٻچا" ۽ اهڙن ٻين بغض ۽ نفرت ڀريل نالن سان سڏيندو هو. ڪالون سان اختلاف ڪرڻ معنيٰ خدا ۽ خدا جي "محبوب ٻانهي" سان عداوت; اختلاف ڪيتري قدر به علمي هجي، پر اُن سان "يسوع مسيح جي ڪليسا کي خطرو" پيدا ٿي پوندو هو. ڪالون جي نظر ۾ بحث ۽ دليل جي معنيٰ هيءَ هوندي هئي ته ڳالهه ٻڌي، ٻي ڌر رڳو چوي ته "مان غلط، ڪالون صحيح - پنهنجو پاسو مون ڇڏيو، هاڻي مان ڪالون جي پاسي آهيان." سڄي زندگي هيءُ شخص، جيڪو هوئڻ ڪافي ڏاهو ۽ دورانديش ڏسبو هو، انهيءَ زعم ۾ رهيو ته خدا جي ڪلام کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو فقط

هو پاڻ اهل هو ۽ هو ئي واحد شخص هو جنهن کي خداوند قدوس وٽان حق جي سچائيء جي نعمت عطا ٿي هئي. دراصل هن جي اِها چوڻيءَ تي پھتل خوداعتمادي ۽ خودسحويت ئي هئي، جنهن جي آڌار تي هو دنيا ۾ پير پختا ڪري، سياسي ميدان ۾ مضبوط بيهي، نہ رڳو چوڌاري اٿندڙ طوفانن کي منهن ڏيئي سگهيو، پر ڪامياب بہ ٿي سگهيو. پنهنجيءَ ڌن ۾ مست ۽ پنهنجي من جا پورا بادشاهہ ڪالون جهڙا طوفاني شخص ئي هوندا آهن، جيڪي ماڻهن کي پنيان لائي تاريخ ساز بنجي سگهندا آهن. رڳو نيڪ ۽ صابر شخصن جي ڳالهہ پڌي، ماڻهو انهن جي پنيان خير ڪي لڳندا آهن. دنيا سدائين انهن جنوني شخصن جي اڳواڻي قبول ڪئي آهي، جيڪي 'پنهنجو سچ' ڪٿي اٿيا آهن ۽ دعوا ڪئي اٿن تہ آهو ئي سنڌن سچ اصل سچ آهي، ۽ پنهنجي پهاڙ جيڏي اوچي ۽ اڏول ارادي کي پنهنجي دنيا جو اٽل قانون سمجهي اڳتي وڌيا آهن.

اِنهيءَ ڪري، جڏهن ڪالون ڏٺو تہ جينيوا جي شهري ڪائونسل ۾ سندس معتقدن جي اڪثريت ڪانہ رهي هئي، تہ هُن کي ڪابہ گهٽتي يا پريشاني ڪانہ ٿي. ڪائونسل پنهنجيءَ پر ۾ ڪجهہ ڪجهہ نرمائيءَ ۽ نيازمنديءَ سان کيس صلاح ڏيڻ لڳي تہ هو پنهنجي 'اصلاح' ۾ ايڏي تيزي نہ ڪري ۽ سختي نہ ڏيکاري، پر ڪالون جهڙو ضدي ۽ خودخيال شخص هڪ ڪک بہ پوئتي هٽيو، ڪٿي ٿو اهڙي ڪا خيرصلاح جي ڳالهہ قبولي! سمجهوتو اهڙي شخص لاءِ اڻ ٽيٽي ڳالهہ هوندي آهي. اجا شهري ڪائونسل سندس مخالفت جي خيالن ۾ ئي هئي، تہ هو پاڻ اُن جي خلاف اٿي کڙو ٿيو - خود پنهنجي لاءِ تہ هُن جي تقاضا هئي تہ ڪوبہ سندس حڪم جي خلاف ورزي نہ ڪري ۽ سندس باغي نہ بنجي، پر پاڻ شهري جمهوريہ جي هڪ هر طرح بااختيار قانوني اداري جي حڪم عدوليءَ ۽ اُن جي خلاف بغاوت جو جهنڊو کڻي تيار ٿي بيهي رهيو. شهر جي وڏيءَ ديول جي منبر تان "خسيس ڪائونسل" تي گارگند، نندا ۽ تهمت بازيءَ جا وسڪارا شروع ڪري ڏنائين. چي، "آهہ، جيهان ڪالون، خداوند قدوس جو ضعيف بندو، مرڻ مري ويندس، پر روح اقدس جي

جسم اطهر کي هنن ڪتن جي حوالي هرگز ڪونہ ڪندس." پئي سندس هڪڙي واعظ کُليو کُلايو، پنهنجيءَ ديول ۾، آئي بيهي، اعلان ڪيو تہ شهري ڪائونسل رڳو "نشي باز چورن جو هڪ ٽولو" هو، ۽ بس. اهڙيءَ طرح ڪالون جا پوئلڳ ۽ ساٿي شهري رياست جي آئيني طور قائم ٿيل بااختيار حڪومت جي خلاف هڪ محاذ ناهي بيهي رهيا.

شهري ڪائونسل اهڙي قسم جي ذني وائني بغاوت ڪيئن ٿي برداشت ڪري سگهي؟ پر، پهريائين آن صاف پر نهايت نرم لفظن ۾ هدايت جاري ڪئي تہ "ديوليون جيڪي خدا جا گهر هئا، تن کي هرگز سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ جيڪي آتان جي منبرن جا قبضيدار هئا، آنهن جو واحد منصب فقط هيءُ هو تہ آهي ڪلام خداونديءَ جي تشريح ڪن." پر ڪالون ۽ سندس پوئلڳن هنن سرڪاري هدايتن جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ ڪئي. اِنهيءَ ڪري ڪائونسل، آخر ۾، لاچار ٿي، واعظين تي ديولين ۾ داخلا جو منع‌نامو جاري ڪيو، ۽ سندن هڪ اڳواڻ، ڪورٽالڊ، کي، ٻين کي بغاوت تي آڀارڻ جي ڏوهہ ۾، گرفتار ڪرايو. اِها ڪليسا ۽ رياست، يعني ديني ۽ دُنيوي اختياريءَ وارن جي وچ ۾ هڪ کلي جنگ هئي. ڪالون هڪدم ميدان ۾ نڪري آيو، ۽ پنهنجن حامين کي ساڻُ ڪري، اِيسٽر جي مذهبي تقريب واري ڏينهن تي، شهر جي وڏيءَ ديول ۾ زوريءَ گهڙي ويو، ۽ وڏي وڃي، منبر تي چڙهي بيٺو. ٻنهي ڌرين جا حمايتي تراريون هٿن ۾ جهلي، ديول ۾ اندر گڏ ٿي ويا - هڪڙا مير واعظ جي مدد ۾ ۽ ٻيا کيس وعظ کان روڪڻ لاءِ؛ ۽ هڪ وڏو فساد شروع ٿي ويو، ۽ ايسٽر جو پاڪ ڏينهن تقريباً قتلام جي ڏينهن ۾ تبديل ٿي ويو!

شهري ڪائونسل کان وڌيڪ صبر نہ ٿي سگهيو. "ٻن سون ميمبرن جي وڏي ڪائونسل" سڏائي ويئي، جيڪا رياست جي اعليٰ اختيار رکندڙ اسيمبلي هئي، ۽ آن کان گهُر ڪئي ويئي تہ ڪالون ۽ ٻين واعظين کي سندن عهدن تان خارج ڪيو وڃي، جو آنهن سرڪاري قانون جي ڀڃڪڙي ۽ ميونسپل اختياريءَ جي حڪمن جي خلاف ورزي ڪئي هئي.

آن ڪان پوءِ جينيوا جي شهرين جو عام اجتماع گهرايو ويو، جنهن ۾ اپريل ١٥٣٨ع جي ٢٣ تاريخ تي، وڏيءَ اڪثريت جي فيصلي سان، باغي واعظين کي سندن مسندن کان محروم ڪري، ٽن ڏينهن اندر شهر مان نڪري وڃڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح شهر بدر ۽ ڏيهه نيڪاليءَ جو حڪم، جيڪو گذريل ارڙهن مهينا ڪالون جينيوا جي ڪيترن ئي شهرين خلاف استعمال ڪري چڪو هو، آهو هاڻي خود سندس خلاف پاس ٿي ويو.

اِئين ڪالون جي جينيوا کي هٿ ڪرڻ جي پهرين طوفاني ڪوشش ناڪام ٿي. پر آمرن جي زندگيءَ ۾ اهڙيون ناڪاميون معمولي ڳالهيون ٿين ٿيون. سچ پچ ته ڪاميابيءَ جي چوٽيءَ تي پهچڻ لاءِ، جتي اهڙي ڪنهن آمر کي لامحدود طاقت هٿ اچڻي هجي، اِهو ته پاڻ هڪ لازمي شرط آهي ته پهريائين هُن کي اهڙي ڪنهن ڊرامائي قسم جي ناڪاميءَ يا شڪست سان دوچار ٿيڻو پوي. وڏن انقلابين لاءِ اشتهاري مجرم بڻجڻ، جيل، جلاوطنيون وغيره، سندن مقبوليت واسطي رڪاوٽون نه پر ڪامياب وسيلا هوندا آهن. جنهن کي عوام جو دادلو بڻجڻو آهي، آن لاءِ پهريائين شهيد ٿيڻ ضروري آهي. نفرت جوڳي سرشتي هٿان ڏاڍ ۽ ظلم سهڻ سان هو عوام ۾ وڌيڪ مقبول ٿئي ٿو. جيتري قدر هو آزمائشن مان لنگهندو، اوتري قدر آنهن جي دلين ۾ هن لاءِ پيار وڌندو، ۽ ڪجهه وقت ميدان مان نڪري، عوام جي نگاهن کان اوجهل ٿي وڃڻ سان پاڻ هن جو قدر زياده ٿئي ٿو. پرپٺ جيتري قدر هن جو نالو ڳائبو، اوتري قدر هن جي شخصيت جو شان وڌندو، ۽ پوءِ جڏهن هو وري ظاهر ٿيندو، تڏهن هو ماڻهن جي صدها پيرا منجهس وڌيل اميدن جو مرڪز بڻجي موٽندو، ۽ ڪيس سندس آجيان ۽ عزت جي آها فضا ملندي، جيڪا ڪڏهن هن خواب ۾ به ڪانه ڏٺي هوندي. دنيا جي ڪيترين ئي نامور هستين پنهنجي عظمت ۽ تاريخي درجو اِئين پنهنجي جلاوطنيءَ جي ئي دور ۾ حاصل ڪيو آهي. رومن شهنشاهت جو سيزر فرانس ۾، فرانس جو نيپولين مصر ۾، اٽليءَ جو گئري بالڊي ڏکڻ آمريڪا ۾ ۽ ولاڊيمير اِلچ لينن سئٽزرلئنڊ ۾، وطن کان پري،

غير حاضر رهي ڪري ٿي، ايترا مشهور ۽ طاقتور، عوام جا محبوب اڳواڻ بنجي سگهيا. ڪالون سان به اِها ساڳي حالت هئي.

اِئين واقعي هو ته جيتر جيهان ڪالون پاهر هو، تيتر اِئين پئي لڳو جڻ جينيوا ۾ هن جي سڀني ڳالهه ختم ٿي چڪي هئي. هن جي تنظيم ٽٽي چڪي هئي، هن جو ڪم ختم ٿي چڪو هو، ۽ پنيان، سواءِ هن جي نالي ۽ سندس اِنهيءَ ياد جي ته هو انتظام جو ڏاڍو سخت هو، ۽ سواءِ سندس ٻن ٽن ڊزن کن وفادار دوستن جي، ٻيو ڪجهه به ڪونه بچيو هو. پر هُن جي غير حاضريءَ ۾ هن جي مخالفن ۽ هن جي جانشينن جيڪي غلطيون ڪيون، تن وري به هن جي ڳالهه کي ٽورو ٽورو جا ڳانڍڻ شروع ڪيو. جيڪي باهمت شخص اِئين هر طرح جي سمجهوتي کان انڪار ڪري، مخالفن کي ميدان جو وارث بنائي، خطرناڪ وقتن تي پري هٽي، گمنام بنجي رهڻ کي وڌيڪ پسند ڪندا آهن، آنهن کي هميشه اِئين سندن مخالفَ، پنيان پنهنجن غلط اقدامن سان، سندن مقصد جي ڪاميابيءَ ۾ مددگار ثابت ٿيندا آهن. جڏهن خود ڪالون ۽ فاريل جهڙا پختي اخلاق ۽ مضبوط اصولن وارا 'ديني اصلاح' جا اڳواڻ، ميونسپل اختياريءَ وارن هتان شهر مان لوڏجي، پاهر نڪري ويا، ته پنيان جيڪي ٻه چار جيِي - حضور قسم جا ڪمزور واعظين بچيا، تن پنهنجي ڪم کي بنهه ڍرو ڪري ڇڏيو، ته متان، آن ۾ ڪجهه زياده ڪوشش ۽ سختي ڪرڻ ڪري، ڪين به لوڏجي پاهر نه نڪرڻو پوي ۽ جلاوطنيءَ جون سختيون سهڻيون پون. ديولين ۾ رڳو اهڙن لِڳڙن ۽ مفادپسند شخصن جي باقي وڃي رهڻ ڪري، جيڪي رڳو پنهنجيءَ ڳالهه سان واسطو رکيو ويٺا رهندا هئا، 'ديني اصلاح' جي تحريڪ، جيڪا ڪالون ۽ آن جي ساٿين ايتري جاندار نموني ۾ آتي هٿ ۾ کنئي هئي، ترت ئي بلڪل بند ٿي بيهي رهي. هيءَ حالت ڏسي، جينيوا جا بااثر ماڻهو توڙي عوام منجهي پيا ته آخر دين ۽ ايمان جي معاملن ۾ ڪهڙي ڳالهه صحيح هئي ۽ ڪهڙي غلط. ٻئي پاسي بندش پيل ڪئٿولڪ شريعت جا پادري، دل وڌائي، حالتن مان فائدو وٺندي، وچ وارن چالاڪ ماڻهن جي وسيلي، توڙي سڌيءَ طرح، جينيوا

۾ رومن ڪليسا جي دوباره تسلط قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۾ لڳي ويا. حالتون ڏاڍي نازڪ صورت اختيار ڪنديون ويون ۽ معاملو جيئن پوءِ تيئن بگڙندو رهيو. عام شهرواسين مان ’ديني اصلاح‘ جا همدرد، ڪارڪن ۽ اڳواڻ ڊڄي ويا، جن ڪالون کي هونئن حد کان وڌيڪ سخت ۽ ڪٽر ٿي سمجهيو، ۽ انهن ويچارڻ شروع ڪيو ته آخر ضابطي ۽ انتظام جي آها سختي جيڪا ڪالون چاهي ٿو ۽ عمل ۾ آندي هئي، هن وڌندڙ بي بندوبستيءَ ۽ خلفشار کان بهرحال بهتر ته ڪانه هئي! ٿيندي ٿيندي، انهن انديشن ۽ خيالن وارا شهري تعداد ۾ وڌندا ويا، تان جو شهري ڪائونسل جا ميمبر، ۽ انهن مان ڪيترا خود آهي به جن ڪالون جي سخت مخالفت ڪئي هئي، ميونسپل اختياريءَ وارن تي زور وجهڻ لڳا ته ڪالون کي واپس گهرايو وڃي. آخرڪار جينيوا جي شهري ڪائونسل لاءِ عام راءِ جي آڏو جهڪڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونه رهيو.

ڪالون ڏانهن جيڪي پٺيان پيغام ۽ خط روانا ڪيا ويا، سي هن جي خيريت معلوم ڪرڻ ۽ سندس خيالن ۽ ارادن ڄاڻڻ جي ڪوشش مثل هئا؛ پر جلد ئي آهي بدلجي، هن جي واپس اچڻ جون اميدون ۽ خواهشون ظاهر ڪرڻ لڳا؛ ۽ نيٺ آهي ڪيس سڌين منٿن ۽ عرضداشتن جي صورت ۾ وٺس وڃڻ لڳا. شهري ڪائونسل هاڻي ”جناب“ ڪالون کي واپس اچڻ ۽ اچي شهر کي ”مشڪلاتن مان ڪڍڻ“ ۾ ”سندن“ مدد ڪرڻ لاءِ ڪونه ٿي لکيو؛ پر پنهنجون درخواستون هاڻي هنن ”اسان جي آقا“ يعني ”مولانا“ جيهان ڪالون جي خدمت ۾ روانيون ڪيون ته اچي شهر کي ”نجات“ ڏيڻ جي ڪم کي دوباره پنهنجي ”مبارڪ“ هٿن ۾ ڪٽي. آخر ۾ جيڪا عرضداشت ڪائونسل جي ”حقير پُرتقصير ٻانهن“ ڪالون جي حضور ۾ پيش ڪئي، آن ۾ هُنن ”پنهنجي محسن پياءُ ۽ معظم دوست“ کي استدعا ڪئي ته هو اچي پنهنجي مير واعظ جو عهدو وري سنڀالي، ۽ هو سندس ”خاڪسار“ ساٿي اڳتي پنهنجي ”ڪردار ۽ گفتار سان ڪيس ڪنهن به قسم جي ناراضگيءَ جو سبب ڪونه ڏيندا.“

ڪالون جيڪڏهن ڪو هلڪي قسم جو ماڻهو هجي ها ۽ اهڙيءَ

ڪنهن خسيس ڪاميابيءَ ڪي پنهنجي لاءِ هو ڪافي سمجهڻ وارو هجي ها، ته جنهن شهر مان هو سال اڳ لوڏجي نڪتو هو، آتان هوند ههڙيءَ طرح موٽي اچڻ جي استدعائن تي هو خوش ٿي وڃي ها ۽ راضي ٿي آنهيءَ مهل آتي موٽي وڃي ها. پر جنهن ڪي 'سڄي' جي خواهش هوندي آهي، آهو اِئين 'اڌ' تي مشڪل خوش ٿي سگهندو آهي؛ ۽ پنهنجي هن مقدس ڪم ۾، ڪالون ڪي ته پنهنجي ذاتي شانَ ۽ مانَ جو خيال ٻه ڪونه هو. هُن ته اختيار جي فتح - پنهنجي اختيار جي فتح - حاصل ڪرڻ چاهي ٿي. هن ڀيهر ڪنهن به صورت ۾ دنيوي طاقت ڪي پنهنجي ڪم ۾ دخل اندازي ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ نٿي گهريو. جيڪڏهن هن ڪي جينيوا ۾ موٽي اچڻو هو، ته آتي فقط هڪڙو حڪم هلڻو هو - جيهان ڪالون جو حڪم، ٻئي ڪنهن جو ٻه نه.

ڪائونسل جي آنهن سڀني نيازمندانه عريضين جو ڪالون وٽ هڪڙو جواب هو: جيستائين ڪائونسل سنئون سڌو پاڻ ڪي ڪالون جي ماتحت تسليم نه ڪندي، تيستائين هيءَ گفت و شنيد ڪالون لاءِ قبول ڪرڻ جهڙي نه هئي. ڪائونسل طرفان ٻيءَ هر قسم جي آڇ ڪي هو بي پرواهيءَ سان ٺڪرائيندو رهيو. "سؤ ڀيرا مون ڪي مرڻو پوندو ته مري ويندس، پر ڀهريٽن ڏينهن وانگر وري ديني اصلاح جي مقدس ڪم ڪي ساڳيءَ بي جوابداريءَ جهڙين حالتن ۾ هٿ ۾ نه ڪٿندس،" هِن فاريل ڏانهن لکي موڪليو، جيڪو اِن وچ ۾ موٽي جينيوا ۾ وڃي پهتو هو ۽ پنهنجي ڪم ڪي لڳي ويو هو. ڪالون پنهنجيءَ ڳالهه تي مضبوط بيٺو رهيو ته پنهنجن مخالفن ڏانهن هو پاڻ هڪ وک به اڳتي وڌائي ڪونه ويندو. نيٺ جڏهن ميونسپل اختياريءَ وارن هُن جي اڳيان، ائين ڪٺي چئجي ته، ٻنهه گوڏا اچي ڪوڙيا ۽ هٿ ٻڌي هن ڪي موٽي اچڻ واسطي ليلڙائيون ڪيائون، تڏهن خود فاريل پريشان ٿي پيو ۽ هن ڪي نڪيائين ته "چا، جڏهن پٿر دانهون ڪري روئندا، تڏهن سوٽندا؟" پر ڪالون آهو ئي پنهنجيءَ ڳالهه تي ڪپ ڪوڙيو بيٺو رهيو. آخرڪار جڏهن ڪائونسل جي ميمبرن حلفيہ واعدو ڪيو ته هو هڪ هڪ تي، سندس اڳيان پنهنجو

گناھ نامو پڙھندا، ۽ سندس مرضيءَ مطابق ”ضابطو“ قائم رکندا؛ ۽ جڏھن ھنن استرئسبرگ شھر جي ڪائونسل ڏانھن خط لکيو تہ آھي سندن پائر ھن سپ ڪان وڏيڪ ”پلاري“ ۽ ”ضروري“ شخص کي ڇڏين ۽ تہ اوتن اچي، سندن ٻيڙيءَ کي تاري پار ڪري؛ ۽ پوءِ جڏھن جينيوا پاڻ کي دنيا جي اڳيان ۽ سندس اڳيان اِئين ذليل ۽ خراب ڪيو، تڏھن ڪالوِن پنھنجيءَ ڳالھ تان لٿو ۽ پنھنجو اصلوڪو عھدو سنڀالڻ قبول ڪيائين - ”بشرطيڪ ھن کي پنھنجي مرضيءَ پٽاندر ڪم ڪرڻ جا سمورا اختيار سپرد ڪيا وڃن.“

پوءِ جيئن ھڪ ھارايل شھر پنھنجي فاتح جي آجيان ڪرڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪندو آھي، تيئن جينيوا جيھان ڪالوِن جي استقبال جي تياري ڪئي. ھرڪنھن اُن ممڪن ڳالھ جو خيال ڪيو ويو، جيڪا سندس ڪاوڙ کي ڍرو ڪري ٿي سگھي. سمورا اڳوڻا سخت حڪم وري نافذ ڪيا ويا، تہ جيئن ڪالوِن جي حڪمن جي اڳواٽ پيروي عمل ۾ اچي وڃي. ڪائونسل ھن لاءِ اڳواٽ ھڪڙو سنو گھر، باغ سميت، ھٿ ڪري رکيو، ۽ اُن ۾ ھر قسم جو ضروري سامان وجھائي ڇڏيو، تہ جيئن ھن کي ڪا تڪليف نہ ٿئي. شھر جي وڏيءَ ديول ۾ منبر کي پيچائي، نئين نموني نھرايو ويو، تہ جيئن ھُن جي مُنھن مبارڪ جو ديول ۾ آيل سڀيئي جماعتي ديدار ڪري سگھن ۽ ھو وڌيڪ اثرائتي نموني ھنن کي وعظ فرمائي سگھي. اعزازن مٿان اعزاز پرپٺ ھُن لاءِ تجويز ڪيا ويا. ڪالوِن استرئسبرگ مان نڪتوئي نہ تہ اڳواٽ ماڻھو موڪليا ويا تہ ڪيس اڌ پنڌ تي گڏجي، شھر طرفان آجيان جو پيغام عرض ڪن. ھن جي ڪتب جا سپ پاتي شھرين جي خرچ تي ڏاڍيءَ عزت ۽ وڏي مان شان سان شھر ۾ آندا ويا. آخرڪار، سيپٽمبر جي ١٣ تاريخ ھڪڙي انن گھوڙن جي بند گاڏي شھر جي شاھي دروازي تي اچي بيٺي، جتي ماڻھن جا وڏا انبوھ، جلاوطن ٿيل مير واعظ سڳوري جي واپسيءَ تي، ھن جي استقبال لاءِ گڏ ٿيا بيٺا ھئا. ھاڻي جينيوا جو شھر ھُن جي ھٿن ۾ اِئين ھو جيئن ڪنڀر جي ھٿن ۾ مٽيءَ جو پنوڙو- اُن کي

هو پنھنجي مرضيءَ مطابق مٿني، ٺاهي، شڪل ڏيئي سگهيو ٿي. ۽ هُن پنهنجي اُن ڪم ۾ ڪوتاهي بہ ڪانہ ٿي ڪرڻ گهري. اُن گهڙيءَ کان پوءِ ڪالون ۽ جينيوا ٻہ اهڙا خيال هئا، جيڪي هڪٻئي کان هرگز الڳ نہ ٿي ٿِي سگهيا - ڪالون ۽ جينيوا، روح ۽ جسم، ڪاريگرُ ۽ اُن جي ڪاريگري.

# باب ٻيو

## ضابطو

جنهن ڏينهن هيءُ ڊگهو، سنهڙو، ڪنور شخص، شاهي دروازي منجهان لنگهي، جينيوا ۾ اندر داخل ٿيو، تنهن ڏينهن کان سڄيءَ انساني تاريخ جي هڪ سڀ کان وڏي ۽ اهم تجربي جي آتي ابتدا ٿي - هڪ رياست ۽ آن جي سڄيءَ حڪومت کي بدلائي، انڌيءَ طاقت جي هڪ بي پناهه مشين بنائڻ جو تجربو، جنهن ماتحت بي شمار فردن کي، آنهن جي ڳاٽاتي کان ٻاهر امنگن ۽ خيالن کي، زوريءَ گهٽي ۽ سروٽي، هڪ خاص الخاص ۽ چؤبند سرشتي جي بوتل ۾ بند ڪري ڇڏٿو هو. يورپ ۾ هڪ نظريي جي نالي ۾ ماڻهن جي هڪ وڏي اجتماع کي زبردست بنائي، سڻن چؤڦير ڏنڊي جي حاڪميت قائم ڪرڻ جي هيءَ پهرين ڪوشش هئي. آن ڏينهن کان پوءِ، پوريءَ ڪماليت سان ۽ پوريءَ رٿا هيٺ، پهريون ڀيرو، جينيوا ۾ "ڌرتيءَ تي خدا جي بادشاهت" قائم ڪرڻ جو ڪم شروع ٿيو. ملڪ خدا جو، قانون مسيحي شريعت جو ۽ حڪومت خدا جي مسيحي ڪالويني جماعت جي نيڪ ٻندن جي. جينيوا ۾ ماڻهن کي بي داغ، هر بديءَ ۽ گناهه کان پاڪ، نيڪ اعمال ۽ پوري نظم ۽ ضبط سان زندگي گذارڻي هئي. سندن هر مسئلي جو حل "نظام دين مسيح" جي نفاذ منجهان ٿيڻو هو. جينيوا کي "نئون يروسلم" بڻجڻو هو - هڪ آهو مرڪز، جتان سڄيءَ دنيا جي نجات جي روشني آئڻي هئي ۽ سڄيءَ دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پکڙجڻي هئي. آن ڏينهن کان پوءِ اِهو ئي هڪ خيال ڪالون جي سڄيءَ زندگيءَ جو محور بڻيو رهيو، ۽ آن هڪ ئي خيال جي تعميل ۾ هُن جون سڀ قوتون صرف ٿينديون رهيون. هِن رڪ جهڙي سخت ۽ اڏول نظريي باز جي دل ۾ پوءِ هڪ گهڙيءَ لاءِ به

ڪڏهن ڪو شڪ ۽ گمان پيدا نہ ٿيو تہ سندس اُن خيالي بهشت ۾ ڪا اوڻائي يا عيب ممڪن بہ ٿي سگهيو ٿي. پورا پنجويهہ سال، جيڪي پوءِ جينيوا ۾ هُن جي روحاني آسريت جا گذريا، جن ۾ هو ماڻهن تي نيڪيءَ ۽ تقوا جا سڀ - پاساوان شرعي احڪام صادر ڪندو رهيو، آهو سچو عرصو ذهني طور هو اِنهيءَ جولان ۾ رهيو تہ هو آنهيءَ طريقي سان خدا جي مخلوق بندن، پنهنجن گنهگار انسان ڀائرن، کي عظيم خير ۽ برڪت جي الاهي نعمتن سان مالامال ڪري رهيو هو - ڇاڪاڻ تہ هو انهن کي خداوند قدوس جي عين مرضيءَ مطابق، ۽ سندس هدايتن پٽاندر، منع ڪيل ڳالهين کان منع ڪري رهيو هو ۽ اجازت ڏنل ڳالهين جي اجازت ڏيئي رهيو هو.

ظاهري طرح، ۽ پهرينءَ نظر ۾، تہ هيءَ بلڪل هڪ سنئين سڌي ڳالهہ پيئي معلوم ٿيي. پر اُن کي جڏهن ڪجهہ اونهو جانچيو ٿي ويو، تہ ڪافي اُن مان دل ۾ شڪ اُٿي سگهيا ٿي. خدا جي مرضي ڪيئن معلوم ٿئي؟ هُن جون هدايتون ڪٿي آهن؟ - انجيل مقدس جي دفترن ۾، ڪالون جواب ٿي ڏنو: اُتي ۽ اُتي، ٻئي هنڌ ڪٿي بہ نہ. خدا جي ڪلام پاڪ ۾، جيڪو ابدي ۽ ازلي آهي؛ اُن ۾ ئي خدا جي مرضي ۽ خدا جي منشا موجود آهي، ۽ سدا موجود آهي. هي مقدس دفترَ اسان وٽ جو اِئين محفوظ آهن، سي ڪو خواهمخواهہ يا رڳو ڪنهن اتفاق يا حادثي جي سبب نہ. پر خداوند قدوس پنهنجي ازلي منشا کي اِئين لفظن جي صورت ڏيئي اسان کي اُن پنهنجي بي انت حڪمت جي نوراني جهلڪ سان نوازيو آهي، تہ اسين سندس حڪم چڱيءَ طرح سڃاڻي سگهون ۽ پنهنجي دل جي گهرائين ۾ ويهاري سگهون. اِهي خداوند قدوس جي ازلي حڪمت جا پاڪ دفترَ ڪليسا کان اڳاٽا آهن ۽ ڪليسا کان انهن جو رتبو افضل آهي؛ آنهن کان ٻاهر يا آنهن کان مٿي ٻيو ڪو سچ ڪونهي. اِنهيءَ ڪري هڪ خالص مسيحي رياست ۾ خداوند قدوس جو ڪلام پاڪ ئي اخلاقيات، فڪر، ايمان، قانون، ۽ زندگيءَ جو اعليٰ ۾ اعليٰ ۽ واحد مظهر ٿي سگهي ٿو: اِنهيءَ ڪري، انجيل مقدس، هڪ ڪتاب جي حيثيت ۾، سڄيءَ

حڪمت، سچي عدل ۽ سچي حق جو مخزن آهي. اهو ئي مسيحي امت لاءِ نور ۽ هدايت جو سرچشمو آهي. ڪالون لاءِ انجيل ئي سڀڪجهه هو، ابتدا به اُن سان هئي ۽ انتها به اُن سان ئي ٿي سگهي ٿي. سڀني مسئلن جا سڀئي فيصلا اُن جي آئين مطابق ئي ٿي سگهيا ٿي.

اِئين جو ڪالون، سچيءَ دنيوي هلت چلت ۽ ڪارڪردگيءَ لاءِ، انجيل جي لکيل سَتن کي ئي اعليٰ ۽ آخرين سَند جو درجو ٿي ڏنو، اُن مان اِئين ٿي معلوم ٿيو ته جڻ هو ' ديني اصلاح جي تحريڪ' جي مشهور اوائلي ۽ بنيادي مطالبي کي ئي مرڪزي اهميت ڏيئي رهيو هو. پر درحقيقت اِن ۾ هو 'ديني اصلاح' کي ڇڏي، هڪ بنهه وڏي پرانگهه پري، اُن جي فڪري دائري کان ٻاهر نڪري، پري هڪ ٻئي پاسي وڃي رهيو هو. ڇاڪاڻ ته ' ديني اصلاح' هڪ تحريڪ جي صورت ۾ اِنهيءَ مقصد لاءِ آئي هئي ته روحاني ۽ ديني مسئلن ۾ مسيحي امت جي فردن کي سڪون ۽ اطمينان ميسر ٿئي. اُن جو مقصد هو ته انجيل جا مقدس دفترَ، ٻنان کنهن روڪ رنڊڪ جي، هر مومن مسيحيءَ جي هٿ ۾ ڏنا وڃن. روم ۾ رهندڙ پوپ ۽ ڪليسائي ڪائونسلن جي حڪمن يا فتوائن بدران، مسيحي فرد جي دين ۽ ايمان جو معاملو اُن جي پنهنجي ضمير يا ذاتي سمجهه تي ڇڏيو وڃي. هيءَ "مسيحي فرد جي آزادي" جيڪا، هڪ بنيادي سوال جي صورت ۾ هٿ ۾ کڻي، ليوٿر پنهنجي ' ديني اصلاح' جي ابتدا ڪئي هئي، آها، ۽ پڻ ٻي هر قسم جي روحاني آزادي، ڪالون ته پاڻ پنهنجي هر انسان پاءِ کان زوريءَ ۽ مڪمل طور کسڻ گهري ٿي. ڪالون لاءِ ته خدا جو ڪلام پوريءَ طرح چٽو ۽ واضح هو: تنهنڪري حڪم ڪيائين ته اُن جي ڪابه معنيٰ، ڪابه تشريح ۽ ڪوبه تفسير، سواءِ اُن جي جيڪي هو پاڻ اُن کي ڏئي، قبول نه ڪرڻ جهڙو ۽ غلط هو. جيئن پٿر جا مضبوط پيل پاوا ديول جي ڇت کي جهلي بيهن ٿا، تيئن انجيل جون آمت ۽ محڪم آيتون ڪليسا کي جهلي بيهن ٿيون، ته آها جيئن اڄ آهي تيئن سدا قائم رهي. ڪلام خداوندي هن کان پوءِ ڪنهن نئين فڪر ۽ معنيٰ جو متحمل نه رهندو، آهو هاڻي اڪت تخليقي

۽ گهڻ - روپي حق جو سرچشمو نہ رهندو، بلڪ ڪالون جي هٿن ۾ آهو هاٽي فقط حق جي انهيءَ روپ جو ترجمان شمار ٿيندو، جيڪو آن جو روپ دائمي طور جينيوا جو ”محڪمو آمور مذهبي“ آن لاءِ مقرر ڪندو.

اِنهيءَ طرح پوپ جي ڪئٿولڪ هٺ ڌرميءَ جي جاءِ تي ڪالون پنهنجي پروٽيسٽنٽ هٺ ڌرميءَ جو بنياد وڌو. هُن جي شروع ڪيل اِن قسم جي ڪٽرپڻي جي آمريت ڪي يورپ جي فڪري تاريخ ۾ ”انجيل جي آمريت“ سڏيو ويو آهي. آن ڪان پوءِ جينيوا ۾ سلطانيءَ توڙي قضا جو مالڪ آهو هڪ ئي ڪتاب هو. خدا جو قانون جيئن آهو انجيل ۾ درج هو، ۽ آن جو دستاربند واعظ، ڪالون، جيڪو آن الاهي قانون جو مستند مفسر هو - بس ڳالهہ هئي تہ اِنهن ٻن جي هئي. امير توڙي غريب تي آنهن جو قدم هو. آنهن جي قول جي مخالفت ڪفر ۽ آنهن جي طاقت جو انڪار بغاوت. جينيوا ۾ قانون جو بنياد شهري ڪائونسل جي حڪمن تي نہ، پر انجيل ۽ ڪالون جي حڪمن تي ٻڌل هو. فقط آهي ئي فيصلو ڪري سگهيا ٿي تہ ڇا حلال هو ڇا حرام هو، ڇا جائز هو ڇا ناجائز هو، ڇا جي منع هئي ۽ ڇا جي موڪل هئي. آنهن جي ڳالهہ ۾ شڪ يا آن ڪان انڪار معنيٰ تہ خدا جي وجرد ۾ شڪ ۽ آن ڪان انڪار - ۽ پوءِ اهڙي ڪنهن شڪيءَ ۽ منڪر جو خير ڪونہ هو. خدا ۽ خدائي بادشاهت جي ٺيڪيدار پادري آمرن جي باغين ڪي لازمي طور سزا لوڙٿي هئي ۽ پنهنجي خون سان آن بغاوت جو ڪفارو ادا ڪرڻو هو - ۽ اهڙيءَ طرح پوءِ جينيوا ۾ مسيحي ڪالويني پادريت جي آستاني تي انساني خون جون ٻليون چڙهڻ شروع ٿيون، ۽ خدا ۽ خدا جي بهترين مذهب خاطر، خدا جو بهترين مخلوق پر ڪالون جي آڏو بيحد هيٺو ماٺهو چپ چاپ گهُٽبو، ٻوساٽبو ۽ چيچلائبو رهيو، ۽ ڪوبہ هن جي دانهن ٻڌڻ وارو ڪونہ هو.

آزاديءَ جي تحريڪ منجهان جيڪڏهن ڪا تشدد جي حڪومت پيدا ٿئي ٿي، تہ آها وري آزاديءَ جي خيال جي، موروثي طاقت واريءَ حڪومت ڪان بہ وڌيڪ سخت ۽ زوردار مخالف ٿئي ٿي. جيڪي ماٺهو ڪامياب انقلاب وسيلي حڪمرانيءَ جي درجي تي پهچن ٿا، سي ٻيءَ ڪنهن

وڏيڪ تبديل جا سڀ ڪان گهٽا مخالف ٿين ٿا بلڪ اُن جا ڪٽر دشمن ٿين ٿا.

هر قسم جي آمريت جي شروعات ڪنهن نہ ڪنهن اعليٰ مقصد کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش سان ٿئي ٿي، پر آهو اعليٰ مقصد بہ نيٺ آهو وڃي رنگ ۽ روپ وٺندو آهي، جنهن رنگ ۽ روپ جا ماڻهو اُن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڪالون جو خود منهن ئي اهڙو سڪل سڙيل، اٽيو، شوخ، هيڪلو، تٽيل ۽ آڻ سيبائيندڙ هو، جو مشڪل ڪري رکيو هن جي تصوير پنهنجي ذاتي ڪمري ۾ پٽ تي پاڻ وٽ ٽنگي رکڻ جي چاهنا ڪري ٿي سگهيو. جيڪڏهن هن جون آسازين جهڙيون شڪي، جُوهہ وجهي ڏسندڙ اکيون سچو وقت اِئين ڪنهن جي مٿان ڪُتيون بيٺيون هجن، تہ آهو تہ هوند چريو ٿي پوي. ڪيترو بہ ماڻهو پاڻ خوش مزاج هجي، پر هن جي موجودگيءَ ۾ پنج منٽ بہ هو پنهنجي خوش مزاجي قائم رکي نہ ٿي سگهيو. سڄي زندگي ڪو ماڻهو هن سان پنهنجائپ جي ويجهڙائي پيدا نہ ٿي ڪري سگهيو. اوائلي جوانيءَ کان هن ڪاري رنگ جا ڪپڙا پائڻ شروع ڪيا هئا. ننڍي ڪاري ٽوپي پاتل هوندي هيس، جيڪا هن جي سوڙهي نراڙ کي ڍڪيو بيٺي هوندي هئي. آها ڪجهہ سپاهيءَ جي هولَ جهڙي ۽ ڪجهہ ڪنهن هيڪلي رهندڙ راهب جي جُهنڊ وانگر لڳندي هئي. هو پيرن تائين ڊگهو ڪارو چوغو پائيندو هو، جيڪو اِئين لڳندو هو تہ ڪنهن اهڙي جج جو چوغو هو، جنهن جو ڪم ئي هو ماڻهن کي سدائين سزائون ڏيڻ، يا اهڙي جراح جو آهو چوغو معلوم ٿيندو هو، جنهن جو ڪم ئي جڻ ماڻهن ۽ مُردن جي وڍڪٽ ڪرڻ هو. ڪاري رنگ سان هن جي ڏاڍي دل هوندي هئي - ڪارو، سدائين ڪارو - سنجيدگيءَ جو، موت جو، ۽ بي ترسيءَ جو رنگ. ڪڏهن بہ هو ڪنهن ٻئي رنگ ۾ ڏٺو نہ ويو - اِهو ئي رنگ هن پنهنجي ديني عهدي جو علامتي رنگ بنائي ڇڏيو هو. هو چاهيندو هو تہ ماڻهو ڪيس سواءِ اِنهيءَ يونيفارم جي ٻين ڪپڙن ۾ ڪڏهن بہ نہ ڏسن - اِهو هن جو خدائي رضاڪار جو، سدائين پنهنجي فرض تي چوڪس رهڻ جو، يونيفارم

ته ”پرواهه ناهي، جي زال تيار نه آهي؛ نوڪرياڻي ته پري ناهي!“ هو پيٽ ڀري کائيندا هئا، خوب پيئندا هئا، ۽ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي کلندا هئا. پر ڪالون پنهنجي نفس ڪُتي کي پاڻي پيارڻ لاءِ به تيار نه هو. هُن پنهنجي بت کي، رڳو روح جي سهوليت خاطر، ايترو، بلڪل گهٽ ۾ گهٽ، کاڌو ۽ آرام ٿي ڏنو، جنهن سان هو جيئي سگهي. رات جو هو رڳو ٽي، گهٽي ۾ گهٽ ته چار، ڪلاڪ سمهندو هو. چوويهن ڪلاڪن ۾ هو فقط هڪ ڀيرو کائيندو هو، سو به نهايت مختصر - ۽ کائيندي، ڪتاب سامهون کليو پيو هوندو هوس، جنهن کي پيو پڙهندو هو. ڪڏهن دل خوش ڪرڻ لاءِ هو گهمڻ نه نڪتو، ڪڏهن هُن راند ڪانه ڪئي، ڪنهن فرحت وٺڻ جي ڪڏهن ڪوشش ڪانه ڪيائين. سعيو ڪري اهڙين ڳالهين کان پري ڀڄندو هو، جن سان هو واقعي خوش ٿي سگهي. هو ڪم ڪندو رهندو هو، سوچيندو رهندو هو، لکندو رهندو هو، ڳهندو رهندو هو، ۽ وڙهندو رهندو هو - سڀ روح جي نجات لاءِ؛ ڪڏهن هڪ ڪلاڪ به هن پنهنجي ذاتي سک لاءِ خرچ ڪونه ڪيو.

بيمار به هو ٻارهوئي رهندو هو. ڪو ساٿهو جڏهن پنهنجي بت کي پورو کاڌو نه ڏئي، ڪو آرام نه ڏئي، ڪا خوشي نه ڏئي، ته نيٺ آهو سندس پنهنجو بت به ضرور بغاوت ڪندو. بس، هڪڙي بيماري ڇڏيندي هيس ته ٻي وٺندي هيس. هو جڏهن به ڪنهن کي خط لکندو هو، ته اُن ۾ اڪثر پنهنجي ڪنهن نه ڪنهن روڳ جي شڪايت ڪندو هو. ڪڏهن مٿي جو سور، ڪڏهن پيٽ جي تڪليف، ڪڏهن ڦيري، ڪڏهن بواسير، زڪام، پٿري، ٻيرهاڙي، تپ، سنڌن جو سور، ڳيڙيون، مثاني جي تڪليف - مطلب ته سدائين ڪو نه ڪو مرض هوندو هو، جنهن لاءِ هر وقت حڪيم ۽ طبيب وٽس پيا ايندا هئا ۽ ويندا هئا. هن جو جسم ڏسڻ ۾ ايترو ته هيڻو لڳندو هو، جو ڀانئبو هو ته ٿورڙي وڏيڪ زور سان ڌڪي پوندو. پنهنجي اِن نيم‌جان بت جي حالت بابت هڪ هنڌ چڻ ڏانهن ڪندي لکيو اٿس ته ”آءٌ ڇا ڪريان! منهنجي صحت ائين آهي، ڄڻ گهڻي وقت کان آهستي آهستي مري رهيو آهيان!“

پر هِن غير رواجي شخص زندگيءَ جو هڪ اصول هيءُ بہ مقرر ڪري ڇڏيو هو تہ ”ڏک ۽ نراسائيءَ جي آٿاهہ تري مان بہ نئينءَ طاقت سان اڀري مٿي اچبو.“ هُن پنهنجي ڪنهن بيماريءَ کي ڪانئس ڪم جو هڪ ڪلاڪ بہ کسڻ ڪونہ ڏنو. پنهنجي باغي بدن کي هو هميشہ پنهنجي رعبدار روح جي تابع رکندو آيو. جي وقت تي ڪيس اهڙو ڪو تيز بخار ٿيندو هو، جو رڙهي ديول تائين وڃي نہ سگهندو هو، تہ پاڻ کي ڏوليءَ ۾ کڻائي بہ اتي رسندو هو ۽ منبر تان ٽيڪ تي ويهي بہ مومنن جي جماعت کي وعظ ڪندو هو. جيڪڏهن شهري ڪائونسل جي ڪنهن نشست ۾ شامل ٿي سگهڻ جهڙو نہ هوندو هو، تہ سڄيءَ ڪائونسل کي سڏي پنهنجي گهر ۾ گڏ ڪندو هو. بستري ۾ ڇئن پنجن سوڙين هيٺان موسمي بخار جي سيءَ ۾ ڇاڙيون پيون ڏڪنديون هُيس، تہ بہ ڪونيءَ ۾ ٻہ ٽي سيڪريٽري ويهاريو ويٺو هوندو هو، جن کي واري وٽيءَ سان پيو ڳالهيون لکائيندو هو. جيڪڏهن ويجهو ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪنهن دوست وٽ هڪ ڏينهن لاءِ وڃڻ ٿيندو هوس، تہ سڄو پنهنجو دفتر پاڻ سان کڻي اتي ويندو هو؛ ۽ اتي اچا لهي ويهندا ئي مس هئا، تہ شهر ڏانهن نياپن آڻيندڙ نيندڙ ماڻهن جو هڪڙو اکٽ سلسلو شروع ٿي ويندو هو. بيماريءَ جي هر سخت حملي کان پوءِ قلم هٿ ۾ کڻي، اِئين پنهنجي پورهئي کي لڳي ويندو هو، ڄڻ لکڻي ئي آها ڳالهہ ڪيس آن وقت هئي.

ڪالون ڪم کان ڪڏهن واندو ويهي رهي، اِن جو ڪو تصور بہ نٿو ٿي سگهي. هو پورهئي جو جِن“ هو - ۽ سواءِ ڪنهن ويسانهينءَ جي ويٺو ڪم ڪندو هو. جڏهن پرڀات کان گهڻو اڳ ٻين گهرن ۾ ماڻهو اڃا گهاٽيءَ ننڊ ۾ ستا پيا هوندا هئا، تڏهن هُن جي پڙهڻ واريءَ ڪونيءَ جي بتي اڳي ئي ٻري ويندي هئي؛ ۽ اڌ رات کان گهڻو پوءِ جڏهن جينيوا جا سڀ ماڻهو ننڊ ۾ پيا ويندا هئا، تڏهن بہ هن جي آها بتي اڃا پيئي ٻرندي هئي. جيڪي ماڻهو سج لٿي ۽ سج اڀرئي هُن جي دريءَ ڏانهن اک کڻي ڏسندا هئا، آنهن کي اِئين لڳندو هو ڄڻ آها هيڪلي بتي ڪڏهن وسامندي ئي ڪانہ هئي. زندگيءَ ۾ هو جيترو بي‌انداز

ڪم ڪري سگهيو، اهو ڏسي ڇوٽو ٿي پيو ته هن وٽ ڪي چار پنج دماغ هئا، جن گڏوگڏ پئي ٿي ڪم ڪيو. ائين چوڻ ۾ ڪو مبالغو نه ٿيندو ته هن دائمي معذور شخص ڪي حقيقت ۾ ڇهن يا پنجن مختلف پيشن جو ڪم ڪرڻو ٿي پيو، جيڪو هُن وڏيءَ گرمجوشيءَ ۽ ڪاميابيءَ سان دنيا کي ڪري به ڏيکاريو. هن جو بنيادي ڪم ته شهر جي وڏيءَ ديول ۾ واعظ جو هو، پر اِهو هن جو فقط هڪڙو ڪم هو. خود آن پنهنجي بنيادي ڪم جي سلسلي ۾ به آن وڏيءَ ديول ۾ هُن جيڪي خطبا پڙهيا، سي ايترا ته گهڻا هئا، جو ڇپيل ڪتابي صورت ۾ آنهن سان ڪبٽ جو سڄو طاق پرجي وڃي ٿو. پر هُن جي جملي تصنيفات جو اِهي سندس خطبا صرف هڪ ٿورو حصو آهن. ”محڪمي امور مذهبيءَ“ جي چيئرمن جي حيثيت ۾، جتي سندس چوڻ کان سواءِ ڪو به فيصلو نٿي ٿي سگهيو؛ بيشمار ديني ۽ مناظرائي ڪتابن جي مؤلف جي حيثيت ۾؛ انجيل جي مترجم جي حيثيت ۾؛ يونيورسٽيءَ ۽ ”اداري تبليغ دين“ جي بانيءَ ۽ منتظم جي حيثيت ۾؛ شهري ڪائونسل جي دائمي صلاحڪار جي حيثيت ۾؛ مذهبي لڙاين ۾ پنهنجي طرفدارن لاءِ سياسي هدايتڪار جي حيثيت ۾؛ پروٽيسٽنٽ شريعت جي اعليٰ منتظم ۽ مُلڪ راجنيتڪ رهبر جي حيثيت ۾ — هيءُ ”ڪلام الاهيءَ جو محافظ، مفسر ۽ مبلغ“، جينيوا جي شهري رياست جو مير واعظ مولانا جيهان ڪالون، جينيوا ۾ پنهنجي ديني حڪومت جي سڀني وزارتن جو سڄو انتظام پاڻ سنڀاليندو هو ۽ آنهن جي تقريباً هر ڳالهه پنهنجن هٿن سان پاڻ هلائيندو هو. هو فرانس، اسڪاٽلنڊ، انگلنڊ ۽ هالنڊ جي واعظين کان پهتل رپورٽون پڙهندو هو ۽ آنهن جي رهبريءَ لاءِ آنهن تي پنهنجا تاثرات قلمبند ڪندو هو؛ هو ٻاهرين ملڪن ۾ پنهنجي شريعت جي پروپئگنڊا جو بندوبست رکندو هو؛ هُن ڪتابن جي ڇاپيندڙن ۽ وڪرو ڪندڙن معرفت پنهنجي هڪ جاسوسي تنظيم قائم ڪئي هئي، جنهن جون ڪارروايون سڄي يورپ ۾، بلڪ يورپ کان ٻاهر لڳ ڀڳ سڄيءَ دنيا ۾ پکڙيل هونديون هيون. هر روز، بلڪ ڏينهن ۾ هر هر، ٻاهرين ملڪن مان ڪيترائي ملاقاتي وٽس ايندا هئا. ڪو شاگرد، ڪو به

نئون ايرندڙ ديني عالم جينيوا مان لنگھندو ھو تہ ضرور وٽس حاضري ڀريندو ھو ۽ سندس رھبري ۽ ھدايت وٺندو ھو. پنھنجيءَ ايڏيءَ مصروفيت بابت ھڪڙي دوست ڏانھن خط ۾ پاڻ لکي ٿو تہ ”افسوس، جو زندگيءَ ۾ لاڳيتا ٻہ ڪلاڪ بہ مون کي اھڙا ياد نہ آھن، جن ۾ مون پنھنجي ھڪڙي ڪم کي وچ ۾ ڇڏيندي، ٻئي ڪنھن آھڙي ئي ضروري ۽ اھم ڪم کي ھٿ ۾ نہ کنيو ھجي!“

ھنگريءَ ۽ پولنڊ جھڙن ڏورانھن ملڪن جي صورتحال جا اطلاع ناما، روزانو سندس ايجنٽن وٽان، ھُن وٽ پھچندا رھندا ھئا، جن کي پڙھي، واپس آنھن ڏانھن ھو پنھنجا حڪم احڪام ۽ ھدايتون موڪليندو رھندو ھو. بيشمار ماڻھو شخصي طرح وٽس صلاح مصلحت لاءِ ايندا ھئا ۽ ڪانئس مدد گھرندا ھئا. ڪڏھن جينيوا ۾ نئين سر آباد ٿيل ڪو پناھگزين وٽس ايندو ھو تہ ھن جا ٻار ٻچا سندس اصل ملڪ مان گھرائي کيس ڏنا وڃن. ڪيترن موقعن تي پنھنجن گھرجائو مسيحي ڀائرن واسطي چندي ڪٺي ڪرڻ لاءِ ڪالون پنھنجو خالي ٽوپلو رياست جي سرنديءَ وارن ڏانھن موڪليندو ھو تہ آنھن لاءِ اِئين امداد جمع ٿي سگھي. ڪنھن کي شادي ڪرڻي ھوندي، ۽ ڪنھن کي طلاق ڏيڻي ھوندي - پر ٻيئي ڏانھس ويندا، ڇاڪاڻ تہ جينيوا ۾ ڪوبہ ڪم ڪالون جي مرضيءَ يا موڪل کان سواءِ نہ ٿي سگھندو ھو. ڪالون وٽ پنھنجي طاقت ۽ اختيار جي ڪا حد ڪانہ ھوندي ھئي. ديني حاڪم جي حيثيت ۾، سندس خيال موجب، ھر دنيوي شيءِ کي ديني ۽ روحاني اختيار جي ماتحت رھڻو ھو. شھر ۽ شھري رياست جي ھر ڳالھہ کي ھُن پنھنجي ھٿ ھيٺ رکڻ گھريو ٿي. شھري ڪائونسل جي روزانہ ڪارگذارين جي رڪارڊ ۾ ڪنھن ھڪ ڏينھن جو بہ اھڙو رڪارڊ ڪونہ ٿو ملي، جنھن ۾ اِئين درج نہ ھجي تہ ”ھِن ڳالھہ ۾ 'ماءِ لارڊ' ڪالون سان صلاح ڪبي.“ ڪابہ شيءِ ھن جي چست نگاھہ کان ٻري ڪانہ ھوندي ھئي. ھُن جي ايتريءَ خود فراموش محنت ۽ جفاڪشيءَ کي ھڪ معجزو تہ سڏي سگھجي ٿو، پر نفس جي ھيڏيءَ غيرمعمولي تپسيا جا ڳاڙيتي کان ٻاھر نقصان بہ آھن. جو شخص پنھنجو ذاتي سک ۽

خوشي، اِئين پنهنجي مرضيءَ سان پاڻ، قربان ڪري ٿو، آهو آن قربانيءَ کي پڻ لاءِ وري هڪ لازمي فرض سمجهي، آنهن تي آها زوريءَ مڙهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پوءِ هو هرگز محسوس نه ڪندو آهي ته جيڪا تپسيا هن لاءِ ته فطري شيءِ بڻيل آهي، سا ٻين لاءِ آها ساڳي فطري شيءِ نه آهي، بلڪ هو آن کي پنهنجي مٿان زوريءَ مڙهيل، پنهنجي غلاميءَ جي سزا سمجهن ٿا. سَدن مُئل ۽ تپسيائي ساڌوءَ جي حڪمراني سڀ کان وڌيڪ بي‌ترس ۽ سخت هوندي آهي - ڇاڪاڻ ته جيڪو پاڻ جهڙن انسانن جي خوشين ۾ شريڪ نٿو ٿئي، آهو آنهن جون خوشيون سهي به ڪين سگهندو، ۽ سدائين سيڪت جي ڏنڊي سان آنهن جو ساهه سڪايو ويٺو هوندو.

ضابطو ۽ بي‌ترس سختي ڪالوِيني نظريي جا بنيادي اصول هئا. ڪالوِن جي خيال موجب انسان کي حق ڪونهي ته ڪنڌ مٿي ڪڍي، چوڌاري نهاري، ٻي ڏِڀو ٿي، دنيا ۾ هلي. هُن کي هميشه ”خدا جي خوف“ جي پاڇي ۾ رهڻ گهرجي، ۽ پنهنجي اوڻائيءَ جو احساس رکي، سدائين ڪيس نماڻائيءَ سان ڪنڌ جهڪائي دنيا ۾ هلڻ کپي. ڪالوِن جي خشڪ اخلاقياتي فلسفي مطابق ماڻهوءَ جي خوشدل ۽ بي روڪ لطف اندوزي ”گناهه“ هئي. هر آها شيءِ جيڪا ڌرتيءَ تي اسان جي وجود کي حسين بنائي ۽ اڳتي وڌائي، جيڪا روح کي تسڪين ۽ تازگي ڏئي، جيڪا اسان کي مٿي ڪڍي، پنهنجي همت جو احساس ڏئي، اسان جا بار هلڪا ڪري، آها ڪالوِن جي نظر ۾ اجائي، بيڪار ۽ سطحي شيءِ هئي. هُن جا اِهي سخت رايا سڀ کان اول فن سان لاڳو هئا. هن جي چوڻ موجب جيڪا به شيءِ - ۽ آن ۾ ڪابه شيءِ ڇڙل نه هئي - حواسن کي وڻي ٿي، يا آمنگن کي ڇوري ٿي ۽ مست بنائي ٿي، آها هڪدم ٻهاري، پري ڦٽي ڪري ڇڏڻ کپي - سچي مومن کي ”حضور“ ۾ ڪڏهن به ڪنهن فنڪار جي خماريل روح سان پيش ٿيڻو نه آهي - ڇاڪاڻ ته ڪنهن نازڪ خيالن جي خوشبوءِ ۾ ويڙهيل، ڪنهن دل گداز راڳ جي آلاپ ۾ مٿي کڄيل، يا ڏِڪ جي ڪن تصويرن ۽ مجسمن جي ڦلائيندڙ حسن ۾ ورتل روحَ ڪڏهن به قرب الاهيءَ جا لائق يا حقدار ٿي نٿا سگهن.

ڪالون جي خيال ۾ خداوند عظيم جي ويجهڙائي حاصل ڪرڻ جو خيال ئي انساني هٺ ۽ هلڪڙائيءَ جو نتيجو هو - ڇاڪاڻ ته آن پنهي جهانن جي قادر مطلق ڪي انسان جي ڪنهن جلال ۾ آيل يا ڪنهن مجازي يا حقيقي مام ۾ آتيل روح جي ڳهرج ئي ڪهڙي هئي! انسانُ، جيڪو هُن جو هڪ خسيس بندو هو، پنهنجي ۽ هُن جي وچ ۾ اڻت دوريءَ کي تسليم ڪري، فقط پري ڪان ئي هُن جي بندگيءَ جا آداب ۽ احڪام بجا آڻي ٿي سگهيو. ڪالون جي خدا هرگز نٿي چاهيو ته ڪو هُن سان محبت ڪري - ڪنهن جي محبت جي هن کي پرواهه ئي ڪهڙي هئي! هُن جي مرضي هئي ته ماڻهو فقط سندس خوف ۾ رهن، ڪانئس ڊڄن، ۽ ضابطي ۾ رهن. ڪالون جي نظريي جو مکيه نُڪتو اِهو ئي هو. خدا جي تصور کي اوچي شرف ڏيڻ خاطر هُن انسان جي تصور کي ذلت جي کڏ ۾ ڪيرائي ڇڏيو. هِن انسان ناشناس مصلح بني نوع انسان کي هڪ ضابطي ڪان نڪتل انبوهه، بي سمجهه ۽ خطاڪار حيوانن جو واڙ مان نڪتل هڪ ڌڻ ٿي سمجهيو، جيڪو زندگيءَ جي جيئن پوءِ تيئن وڌندڙ خواهشن جي ڄار ۾ ڦاسندو، جيئن پوءِ تيئن وڏيڪ دل ڇڪيندڙ خوشين جي رڃ پٺيان ڊوڙندو، پنهنجي تباهيءَ جي اوڙاهه ڏانهن وڌي رهيو هو. بار بار هو ڊڪ ۾ پرجي پيو چوندو هو، ۽ ڪيترن هنڌن تي وري وري لکيو اٿس، ته ”ڪهڙي نه اسان جي محدود سمجهه ڪان پري هيءَ رضاي ايزدي آهي، جو هُن پنهنجن بندن کي ايترو ناقص ۽ هيٺو خلقيو آهي، جو هو سدائين گناهه ۽ بدڪاريءَ ڏانهن مائل رهن ٿا، الاهي فضل کي سڃاڻڻ جا اهل ئي نه آهن، ۽ وري وري گناهه جي اونهي سمنڊ ۾ پيا ٻڏا ڏين!“ پنهنجن مسيحي مومن ڀائرن کي اِئين گمراهه ڏسي، هو ڏاڍي رنج ۽ ڪروڌ ۾ ونجي ويندو هو. پنهنجي ڪتاب ”نظام دين مسيح“ ۾ لکي ٿو: ”جيڪڏهن انسان تي، سندس فطري قوتن جي خيال ڪان ويچار ڪريون ٿا، ته منجهس، نُنهن ڪان چوٽيءَ تائين، ڪنهن ڀلائيءَ جو يا خوبيءَ جو هڪڙو نشان به ڪونه ٿا ڏسي سگهون. ٿورو يا گهڻو، جو ڪجهه، هن ۾ پسند ڪرڻ جهڙو آهي، آهو وري به

مٿس خداوند قدوس جي ڪرم نوازيءَ ڪري ٿي آهي ... اسان جو سمورو انصاف بي انصافيءَ تي ٻڌل آهي، اسان جي سڄي خدمت ذلت جو ڏڪيل روپ آهي، اسان جو سڄو مانُ ۽ شانُ اسان جي شرم جو باعث آهي. اسان جون پنهنجون جيڪي بهترين شيون به پيدا ٿيل آهن، آهي اسان جي جسماني ناپاڪائيءَ سبب ناپاڪ ۽ بي اثر آهن، ۽ گند ليٽل مٽيءَ ڪان هڪ لِيچ به وڌ نہ آهن."

ظاهر آهي تہ جيڪو ماڻهو، فيلسوفيءَ جي خيال ڪان، انسان کي اهڙي هڪ ناقص ۽ ناڪار شيءِ سمجهي ٿو، آهو، هڪ ديني عالم ۽ دنيوي حاڪم جي گاديءَ تي ويهي، ڪڏهن به اِها ڳالهہ نہ مڃيندو تہ آها خسيس هستي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي ڪنهن ٿورڙي ذري جي به لائق ٿي سگهي ٿي. اهڙي بدڪار ۽ هئوسي مخلوق کي تہ خوب هيسائڻ ۽ دٻائڻ گهرجي تہ جيئن آن جو هيڪاري من نہ وڌي وڃي - چاڪاڻ تہ "جيڪڏهن اسين ماڻهوءَ کي پنهنجي وس چڏي ڏينداسين، تہ هن جو نفس تہ ڪنهن ٻيءَ ڳالهہ ڏانهن مائل ٿي نہ آهي، سواءِ بديءَ جي!" اِنهيءَ ڪري هِن "آدم جي ڦر" جي دماغ سان اِها ڳالهہ هميشہ لاءِ ڪيڍي چڏڻ گهرجي تہ هن کي ڪو حق آهي تہ پنهنجي مرضيءَ سان هو دنيا ۾ هلي سگهي ٿو. اِهو خيال جيتري زور سان سندس مغز مان ڪيڍبو، ۽ جيترو وڌيڪ هن جي من کي لغام وجهبو ۽ جيتري گهٽي فرمانبرداري هن کي سيکاربي، اوترو ئي خود سندس پنهنجو فائدو آهي. ڪابہ آزادي، ڪوبہ ارادي جو اختيار هُن لاءِ جائز ڪونهي، چاڪاڻ تہ اِنهن رعايتن کي هو صحيح طور ڪم آڻڻ جو اهل ئي ڪونهي. هُن کي جبر سان بہ خداوند عظيم وٽ هيٺو ٽيٽو آهي ۽ آن جي اڳيان جهڪٽو آهي. اسان کي هن جي مغز مان هوا ڪيڍي آهي، هن کي ڊيڄارڻو ۽ ڪنبائڻو آهي، هن جي سڄي آپي کي ختم ڪرڻو آهي، تہ جيئن هو مسڪين ۽ ڇيڻوانَ ڏڻ ۾ پنهنجو درجو محسوس ڪري، خوش ٿي آتي ٻيهي رهي، ۽ پنهنجي انفراديت ۽ آڳ-پڻي کي ختم ڪري ڇڏي - ايتري قدر، جو آن جو وِنس ڪو نشان بہ نہ رهي، ۽ هو سڀ سان سڀ جهڙو بڻجي وڃي.

انسان جي شخصيت کي اِئين ختم ڪرڻ لاءِ، ڪالون وٽ خاص طريقو به پنهنجو هو، جنهن کي هو ”مسيحي تقوا“ يا ”ڪليسائي ظابطو“ سڏيندو هو. اڄ ڏينهن تائين انسان هٿان انساني آدمن ۽ خواهشن تي آن ڪان وڌيڪ مضبوط ۽ ڳرا زنجير ڪڏهن به رٽيا ۽ وڌا نه ويا آهن. پنهنجي آمريت جي پهرئين ڏينهن کان ڪالون جينيوا ۾ پنهنجيءَ جماعت يعني پنهنجي مسيحي مومنن جي ڏڻ کي هڪلي، وجي ”امر و نهيءَ“ جي شمار کان ٻاهر فقرن ۽ اسمن - ’ هيئن ڪريو، هيئن نه ڪريو‘ جي فتوائن ۽ فرمانن - جي خاردار لوڙهن ۾ بند ڪيو. پوءِ سندس واعظين، عاسل، جاسوس ۽ خود پنهنجي سر هو پاڻ آن واڙي جي چوڌاري ۽ پڻ آن جي ڪنڊهن تي لنيون ڪٽي ٻيهي رهيا ته جيئن ڪوبه آتان ٽپ ڏيئي نڪرڻ جي ڪوشش نه ڪري، ۽ سڀ آن جي اندر ڏڻ سان ڏڻ بنيا ٻينا رهن. پنهنجي آن دهشتي اخلاقي نظام کي هلائڻ لاءِ هُن هڪ خاص محڪمو قائم ڪيو، جنهن کي هُن ”محڪمو امور مذهبي“ نالو ڏنو. آن ’محڪمي‘ جو مقصد ڪجهه ڪليل پر ڪافي غير واضح لفظن ۾ هيءُ ٻڌايو ويو ته آهو جماعت تي نظرداري رکندو ته جيئن ”خداوند عظيم جي بندگي نيڪدليءَ سان ٿئي.“ پر اِئين فقط ظاهري طرح آنهيءَ ’محڪمي‘ جي اختيار جو دائرو زندگيءَ جي مذهبي پهلوءَ تائين محدود ڏيکاريو تي ويو. ڇاڪاڻ ته ڪالون جي ”نظام دين مسيح“ جي نظريي ۾ ديني ۽ دنيوي مسئلا، سڀ جا سڀ، آن نظام کي قائم ڪندڙ ۽ هلائيندڙ مختيار-ڪُل رياست جي قبضي ۾ رهٿا هئا. آنهيءَ ڪري، حقيقت ۾ آهو ’محڪمو‘ ماڻهوءَ جي انفرادي ۽ اجتماعي ٻنهي زندگيءَ جي پهلوئن تي هڪجيترو ڇانيل هو. ڪالويني تفسير ۾ ”خدا جي بندگيءَ“ جي هم گير معنيٰ هئي، يعني آن موجب ماڻهوءَ جو اٿڻ ويهڻ، هلڻ چلڻ، سمهڻ جاڳڻ - مطلب ته هن جي سڄي چال چلت ۽ ڪم ڪار آن ۾ شمار ٿيي تي ويا. اِنهيءَ ڪري ’محڪمي‘ جا ”محافظ“ هر وقت ۽ هر هنڌ ماڻهن جي ساهه تي سوار بنيا، آنهن جي هر ڳالهه کي اک ۾ رکيو بينا هوندا هئا. آنهن ’محافظن‘ کي ڪڏهن به غافل رهڻو نه هو، بلڪ ماڻهن جي نه رڳو ”قول ۽ فعل،

بلڪ راين ۽ خيالن“ کي به ڏيان ۾ رکڻو هو.

جنهن ڏينهن کان جينيوا ۾ ماڻهن جي شخصي زندگيءَ تي هيڙي ڪُل-اختياري قبضي جو عمل شروع ٿيو، اُن ڏينهن کان آئي ماڻهن جي ڪابه شخصي زندگي باقي ڪانه رهي. هڪ ٻي ٿِپ سان، ڪٽولڪ شريعت جي احتسابي عدالتن“ کي پوئتي ڇڏي، ڪالون اڳتي وڌي ويو. ”احتسابي عدالتون“ پين بي تعلق ذريعن ۽ عام ماڻهن کان اطلاعن پهچڻ ۽ خبرن ملڻ کان پوءِ ئي پنهنجا جاسوس ۽ پُڇائُو تصديق لاءِ ٻاهر موڪليندي يون هيون. پر، ڪالون جي ديني فلسفي مطابق، جينيوا ۾ هر ماڻهو بنيادي ۽ دائمي طور نيڪيءَ ڏانهن نه پر بديءَ ڏانهن مائل هو، ۽ اِنهيءَ ڪري آئندي ئي مٿس گناهه جو شڪ ٿيي سگهيو ٿي، ۽ اِنهيءَ ڪري هُن کي شڪي ماڻهوءَ طور اک ۾ رکڻ ضروري هو. جينيوا ۾ ڪالون جي موٽي اچڻ کان پوءِ ٿيو به اِئين، جو ماڻهن جي گهرن جا دروازا ڄڻ زوريءَ کلي ويا، ۽ اُنهن جون غيرشفاف ڀِتيون بدلجي ڄڻ شيشي جون ڀتيون بنجي پيون. ڪنهن به مهل، ڪنهن به گهڙيءَ، در تي ڪڙڪو ٿي سگهيو ٿي ۽ ”روحاني محافظ“ ڪنهن به شهريءَ جي گهر ۾ ”ملاقات“ لاءِ اندر اچي سگهيا ٿي. هر مهيني هڪ ڀيرو سيني کي، غريب توڙي شاهوڪار، هيٺي توڙي ڏاڍي کي، هِنن پيشه ور روحاني فوجدارن جي آڏو پنهنجي عقائدي صحت ۽ صفائيءَ بابت بيان پيش ڪرڻو پوندو هو ۽ اُنهن جي آڏي پڇا جا جواب ڏيڻا پوندا هئا. اِن باري ۾ ’محڪمي‘ طرفان جاري ڪيل فرمان ۾ چيل هو ته هيءَ روحاني پڇاڳاڇا ”آهستگيءَ سان ۽ پوريءَ طرح“ ٿيڻ گهرجي. اِنهيءَ ڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ، جينيوا جي ڪيترن اڇي مٿي وارن پيرسن، ۽ معتبر ۽ معزز شخصن کي ڪالون جي هِنن خدائي فوجدارن جي اڳيان، اسڪولي ٻارن وانگر، سوالن جا جواب ڏيڻا پوندا هئا - مثلاً: ڇا، کين خدا پاڪ جي بندگيءَ جون آيتون ياد هيون، يا، ڪهڙي سبب هو سير واعظ يا پين واعظين جي هِين يا هُن وعظ ۾ حاضر ٿي نه سگهيا هئا! پر اهڙن جدولي قسم جي سولن ۽ نصيحتن کان پوءِ به ”ملاقات“ ختم ڪانه ٿيندي هئي. هي

مسيحي تقوا جا ماهر وزن ڪش پوءِ تفصيلن ۾ وڃي پڪ ڪندا هئا تہ مومن جو ايمان سلامت آهي يا نہ - مثلاً، زالن جي چولن جي ڊيگهہ هٿ سان ڪجي ماپي ڏسندا هئا تہ آها شرعي اعتبار کان پوري هئي يا ننڍي وڏي هئي، آهي ڇيلهہ وٽان توڙي ڳچيءَ ۽ ٻانهن جي ڪنائيءَ ۾ پورا هئا يا حد کان وڌيڪ سوڙها يا موڪرا هئا. هو آنهن جي چولين جي بہ چڪاس ڪندا هئا تہ آنهن جي پائڻ سان سندن ٻُبا حد کان مٿي اڀري تہ نٿي بيٺا! هو سندن آگرين جون منڊيون ڳڻيندا هئا، ۽ پوءِ سندن ڪپڙ کولائي ڏسندا هئا تہ پائڻ لاءِ وٽن ڪيترا ڪيترا بوٽن جا جوڙا هئا. سمهڻ واري ڪمري جي چڪاس کان پوءِ هو رڌڻي ۾ ويندا هئا تہ متان جائز طعامن کان وڌيڪ ڪو طعام، ڪو مربو، ڪا چٽڻي يا ڪا سٺي شيءِ تہ لڪائي ڪٿي رکيل ڪانہ هئي! پوءِ هو وڏي گهر جي رهيل ڪوٺين جي خبر وٺندا هئا. ڪٿي ڪتابن جو ڪو ڪبٽ هوندو هو تہ آن کي هو وڌيڪ غور سان جانچي ڏسندا هئا تہ آن ۾ ڪو اهڙو ڪتاب تہ ڪونہ هو، جنهن تي 'محڪمي' جي اجازت جي مُهر لڳل نہ هجي. اِن ڳالهہ جي تسلي ڪرڻ لاءِ هو ميزن جا خانا کولي ۽ پلنگن جا گاديلا اٿلائي بہ ڏسندا هئا. نوڪرن کان پڇندا هئا تہ سندن مالڪن جي ايمان جو ڪهڙو حال هو، ۽ ٻارن کان آڏي پڇا ڪري معلوم ڪندا هئا تہ سندن مائٽن جا ڪهڙا ڪهڙا ڪم هئا.

ڪالون جو هيءُ ديني جاسوس جڏهن ڪنهن گهٽيءَ مان لنگهندو هو تہ ڪنائيندو ويندو هو تہ ڪو سينڌ تہ ڪونہ ٿو وڄائي، ڪٿي ڪو محبت جو گيت يا 'ڪافي' تہ ڪونہ ٿو ڳائي، ڪٿي ڪو ٽهڪ تہ ڪونہ ٿو ڏئي! هن کان پوءِ، جيئيوا جا اختياريءَ وارا هر گهڙيءَ خوشي جنهن شيءِ جو نالو تنهن جي ڳولا ۾ ٿي رهيا - يعني "عيش" جي ڳولا ۾: مثلاً شل نہ ڪو بدنصيب شهري، سڄي ڏينهن جي ڳهہ ڳهان کان پوءِ، من کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪنهن ساقي خاني ۾ ويندي يا آتان ڪنهن مهل نڪرندي، ڪين هٿ چڙهي وڃي - بس آن جو پوءِ خير ڪونہ هو. اِئين ڪو ماڻهو ڪين پيس ڪُٽ يا چوپڙ راند ڪندي هٿ اچي ويندو

هو، تہ آن جو بہ آهوئي حال ٿيندو هو. ڪالوينِي شريعت جا ديني فوجدار بس هرروز اِئين ڪم ۾ لڳائي رهندا هئا - آرتوار جي ڏينهن بہ ڪين ويسانهين ڪانہ هوندي هئي. آن ڏينهن تي هو وري اِنهيءَ ڳولا ۾ هوندا هئا تہ اهڙو ڪو قلب جو ڪارو هٽ اچين، جو سولانا ڪالون جي وعظ ٻڌڻ لاءِ ديول ۾ وڃڻ بدران گهر ۾ ستو پيو هجي. ديول ۾ اندر وري ڪالون جو پيو چغل وينو هوندو هو، جيڪو دير سان آيلن ۽ وچ مان اٿي ويندڙن جا نالا پيو نوٽ ڪندو هو. مطلب تہ "مسيحي تقوا" جا هي سرڪاري رکوالا هرهند پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ چست لڳا وينا هوندا هئا. رات پوندي هئي تہ 'رون نديءَ' جي ڪنارن سان وٺن جي جهڳٽن ۾ پيا جهوتون وجهندا هئا، تہ متان ڪو پياسي جوڙو اُنهيءَ مهل آتي وڃي مليو هجي. مسافرخانن ۾ وڃي، هو ماڻهن جا بسترا اُٿلائي ۽ سامان ڪولائي ڏسندا هئا. ٻاهران شهر ۾ جيڪو بہ خط ايندو هو يا شهر مان جيڪو بہ ٻاهر ويندو هو، آن کي کولي پڙهندا هئا. 'محڪمي' جي پوري رٿائتي چوڪسي شهر جي حدن ڪان ٻاهر بہ عمل ۾ هوندي هئي. ٻاهران ايندڙ گهوڙي گاڏين، عام پٽڻ تي هلندڙ ٻيڙين، ٻاهرين ملڪن ڏانهن سامان کڻي ويندڙ جهازن ۾ ۽ شهر جي حدن ڪان ٻاهر مسافرخانن ۾، ڪالون جا جاسوس پنهنجي پنهنجي ڪم تي لڳل هوندا هئا. جينيوا جو ڪو شهرواسي پئرس ۾، برلن ۾ يا ٻاهر اهڙي ٻئي ڪنهن شهر ۾ ويل هوندو ۽ آتي هو اتفاق سان جيڪڏهن ڪالون يا ڪالون جي انتظام خلاف ڪو لفظ ڪيندو هو، تہ آهو بہ جينيوا ۾ ڪالون جي 'محڪمي' وٽ پهچي ويندو هو. پر سڀ ڪان وڏيڪ جيڪا ڳالهہ برداشت ڪان ٻاهر هئي، سا هيءَ هئي، جو باقائدي ۽ پگهار تي مقرر ڪيل جاسوسن ڪان علاوه رياست جا بيشمار پيا ماڻهو ترت ئي رضاڪارانہ طور ڪالون جي جاسوسي انتظام جا پرزا بنجي ويا. ۽ اِن ۾ ڪا عجب جهڙي ڳالهہ بہ ڪانہ هئي. جڏهن بہ ڪنهن رياست ۾ تشدد جو راج شروع ٿيندو آهي، تڏهن رضاڪارانہ چغلخوريءَ جو ڏنڌو آتي ازخود پيدا ٿي پوندو آهي ۽ زهريليءَ ول وانگر رياست جي سرسبز وڻ کي هڪدم

وڪوڙي ويندو آهي: ڇو ته جڏهن اصولي طور اِها ڳالهه قبول ڪئي وڃي ٿي ته چغلي نه رڳو برداشت ڪئي ويندي پر پسند پڻ ڪئي ويندي، تڏهن بيءَ حالت ۾ بلڪل شريف ماڻهو به، خود پنهنجي متعلق خوف ۾ ونجي، خبررسانيءَ جي ڪم ۾ لڳي وڃن ٿا. اِنهيءَ ئي ريت، ڪالون جي آمريت جي دور ۾، جينيوا جي تقريباً هر رهواسيءَ شهر جي ٻين سيني ماڻهن کي پنهنجي اک ۾ رکيو ٿي: اِن ۾ هن جو ٻيو جيڪڏهن ڪو مقصد نه هو، ته به ٻين متعلق خبررسانيءَ جو ڪردار ادا ڪري، هُن ڪم از ڪم پاڻ کي اِنهيءَ شڪ کان آزاد ڪرڻ گهريو ٿي ته هو پاڻ ”شيطان جي پاسي نه، پر خدا جي پاسي هو.“ پنهنجي متعلق ڊپ هُن کي ٻين کان اڳ پاڻ چغلخور بنجڻ تي مجبور ڪري رهيو هو. اِن صورتحال جو آخر نتيجو ھيءُ نڪتو، جو ڪن سالن کان پوءِ ڪالون جي ’محڪمي‘ کي سرڪاري جاسوسيءَ جو انتظام ئي ختم ڪري ڇڏڻو پيو، ڇو ته شهر جا سڀيئي ماڻهو، پنهنجو پاڻ، هڪٻين تي جاسوس بنجي ويا هئا ۽ ’محڪمي‘ کي هڪٻين جي خلاف هر وقت خبرون پهچائيندا ٿي رهيا. چغلخوريءَ جو جهولو پوءِ جينيوا جي مسيحي جمهوريه ۾ ڏينهن رات نڳندو رهيو، ۽ هر قسم جي سماجي ۽ اخلاقي اوچن قدرن کي لوساٽيندو ۽ ساڙيندو رهيو، ۽ هوڏانهن ڪالون جي ’روحاني عدالت‘ پنهنجو ڪم نهايت تيزيءَ سان ڪندي رهي.

اهڙي سرشتي ۾ ڪير سلامت رهي ٿي سگهيو، ۽ ڪنهن کي اِها پڪ به ٻيهي ٿي سگهي ته هو ڪنهن ديني فرمان جي ڀڃڪڙي نه ڪري رهيو هو - ڇو ته ڪالون تقريباً هر انهيءَ ڳالهه تي روڪ وجهي ڇڏي هئي، جنهن سان زندگي خوشگوار ۽ قلدائڪ ٿيي سگهي ٿي. ناٽڪ ۽ سانگ جي منع هئي، هر قسم جي وندر جي، مقبول عام ميلن جي، ۽ هر قسم جي ناچ گاني، ۽ راند روند جي منع هئي. رڳو برف تي ڊوڙڻ جهڙيءَ معصوم راند جو ٻڌي، ڪالون جو منهن ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويندو هو. ڪپڙا به ماڻهن کي فقط هڪ قسم جا پائڻا هئا - راهبن جي ڪپڙن جهڙا، هلڪي ماٺي رنگ جا. درزين کي منع هئي ته ڪنهن به نئين فئشن جا ڪپڙا

تيار نہ ڪن - اُن لاءِ ڪين شهر جي اختياريءَ وارن کان اجازت وٺڻي هئي. ڇوڪرين کي پندرهن سالن جي عمر کان اڳ ريشمي ڪپڙن پائڻ جي منع هئي؛ پندرهن سالن جي عمر کان پوءِ وري ڪين بخملي ڪپڙن پائڻ جي اجازت نہ هئي. زالن لاءِ سون ۽ چانديءَ جي تارُن جون پٽيون، مصنوعي سونهري وار، اجايا گهڻا چوڙا ۽ پيڙا ۽ سونا زيور ۽ پيا رڳو ڏيک جا تڪساٽ ۽ سينگار حرام هئا. مردن کي ڊگهن وارن رکڻ جي، ۽ زالن کي چلڙن ۽ زلفن ڪيڻ ۽ وارن کي ڦٽيءَ تي ويڙهي گُنبديدار بنائڻ جي جهل هئي. هر قسم جي چاري دار ڪپڙي جي منع هئي، دستانن جي منع هئي، پلاندن چڏيل شالن جي منع هئي، ۽ سُنهن ڪليل بوٽن جي منع هئي. ڏولين جي ۽ ڦيٽن تي هلندڙ گاڏن جي منع هئي، جن ۾ ماڻهو ڪٿي هلندا هجن. گهرن ۾ ويهن مهمانن کان وڏيڪ دعوتن تي پابندي هئي؛ شادين مرادين ۽ عيدن برادن تي مقرر طعامن کان وڏيڪ طعام، مٺايون ۽ چاش ۾ ڦڪل ميوا کارائڻا نہ هئا. سواءِ سرخ شراب جي، جيڪو مڪاني طرح نهندو هو، ٻئي شراب واپرائڻ جي منع هئي. هرقسم جي شڪار تي بندش هئي. پرڏيل ماڻهن کي منع هئي تہ پرٽي جي موقعي تي ڪو مرد ڪنوار کي ۽ ڪا عورت گهوٽ کي ڪا سوکڙي ڏئي - ۽ اِها بندش پرٽي کان پوءِ ڇهن مهينن تائين قائم رهندي هئي. شاديءَ کان سواءِ ڪنهن بہ قسم جي جنسياتي تعلق کي خون کان وڌ خطرناڪ ڏوهہ سمجهيو ويندو هو.

جينيوا جي شهرين کي ڪنهن بہ سراءِ يا مسافرخاني ۾ داخل ٿيڻ ۽ آتان جي ميزبان کي ڪنهن بہ نئين آيل ماڻهوءَ کي کاڌي کارائڻ جي سخت منع هئي - پوريائين اهڙي مهمان کي خداوند قدوس جي بندگي ڪرڻي هئي ۽ پوءِ هُن کي اندر اچڻو هو ۽ ماني کائڻي هئي. مسافرخانن ۽ ساقي خانن جي مالڪن کي ماڻهن مٿان جاسوسي ڪرڻ جو حڪم هو، ۽ هو سيني آين ويڃن جي هڪ هڪ لفظ ۽ اشاري کي بيحد شڪي نگاهہ سان وينا ڏسندا هئا ۽ ٻڌندا هئا. جينيوا جي رياست ۾، سواءِ خاص اجازت جي، ڪو بہ ڪتاب ڇپجي نٿي سگهيو. رياست کان ٻاهر ڪنهن کي خط لکڻ ڏوهہ

هو. اوليائن ۽ نيڪ مردن جون تصويرون يا انهن جا مجسما رکڻ ڏوهه هو. هر قسم جي سازيني تي بندش هئي - خود ديولين ۾ جيڪي مسيحي گيت ڳايا ويندا هئا، انهن لاءِ به سخت حڪم هوندا هئا ته "خبرداريءَ کان ڪم وٺڻ گهرجي" ته جيئن ٻڌندڙن جو ڌيان گيت جي لفظن ۽ انهن جي معنيٰ ۽ روح تان هٽي، راڳ جي ڌن يا ساز جي سريلي آواز ڏانهن نه هليو وڃي: ڇاڪاڻ ته "خداوند قدوس جو حمد فقط جيئرن لفظن وسيلي ادا ٿي سگهي ٿو"، جيڪي ڳالهائي ٿا سگهجن ۽ ٻڌي ۽ سمجهي ٿا سگهجن. جينيوا جا شهري، جيڪي ڪالون جي وڃڻ اچڻ کان اڳي پاڻ کي آزاد شهري ڇوائيندا هئا ۽ ان تي فخر ڪندا هئا، انهن کي هاڻي اِها به آزادي ڪانه هئي ته پنهنجن ٻارن تي پنهنجي مرضيءَ موجب نالا رکي سگهن. سون سالن کان وٺي "ڪلاڊ" ۽ "آئيمڊ" ۽ ٻيا اهڙا ڪيئي نالا مقبول ۽ مروج هئا، پر ڇاڪاڻ ته اهي انجيل ۾ آيل نه هئا، اِنهيءَ ڪري ڪوبه جينيوا جو شهري پنهنجن ٻارن تي اهي نالا هاڻي نٿي رکي سگهيو. مسيحي شريعت جي ڪالويني تشريح مطابق، جينيوا جي هڪ پڪي مسيحي مومن کي پنهنجي پٽ تي فقط اسحاق، آدم ۽ ٻيو اهڙو ڪو سڳورو نالو رکڻو هو، جيڪو انجيل مقدس ۾ آيل هو. ديولين ۾ توڙي گهرن ۾ بندگيءَ وقت انجيل جي ڪابه آيت ۽ ڪابه دعا لاطيني ٻوليءَ ۾ پڙهڻ جي منع هئي. ايسٽر ۽ ناتال جي پاڪ تقريبن تي به ڪنهن قسم جي دعوت يا جشن ڪرڻ جي منع هئي. هر انهيءَ ڳالهه جي منع هئي، جنهن سان زندگيءَ جي روزمره جي لاڳيتي، ٻُسي ۽ ڦڪي دستور ۾ ڪا نواڻ يا تازگي اچي سگهي ٿي. لڪڻ توڙي ڳالهائڻ جي معاملي ۾ ته ڪنهن ٿوري کان ٿوريءَ ذهني آزاديءَ جي به سخت منع هئي. وڏي ۾ وڏي گناهه طور جنهن ڳالهه جي منع هئي، اها هئي ڪنهن به قسم جي خود ڪالون جي آمريت تي تنقيد: هُن سڄيءَ رياست ۾، واري واري تي، دهلن جي ڏونڪي تي، پڙهو گهمارائي، جينيوا جي آزاد شهرين کي چتاءُ ڏيئي ڇڏيو هو ته "رياست جي سرڪاري مسئلن تي فقط شهري ڪائونسل ۾ بحث مباحثو ٿي سگهيو ٿي، ۽ ان کان ٻاهر ڪٿي

به ۽ ڪڏهن به نه."

منع، منع، منع: هيءُ ڪهڙو نه هانءُ ڪچي ڪرڻ وارو آواز لڳي ٿو! سچ پچ ٻڌي ٻڌي، ماڻهوءَ کي پڪو پوي ٿو ته آخر ڇا پوئتي بچيو هو، جنهن جي جينيوا جي شهرواسين کي موڪل هئي! واقعي گهٽو ڪجهه نه. هُنن کي جيئڻ ۽ مرڻ جي موڪل هئي، ڪم ڪرڻ ۽ حڪم ميڃڻ جي موڪل هئي، ۽ پڻ ديول ۾ وڃڻ ۽ ڪال‌ون ۽ ڪال‌ون جي واعظين جي وعظن ٻڌڻ جي موڪل هئي. پوئينءَ ڳالهه جي ته نه رڳو موڪل هئي، پر اُن جي نه ڪرڻ تي سخت سزا به رکيل هوندي هئي. جيڪڏهن ڪنهن شهريءَ کان ڪنهن طرح پاڙي جي ديول ۾ ڪنهن وعظ ٻڌڻ ۾ ڪا ڪوتاهي ٿي ٿي ويئي، ته هُن جو پوءِ ڪو خير ڪونه هو. وعظ به هن کي ڪو هڪ اڌ ٻڌڻو ڪونه پوندو هو: آرتوار جي ڏينهن تي به، باقي هفتي ۾ ٽي، ۽ هر هفتي هڪ خاص ڪلاڪ ننڍن ٻارن جي ديني تعليم لاءِ. خداوند عظيم جي پنهنجي ڏينهن تي، يعني آرتوار جي ڏينهن به جينيوا جي شهرواسين جي ڪلهن تان زور جي پانجاري ڪانه لهندي هئي - ڇو ته اُن مقدس ڏينهن تي وري فرض، فرض، فرض جو دستور ايترو ته ڏکو ۽ سخت هوندو هو، جو ويچارو مسيحي مُتقي اُن کي پورو ڪندي ڪندي ٻنهه هڄي پوندو هو. سڄو هفتو پيٽ قوت لاءِ ڳهي ڳهي، هڪ ڏينهن تي خداوند قدوس جو آيو، جڏهن سواءِ سندس ٻانهپ جي موسن کي ٻيو ڪجهه ڪرڻو نه هو. هفتو پورهئي لاءِ، ۽ آرتوار ڪليسا لاءِ. اهڙيءَ طرح شيطان لعين کي ڪنهن گنهگار شخص جي دل ۾ ٿورڙيءَ ڪنهن گهڙيءَ لاءِ به پير رکڻ جو وجهه ڪونه ٿي ملي سگهيو: ۽ اِئين نفس پليت جي آزاديءَ ۽ پڻ هن عارضي زندگيءَ جي خوشيءَ جو مسئلو ئي ختم ٿي ٿي ويو.

پر ڳالهه جي ايتريءَ حد تي حيرت ۾ پئجي، هيءُ سوال پڇي سگهجي ٿو ته آخر هن شهر جا رهواسي، جيڪي ڪيترن نسلن کان آزاديءَ ۽ رعيتي راج جي ماحول ۾ رهندا ٿي آيا، ۽ اِن سلسلي ۾ ڪافي مضبوط روايتن جا مالڪ پڻ هئا، ۽ وڏي ڳالهه ته سڄي يورپ ۾ پنهنجي خوش طبعيءَ

ٻه بار بار آهي معجزا عمل ۾ آڻيندو رهيو. هن ڳالهه ۾ تاريخ جا تمام گهڻا مثال موجود آهن. ڪي ٿورا ظالم حڪمران ٿيا آهن، جيڪي ڪالون ڪان زور پئجي سگهيا هجن؛ ۽ اهو ٻه هُن جي بچاءَ ۾ ڪو دليل نٿو ٿي سگهي ته هُن جو تشدد ۽ استبداد، هُن جي ٻين سڀني صفتن وانگر، هُن جي نظريي جو هڪ منطقي نتيجو هو. اِئين برابر هو ته هن روحاني شخص، هن بزرگ، جرئتمند شخص، هن ايذي ذهن جي صاحب کي رتوڇاڻ کان نفرت هوندي هئي؛ ۽، جيئن پاڻ ڪُليءَ طرح مڃيو اٿس، هو اڪين سان ڪنهن تي ڪو ايذاءُ ٿيندي ڏسي ٻه نه سگهندو هو، ۽ اِنهيءَ ڪري جينيوا ۾ پنهنجي حڪمرانيءَ جي دور ۾ جيڪي ٻه بار بار ماڻهن کي موت جون سزائون مليون، تن مان ڪنهن هڪ پيري ٻه هُن ڪنهن کي ڦاسيءَ تي چاڙهي يا جيئري باهه ۾ جلائي مارڻ جو نظارو پنهنجي اکين سان ڪونه ڏٺو. پر، ڪٽر ۽ جنوني نظريي بازن جي خطرناڪ ۾ خطرناڪ خرابي هوندي ٻه اهائي آهي. هن قسم جا ماڻهو، جيڪي ڪنهن جي مارجڻ جو نظارو اکين سان ڏسن ته ڦِسيءَ پون، ۽ جيڪي خواب ۾ ٻه هوند ڪنهن کي پنهنجي هٿن سان پاڻ ماري نه سگهن، سي جڏهن پنهنجي "خيال"، پنهنجي نظريي، پنهنجي ڪنهن سرشتي يا نظام جي مفاد ۾ ضروري سمجهن ٿا، ته، ٻيٺي ٻيٺي، سوَن بلڪ هزارن جي موت جا حڪم، سواءِ ڪنهن خاص خيال جي، اِئين جاري ڪري ڇڏين ٿا، ڄڻ آها ڪا لازمي ۽ معمولي ڳالهه هئي، جيڪا ڪين ڪرڻي هئي! ڪالون پنهنجي 'نظام' جي ڪاميابيءَ لاءِ 'گنهگارن' تي سختي ڪرڻ بيحد ضروري ٿي سمجهي؛ ۽ هن پنهنجي آن نظام کي عملي طور رائج ڪرڻ، پنهنجي فڪري نظريي جي خيال کان، پاڻ تي خدا جو عائد ڪيل وڏي ۾ وڏو فرض ٿي سمجهيو. اِنهيءَ ئي سبب جي ڪري، هن کي، پنهنجي طبيعت جي برخلاف، پنهنجي انساني رحم جي دلي آڏس کي ٻوساٽي دفن ڪري ڇڏڻو پيو، ۽ آن جي عوض کيس پنهنجي طبيعت کي بي ترسيءَ ۽ ڪنورپٽي جي باقاعدي تربيت ڏيئي، آنهن تي پاڻ کي هيرائڻو پيو. هُن لاءِ سختي، سنگدلي ۽ اڏول ضد ڄڻ ڪي لطيف فن هئا، جيڪي هن کي پوءِ سلسليوار سکڻا پيا ۽ جن ۾

پوءِ هُن پوري استعمالي حاصل ڪئي.

”آءٌ سختيءَ تي پاڻ کي هيرايان ٿو، اِنهيءَ لاءِ ته چوڏاري جيڪا بدڪاري موجود آهي، اُن جي خلاف آءٌ بهتر نموني جنگ ڪري سگهان“ - هي ڪالون جا پنهنجا لفظ آهن. اسان کي واقعي انڪار نٿو ٿي سگهي ته هيءُ لوهه جهڙو سخت ارادي جو ماڻهو، اِئين پنهنجي مٿان ضابطو رکي، پاڻ کي بيرحم بنائڻ ۾ وڏيءَ خطرناڪ حد تائين ڪامياب ٿيو. هن، صاف گوئيءَ کان ڪم وٺندي، هيءُ پڻ اعلان ڪيو ته ”آءٌ چاهيان ٿو ته ڪو معصوم پيل ته سزا کائي، پر اِئين هرگز نه ٿيڻ گهرجي، جو ڪو بدڪار خدائي فيصلي کان بچي وڃي!“ جڏهن ڪيترن موت جي سزا هيٺ آيل ’بدڪارن‘ مان، جلاد جي غلطيءَ سبب، هڪ بدنصيب جو موت ايڏو اِنگهي پيو، جو مرندي مرندي، هُن کي بيحد گهڻا ايذاءَ سهڻا پيا، تڏهن ڪالون اُن مان نصيحت جا نُڪتا ڪڍندي، فاريل کي لکيو ته ”اِئين منشاي خداونديءَ کان سواءِ هرگز نه ٿيو هوندو، جو موت جي سزا واري هڪڙي گنهگار کي مرڻ کان اڳ ايڏن عذابن جي سزا سهڻي پيئي! بدڪارن لاءِ اِن ۾ وڏو عبرت جو سامان آهي...“ سزائن جي نوعيت متعلق ڪالون جي راءِ هيءَ هئي ته جتي ”خداي بالا و برتر جي تقدس ۽ عظمت“ جو سوال هجي، اُتي بيحد نرم ٿيڻ کان بيحد سخت ٿيڻ بهتر آهي: انساني اعمالن کي ’ڪليسائي ضابطي‘ هيٺ آڻڻ لاءِ سواءِ سخت ترين سيڪت جي پيو ڪو رستو ئي ڪونه هو.

جنهن شريعت ۾ مسيحيت بدلجي بي ترسي ۽ ڪنورتا ٿي پوي، ۽ خدا جي تقدس ۽ عظمت کي اِئين دائمي بچاءَ جي ضرورت درپيش هجي، اُن شريعت جا سماج ۾ ڪهڙا خونخوار اثر پيدا ٿي سگهن ٿا، اُن جو اندازو آسانيءَ سان لڳي سگهي ٿو. ڪالون جي پهرين پنجن سالن جي راج ۾، جينيوا جي شهر ۾، جنهن جي آدمشماري ڪا ايڏي گهٽي به ڪانه هئي، تيرهن شخصن کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو، ڏهن جي سِسي لاٿي ويئي، پنجنيهن کي جيئري جلايو ويو، ۽ چاهتر شخصن کي پنهنجن گهرن مان ڪيڍي، شهر مان لوڏي، ڏيهه نيڪالي ڏني ويئي. اِن

کان سواءِ کيترا ئي، دهشت ۾ ونجي، پنهنجو پاڻ شهر کي خيرباد چئي، پنهنجا گهر ڇڏي، پرديس ۾ ڪنهن هنڌ وڃي پناهگزين ٿيا. ڪالون جي ”نئين يروسلم“ جا جيل به ايذا ته ساٿهن سان پرجي ويا هئا، جو هيڊ جيلر لاچار ماجسٽريٽن کي اطلاع ڏيڻ مناسب سمجهيو ته وڌيڪ قيدين لاءِ جينيوا جي قيدخانن ۾ جڳهه ڪانه هئي. جيلن جي اندر سزا پاتل توڙي بي دريافتن قيدين کي ايذا ته ايذاءَ ڏنا ويندا هئا، جو جڏهن وڌيڪ آهي سهي نه سگهندا هئا، تڏهن، وجهه وٺي، هو پنهنجن هٿن سان پاڻ کي ماري ڇڏيندا هئا. ايتري قدر، جو شهري ڪائونسل کي حڪم ڪيڏو پيو ته ”اهڙن واقعن کي بند ڪرڻ لاءِ، قيدين کي ڏينهن رات هٿڪڙيون پاريون وجن.“ ڪالون هنن سيني حيواني ڪارستانين خلاف وات مان هڪ لفظ نه ڪڇيو. واقعي شهر کي اهڙي ’نظام‘ ۽ ’ضابطي‘ جي نعمت واسطي ڏاڍي خطرناڪ قيمت ٿي ادا ڪرڻي پيئي؛ ڇاڪاڻ ته جينيوا ۾ ڪڏهن به ايتريون موت جون سزائون، ايترا قيد ۽ ايترا آتان جا ايذاءَ ۽ جنيون ۽ ايتريون ڏيهنيڪاليون ساٿهن نه ڏنيون هيون، جيتريون ڪالون جي دور حڪومت ۾، جيڪا هو خدا جي نالي ۾ ۽ ڌرتيءَ تي آن جي بادشاهت قائم ڪرڻ لاءِ هلائي رهيو هو.

پر، خاص طرح، رڳو هنن حيواني سزائن، ڦاسين ۽ عذابن وسيلي ئي ڪالون جينيوا جي شهرين جي آزاديءَ جا آمنگ ڪونه ٿي گهٽيا ۽ ختم ڪيا؛ آن لاءِ هن گهڻي قدر سلسليوار ننڍين ننڍين سزائن، خسيس خسيس اذيتن ۽ تڪليفن ۽ روزاني دٻ ۽ هيبت کان ئي ڪم ورتو ٿي. آن زماني جا جڏهن اسين احوال پڙهون ٿا ۽ معلوم ڪريون ٿا ته ڪهڙين ڪهڙين معموليءَ کان معمولي ڳالهين سان ڪالون جي آن ناميازي ”ڪليسائي ضابطي“ جو واسطو رهيو ٿي، ته پهرينءَ نظر ۾ ته اسان کي آن سڄيءَ سندس ڪوشش تي کِل اچيو ٿي وڃي. پر دراصل اِنهن ننڍين ننڍين ڳالهين ۾ مولانا جيهان ڪالون جي جيڪا تز مهارت رکيل هئي، آن کي گهٽ سمجهڻ اسان جي پنهنجي غلطي ٿيندي. دراصل، هن سوچي سمجهي، ماڻهن مٿان پنهنجي بندشن جي جارَ کي

ايترو تہ سنھو آٽڻ تي چاھيو، جو آن سان ڪابہ ”مڇي“ ٻچي ٻاھر نڪري نہ سگھي! آھي بندشون ھُن، پوريءَ طرح سوچيل سمجھيل مقصد سان، جيوت جي ننڍين ننڍين ڳالھين تي وجھڻ ٿي گھريون تہ جيئن ھرڪو ماڻھو ھر گھڙيءَ ضمير جي ملامت ھيٺ رھي، ۽ قادر مطلق جي ڄاڻھاري اختيار جي ھيبت آڏو پاڻ کي سدائين بيوس ۽ ھيچ سمجھي. ڇو تہ آڏو رستي تي جيتريون گھٽيون رڪاوٽون رکيل ھونديون، اوترو اسان لاءِ پنھنجي مرضيءَ سان ۽ بي پرواھ ٿي، اڳتي وڌڻ مشڪل ٿيندو. ۽ واقعي ٿيو بہ اِئين، جو جينيوا ۾ ڪنھن بہ پاڻ کي گناھ کان ڇڙل ۽ سزا جي ٻاري ۾ سلامت نٿي سمجھيو. ڇو تہ ’محڪمي‘ طرفان اِھو اعلان ٿي چڪو ھو تہ ھر انسان“ جيترا پيرا ساھ کڻي ٿو، تقريباً اوترا ئي پيرا ھو گناھ ڪري ٿو.

اِن سلسلي ۾، اسين شھري ڪائونسل جي ڪارگذارين جا روزنامچا اٿلائي، پڙھي سگھون ٿا، ۽ معلوم ڪري سگھون ٿا تہ ماڻھن کي ’ضابطي‘ ۾ رکڻ لاءِ حضرت ڪال ون جي ’محڪمي امور مذھبي‘ جي ھيبت انگيزيءَ جا ڪھڙا قابلڪاري طريقا عمل ۾ ھوندا ھئا. ھڪڙي شھريءَ کان، نئين ڄاول ٻار جي ٻپتسميءَ جي موقعي تي، جڏھن ٻار تي مسيحي نالو رکي آن کي مسيحي امت ۾ داخل ڪيو ويندو آھي، کِل نڪري ويئي: سزا - ٽي ڏينھن قيد. ٻئي شھريءَ کي اونھاري جي ھڪڙي گرم ڏينھن تي، ٿڪ سبب، ديول ۾ وعظ ھلندي، ننڊ وٺي ويئي: سزا - جيل. ڪن پورھيتن نيرن تي مئو سيرو کاڌو: سزا - ٽي ڏينھن ٽلھي پاڻيءَ سان رُکي ماني. ٻن شھرين نشاني بازيءَ جي راند ڪئي: سزا - جيل. ٻين ٻن شھرين شراب جي پاءُ بوتل وچ تي شرط طور رکي، ڏاري راند ڪئي: سزا - جيل. ھڪڙي ماڻھوءَ پنھنجي پٽ تي آبرھام نالو رکڻ نہ ڏنو: سزا - جيل. ھڪڙي انڌي سازڪار گھٽيءَ ۾ ناچ جي ڌُن وڄائي: سزا - شھر نيڪالي. ٻئي ھڪڙي شھريءَ ڪاسٽيلو جي ڪيل انجيل جي ترجمي جي ساراھ ڪئي: سزا - ڏيھہ نيڪالي. ھڪڙيءَ ڇوڪريءَ کي برف تي ڊوڙندي جھليو ويو، ھڪڙيءَ رن زال کي پنھنجي مڙس جي قبر تي روئندي ڏٺو ويو،

هڪڙي شهريءَ ديول ۾ وعظ هلندي پير ۾ وينل دوست ڪي ناس جي چپٽي ڏني: آهي سڀ 'محڪمي' جي 'روحاني عدالت' آڏو پيش ڪيا ويا، جتي ڪين تنبيهه ڪئي ويئي ۽ هڪ ڏينهن جو روزو رکي، ڪفاري ادا ڪرڻ جي سزا ٻڌائي ويئي. بس اِئين سزا ۽ سزا، ۽ سزائن جو ڪو چيهه ڪونه هو. ڪن خوش طبع شخصن گڏجي، ڪائڻ ڪان اڳ، ڪيڪ ۾ پستن عوض ساوا مٽر رکيا: سزا - چوويهه ڪلاڪ رُکي ماني ۽ نلهو پاڻي. هڪڙي شهريءَ ڪالون لاءِ مولانا (*Maitre*) بدران پادري (*Padre*) لفظ استعمال ڪيو: هڪڙن ٻن هارين، قديم رسم جي پيروي ڪندي، آرتوار ڏينهن ديول سان ٻاهر ايندي، هڪٻئي سان مال جي سودي جون ڳالهيون ڪيون: سڀني کي سزا - جيل، جيل، جيل. ٻن ماڻهن پتي راند ڪئي: ٻنهي کي ڪاٺ ۾ وجهي، تاس پتن جي هر هڪ جي ڳچيءَ سان ٻڌي، سڄو ڏينهن وڏي رستي جي چونڪ تي ويهاريو ويو. هڪڙي ساڻهوءَ گهٽيءَ ۾ ويندي، دنيوي قسم جي ڪنهن راڳ جي مصرع ڳائي وڌي: سزا - ڪٽي ٻئي هنڌ وڃي اهڙا اگهاڙا راڳ ڳائي، معنيٰ تہ شهر بدر. ٻہ شهري شهر جي وچ رستي تي پاڻ ۾ وڙهي پيا، ٻنهي مان ڪو ڦٽيو بہ ڪونہ: پر سزا - ٻنهي کي ڦاسي! ٻن ڇوڪرن هڪٻئي سان فعل ڪيو. سزا - جيئري جلايا وڃن؛ پر پوءِ سزا بدلائي، جنهن ڪانين جي آڙاهہ ۾ ڪين سڙي مرڻو هو، آن جي اڳيان ٻڌي، ڪين ويهاريو وڃي تہ آن کي جلي رک ٿيندي ڏسن ۽ عبرت وٺن!

سڀ کان وڏيڪ حيواني سزائون آنهن ڏوهين لاءِ مخصوص هونديون هيون، جيڪي پنهنجي ڪنهن عمل سان ڪالون جي سياسي ۽ روحاني همه دانيءَ ۾ شڪ ڪندا هئا. هڪڙي ماڻهوءَ کي، جنهن کُلئي عام اعليٰ حضرت جيهان ڪالون جي پيش ڪيل 'تقدير جي نظريي' خلاف احتجاج ڪيو هو ۽ آن کي غلط سڏيو هو، شهر جي سڀني چونڪن تي ويهاري، ٻي ترسيءَ سان ڦٽڪا هٽايا ويا ۽ پوءِ هن کي شهر بدر ڪيو ويو. هڪڙي ڪتابن جي ڇاپيندڙ کي، جنهن کو چڪو جينيوا جي ڳاڙهي شراب جو پيءِ، ڪالون جي شان ۾ گستاخي ڪئي هئي ۽ آن کي گهٽ

وڌ ڳالهايو هو، تنهن جي زبان ۾ ڳاڙهيءَ تتل لوهي سيخ سان تنگ ڪري، شهر بدر ڪيو ويو. جڏهن گرٽ نالي هڪ شخص، جنهن ڪالون کي رڳو "منافق" سڏيو هو، تنهن کي اشڪنجي ۾ وڌو ويو ۽ آن کي ڪشي ڪشي، هن جون ٻانهون ۽ ڄنگهون ڌڙ کان ڇني ڌار ڪيون ويون، ۽ پوءِ ڌڪ هڻي هن جي سسي به ڌڙ کان ڌار ڪئي ويئي. 'محڪمي' جي رڪارڊن ۾ هر شهريءَ جو ننڍي ۾ ننڍو ڏوهه به پوري تفصيل سان داخل ڪيو ويندو هو، ته جيئن آهو سندس ذاتي زندگيءَ جي سلسلي ۾ ثابتيءَ طور مناسب وقت تي هُن جي خلاف استعمال ڪيو وڃي.

اهڙين حالتن ۾ جڏهن سڄي ملڪ مٿان ايڏيءَ سدا موجود دهشت جو راڄ هجي، هيءَ هڪ اٽر ڳالهه آهي ته ماڻهوءَ ۾ انفرادي طرح توڙي اجتماعي خيال کان سڄي عوام ۾، عزت ۽ ناموس جو خيال توڙي ڪنهن عمل يا تحريڪ جو جذبو مشڪل ڪنهن صورت ۾ ڪو باقي رهندو. جڏهن ڪنهن رياستي نظام ۾ هر شهريءَ کي پڪ هجي ته ڪانئس پڇا ٿيندي، ڪيس ڇڪاسيو ويندو ۽ ڏوهي به ضرور بنايو ويندو - ڇاڪاڻ جو ڪيس معلوم آهي ته لڪل جاسوس سندس هر ڪرٽيءَ تي اک رکيو ۽ هر چوٽيءَ تي ڪن ڏيو ويٺا آهن؛ ۽ جڏهن، ڪيس پڌائڻ بنان، رات جو توڙي ڏينهن جو، "روحاني محافظ" سندس گهر ۾ "ملاقاتين" لاءِ داخل ٿي سگهيا ٿي - تڏهن ماڻهن جا حوصلا پست ۽ هوش خطا ٿي وڃن ٿا، ۽ منجهن هڪ قسم جي عام اُڻ تڻ ۽ پريشاني پيدا ٿي پوي ٿي، جيڪا هڪ کان ٻئي تائين ويندي ويندي، منجهائنئن سڀ کان بهادر ۽ باهمت شخص تائين به پهچي وڃي ٿي ۽ آنهن کي به هنيو هيٺو ڪريو ڇڏي. هو اِئين سوچڻ تي مجبور ٿين ٿا ته سڀ جدوجهد بي سود ۽ اجايو هو، ۽ سندن مضبوط کان مضبوط ارادا به ٽٽي، ڇيهون ڇيهون ٿيو پون. 'نظام دين مسيح' جي نالي ۾ ڪالون جي ناسياري 'ضابطي' جي نفاذ سان جينيوا جو حال نيٺ آهو ئي ٿيو، جيڪو ڪالون چاهيو ٿي - يعني جينيوا ۾ نه خوشي باقي رهي، نه شعور، نه جرئت - ۽ پوءِ جينيوا ۾ مولانا ڪالون ۽ آن جي 'محڪمي امور مذهبي' ۽ آن جي 'روحاني محافظن'

سدائين وسريل رهو! ڪالون جي راڄ جي آخري سالن ۾ ته حالت اِها وڃي بيٺي هئي ته ماڻهو، جيتري قدر ٿي سگهندو هون، اوترو پنهنجن گهرن ۾ اندران در بند ڪيو ويٺا هوندا هئا، ڇو ته کين ٿوري گهڻي اِها تسلي هوندي هئي ته گهرن ۾ اندر ڪجهه قدر هو شڪ کان ۽ جاسوسن جي چور نگاهن کان بچيل رهي ٿي سگهيا. اتفاق سان هو دريءَ تي سُنهن ڪيڏي بيهندا هئا ۽ گهٽيءَ ۾ ڪو ”روحاني محافظ“ ويندي ڏسندا هئا، ته هڪدم هٽي اندر ٿي ويندا هئا ۽ دپ وٺي ويندو هون ته ڪٿي ڪنهن پاڙي واري مٿن ڪا چغلي نه هنئي هجي! ٻاهر نڪرندا هئا ته سُسندا ۽ جُڪندا، ڪنڌ هيٺ ڪيو، پنهنجن بي رنگ ۽ ٻُسن ڪپڙن ۾ ويڙهيا، اِئين پيا ويندا هئا، ڄڻ ديول ۾ عبادت لاءِ يا ڪنهن جنازي سان گڏ پيا وڃن. خود سندن ٻار ٻه، جيڪي هِن نئين ضابطي جي ماحول ۾ پليا هئا ۽ ”ديني تعليم“ جي هفتيوار درس هيٺ ڏٻجي ٻنهه ٻي سُرتيا ٻوتا ٻنجي پيا هئا، جڏهن ڪنهن جي پاسي کان لنگهندا هئا ته اِئين جُڪي ويندا هئا ڄڻ کين ڪو لڪڻ وهائي ڪيڻ وارو هو. هو اهڙا آڏ ڪوماٺل گلن وانگر لڳندا هئا، جن ڪڏهن پوري روشني نه ڏٺي هجي ۽ سدائين ڪنهن نيم تاريڪ ماحول ۾ رهيا هجن.

شهر جو ڪاروبار اهڙيءَ باقاعدگيءَ سان، چپ چاپ ۽ پوري ضابطي ۾ هلي رهيو هو، ڄڻ ڪو گهڙيال هو، جو پٽ تي ٽنگيو ٽِڪ ٽَڪ، ٽِڪ ٽَڪ ڪري رهيو هو. جيڪو به جينيوا ۾ پهريون ڀيرو ايندو هو، آهو، آن جي گهٽين سان لنگهندي، اِئين محسوس ڪندو هو، ڄڻ سڄو شهر ڪنهن ماتم ۾ مصروف هو - ايتري قدر آن جا رهواسي مُنهن لٽل، گگدام ۽ ويچارا لڳندا هئا، ۽ سڄي فضا روحاني طور ڳري ۽ هانءُ نپوڙيندڙ لڳندي هئي. جيتوڻيڪ هِن دور ۾، جينيوا ۾ گهڻيئي عابد، زاهد ۽ متقي شخص ۽ گهڻيئي قسم جا عالم ۽ فاضل پيدا ٿيا، جن شهر کي تاريخ ۾ وڏي مشهوري ڏني، پر آن هوندي به، ڪالون جي مري وڃڻ کان ٻه سؤ سال پوءِ تائين به، رون نديءَ جي ڪناري تي بيٺل هِن حسين ۽ جميل شهر ۾ ڪو هڪ به جڳ مشهور مصور، موسيقار، شاعر يا اديب پيدا

ڪونه ٿيو - ڇو تہ ڪالون جي ”ڪليسائي ضابطي“ جي ڇڏيل اثرن هيٺ، هر غيرمعمولي شيءِ سدائين هيٺ معمولي شيءِ مٿان، ۽ تخليقي آزادي غلامانہ تقليد جي آستاني تي قربان ٿيندي رهي. پوءِ آخرڪار جڏهن جينيوا ۾ هڪڙو فنڪار پيدا ٿيو، تڏهن هُن جي سڄي زندگي انفراديت تي وڌل اِنهن ئي زنجيرن جي ٽوڙڻ ۾ گذري ويئي. ايڏي سڄي عرصي کان پوءِ پيدا ٿيل پنهنجي آن واحد ۽ سڀ کان وڏيڪ باغي ۽ آزادي پسند شهريءَ، جين جئڪس روسو، جي هٿان ئي جينيوا جو شهر مس مس پوءِ ڪالون جي نهيل ”مسيحي تقوا“ جي ڪاٺ کي پيچي، پاڻ کي آن جي ذهني ۽ روحاني اشڪنجن کان آزاد ڪرائي سگهيو.



جيهان ڪال ون، زندگيءَ جي آخري سالن ۾

(١٥٠٩-١٥٦٤ع)



سيباستيان كاستيليو

(١٥١٥-١٥٦٣ع)

## باب ٽيون

# ڪاسٽيلو جو ميدان تي اچڻ

آمر ڪان ماڻهو ڊڄندا آهن، هن ڪي پائيدا نہ آهن. جيڪي دهشت پسند حڪومت کي قبول ڪري، اُن جي آڏو پيش پون ٿا، اُن جو مطلب اِهو نہ آهي تہ هو اُن کي جائز ۽ صحيح بہ سمجهن ٿا. ڪالوِن جينيوا ۾ موٽي آيو، اُن ڪان پوءِ ڪجهہ مهينا عام شهري توڙي شهري رياست جا عملدار سڀ هن جي ساراهہ جا ڏڪ ڀريندا رهيا؛ ۽ ڇاڪاڻ تہ ملڪ ۾ فقط هڪ ئي جماعت هئي ۽ هڪُ ئي تسلط هو، اِنهيءَ ڪري سيني کي ڪنهن طرح ڏسڻو ۽ مڃڻو ئي ٿي پيو تہ آمرُ پنهنجي مقصد ڏانهن وڏي شان شوڪت ۽ پڪي ارادي سان وڌي رهيو هو. جن تي حڪم هلائڻ لاءِ ڪالوِن کي سڏي آندو ويو هو، تن مان گهڻا، وقتي طور، امن امان ۽ اتحاد جي نشي ۾ مست هئا. پر ترت ئي ماڻهن جو مغز جاءِ تي اچڻ لڳو. جيڪي شخص ڪالوِن کي وٺي آيا هئا تہ ڀيهر هلي ضابطو بحال ڪري، تن کي اِهو آسرو هو تہ هيءُ شوخ طبع ديني آمر اُن مقصد جي حاصل ٿيڻ ڪان پوءِ خود بخود ڍرو ٿي ويندو ۽ هن جي پارسائيءَ جي شدت بہ گهٽي قدر ماٺي ٿي ويندي. پر، اُن جي بدران، ٿيو اِئين، جو روز بروز ڪالوِن جو ”ضابطو“ شديد ڪان شديدتر ٿيندو ويو. پنهنجي سختيءَ کي گهٽ ڪرڻ ۽ امن پسند شهرواسي پائرن جي مهرباني مڃڻ بدران، جيڪي اِئين پنهنجي انفرادي آزادي ۽ روزمره جون خوشيون سندس حڪمن جي بجاوريءَ ۾ قربان ڪندا ٿي رهيا، هو جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ شهر جي وڏيءَ ديول جي منبر تان اُنهن تي عتابن جا انبار ۽ الزامن جون ڪتڪيون ڀڏيو بيٺو هوندو هو – چي، ”جينيوا جي گهٽ ۾

گهڻ سترهن ارڙهن سون نالائق ۽ بي ادب نوجوانن جي گچين کي چڪي سڌي ڪرڻ لاءِ ڦاسين جي ضرورت هئي ۽ پوءِ ئي هن گناهن ۾ غرق ٿيل شهر ۾ ڪجهه اخلاق ۽ ڪجهه ضابطو قائم ٿي سگهي ٿو.“ مطلب ته جينيوا جي شهرين کي آهستي آهستي نيٺ خبر پيئي ته، جنهن کي هنن پاڻ وٽ اِن لاءِ سڏايو هو ته اچي سندن ذهني سُڪونَ ۽ روحاني اطمينانَ جو جتن ڪري، آهو سندن آزاديءَ جي هر آسنگ تي زنجيرون وجهڻ لاءِ ئي وٽن آيو هو - ايتري قدر، جو هن جي جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ ڏهڪائيندڙ اقدامن خلاف آخر ۾ سندس وفادار ڪان وفادار ۽ فرمانبردار ڪان فرمانبردار پوئلڳ به ڦري سندس باغي بنجي ويا.

ٿورن ئي مهينن اندر ڪال ون جي خلاف عام ناراضگي ڀيهر پڙڪو ڪائي آئي. هُن جو ”ڪليسائي ضابطو“ جنهن لاءِ اِها دعوا ڪئي ٿي ويئي ته آهو هر خرابيءَ جو علاج هو، سو حقيقت ۾ سواءِ موهوم اميد جي ٻيو ڪجهه ثابت نه ٿيو. ”نظام دين مسيح“ جو سچو خواب ٽُٽي پيو، ۽ جن ڪالهه آن جي خوشيءَ ۾ تپ پئي ڏنا، تن اڄ آن بابت پٽڪڻ شروع ڪري ڏنو. پر هڪ محڪم آسر جي خلاف وري به ڪو اهڙو سبب گهرجي، جو سڀئون سڌو ڏسي به سگهجي ۽ سمجهي به سگهجي، ۽ آهو ئي هُن جي شهرت ۽ شان کي ڌڪ رسائي سگهي ٿو. اهڙي قسم جو سبب ٿورن ئي ڏينهن ۾ ڪال ون پاڻ ئي جينيوا جي شهرواسين کي پيدا ڪري ڏنو. جينيوا جي شهر ۾ ١٥٤٢ع ۾ پليگ جي بيماري پيدا ٿي پيئي ۽ آها پورا ٽي سال، ١٥٤٥ع تائين، آتي چالو رهي. ڪال ون جي ’محڪمي امور مذهبيءَ‘ ۾ جينيوا جي شهرين جو پروسو ڀهرين ڀهرين پليگ جي اِنهيءَ دور ۾ ليڪڻ شروع ٿيو. پليگ شروع ٿيڻ تي ڪال ون جي واعظين شهر ۾ اعلان ڪرايو ته جنهن کي به اِها بيماري ٿئي، سو ٽن ڏينهن اندر پنهنجي پادريءَ کي پاڻ وٽ گهرائي، آن ڪان پنهنجي حق ۾ مغفرت جي دعا گهرائي ڇڏي - نه ته ڪيس سزا ملندي. اِهو سلسلو ڪجهه وقت اِئين هليو. پر جڏهن هڪ پادريءَ کي اِئين ڪنهن بيمار جي پرسان ويهندي پليگ لڳي ويئي، ۽ اِها خبر پادرين ۾ عام پکڙي،

تڏهن منجهائن سيڪو ڪنهن بيمار وٽ وڃڻ کان پڙ ڪيدي ويهي رهيو، ۽ ويچارا بيمار، بيمارخاني ۾ "مغفرت جي دعا" کان سواءِ مرندا رهيا! ميونسپل اختياريءَ وارا ڪوشش ڪندا رهيا، پر 'محڪمي' جو ڪو هڪڙو به اهڙو پادري سڳورو ڪين ڪونه مليو، جو "بدنصيب بيمارن کي بيمارخاني ۾ وڃي ڪا روحاني تسڪين ڏئي." 'محڪمي' جي ڪنهن به ساٿيءَ پاڻمرادو به پنهنجون خدمتون اهڙي ديني ڪم لاءِ ميونسپل اختياريءَ وارن کي ڪونه آڇيون - سواءِ هڪ شخص جي، جنهن جو نالو ڪاسٽيلو هو، جو هڪڙي اسڪول ۾ استاد هو، ۽ آن کي آن ڪم لاءِ ڪنهن چيو به ڪونه هو ڇاڪاڻ ته هو 'محڪمي' جو رڪن ڪونه هو. خود ڪال‌ون به، 'محڪمي' ۾ پنهنجن ساٿين وسيلي، پاڻ کي آن 'ثواب جي ڪم' کان آجو ڪرائي ڇڏيو - ڇو جو هو هڪ "اهم ۽ آڻ اپ" وجود هو، ۽ "سچيءَ ڪليسا کي ڪمزور ڪري، آن جي هڪ حصي جي مدد ڪرڻ مقدس دين جي فائدي جو ڪم نه ٿي ٿيي سگهيو." ٻيا سڀ واعظ به، جيڪي 'دين مقدس' جي ايڏي ڪنهن وڏي ڪم ۾ مصروف نه هئا، پاڻ کي پليگ جي بيمارن وٽ وڃڻ ۽ هُنن کي مغفرت جي دعا ڏيڻ کان ڪنهن نه ڪنهن طرح بچائيندا رهيا. شهري ڪائونسل هنن دل جي ڪمزور 'ڏنارن' کي سنتن تي منتون ۽ اپيلن مٿان اپيلون ڪندي رهي، پر آن مان ڪجهه به ڪين ٿي وريو. ڪال‌ون جي هنن واعظين لاءِ پوءِ اِها ڳالهه هُلي ويئي ته "هو قاسيءَ تي چڙهي، جان بحق ٿي ويندا، پر بيمارخاني ڏانهن منهن ڪونه ڪندا - جيستائين ڪِ ڪين ڪا پليگ نه لڳي!" نيٺ، جون ١٥٤٣ع جي پنجين تاريخ، 'مسيحي تقوا' جا سڀ واعظين، ڪال‌ون کي اڳ ۾ ڪري، شهري ڪائونسل جي آڏو آيا ۽ اچي اِها شرمناڪ قبوليت ڏنائون ته منجهائن ڪو هڪ به بيمارخاني ۾ پير رکڻ لاءِ دل جهلي نٿي سگهيو - جيتوڻيڪ ڪين خبر هئي ته سندن رتبي ۽ منصب جي اِها تقاضا هئي ته هو خداوند قدوس ۽ پاڪ ڪليسا جو ڪم ڏک ۽ سک ۾ پورو ڪندا رهن.

عوام جي دلين کي گرمائڻ لاءِ ٻي ڪابه ڳالهه اهڙي ڪارگر

ڪانهي، جهڙو سندن اڳواڻن جي بهادريءَ ۽ بي ڊپائيءَ جو ڪو ڪم، جيڪو سندن اکين اڳيان ٿي گذري. صدين لنگهي وڃڻ کان پوءِ اڄ به مارسيلز، وائنا ۽ ٻين تڏهوڪن شهرن، ۽ خود جينيوا جي شهر ۾ آنهن ڪن بي خوف ۽ سرفروش شخصن جي يادگيري قائم آهي، جيڪي آن وڏيءَ بيماريءَ وقت، پنهنجي جان خطري ۾ وجهي، رضاڪارانه طور، خالص پنهنجي خدمت جي جذبي هيٺ، مريضن جي سارسنڀال لهندا ۽ مرض ۾ مري ويلن جي ڪفن دفن جو ڪم ڪندا رهيا. عام ماڻهو پنهنجن اڳواڻن جا اهڙا دليريءَ ۽ سرفروشيءَ جا ڪم ڪڏهن به نه وساريندا آهن. پر ساڳيءَ طرح عام ماڻهن جي دلين تان فيصلي جي گهڙيءَ تي پنهنجن بزدل اڳواڻن جي بزدلي به ڪانه وسرندي آهي. اِئين جينيوا جا شهري به پنهنجن آنهن روحاني آقائن کي ڌڪار ۽ ڪاوڙ وچان ڏسندا رهيا، جيڪي ديولين جي منبرن تان ڊگها ڊگها واعظ ڪري، پنهنجن جماعتين کان ته وڏين وڏين قربانين جي طلب ڪندا رهيا، پر وقت اچڻ تي پاڻ پنهنجي سر ڪابه قرباني ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. آن جي بدران، جينيوا ۾ اِنهيءَ ڳالهه تان جيڪا عام ناراضگي آيري رهي هئي، تنهن کي ماٺي ڪرڻ لاءِ آن وقت هڪ جهالت ۽ ڪنورپٽي جي حد جو کيل رچيو ويو. ڪائونسل جي حڪم سان، ڪن ڏتڙيل مسڪين ماڻهن کي جهلي وٺي آيا ۽ آنهن کي سخت مارڪُٽ ڪري ۽ ايذاءَ ڏيئي، آنهن کان قبول ڪرايائون ته آهي شيطان جي چيٽي مان هڪڙو ڪو ملم ٺاهي، ڪن گهرن جي درن کي لائي ويا هئا ۽ آنهيءَ ڪري شهر ۾ پليگ پيئي هئي! ڪالون نه رڳو هين واهيات ڳالهه کي رد نه ڪيو، پر آن جي پنهنجي سر پاڻ زوراٿي پشتي ڪئي ته برابر اِنهيءَ طرح شهر ۾ پليگ پيئي هئي! هُن شهر جي وڏيءَ ديول جي منبر تي چڙهي، جماعتين کي ٻڌايو ته آن "شيطان جي پليتائيءَ مان ٺهيل ملم" تحقيق شهر جي مٿان وڏي مصيبت آندي هئي؛ هُن وڌيڪ اِهو به ڦاٽ ڦاڙيو ته ڏينهن ڏٺي جو هند ۾ ستلَ هڪڙي دَهريي کي شيطان زوريءَ پنهنجي ياکر ۾ ڪٺي، وچي رون نديءَ ۾ اڇليو هو - ڇو ته خود شيطان کي به اِها ڳالهه پسند نه هئي ته

ماڻهو ڏُهريا هجن! خاص ڪري اِنهيءَ پوئينءَ ڳالهہ تي خود سنڌس پنهنجا جماعتي بہ پاڻ کي روڪي نہ سگهيا ۽ کلي ويٺا. ڪالون لاءِ اِهو پهريون پيرو هو، جو سنڌس جماعتي، واعظ هلنڊي، سنڌس ڪنهن ڳالهہ تي اِئين ظاهر ظهور کلي پيا هجن، ۽ هن کي پنهنجي اهڙي بي عزتي چپ چاپ برداشت ڪرڻي پيئي هجي.

بهرحال، ڪالون جي عقلَ ڪُل هجڻ ۾ عام ماڻهن جو ايمان - آهو ايمان، جيڪو هر آمر جي طاقت لاءِ هڪَ مضبوط نفسياتي بنياد جو ڪم ڏيندو آهي، سو هِن پليگ جي بيماريءَ دوران گهڻي قدر ختم ٿي ويو. هن جي واپسيءَ تي جنهن جوش خروش جو اظهار ڪيو ويو هو، سو هاڻي مانو ٿي چڪو هو؛ اَن جي عوض جيئن پوءِ تيئن وڏنڊڙ دائرن ۾ هن جي خلاف هڪ قسم جي چؤپچؤ ٿهلجي رهي هئي. اِها ڪالون جي خوش نصيبي هئي، جو هن جي خلاف هيءَ عام چؤپچؤ وڏن، ويڪرن دائرن ۾ پکڙي رهي هئي، ۽ اجا ڪٺي هڪ مرڪز تي گڏ ٿي، ڪنهن خاص مخالفت جي صورت وٺي نہ سگهي هئي. مرڪزيت مان هميشه آمريت فائدو پئي ورتو آهي - جنهن جي نتيجي ۾ آمر جي هڪ پيرو قائم ٿيل حڪومت گهڻو وقت جٽاءُ ڪري سگهندي آهي، اِن وچ ۾ هُن جا چست مددگار ۽ ساٿي گهڻجي گهڻجي، قليل اقليت جي صورت ۾ بہ اچي ويندا آهن. پر آمر جي ساٿين ۽ مددگارن جي هِن اقليت جو جارحانہ ارادو هڪ منظم اتحاد جي صورت ۾ موجود رهي ٿو؛ ٻئي پاسي، مخالف اڪثريت جا ڇڙ وِڇڙ ارادا، الڳ الڳ دائرن مان آٿيل ۽ اڪثر هڪٻئي جي ابتڙ مقصدن وارا، مشڪل سان ڪڏهن هڪ هنڌ گڏ ٿي، ڪا هڪ مؤثر قوت بنجي سگهن ٿا. آمريت جي خلاف اندرون اندر بغاوت جو جذبو ڪٺي اڪثريت جي دل ۾ موجود هجي، پر اَن سان ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو وري؛ جيڪڏهن هنن جي بغاوت جو جذبو ايترو تيز ۽ آجهل نہ آهي، جو ڪين يڪجا ٿي، گڏيل مقصد جي حصول لاءِ، منظم تحريڪ شروع ڪرڻ تي مجبور ڪري سگهي، تہ آهو سنڌن باغي جذبو ڪنهن ڪم جو ڪونهي. اِهو ئي سبب آهي، جو آمر جي خلاف پهرينءَ ناڪام

بغاوت ۽ سندس آخري خاتمي جي وچ ۾ ڪافي ڊگهو عرصو اهڙي ماٺ تي ويندي آهي، جو سمجهبو آهي تہ هُن جي خلاف ڪنهن ڪامياب بغاوت جو ڪو امڪان ئي ڪونهي. ڪالون، سندس "محڪمو امور مذهبي"، هن جا واعظين ۽ جينيوا ۾ ٻاهران آيل پناهگير جيڪي عوام ۾ سندس گهٽي ۾ گهٽا ۽ وڏ ۾ وڏ مددگار ۽ ساٿي هئا - آهي سيئي هڪ بلاڪ جي صورت ۾ متحد هئا، آنهن جو هڪ خاص ۽ مشترڪ ارادو هو، ۽ آهي هڪ مرڪز تي گڏ ٿيل ۽ هڪ قيادت هيٺ ڪم ڪندڙ متحرڪ قوت هئا. هنن جا مخالف ٽڙيل پکڙيل ۽ هرسمڪن دائري ۽ طبقي سان واسطو رکندڙ، چُٽ سُڙهيءَ، بي اثر ۽ جامد ذرن وانگر هئا، جن مان ڪنهن کي بہ ڪو ڊپ نٿي ٿيي سگهيو. آنهن مان ڪي اهڙا بہ هئا، جي اصل ڪئٿولڪ شريعت سان وابستہ هئا، ۽ مخفي طرح اجا آن ۾ ايمان هون؛ ڪي تہ موالي بہ هئا، جن تي ساقي خانن جا دروازا بند ڪيا ويا هئا؛ آنهن مان ڪي آهي عورتون بہ هيون، جن کي اڳي وانگر مٽڪ چٽڪ ڪري هلڻ جي اجازت نہ هئي؛ آنهن ۾ امير گهرائن جا ڪي اهڙا ماڻهو بہ هئا، جن کي اِها ڪاوڙ هئي تہ ڪالويني دور ۾، جيڪي اڳ ٻائيءَ لاءِ محتاج هئا، آنهن مان بہ ڪيترا طاقتور بنجي ويا هئا، ۽ جيڪي رڳو بہ چار مهينا اڳ جينيوا ۾ پناهگير بنجي آيا هئا، آهي بہ هڪدم وڏي وڏن وڏن ۽ سٺين سنابن عهدن تي وجي قابض ٿي ويٺا هئا. اهڙيءَ طرح ڪالون جي مخالفت جيتوڻيڪ تعداد ۾ گهٽي هئي، پر آن ۾ هرقسم جا ماڻهو شامل هئا - چڱن ۾ چڱا ۽ خراب ۾ خراب، هيٺا، ڏاڍا، امير، غريب هرقسم جا عناصر آن ۾ داخل هئا؛ ۽ جيسين ڪا ناخوش ۽ ناراض مخالفت پنهنجن سيني جزن کي گڏي، هڪ قوت بنجي، هڪ مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ تحرڪ ۾ نٿي اچي، تيسين آن جا ٽڙيل پکڙيل جزا رڳو نلهي پٽ پٽ ڪري سگهن ٿا - وڏيڪ آنهن مان ڪا ڳالهہ وري سري نٿي سگهي. آهي اِئين آهن جيئن هٿياربند فوج جي آڏو ڪو بي هٿيار انبوهہ، منظم دهشت آڏو ڪو غير منظم چؤٻول يا گوڙ. اِنهيءَ ڪري آهي ڪجهہ بہ نٿا ڪري سگهن. هِنن پهرين سالن ۾، ڪالون نهايت

آسانيءَ سان مخالفت جي اِنهن ڇڙ وڇڙ عناصرن تي پنهنجو قبضو قائم ڪري سگهيو: هو هُن جي آڏو مؤثر حد تائين پاڻ ۾ گڏجي نہ سگهيا، ۽ هُن منجهائن هر هڪ گروهہ کي الڳ الڳ ختم ڪري ڇڏيو. جڏهن ڪو نظريي باز وڏي اقتدار جون واڳون سنڀالي ٿو، تڏهن وڏ ۾ وڏ پنهنجي لاءِ خطرو هو فقط اُن ماڻهوءَ کان محسوس ڪري ٿو، جيڪو ڪنهن مقابل نظريي جو حامي ۽ مبلغ آهي. ڪالون، جيڪو ڏاڍو هڪ ڏاهو شخص هو، تنهن اِها ڳالهہ هڪدم پروڙي ورتي هئي. هو سچ پچ فقط اُنهن مخالفن کان ڊنو ٿي، جيڪي ذهني ۽ اخلاقي طور هن جي برابر هئا. ۽ سڀ کان وڌ هو سيباستيان ڪاستيلو کان ڊنو ٿي، جيڪو ظاهرظهور ڪانئس ذهني ۽ اخلاقي طور ڪافي ڪجهہ اُچتي هو، ۽ جيڪو هڪ آزاد روح جي اَجهل جذبي سان هِن آمر جي روحاني تشدد ۽ دٻاءَ خلاف بغاوت جو بار پنهنجن ڪمزور ڪلهن تي هيڪل کڻي اُٿي وڌيو هو.

ڪاستيلو جي هڪڙي تصوير اسان تائين پهتل آهي، پر اُها بہ ڪا اهڙي صاف ۽ سٺي نڪتل ڪانہ ٿي معلوم ٿئي. اُن مان هي ڏسي سگهجي ٿو تہ هو هڪ ڳنڀير سُڀاءَ ۽ سوچيندڙ ذهن جو ماڻهو هو. هن جي اکين مان هن جي صاف دلي بکي ٿي، ۽ هن جي پيشانيءَ مان هن جي بي خوفي ظاهر آهي. هن جي تصوير مان اسين سندس اخلاق جي اونهاين ۾ تہ جهاتي پائي نٿا سگهون، پر اُن ۾ اسين هن جي هڪ خصوصيت پرکي سگهون ٿا - خوداعتماديءَ ۽ هڪ کَرائيءَ جي خصوصيت. جي ڪالون ۽ ڪاستيلو جون تصويرون گڏوگڏ رکي ڏسجن، تہ هوند ٻنهي شخصن جي ذهني اختلاف جو عڪس سندن صورتن جي اختلاف ۾ پڌرو محسوس ٿي سگهي ٿو. ڪالون جي مهانڊي ۾ ڇڪ ۽ تاڻ ۽ بيماريءَ جي حد تائين بيزاري ڏسجي ٿي، ۽ ڪاستيلو جي مُنهن تي نماڻائي، ٻاجهہ ۽ سڪون ڇانيل پيو ڏسجي. هڪ پاسي بي صبري، ڪَٽَرُ ۽ هوڏ آهي تہ ٻئي پاسي اسين صبرَ، کهلَ ۽ مريادا جون ريکائون ڏسي سگهون ٿا.

اسان کي ڪاسٽيلو جي جوانيءَ جي ايتري ئي ٿوري ڄاڻ آهي، جيتري هن جي شڪل شبيهہ جي. هو ڪالون کان ڇهہ ورهيہ پوءِ ١٥١٥ع ۾ ڊافن شهر ۾ ڄائو هو، جيڪو اُن زماني ۾ سئٽزرلئنڊ، فرانس ۽ سئوائي رياست جي سرحدن جي وچ تي هڪ آزاد شهر هو. ڪاسٽيليان هن جي خاندان جو نالو هو، جنهن تان هو پنهنجي جنم جي نالي، سيباسٽيان، جي پنيان پاڻ کي ڪاسٽيلو چوائيندو هو. هن جي مادري ٻولي فرينچ هئي، جيتوڻيڪ هو اطالوي ٻولي بہ ننڍي هوندي ئي ڳالهائڻ سکيو هو ۽ اُن تي مادري ٻوليءَ جهڙو ئي قبضو هوس. ويهن ورهين جي عمر ۾ هو اٿليءَ جي ليانس يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو ۽ اُتي هن لاطيني، يوناني ۽ هيبريو ٻوليون سکيون، ۽ آخر ۾ هن جرمن ٻولي بہ سکي ورتي. علم جي هر صنف تي هن کي ايڏو تہ عبور هو ۽ اُن جي هر دائري ۾ هن کي ايتري تہ دسترس حاصل هئي، جو اُن دور جي سمورن انسان دوست ۽ مذهبي علمائن جي نظر ۾ متفقہ طور هو پنهنجي وقت جو وڏي ۾ وڏو عالم هو. موسيقيءَ سان هن کي بيحد پيار هوندو هو ۽ اُن ۾ هن پوري مهارت حاصل ڪئي. پهريائين پهريائين هُن موسيقيءَ جي درس سان ئي پنهنجو روزگار ڪمائڻ شروع ڪيو. پوءِ هن لاطيني ٻوليءَ ۾ ڪيترائي شعر رچيا ۽ نثر جا ڪتاب لکيا، جن جا موضوع اڪثر قديم يوناني ۽ روسن تهذيبن جي علمي، ادبي ۽ فڪري مسئلن سان لاڳاپيل هئا، جن جو هن جي پنهنجي دور جي مسئلن سان ڪوبہ تعلق ڪونہ هو. ترت ئي هن جي من ڏوڏو ڪاڏو ۽ هن جي ذهن ۾ پنهنجي دور جي مسئلن کي سمجهڻ ۽ اُنهن کي حل ڪرڻ جو خيال پيدا ٿيو. هن جي من جي هيءَ تبديل هن جي پنهنجي هڪ شخصي تجربي جو نتيجو هئي. جڏهن پهريون پيرو، ليانس جي شهر ۾، هن 'ڪافرن' کي جيئري باهہ ۾ جلندو ڏٺو، ۽ هڪ طرف اُنهن جي همت ۽ ثابت قدميءَ ۽ ٻئي طرف ڪئٿولڪ شريعت جي 'مقدس ديني عدالت' جي وحشي ظلم ۽ ڪنورتا جو مظاهرو ڏٺائين، تڏهن هن جو سچو روح جهنجهوڙجي ويو؛ ۽ اُتي ئي هُن پنهنجي دل ۾ پڪو ارادو ڪيو تہ اڳتي هو فقط اُن نئين اصول لاءِ ئي جيئندو ۽ لڙندو، جنهن

لاءِ هو ’ڪافر‘ سڏي رهيا هئا، ۽ اهو نئون اصول پوءِ هن کان سڄي عمر آزاديءَ جو ديوتا بنجي قربانين ٿي قربانين جو بُکُ گهرندو رهيو ۽ ذاتي طرح هن کي اُن سڄيءَ عمر جي تپسيا مان ڪوبه سک ۽ ڪوبه فائدو ڪونہ پهتو.

ڪاسٽيلو اُن وقت ٢٤ سالن جو هو. جنهن گهڙيءَ هُن اِهو ارادو ڪيو، ۽ ”ديني اصلاح“ جو ڪم هٿ ۾ کنيائين، اُن گهڙيءَ کان وٺي، هن جي آخري دم تائين هن جي زندگي خطري ۾ رهي. جتي بہ ڪنهن حڪومت يا ڪنهن سرشتي هيٺ فڪر جي آزاديءَ کي زوريءَ دٻايو وڃي ٿو، اُتي جيڪي ماڻهو ضمير تي زور جو غلبو برداشت نٿا ڪري سگهن، اُنهن لاءِ فقط ٽي ممڪن رستا کليل رهن ٿا. هُنن لاءِ ممڪن آهي تہ تشدد جو کليو کلايو، ٻاهر ميدان تي نڪري، مقابلو ڪن ۽ اُن ۾ شهيد ٿي وڃن؛ يا، پنهنجي اندر جي آزاديءَ کي بچائڻ جي خيال کان، ٻاهرينءَ طرح پيش پون تہ جيئن سندن جان بچي، ۽ پوءِ پنهنجا ذاتي خيال ڪجهہ لڪائيندا ۽ ڪجهہ ڍڪيل انداز ۾ ظاهر ڪندا رهن - دشمن جي حملن کان پاڻ بچائيندا، مٿس ڪنهن پناهہ گاهہ مان زهريلا تير اڇلائيندا، خونخوار وحشين کي پنهنجي حڪمت عمليءَ جي داءُ پيچ سان ٺڳيندا ۽ گمراهہ ڪندا رهن. ٽيون رستو آزادي پسندن لاءِ هي کليل آهي تہ هو آزاديءَ جو پنهنجو جذبو دل ۾ محفوظ رکي، اُن ملڪ مان ڌڪري وڃن، جتي آزادي بيوس آهي ۽ ڌڪارجي ٿي ۽ مظلوم آهي، ۽ ٻئي ڪنهن اهڙي ملڪ ۾ جلاوطن ٿي وڃي رهن، جتي آزادي وڌي ويجهي ٿي، ڦلجي ڦولجي ٿي ۽ جتي اُن جو احترام آهي. ڪاسٽيلو هڪ سچار پر غريب سڀاءَ جو ماڻهو هو، اِنهيءَ ڪري هن پنهنجي لاءِ پُرامن رستو پسند ڪيو. هن جڏهن پهرين پروٽيسٽنٽ شهيدن کي جيئري باهہ ۾ سڙندو ڏٺو، اُن کان ٿورو ئي پوءِ، ١٥٤٠ع جي بهار جي موسم ۾، هو دل ۾ آئنده پروٽيسٽنٽ تحريڪ جي هڪ رضاڪارانہ مبلغ طور ڪم ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري، ليانس کي ڇڏي، اِسٽرُسبرگ شهر هليو ويو، جتي پروٽيسٽنٽ نوجوانن لاءِ ڪالون جي زال هڪ هاسٽل قائم ڪئي هئي تہ جيئن اُنهن

کي تعليم ۽ تربيت ڏيئي، نئين نظريي لاءِ آئيندي جا پرچارڪ تيار ڪيا وڃن. ڪاستيلو هن هاسٽل ۾ ست ڏينهن رهيو، ۽ آتي هو خود ڪال ون سان به مليو، پر منجهن ڪا گهڻي واقفيت ۽ ويجهڙائي پيدا ٿي ڪانه سگهي. ڪال ون آنهن ڏينهن ۾ جينيوا سان، پنهنجي پهرئين مختصر اقتدار جو دور گذاري، شهربدر ٿي، آتي وڃي رهيو هو. ڪاستيلو جي آتي پهچڻ کان ترت ئي پوءِ ڪال ون جي جينيوا ڏانهن ڪامياب واپسي عمل ۾ آئي. جينيوا سان، فاريل جي سفارش تي ۽ ڪال ون جي منظوريءَ سان، ڪاستيلو ڏانهن جينيوا جي ڪاليج ۾ استاد طور ڪم ڪرڻ جي آڇ موڪلي ويئي، جا هُن هڪدم قبول ڪئي. جڏهن هو آتي پهتو، ته هن کي ڪاليج جي ريڪٽر يعني پرنسپال جو رتبو ڏنو ويو، ٻه وڌيڪ استاد سدد لاءِ هن جي حوالي ڪيا ويا، ۽ هن کي شهر جي ٻهراڙيءَ ۾ وئنديرس جي ديول جو خطيب پڻ مقرر ڪيو ويو. اِئين ٿي ڏسڻ ۾ آيو ته اِسٽرئسبرگ ۾ ڪال ون سان هن جي پهرينءَ ملاقات ڪال ون تي هن جي علمي لياقت ۽ دل جي جذبي ۽ خلوص جو ڪافي ڪجهه اثر ڇڏيو هو.

ڪاستيلو پاڻ ۾ هيءُ اعتماد صحيح ثابت ڪري ڏيکاريو. هو هڪ بيحد ڪامياب استاد ثابت ٿيو. هُن لاطيني ٻوليءَ جي آسان سکيا لاءِ انجيل جي سبق ڪان مکيه ۽ دلچسپ آکاڻين کي فرينچ ۽ لاطيني ڊايالاگن جي شڪل ۾ آندو. هيءُ ننڍڙو ڪتاب، جيڪو سچ پچ ته جينيوا جي ٻارن لاءِ لکيو ويو هو، سڄيءَ مسيحيءَ دنيا ۾ ايترو ته مشهور ٿي ويو ۽ فائديمند ثابت ٿيو، جو صدين تائين آهو پوءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ رائج رهيو ۽ آن جا سٽيتاليهه ڇاپا پڌرا ٿيا. هزارين شاگرد آن جي وسيلي ڪلاسيڪي لاطينيءَ جو ابياس ڪري سگهيا. جيتوڻيڪ ڪاستيلو جو هيءُ "آسان لاطيني رهبر" سندس ٻين انسان شناس تعليم جي تبليغي ڪتابن ۾ جڻ هڪ ننڍڙو پٿرو هو، جو اِئين سمجهجي جڻ اتفاق سان لکيو ويو هو، پر سچ پچ ته اِهو ئي ڪتابچو هو، جنهن تڏهوڪيءَ سڄيءَ علمي دنيا ۾ هن جو ايڏو نالو روشن ڪيو هو.

پر ڪاستيلو جو ارادو اهڙي هڪڙي رڳو اسڪولي ٻارن

جي رهبر لکڻ کان گهڻو مٿيرو هو. هن جو ارادو سڄي انجيل جو ترجمو پهريائين لاطيني ٻوليءَ ۾ ۽ پوءِ فرينچ ٻوليءَ ۾ تيار ڪرڻ جو هو. جيئن مارٽن ليوٿر ۽ اِرئسمس جي بلند ارادن ۽ تخليقي محنت سان جرمن ٻولي ڳالهائيندڙن لاءِ انجيل جا جرمن ٻوليءَ ۾ ترجما ٿي چڪا هئا ۽ هاڻي انهن لاءِ اِهو ممڪن ٿي سگهيو هو ته سڌيءَ طرح هو پاڻ، جو ڪجهه آن مقدس ڪتاب ۾ سچ هو، سو ڏسي، پڙهي ۽ سمجهي سگهن، تيئن ڪاسٽيلو جو خيال هو ته سندس فرينچ ٻولي ڳالهائيندڙ ڀائر به پنهنجي سر پاڻ انجيل مقدس جو پنهنجي فرينچ ٻوليءَ ۾ مطالعو ڪن ۽ آن جي سچ کي سڌيءَ طرح پنهنجو پاڻ پروڙي سگهن. ڪاسٽيلو پوءِ پنهنجي پوري جوش ۽ پوري پيار ۽ دل جي شوق سان هن عظيم ڪم ۾ لڳي ويو. ڏينهن جو هو پنهنجي معمولي پگهار کي حلال ڪري کائڻ لاءِ پنهنجا دستوري فرض پوريءَ محنت ۽ ايمانداريءَ سان بجا آڻيندو رهيو ته جيئن پنهنجن ٻچن جو پيٽ پالي سگهي، ۽ راتين جو اوجاڳا ڪيدي، آن پنهنجي خالص پيار جي پورهئي کي لڳو رهيو: تان جو، تقريباً پورن ٽن سالن جي محنت سان هُن پنهنجو آهو عظيم ڪم پورو ڪيو.

ڪاسٽيلو کي پنهنجي هن بي بها ڪاوش کي شايع ڪرڻ ۾، بهرحال، جيڪا رڪاوٽ آڏو آئي، آن کي هٽائڻ هن جي وس کان ٻاهر هو. پهريائين جينيوا جي هڪ ڪتب فروش هن جي لاطيني ترجمي جي شايع ڪرڻ جو هن سان واعدو ڪيو هو، پر ڇاڪاڻ ته جينيوا ۾ ڪالون هر قسم جي نفسياتي ۽ روحاني ڳالهين جي سلسلي ۾ مختار ڪُل هو، اِنهيءَ ڪري سڀ کان اول هن مسئلي ۾ ڪالون جي رضامندي ۽ اجازت جي گهرج هئي. جينيوا جي شهري رياست جي حدن اندر ڪوبه ڪتاب ۽ ڪابه تحرير هُن جي موڪل کان سواءِ شايع نٿي ٿي سگهي. تحرير ۽ تقرير، بلڪ راءِ جي هر قسم جي اظهار تي بندش آمريت جي دستور جو لازمي حصو هوندو آهي.

ڪاسٽيلو پنهنجا ترجما کڻي ڪالون وٽ ويو - هڪڙو ديني عالم ٻئي ديني عالم وٽ، علم جي دنيا ۾ پنهنجي هڪ ساٿيءَ وٽ - ته هو

سندس محنت ۽ لياقت جو قدر ڪري. پر اختيار جا صاحب، خاص ڪري آهي جيڪي اختيار کي سڀڪجهه سمجهندا آهن، هرقسم جي آزاد ۽ خود اعتماد خيال کي پنهنجي اختيار ۽ ذاتي مٿيرائيءَ لاءِ چئلينج تصور ڪندا آهن. ڪالون اڳي ئي پنهنجي هڪ مائٽ جي ناهيل انجيل جي هڪڙي فرينچ ترجمي کي پسند ڪري، آن جو مهاڳ لکي، اهو گويا اعلان ڪري چڪو هو ته پروٽيسٽنٽ شريعت جو آهو هڪ مستند فرينچ ترجمو هو. پوءِ ڪاسٽيلو جي ڪهڙي مجال هئي، جو ڪالون جي اهڙي ذاتي طور بحال ڪيل ترجمي کي معتبر ۽ صحيح ترجمو، بلڪ واحد سرڪاري ترجمو، تسليم نه ڪري، ۽ آن جي مٿان پنهنجو هڪ نئون ترجمو آڻي اڳيان رکي، جڏهن ائين چوندو هجي ته ڪالون جو تصديق ٿيل اڳيون ترجمو ناقص ۽ غيرمستند هو، ۽ آن کي هٽائي سندس نئون ۽ بهتر ترجمو قبول ڪيو وڃي! ڪالون کي پنهنجي هن زبردست جي ايڏيءَ جرئت ۽ گستاخيءَ تي سخت ڪاوڙ لڳي. ٿي ڏينهن پوءِ ڪالون هن ڳالهه جو ذڪر ڪندي، وريٽ نالي هڪ شخص ڏانهن خط ۾ لکيو ته ”...هن سيباسٽيان جا ڪم ته ڏسو ته پنهنجي هيءَ نامعقول ڳالهه مون وٽ کڻي آيو - جنهن تي مون کي کل به پئي آئي، ۽ ڪاوڙ به پئي ورتم: ٽيون ڏينهن هيءُ مون وٽ آيو ۽ اچي چيائين ته انجيل مقدس جو ترجمو ڪيو اٿم، تنهن جي اشاعت جي اجازت ڏيوم!“ جنهن تلخيءَ سان هن ڳالهه جو ائين ذڪر ڪيو اٿس، تنهن مان ظاهر آهي ته اِن کي هُن پنهنجي ذاتي بي عزتي سمجهيو هو. بهرحال هُن ڪاسٽيلو کي ترجمي شايع ڪرڻ جي ڪا خاص اجازت ڪانه ڏني، بلڪ ائين چئجي ته آن تي اهڙو هڪ شرط وجهي ڇڏيائين، جو آن جو قبول ڪرڻ خود ڪاسٽيلو لاءِ مشڪل بنجي پيو - چي، ”اجازت ڏيئي سگهبي، پر پهريائين آءٌ پاڻ اهو ترجمو پڙهندس ۽ جيڪي درستيون مون کي مناسب لڳيون، سي آن ۾ ڪندس.“

هيڏانهن ڪاسٽيلو جي طبيعت ۾ ته ڪنهن قسم جي هوڏ ۽ اجائي خودسَري هوندي ڪانه هئي. هُن ڪڏهن به ڪالون وانگر اهڙو اعلان ڪونه ڪيو هو ته سندس پنهنجو رايو ئي سڀ کان وڌيڪ صحيح بلڪ واحد

هئي، هن کي تہ حڪم صادر ڪرڻو هو. اِنهيءَ ڪري هن ڪاسٽيلو جي تجويز کي، غصي ۾ ٻرجي، رد ڪري ڇڏيو – ”مون هن کي ڇيو تہ جيڪڏهن هو مون کي پوريون سؤ گينيون بہ ڏئي، تہ بہ آءٌ هن سان ويهي ڳالهہ ۾ بحث ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوس. هُن ڇا ٿي سمجهيو تہ لفظ لفظ تي هن سان بہ ٻہ ڪلاڪ ويهي آءٌ متا ماري ڪندس! بس، اِهو جواب ٻڌي، هو ڇُڙي ڪيون هليو ويو.“

اِهو پهريون ڀيرو هو، جو ڪالون ۽ ڪاسٽيلو جي وچ ۾ مُنهان مُنهن اختلاف ٿيو هو. ڪالون بهرحال سمجهي ويو تہ ڪاسٽيلو اهو ماڻهو نہ هو، جيڪو ديني ۽ روحاني معاملن ۾ چپ چاپ وٺس پيش پئجي سگهي. ڪاسٽيلو جي مات ۽ نيازمنديءَ ۾ دن کي پنهنجو هڪ اڏول ۽ بي خوف مخالف نظر آيو – آزاد ذهن رکندڙ هڪ شخص، جنهن کي پنهنجي بي قيد راءِ جو قدر ۽ پنهنجي ضمير جو احترام هو، ۽ جيڪو ازل کان آمريت جو ويري هوندو آهي. انهيءَ ئي گهڙيءَ ڪالون جي دل ۾ اِهو پڪو ارادو پيدا ٿيو تہ اهڙي شخص کي پهرئين موقعي ملڻ تي هيٺ ڪيرائڻو آهي، جيڪو ٻئي ڪنهن جي حڪم سڃڻ بدران فقط پنهنجي ضمير جي آواز تي هلڻ لاءِ ضد ٻڌي ٿي بيٺو! بلڪ اهڙو ماڻهو تہ جينيوا ۾ رهڻ جي ئي لائق نہ هو.

جنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي ڪنهن ڪم لاءِ مينهُن گهرجي، آن کي آن لاءِ هڪ ڪان ۾ مينهن بہ ملي وڃن ٿا. ڪالون کي بہ آن لاءِ گهڻو وقت ترسڻو ڪونہ پيو. ڪاسٽيلو کي وڏو ڪٽنب پالڻو هو، ۽ ڪاليج مان جيڪو معمولي پگهار کيس ملبو ٿي، سو هن لاءِ پنهنجن ٻارن جي پيٽ پرڻ ۽ بت ڍڪڻ لاءِ ڪافي نہ هو. هن کي آن لاءِ سدائين خانگي ٽيوشنن تي ڀاڙڻو پيو ٿي. هن چاهيو ٿي تہ پڙهڻ لکڻ جي هن کي ڪجهہ وڌيڪ فرصت ملي. هن جي مرضي هئي تہ هن کي ”ڪلام خداونديءَ جي واعظ“ جي جڳهہ ملي، جنهن جو پگهار بہ چڱيرو هو ۽ آهو ڪم ڪجهہ وڌيڪ هن جي دل وڻان پڻ هو. جنهن ڏينهن کان جيئرن انسانن کي باهہ ۾ سڙندو ڏسي، هو ليانس جي شهر مان نڪتو هو، تنهن ڏينهن کان

وٺي، هن جي دل ۾ هو ته ڪنهن طرح هو انجيل مقدس جي سچيءَ تعليم جو سباغ بنجي، دنيا ۾ مسيحي حق جي اشاعت جو ڪجهه ڪم ڪري. جينيوا ۾ اچڻ کان پوءِ هن هي سچو عرصو وئنبڊيرس جي ديول ۾ خطيب جا فرض بجا آندا هئا ۽ اِن ڪم ۾ هُن جي خلاف ڪابه چون چرا ڪانه ٿي هئي. سڄي جينيوا جي شهر ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو آن وقت سڀ کان وڏيڪ مسيحي تعليم جي واعظ مقرر ٿيڻ ۽ پروٽيسٽنٽ شريعت جي پادري برادريءَ ۾ شامل ٿيڻ جي لائق هو ته آهو ڪاسٽيلو هو. هن جي درخواست جي شهر جي انتظاميه پڻ پٺڀرائي ڪئي هئي. درحقيقت، ڊسمبر ١٥، ١٥٤٣ع تي، شهري ڪائونسل، يڪراءِ نهرائُ بحال ڪري، هن جي درخواست قبول ڪري چڪي هئي - ”جيئن ته سيباسٽيان هڪ تسليم ٿيل عالم شخص آهي ۽ ڪليسا جي خدمتگذاريءَ جو هر طرح لائق آهي، اسين هُن کي هِن حڪم وسيلي ’مقدس انجيل جو واعظ‘ مقرر ڪيون ٿا.“

پر شهري اختياريءَ وارن ڪالون کي ڪونه ٿي سڄاتو. ڇا؟ هُنن رياست جي مير واعظ جي پڇڻ کان سواءِ ئي ڪاسٽيلو کي واعظ مقرر ڪرڻ جي جرئت ڪئي هئي - ڪاسٽيلو، جيڪو، هڪ خود راءِ شخص هئڻ سبب، ڪالون لاءِ ڪافي وڏو مسئلو ثابت ٿي سگهيو ٿي؟ خاص طرح اِنهيءَ صورت ۾ به، جو واعظ جي حيثيت ۾ هو خود بخود محڪمي امور مذهبيءَ جو به ميمبر ٿيي پيو ٿي! ڪالون هڪدم شهري ڪائونسل جي فيصلي جي خلاف سخت احتجاج ڏياري موڪليو، ۽ فاريل ڏانهن جدا خط ۾ آن جو سبب بن معنيٰ خيز جملن ۾ هي لکيائين ته ”هِن مقرريءَ جي خلاف وڏا سبب آهن. ڪائونسل ڏانهن پنهنجي احتجاجي خط ۾ مون آنهن سببن ڏانهن فقط هلڪي اشاري کي ڪافي سمجهيو، آنهن کي کولي بيان نه ڪيم. ڇاڪاڻ ته مون مناسب نه سمجهيو ته هُن جي نالي تي ڪو داغ لڳي: منهنجي مرضي هن کي بچائڻ جي هئي ۽ نه ڪنهن قسم جي نقصان پهچائڻ جي.“

جڏهن اسين اِهي سبهر ۽ پراسرار جملا پڙهون ٿا، ته اسان جي

جي حق جي دعوا ڪري، آن جي ڪا جاءِ ڪانه هئي.

اِنهيءَ ڪري شهري ڪائونسل جيڪڏهن ڪاسٽيلو ۽ ڪالون کي پنهنجي سامهون عام مناظري لاءِ گهرائي به ها، جتي هُنن کي پنهنجي پنهنجي ڳالهه جي ثابتيءَ ۾ دليل ۽ سندون پيش ڪرڻيون پون ها، ته اِهو آن جي فقط وقت جو زيان ئي ثابت ٿئي ها. ڪالون متعلق هيءَ ڳالهه جيترا پيرا وري وري ظاهر ڪجي، ته آها جائز آهي ته هُن فقط سيڪارڻ ٿي چاهيو، سکڻ ڪڏهن به نٿي چاهيو. ٻئي جي خيالن کي سمجهڻ يا اهميت ڏيڻ هو سگهيو ئي نه هو. هو ڪنهن مان به ڪنهن مسئلي تي بحث ڪونه ڪندو هو، پر آن باري ۾ فقط پنهنجي ڳالهه هُن تي مڙهيندو هو. هِن معاملي ۾ جڏهن صورت ڳالهه ٻولهه تائين پهتي، تڏهن پهريون گفتو جيڪو ڪالون پنهنجي زبان مان ڪڍيو، سو هيءُ هو ته ڪاسٽيلو کي ”اسان جي فڪر جي رستي تي موٽي اچڻ گهرجي“، ۽ هُن کي چتاءُ ڏنائين ته هُن کي ”پنهنجي فيصلي تي اعتبار رکڻ مان سخت نقصان رسندو هو“، ڇاڪاڻ ته آهو ڪليسا جي عظيم ۽ اڻل اتحاد جي آڏو رڪاوٽ ثابت ٿي رهيو هو. هوڏانهن ڪاسٽيلو پنهنجيءَ جاءِ تي ڪالون وانگر ئي مضبوط رهيو ۽ سندس خود اعتماديءَ ۾ ذري برابر به لوڏو نه آيو. ڪاسٽيلو جي نظر ۾ ضمير جي آزادي انسان جي وڏي ۾ وڏي روحاني نيڪي هئي، ۽ آن آزاديءَ لاءِ هو هر قسم جي دنيوي قيمت ڀري ڏيڻ لاءِ تيار هو. هُن سمجهيو ٿي ته ڪيس فقط آنهن ٻن رواجي ڳالهين ۾ ڪالون کي شڪست ڏيڻي هئي، ۽ آن کان پوءِ ’محڪمي امور مذهبيءَ‘ ۾ هُن لاءِ بهتر پگهار سان ۽ پوري مانَ شانَ واري پنهنجي پسند جي جڳهه محفوظ رکي هئي.

ڪاسٽيلو پوريءَ خود داريءَ سان جواب ڏنو ته هو اهڙي قسم جو ڪوبه واعدو ڏيئي نٿي سگهيو، ڇاڪاڻ ته آن جو پورو ڪرڻ هن جي وس کان ٻاهر هو: هو پنهنجي ضمير جي حڪم کي هرگز عدولي نه ٿي سگهيو. اهڙين حالتن ۾ ڪاسٽيلو ۽ ڪالون جي وچ ۾ عام مناظرو بيسود هو. پنهنجي پنهنجي ذات ۾ آن وقت هو هڪ طرف آزادي پسند مذهبي

اصلاح ۽ ٻئي طرف ڪٽر مذهبي اصلاح جا مظهر ۽ ترجمان بنيا، هڪڙي جي آمهون سامهون بيٺا هئا. ڪاسٽيلو سان ڳالهين جي هن بيسود ڏي وٺ ڪان پوءِ، ڪالون اِئين چوڻ ۾ حق بجانب هو ته ”جيتري قدر هڪٻئي جي ڳالهين مان آءٌ سمجهي سگهيو آهيان، هيءُ شخص منهنجي متعلق اهڙا خيال رکي ٿو، جو اِها اميد رکڻ ته اسين ٻئي ڪڏهن ڪنهن سمجهوتي تي پهچي سگهنداسين، سا ڳالهه ممڪن ڪانهي.“

ڪاسٽيلو جا ڪالون متعلق ڪهڙا خيال هئا؟ ڪالون اِها ڳالهه لکيت ۾ ٻڌائي آهي: ”سيباسٽيان جي مغز ۾ هيءَ ڳالهه ويٺل آهي ته آءٌ طاقت جو بکيو آهيان ۽ غالب پوڻ چاهيان ٿو.“ واقعي، ڪالون جي شخصي حقيقت ڪي ٻين ڪهڙن لفظن ۾ اِن ڪان بهتر بيان ڪري ٿو سگهجي؟ پورا ٻه سال ڪاسٽيلو آهو ڪجهه ڏسي رهيو هو - ۽ آن جي خبر ٻين ڪي ٻه جلد ئي پوڻي هئي - ته ڪالون پنهنجي ڏاڍائيءَ جي لاڙن ۽ تحڪمانه طبيعت مطابق، جينيوا ۾ فقط هڪڙي ماڻهوءَ جي راين ۽ خيالن ڪي برداشت ڪرڻ وارو هو، ۽ آهو ماڻهو هُو پاڻ هو: ٻئي ڪنهن به شخص جو هن جي روحاني اثر جي دائري ۾، هرگز گذارو نٿي ٿي سگهيو، سواءِ هن صورت جي ته هو شرعي عقيدن جي هر ننڍيءَ کان ننڍيءَ ڳالهه ۾ ڪالون جي پوئلڳي ڪرڻ لاءِ تيار هجي. ظاهر هو ته ڪاسٽيلو لاءِ اهڙيءَ قيد جي هوا ۾ ساهه کڻڻ محال هو: هو ڪالون جي دنيا جو هيءُ روحاني تشدد هرگز برداشت ڪري نٿي سگهيو. هو فرانس ڪي ڇڏي، ڪئٿولڪ ديني عدالت جي گهُٽ مان پاڻ بچائي، اِنهيءَ لاءِ پڇي ڪونه نڪتو هو ته هِتي اچي ٻئي قيد جي هوا ۾ گهُٽجي ۽ ٻوساٽجي، جنهن ڪي پروٽيسٽنٽ ضابطي ۽ انتظام جو نئون نالو ڏنو ٿي ويو: هُن قديم تلقيد ۽ ڪٽرپڻي سان اِنهيءَ لاءِ جنڊ ڪانه ڇڏائي هئي ته هڪ نئينءَ تقليد ۽ نئين ڪٽرپڻي جو آن ڪان ٻه وڌيڪ بيوس غلام بنجي وڃي. ڪالون جو چوڻ هو ته انجيل ۾ هر ڳالهه موجود هئي، آهو زندگيءَ جو مڪمل دستورالعمل هو، آن جي ڪنهن به ڳالهه ڪان انحراف يا جيئن هُن پاڻ آن جي ڪنهن ڳالهه جي معنيٰ ۽ تشريح ڪئي

ڪرڻ جو عادي نہ هو، بلڪ هو پنهنجي مرضيءَ ۽ فائدي پٺاندر آنهن کي بدلائڻ يا ٽوڙڻ مروڙڻ ۾ ڪنهن بہ اخلاقي بندش تسليم ڪرڻ جو عادي ڪونہ هو. بهرحال خود ڪالون جي ذيل بيان مان بہ اسين هي سمجهي سگهون ٿا تہ ڪاسٽيلو ٻين سيني انسانن سان گڏ پاڻ کي بہ غلطيءَ جي امڪان کان ٻاهر نٿي سمجهيو - جيئن سينٽ پال جو ذڪر ڪندي، ۽ ڪالويني واعظين کي سندن هوڏ ۽ ايمان سبب نندينديءَ، هن چيو تہ "پال خدا جي ٻانهن مان هڪ هو، پر اسين پنهنجي غرض جا ٻانها آهيون. پال صبر ڪندڙ هو، پر اسين بي صبر آهيون. پال ٻين جي هٿان ظلم سٺو، پر اسين معصومن تي ظلم ڪري رهيا آهيون."

ڪالون، جيڪو پاڻ هن جلسي ۾ موجود هو، سو ڪاسٽيلو جون اِهي تِکيون ڳالهيون ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويو. آتي جو آتي هو ڪاوڙ ۾ پرجي، جواب ۾ ڪافي ڪجهہ چئي سگهيو ٿي ۽ ڪري سگهيو ٿي. پر سڀ کان اول هو هڪ حقيقت پسند ماڻهو هو، حڪمت عمليءَ جي مسئلن کان باخبر هو، ۽ پنهنجي طبيعت کي خوب پنهنجي ضابطي ۾ رکي ڄاڻندو هو. هو آتي ڳالهہ کي سمجهي ويو تہ ڪاسٽيلو جي ڳالهين ٻڌندڙن تي ڪيترو اونهو اثر پيدا ڪيو هو، ۽ فوراً ڪنهن جوابي ڳالهہ جو آهو موقعو ڪونہ هو. تنهنڪري، پنهنجن چپن کي تيئن وڌيڪ پيڙي، آتي هو چپ رهيو ۽ ڪوبہ جواب نہ ڏنائين. "انهيءَ مهل آءٌ چپ ٿي ويس،" هُن پوءِ اُن واقعي جو ذڪر ڪندي، ۽ پنهنجي اُن چپ جو سبب ٻڌائيندي، لکيو: "پر رڳو اِنهيءَ ڪري، جو ڏارئين انبوهہ اڳيان وڏو خطرناڪ بحث ڇڙي پوي ها."

پر پوءِ، پنهنجي خاص گروهہ جي ماڻهن اڳيان هن ڇا ڪيو؟ ڇا، هُن ڪاسٽيلو سان پنهنجن اختلافن جو مسئلو ويچار لاءِ آڻڻ جي اڳيان آندو؟ ڇا، هُن ڪاسٽيلو سان پنهنجن خيالن ۽ راين جي، سُنهان سُنهن ويهي، ڏي وٺ ڪئي؟ ڇا، هُن ڪاسٽيلو کي پنهنجي "محڪمي امور مذهبي" جي اڳيان حاضر ڪيو، ۽ هُن تي خاص الزام رکي، آنهن کي حوالن ۽ سَنَدَن سان مٿس ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي؟ نہ، بلڪل

نہ. اِنھن ڳالهين مان ھن کا بہ ڳالھہ کانہ کئي. 'سياسي' مسئلن ۾ سنئين سڌي رستي اختيار ڪرڻ جي ڪالون کي عادت کانہ ھئي. ھُن جي نظر ۾ مٿس ڪنھن بہ قسم جي تنقيد جي ڪوشش راءِ جي نظرياتي اختلاف کان وڌيڪ کا بي ڳالھہ ھئي، ۽ اُن جو علاج بہ ٻيو ڪجھہ ٿيڻو ھو. ھن پنھنجي خلاف تنقيد کي حڪومت خلاف تنقيد ٿي سمجھيو، ۽ آھو ديني نہ پر دنيوي ڏوھہ ھو. دنيوي ڏوھين کي دنيوي عدالت آڏو پيش ٿيڻو آھي. اِنھيءَ ڪري ڪاستيلو کي "محڪمي امور مذھبي" اڳيان نہ، پر ملڪي انتظاميہ اڳيان پيش ڪيو ويو: ھڪ علمي ۽ اخلاقي نوع جي اختلاف کي ڦيرائي انتظام ۽ ملڪي ضابطي جو مسئلو بنايو ويو. شھري ڪائونسل وٽ ھن جي خلاف جيڪو فرد جرم لڳايو ويو، آھو ھيءُ ھو: "ڪاستيلو پادري برادريءَ کي بدنام ڪيو آھي."

ڪائونسل ھِن معاملي ۾ پوڻ لاءِ تيار نہ ھئي. اُن کي واعظين جي پنھنجن جھيڙن ۾ دلچسپي کانہ ھئي. ڏسڻ ۾ اِئين ٿي آيو تہ "محڪمي امور مذھبيءَ" ھوندي جو ڪيترا حڪومتي اختيار ڇڪي پنھنجي حوالي ڪري ڇڏيا ھئا، تنھن تي ملڪي حڪمران اُن کان گھڻي قدر ناخوش ھئا. ڪائونسل جا ميمبر ڪافي وقت فيصلي کي اينگھائيندا رھيا، ۽ آخر جڏھن فتوا ڪيڍيائون تہ معلوم ٿيو تہ آھا ڪافي مبھم ۽ غير واضح ھئي. ڪاستيلو کي ڏوھي ڪيائون ۽ اڳتي کيس دين جي عالمن يعني واعظين ۽ پادري برادريءَ کي خوار خراب ۽ بدنام ڪرڻ کان روڪيائون، پر ھن کي کا سزا کانہ ڏنائون ۽ نہ وري ملازمت کان ئي خارج ڪيائون: البت کيس، ٻئي حڪم جي صادر ٿيڻ تائين، وئنڊيرس جي ديول ۾ خطبي ڏيڻ کان منع ڪيائون.

ممڪن آھي تہ اِھو خيال ڪيو ويو ھجي تہ اھڙي قسم جو نرم چتاءُ ڪاستيلو لاءِ ڪافي ھو. پر ڪاستيلو جو اِن سلسلي ۾ ٻيو ارادو ھو. ھِن معاملي مان وڌيڪ ھن کي خاطري ٿي تہ جينيوا ۾ ڪالون جھڙي ھڪ ڪنور شخص جي آمريت ھيٺ ڪنھن آزاد خيال ماڻھوءَ لاءِ عزت سان گذارڻ جي گنجائش کانہ ھئي. اِنھيءَ ڪري ھُن ڪائونسل کي

درخواست پيش ڪئي ته ڪيس سندس عهدي تان فارغ ڪيو وڃي. طاقت جي آزمائش جي هن پهرئين تجربي ۾ پنهنجي مخالف طرفان استعمال ڪيل داءُ پيچ مان هُن هيترو ضرور سمجهي ورتو هو ته سياسي طور جانبدار شخص جڏهن سچ کي پنهنجي فائدي ۾ استعمال ڪرڻ گهرن ٿا - يعني اُن شيءِ کي جنهن کي هو سچ چون ٿا - تڏهن آهي سچ کي پنهنجي مرضيءَ موجب موڙڻ مروڙڻ ۾ پنهنجي ضمير جي ڪا به رڪاوٽ محسوس نه ٿا ڪن. ڪاسٽيلو کي اِهو پوريءَ طرح اندازو هو ته هو پنهنجي عهدي تان جا سبڪدوشي، پنهنجي مرضيءَ سان، هڪ سچي مرد ميدان طور، اختيار ڪري رهيو هو، اُن لاءِ سندس دشمن ضرور اِها ڳالهه هُلائيندا ته هو اُن عهدي تان پنهنجي ڪنهن بداعماليءَ سبب محروم ڪيو ويو هو. اِنهيءَ ڪري، جينيوا ڇڏڻ کان پهرياڻين، هُن پادري برادريءَ جي بدناميءَ ۽ اُن متعلق مٿس سچي ڪيس جي معاملي بابت اختياريءَ وارن کان هڪ تفصيلي تحريري رپورٽ جي گهر ڪئي. ڪال ون لاءِ هن قسم جي رپورٽ تي صحيح ڪرڻ کان سواءِ ڪو چارو ڪونه هو. آها رپورٽ اڃا تائين باسيل شهر جي لئبرريءَ ۾، ٻين سرڪاري دستاويزن سان گڏ، پنهنجي اصلي صورت ۾ محفوظ آهي. اُن رپورٽ ۾ اڄ به اسين پڙهي سگهون ٿا ته ڪاسٽيلو کي واعظ جي عهدي تي اِنهيءَ ڪري مقرر نه ڪيو ويو هو، جو هُن انجيل جي ٻن ٽنهي معمولي ڳالهين جي تفسير ۾ راسخ عقيدي کان هٽي، اختلافي رويو اختيار ڪيو هو. رپورٽ جا آخري جملا هي آهن: ”اِنهيءَ لاءِ ته سيباستيان ڪاسٽيلو جي هتان نڪري وڃڻ جي باري ۾ ڪو به ڪنهن قسم جي ڪا غلط راءِ قائم نه ڪري سگهي، اسين سڀئي هن ڳالهه جي تصديق ڪريون ٿا ته هُن ڪاليج جي ريڪٽر جي عهدي تان پنهنجي مرضيءَ سان پاڻ سبڪدوشي اختيار ڪئي آهي. هو پنهنجي عهدي تان فارغ ٿيڻ تائين پنهنجن فرضن جي اهڙيءَ خوش اسلوبيءَ سان ادائگي ڪندو رهيو، جو اسان هُن کي خود واعظ جي مرتبي لاءِ هر طرح لائق ٿي سمجهيو. جيڪڏهن پڇاڙيءَ ۾ آهو سوال اِئين نه بيٺو جيئن اسان چاهيو ٿي، ته آهو اِنهيءَ ڪري نه ته

ڪاسٽيلو جي چال چلت ۾ ڪنهن قسم جو ڪو عيب يا نقص ڏنو ويو هو، پر اُن جا سبب فقط آهي هئا، جن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي."

ڪاسٽيلو کي جينيوا مان اِئين پڄائي ڇڏڻ سچ پچ ته ڪالون جي فتح هئي. ڪاسٽيلو ئي اهو واحد شخص هو، جيڪو آتي جرئت سان سندس مقابلو ڪري سگهيو ٿي. پر ڪالون جي هيءَ فتح عارضي ۽ آتاچري فتح هئي. شهر ۾ ڪاسٽيلو جي بيحد عزت هوندي هئي، ۽ اڪثر ماڻهن هن جي شهر ڇڏي وڃڻ ۾ شهر جو وڏو نقصان ٿي سمجهيو. عام طرح ائين ئي چيو پئي ويو ته "ڪالون استاد ڪاسٽيلو سان وڏو ظلم ڪيو آهي." ساڳئي وقت، بيءَ سڄيءَ دنيا ۾ به، جتي جتي ڪو انسان شناس فرد يا گروهه هو، آتي پڻ اِئين پئي محسوس ڪيو ويو ته جينيوا ۾ سواءِ 'هائو سائين' چوڻ وارن جي پئي ڪنهن کي مولانا ڪالون برداشت ڪرڻ واروئي نه هو. به سؤ سال پوءِ، مشهور فرينچ اديب ۽ فيلسوف، والٽيئر، ڪاسٽيلو جي جلاوطنيءَ جي هن واقعي جو هنن لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي: "اسان کي هن مان ڪالون جي ڪاريءَ ۽ ڪنور دل جي خبر پوي ٿي ... ڪاسٽيلو اُن کان پوءِ جيڪي سور سٺا ۽ عذاب ڏٺا، اُن مان پتو پوي ٿو ته ڪالون مٿس ڪيڏو شديد ظلم ڪيو هو... سچ پچ ته ڪاسٽيلو علم جي ميدان ۾ ڪالون کان گهڻو مٿي هو، ۽ هن کي فقط ڪالون جي حسد جو شڪار ٿيڻو پيو هو."

ڪالون تنقيد جي سلسلي ۾ بيحد حساس واقع ٿيو هو. هن ترت ئي سمجهي ورتو ته ڪاسٽيلو جي مسئلي ۾ عام راءِ هُن جي خلاف هئي ۽ هر ڪنهن ڪاسٽيلو جي اِئين جينيوا ڇڏي وڃڻ لاءِ هن کي ئي ذميدار ٿي سمجهيو. پنهنجو اِهو مقصد هُن پوروئي مس ڪيو هو، يعني جينيوا مان واحد آهو آزاد راءِ رکندڙ شخص هڪالي ڪيڻ ۾ هو ڪامياب ئي مس ٿيو هو، ته هن کي هڪڙي خيال ستائڻ شروع ڪري ڏنو ته اُن جي نتيجي ۾ ڪاسٽيلو کي جيڪي به تڪليفون ۽ ڏک ڏسڻا پوندا ۽ غربت ۽ غريب الوطنيءَ جا جيڪي به عذاب ۽ پريشانيون سهڻيون پونديون، اُن لاءِ دنيا ڪيس ئي ڏوهي بنائيندي ۽ ذميدار سمجهندي. سچ پچ ته ڪاسٽيلو

رڳو اِنهيءَ ڪري، جو ڪاسٽيلو پنهنجي لاءِ مسڪيني ۽ غريبي قبول ڪئي ٿي، پر پاڻ کي چند سِڪن تي وڪڻي، خاموش رهڻ پسند نٿي ڪيو!

ڪاسٽيلو جي اِئين پنهنجي لاءِ غربت ۽ مسڪيني گهُري وٺڻ پر پنهنجي ضمير کي نہ وڪڻڻ جي ڳالهہ چوڌاري باهہ وانگر پکڙجي ويئي ۽ عام ماڻهن جي دل ۾ هُن لاءِ عزت ۽ محبت جا جذبا اڀرڻ لڳا. اُن زماني جي فرينچ مضمون نگار ۽ مفڪر، مانٽين (١٥٩٢-١٥٣٣)، ڪاسٽيلو جي مرڻ کان پوءِ لکيو تہ ”افسوس، جو اهڙو لاجواب شخص، جنهن ايڏو وڏو ڪم ڪيو هو، تنهن کي ائين پائيءَ پائيءَ لاءِ محتاج ٿي پئي گذارڻو پيو: ڪيترا ئي ماڻهو اهڙا هلنديءَ پڄنديءَ وارا هئا، جن کي جيڪڏهن هُن جي حال جي وقتائتي خبر پوي ها، تہ آهي هوند ضرور سندس مدد ڪن ها.“ پر اِن مان مانٽين جي رڳو پنهنجي ڪجهہ وڏيڪ پُراميد جذبي جي خبر پوي ٿي، نہ تہ حقيقت اِنَ جي بلڪل ابتڙ هئي. ڪاسٽيلو جي ڏکي حالت جي گهڻن ئي چڱن چوڪن ۽ ٻين ماڻهن کي خبر هئي، پر افسوس، هنن مان ڪنهن هن جي همدرديءَ ۾ هڪڙي ڪا تلهي آڱر بہ ڪانہ چوري، ۽ ڪاسٽيلو ۽ سندس ٻچا بکون ڪيندا رهيا. سالن جا سال هيءُ عالم ۽ فاضل شخص، انسان شناسيءَ جو درد دل ۾ کنيون، در در عام ماڻهن جي سانيءَ ڳين تي گذر ڪندو رهيو. آخر عمر ۾ ڪٿي وڃي هن کي هڪڙي معمولي جاءِ ملي، جيڪا بہ هُن جي علم ۽ فضيلت جي معيار مطابق هرگز ڪانہ هئي. ڪنهن يونيورسٽيءَ هن کي پاڻ وٽ ڪونہ سڏيو. ڪٿي بہ هن کي ڪا واعظ جي جڳهہ ڪانہ ملي. ڪنهن اسڪول يا ڪاليج ۾ هن کي ڪونہ قبوليو ويو. اِهو سڀ اِن ڪري هو، جو سئٽزرلنڊ جون سڀئي شهري رياستون، جيڪي ديني اصلاح جي حمايت ۾ هيون، ۽ جن پروٽيسٽنٽ شريعت اختيار ڪئي هئي، آنهن ۾ جينيوا جي متعصب مير واعظ ۽ سنگدل آمر جو ايترو تہ رعب ڇميل هو، ۽ وڏيڪ آتان جي پنهنجن حمايتين کي هو ايترا تہ خطن پنيان خط لکندو رهيو، جو ڪنهن کي بہ سندس عتاب هيٺ آيل اُن مشهور معروف مخالف ڏانهن مدد جي هٿ ڊگهيرڻ جي همت ئي ڪانہ

تي ٿيي. پڇاڙيءَ ۾ هن کي باسيل جي هڪڙي ڇاپخاني ۾ پروف ريڊر جي جاءِ ملي، جيڪا به ڪا باقاعدي يا دائمي آسامي ڪانه هئي - ڪڏهن پيريءَ کيس معاوضو ملندو هو، جو هن جي ڪتب لاءِ ڪافي ڪونه هوندو هو: وڌيڪ هو هيتي هتي خانگي ٽيوشنون ڏيئي، پنهنجي بيمار زال ۽ اٺن ٻارن جو پيٽ پريندو هو. سالن جا سال، جيسين سندس حياتي هئي، پنهنجي قليل آمدنيءَ ۾ ڪجهه واڌ آڻڻ لاءِ، هو ڏاڍي مزوري به ڪندو هو - باسيل جي ٻهراڙيءَ ۾ هو ڪاٺيرن سان گڏ ڪاٺي ڪٽيندو هو ۽ مٽيءَ جا ڏلها ڍوئيندو هو. رات جو دير دير تائين ويهي، هو پروف پڙهندو هو، پين جون لکيتون درست ڪندو هو، ۽ هن يا ھن ٻوليءَ مان ترجما ڪندو هو. هزارن جا هزار صفحا اڄ به باسيل شهر جي سرڪاري لئبرريءَ ۾ موجود آهن، جيڪي هُو اِئين يونانيءَ، هيبريو، لاطينيءَ، اطالويءَ ۽ جرمن ٻولين مان ترجمو ڪري، آتان جي هڪ ڪتابن جي ناشر کي ڏيندو هو، ۽ اِئين سڄي عمر، چپ چاپ، پنهنجي ۽ پنهنجي مسڪين ڪٽنب جي روزاني مانيءَ گيپي لاءِ، هو پنهنجو پگهر وهائيندو رهيو ۽ نور نچوئيندو رهيو.

هيترن ڏکن ۽ تڪليفن ۾ سالن جا سال گذاريندي، ڪاستيلو جي صحت لُڙهي پيئي، ۽ هو لاڳيتو ناخوش گذارڻ لڳو. پر ڪڏهن به هُن جي آزاد ۽ باهمت روح کي لوڏو نه آيو. پنهنجي هيتري ڏينهن رات جي لڳاتار ۽ ساهه سڪيندڙ پورهئي ۾ بہ هُن پنهنجي اصلي فرض کي ڪونه وساريو. پوريءَ اورچائيءَ ۽ باقاعدگيءَ سان هو انجيل مقدس جي پنهنجن لاطيني ۽ فرينچ ترجمن کي مڪمل ڪرڻ ۾ لڳو رهيو. وچ وچ ۾ هو فڪر انگيز مناظرائي مضمون بہ لکندو رهيو، ۽ انجيل جي ڳالهين جي تفسيرن ۽ وڌيڪ ڊايالاگن تي پڻ ڪم ڪندو رهيو. ڪو هڪ ڏينهن، ڪا هڪ رات بہ اهڙي ڪانہ گذري، جنهن ۾ ڪاستيلو پنهنجي ڪم ۾ پوري ڏيان ۽ پوريءَ محويت سان مصروف نہ رهيو. ڪڏهن بہ هُن سير سفر جو ڪو لطف ڪونہ ورتو، ڪڏهن بہ هو سک ۽ آرام جي ڪا خوشي ماڻي نہ سگهيو، ڪڏهن بہ زندگيءَ ۾ هن کي شهرت ۽ دولت جو ڪو انعام ملي نہ سگهيو. هو دائمي مفلسيءَ جي چڪيءَ ۾

پيسبو رهيو، هو پنهنجي ڏينهن جو آرام ۽ رات جون ننڊون ڦٽائيندو رهيو، پر ڪڏهن به پنهنجي ضمير سان هُن غداري ڪانه ڪئي. هو اهڙي هڪ اعليٰ روحاني شخص جو مثال هو، جيڪو دنيا جي نظرن کان پري، گمناميءَ ۾ رهندي، پاڻُ ارپڻ جو دل ۾ اُمنگ رکي، پنهنجي عزيزترين مقصد جي حصول لاءِ، پنهنجون سموريون صلاحيتون ۽ پنهنجي ساري زندگي ۽ زندگيءَ جي هر گهڙي اِئين قربان ڪندو رهيو، ڄڻ اُنهن مان ڪنهن هڪ تي به هن جو ڪو پنهنجو ذاتي حق ڪونه هو، ۽ آهي سڀ هن کي مليل ئي فقط اُنهيءَ هڪڙي ڪم جي پوري ڪرڻ لاءِ هيون - آهو مقصد ۽ آهو ڪم هيءُ ته، سچ جي مٿان غرض ۽ مفاد جا سڀ يڪطرفا پردا هڪُ هڪُ ٿي هٽن ۽ سچ پنهنجي اصلي روپ ۾ پڌرو ٿئي ته جيئن آهو انسان جي عام ۽ گڏيل مفاد لاءِ ڪم اچي سگهي.

ڪاستيلو ۽ ڪالون جي وچ ۾ اصلي مقابلو اجا شروع ڪونه ٿيو هو. پر به شخص، به خيال هڪٻئي جي آمهون سامهون ٿي اچي بيٺا هئا، ۽ ٻنهي کي معلوم هو ته هو هڪٻئي جو ضد هئا ۽ منجهن ٺاهه ناممڪن هو. برابر، هو هڪ هنڌ يا هڪ شهر ۾ ڪونه ٿي رهيا - هڪڙو باسيل ۾ هو ۽ ٻيو جينيوا ۾ - پر ٻنهي جي هڪٻئي تي پوري اک هئي. ڪاستيلو ڪالون کان نه وسريو هو ۽ نه، وري ڪالون ڪاستيلو کان. جيتوڻيڪ هنن هڪٻئي جو ڪُلئي عام ڪو ذڪر به ڪونه ٿي ڪيو، پر اِها سندن ماٺ وقتي ماٺ هئي - رڳو اوسين تائين، جو هڪٻئي کي للڪار ڪري، گڏيجي نه وڃن. ههڙا مقابلا، جيڪي رڳو راءِ جي اختلافن کان گهڻا مٿي هوندا آهن - ڇاڪاڻ ته آهي ٻن بنيادي فلسفن جا ازلي مقابلا هوندا آهن - اُنهن جو ڪڏهن به سرچاءُ ٿي نه سگهندو آهي: روحاني آزادي ڪڏهن به آمريت جي ڇاڇي ۾ سک سمهي نه سگهندي ۽ نه جيئي سگهندي آهي؛ ۽ نه وري ڪا آمريت ئي پنهنجي دائري ۾ ڪنهن هڪڙي آزاد روح جي موجود هوندي به ڪو بي اونائيءَ ۽ خود اعتماديءَ جو ساهه کڻي ٿي سگهي. پر ڏيکيل ڇڻگون پڙڪا ڪائي پنيٺ ٻنجي پون، اُن لاءِ ڪا خاص چورپچر ۽ ڪو خاص پارڻُ گهرجي. ۽ نيٺ آها

چورَ پـَچر ۽ آهو ٻارڻ ۾ موجود ٿي ويو. ترت ئي ڪال‌ون جي جينيرا ۾ سَر وِيتَس نالي اهڙي هڪڙي آزاد روح ڪي جهلي ٻاهر جي مچ ۾ وڌو ويو، ۽ هو آن ۾ سڙي رک ٿي ويو پر پنهنجي راءِ جي اظهار کان نہ مڙيو. ڪاسٽيلو جي زبان تي جيڪي الڪار جا لفظ گهڻي وقت کان ڦڙڪي رهيا هئا، آهي هو هاڻي وڌيڪ روڪي نہ سگهيو. جڏهن ڪال‌ون اِئين سر وِيتس کي جيئري ٻاهر ۾ وجهڻ سان پنهنجي 'بادشاهيءَ' ۾ هر آنهيءَ ماڻهوءَ جي خلاف جنگ جو اعلان ڪيو، جنهن جو روح آزاد هو، تڏهن ئي ڪاسٽيلو اڳتي وڌي، ضمير جي آزاديءَ جي نالي ۾، ڪال‌ون خلاف مرڻ جيئڻ جي حد تائين مقابلي جو اعلان ڪيو.

# باب چوٿون

## سروينٽس جو معاملو

تاريخ وقت بوقت لکن ۽ ڪروڙن مان هڪڙي اهڙي ماڻهوءَ جو انتخاب ڪندي آهي، جيڪو اُن دور جي خاص فڪر جو مظهر يا ترجمان هوندو آهي. آهو ماڻهو هرويرو ڪو اول درجي جو داناءُ شخص هجي، اِهو به ضروري نہ آهي. اِن سلسلي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪو ڪنڌ ڀاسي رهجي ويل نالو به هڪدم مٿي اُڀري ايندو آهي، ۽ آهو پوءِ انسان ذات جي حافظي تي اَمٽ نقش ڇڏي، اکري بيهندو آهي. اِنهيءَ طرح، مائيڪل سَروِينٽس به ڪنهن خاص اعليٰ ذهن جو صاحب ڪونہ هو، پر جيڪا هن جي دل ڏاريندڙ دردناڪ پڄاڻي ٿي، اُن هُن جي شخصيت کي انساني تاريخ ۾ لافاني درجو ڏيئي ڇڏيو آهي. هو گهڻين خوبين جو مالڪ هو، هن جون صلاحيتون به بيحد گهڻيون هيون، پر آنهن سڀني ۾ ڪو خاص ڍنگ يا سِٽا موجود ڪانہ هئي. هُن وٽ تيز، طاقتور ۽ سجاڳ ذهن هو، پر آهو هڪ هنڌ ڄمي ڪونہ بيهندو هو، ۽ سدائين هڪ ڳالهہ تان هٽي ٻيءَ ڳالهہ ڏانهن ۽ ٻيءَ تان هٽي ٽينءَ ڏانهن پيو ڦرندو هو. هن جي دل ۾ سچ کي کولي ظاهر ڪرڻ جو اٿاهہ جذبو موجود هو، پر تخليقي اظهار جي گهٽيءَ قوت نہ هئڻ سبب، آهو جذبو هُن جي دل ۾ اڪثر دٻيو رهيو ۽ اُن کان هو ڪو خاص اثرائتو ۽ نمايان ڪم وٺي نہ سگهيو. جيتوڻيڪ هُن تقريباً سڀني علمن جو مطالعو ڪيو هو، پر ڪنهن هڪ علم ۾ به هو ڪا خاص مهارت حاصل ڪري نہ سگهيو هو. هو فلسفي، طب ۽ دينيات ۾، هڪ علم جي طالب عام ماڻهوءَ وانگر، سدائين مضمون لکندو رهندو هو - ۽ ڪڏهن تہ آنهن علمن جي سلسلي ۾ اهڙيون وڏيون وڏيون ۽ نيون نيون ڳالهيون پيش ڪندو هو، جو پڙهندڙن کي

حيرت ۾ وجهي ڇڏيندو هو: پر ڪڏهن انهن بابت وري اهڙيون ڪل جهڙيون ۽ سطحي ڳالهيون به لکي ڇڏيندو هو، جو گمان ٿيندو هو ته هو آنهن علمن ۾ اڌ پڙهيل يا ٻنهه کو ڇٽ هو. هڪ ٻيري، پنهنجي هڪڙي اهڙي دانائيءَ جي جولان ۾، طب جي علم ۾ ڦهرين ڦهرين هُن ئي اِهو انڪشاف ڪيو ته رتُ دل ۽ ڦڦڙن سان دورو ڪري ٿو. پر هُن اِنهيءَ انقلابي کوجنا جي وڌيڪ جانچ جي ضرورت محسوس ڪانه ڪئي ۽ آن کي آتي ئي ڇڏي ڏنائين، ۽ اِئين هُن جي روشن دماغيءَ جي اِها تاريخ‌ساز جهلڪ سندس دور جي اونداهيءَ صديءَ ۾ فقط هڪ گهڙيءَ جو چمڪات ڏيکاري، آتي ئي آجهامي ويئي. هو وڏيءَ ذهني قوت جو مالڪ هو، پر پنهنجي ذهن جي روشن ڪيل رستي تي اورچائيءَ ۽ دلجمعيءَ سان اڳتي وڌي، ڪنهن مقصد تي پهچڻ جي منجهس گهٽ صلاحيت هئي: ۽ اِنهيءَ ڪري بيحد گهڻين لياقتن هوندي به هيءُ غير معمولي شخص تخليقي دانائيءَ جي اعليٰ رتبي تي رسي نه سگهيو.

اسپين جي ساٿهن لاءِ چيو ويندو آهي ته منجهانئن هرڪو 'ڊان ڪئگزات' آهي. بهرحال، مائيڪل سَرو ِيتَس ته پڪ ئي پڪ، جيڪو اسپين جي ئي هڪڙي علائقي جو وينل هو، 'سَرويَنٽِيس' جي آن ناول جو آهو ڪردار ضرور هو. بدن ۾ ڪمزور، بت جو ڪجهه ڊگهيرو، سُنهن سُڪل، ڏاڙهي مختصر پر فرينچ ڪَٽ، جيڪا قط وانگر وچي ڇهنب ڪري - ٻاهران ته هيءُ بلڪل آن ناول جي ڪردار وانگر لڳندو هو، پر ذهني طور به هو ڊان ڪئگزات وانگر سدائين اوچين هوائي ڳالهين لاءِ وڙهندو رهندو هو. خود-تنقيد جي عادت هن ۾ ڪانه هوندي هئي: سدائين ڪنهن نه ڪنهن نئينءَ کوجنا جي چڪر ۾ رهندو هو ۽ هر وقت ائين سمجهندو هو ته هُن ڪا نئين ڳالهه هٿ ڪئي آهي: دينيات جي ميدان ۾، خاص طرح، هو پاڻ کي سڀ کان وڌيڪ سچ جو حامي ۽ مجاهد سمجهندو هو، ۽ ڀانئيندو هو ته نيزو هٿ ۾ جهلي، جيڪي به آن ميدان ۾ منافقيون ۽ ڪوڙ هئا، آنهن کي آتان هڪدم ڊوڙائي، ڀڄائي، ميدان صاف ڪري ڇڏيان. صحيح ڇا هو غلط ڇا هو،

سچ چا هو ڪوڙ چا هو - هر ڳالهه ۾ هر گهڙيءَ هو اِنهيءَ جهيڙي ۾ ڪنهن نه ڪنهن مخالف سان ڳنڍيو بيٺو هوندو هو. ڪنهن به ٽولي يا جماعت سان هُن جي شموليت ڪانه هوندي هئي - اِئين ڏسبو هو ڄڻ هو ازل ڪان اِئين اڪيلو آهي، چڱيءَ معنيٰ ۾ چئجي ته پنهنجن خيالن ۽ تصورن ۾ گم، ۽ بريءَ معنيٰ ۾ ته هڪ سودائي ۽ پنهنجي چريائپ ۾ مست - پر، بهرحال، سدائين هڪ بي مثل ۽ عظيم شخص، صاف دل ۽ نج سونَ جهڙو سچو ۽ اعليٰ انسان.

اهڙي قسم جو ماڻهو سدائين ۽ جتي ڪٿي پنهنجا دشمن پيدا ڪندو آهي. اِنهن ڳالهين جي سلسلي ۾ هن جي شاگردپائيءَ جو دور نسبتاً خاموشيءَ ۽ سانت ۾ گذريو - شاگردپائيءَ جو دور، جيڪو پڙهائيءَ جو، سوچ جو، محبت جو ۽ اوچن آدرشن جي تعمير ۽ تربيت جو دور ٿئي ٿو. هو اسڪول ۾ پڙهيو، ڪاليج ۾ پڙهيو، پنهنجي آرگون شهر جي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهيو، ۽ آتان اسپين جي بادشاهه چارلس پنجين جو هڪ مرشد سڳورو، جيڪو اُن شهر جي ڪليسا جو ڪارڊينل به هو، هُن جي علمي ذهانت جون ڳالهيون ٻڌي، هن کي پنهنجو سيڪريٽري مقرر ڪري، ڪئٿولڪ شريعت جي 'مڪي مديني' يعني مقدس شهر روم ۾ وٺي ويو، جتي هُن مسيحي دين جي آها دنيا اکئين ڏٺي، جيڪا سڄي جي سڄي مڪر ۽ فريب، جهالت ۽ نفس پروريءَ جي دنيا هئڻ جي باوجود، سڄي يورپ تي، هيترا سَون جا سَوَ سال پنهنجي تقدس ۽ ۽ تبرڪ جو رعب ڄمايو ويٺي هئي. سرويٽس ڪنهن طرح پنهنجي ملازمت مان جند ڇڏائي، اُن دنيا مان نڪري ٻاهر ٿيو، ۽ ٻاهر ايندي ئي اُن دور جي عظيم ديني مباحثي ۾ نُنهن ڪان چوٽيءَ تائين جُنبي ويو. ديني اصلاح جي تحريڪ جي هڪ رضاڪار گشتي مبلغ جي صورت ۾ پوءِ هو يورپ جي شهر شهر ۾ ويو ۽ هر هنڌ پروٽيسٽنٽ شريعت جي اڳواڻن سان مليو، ۽ اُنهن سان دل کولي بحث مباحثا ڪيائين. اُن وقت هن جي عمر ويهه سال مس هئي. هن جي ذهني ڪيفيت جو اِهو حال هو، جو ليوٿر، زونگلي، ڪالون ۽ ٻين ديني اصلاح جي مکيه اڳواڻن جي

مخالفت ۾ سينو تاڻي بيهي رهيو ـ چي ”آنهن جي ديني اصلاح ڪافي نہ هئي.“ واقعي جڏهن مقابلو پراڻي ۽ نئين فڪر جي وچ ۾ هجي، تڏهن سرويٽس جهڙو ماڻهو پاڻ کي آن کان ٻاهر ڪيئن ٿي رکي سگهيو! جتي هرڪو دين جي معاملي ۾ پنهنجي اختلافي راءِ ظاهر ڪري رهيو هو، جتي سڀيئي دين جي اصلاح لاءِ ايترا آتا ۽ بي صبر هئا، آتي هيءُ هڪ اصل کان بي آرام ۽ فڪرمند روح پاڻ کي پوئتي ڪيئن ٿي رکي سگهيو! هن پوءِ پنهنجي طبيعت جي جولانيءَ ۾ اعلان ڪيو تہ مسيحي دين جي روايتي عقيدن ۽ ڪريا ڪرمن خلاف اوستائين جيڪا بہ بغاوت ٿي هئي، آها اڌوري، بزدلانہ ۽ رک رکاءَ واري ٿي هئي. ليوٿر، زونگلي ۽ ڪالون جهڙا طاقتور بزرگ ديني سڌارڪ بہ پورا انقلابي نہ هئا. انجيل مقدس ۾ ڪي اهڙيون ڳالهيون آيل هيون، جيڪي اضافي ۽ منسوخ سمجهڻ گهرجن. مسيحي دين جي اعتقادي سرشتي ۾ خاص طرح جيڪو تثليث جو عقيدو موجود هو، سو خداوند قدوس جي وحداني شان سان هرگز نهڪندڙ نہ هو. ديني اصلاح جو بنيادي مسئلو ۽ مقصد اِنهيءَ عقيدي کي قائم رکڻ سان حل ٿي ٿي سگهيو.

آن زماني ۾، جڏهن دين جي هر ڳالهہ بحث هيٺ هئي ۽ ماڻهو چوڌاري مناظري بازيءَ ۾ مصروف هئا، تڏهن هن قسم جو بنيادي انقلابي خيال ڪو ايڏو وڏو ۽ غير معمولي بہ ڪونہ هو. جڏهن سمورا قدر ڀيهر ڪٿجي رهيا هجن ۽ سمورا قانون ڀيهر ٺهي رهيا هجن، تڏهن ماڻهو هر روايت کان بغاوت جي حق جي دعوا ڪري سگهن ٿا ۽ آزاد فڪر جي رستي تي هلڻ جو پورو اختيار طلب ڪري سگهن ٿا. پر سرويٽس لاءِ جا ڳالهہ خطرناڪ ثابت ٿي، سا هئي سندس ڪٽر ۽ جهيڙاڪ طبيعت، جيڪا بحث مباحثي جي شوق سان گڏ، هُن آن دور جي متعصب مناظري باز مسيحي مُلن کان پيرائي هئي. هُن کي بس اِها ڳالهہ ثابت ڪري ڏيکارڻي هئي تہ ’اصلاح‘ جا پيا سڀ اڳواڻ پنهنجن خيالن ۾ گهڻو پست پيل هئا، ۽ جيڪڏهن ڪنهن هڪڙي آخري سچ ڏسي ورتو هو تہ آهو فقط هو پاڻ، مائيڪل سرويٽس، هو. هو پوءِ آهو ’پنهنجو‘ سچ ڪٿي، وقت

جي عالمن وٽ اسٽرئسبرگ، باسيل ۽ ٻين شهرن ۾ پهتو، جتي هُن انهن
کي وڙهي جهيڙي، ڪنهن نه ڪنهن ريت، مڃائڻ جي ڪوشش ڪئي ته
هو انهيءَ تثليث جي ”غلط عقيدي“ کي ڇڏي پنهنجي خالص انجيل مقدس جي
اصلاحي تعليم مان ڪيئي چڏين. پڙهندڙ هن عجيب و غريب صورتحال
جو آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهن ٿا، جيڪا هر هنڌ ۽ هر ڀيري هن
مسئلي تي هن نوجوان جولانيءَ سرويٽس ۽ سندس پختهڪار ۽ بزرگيءَ
جي ڏانءَ ۾ پريل عالمن ۽ واعظين سڳورن جي وچ ۾ بحث مباحثي دوران
پيدا ٿيندي هوندي - ڪيڏي نه ڪاوڙ ۽ ڪيڏي نه حقارت سرويٽس جي
هنن مخالف بزرگن جي دلين ۾ هن نوعمر، بي ادب ’ڇوڪري‘ لاءِ پيدا
ٿيندي هوندي! هيءُ ڪالهه آئي مان قتل اسپيني رولاڪ ’ڇورو‘ ڪير
ٿيندو آهي، جو ائين سندن گهر ۾ بي دعوتيو لنگهي وڃي، ۽ زور سان
رڙيون ڪري ۽ ميزن تي مُڪون هڻندي، هنن کي چوي ته هڪدم پنهنجا
عقيدا بدلائي ڇڏين ۽ سندس آن بنهه نئين انقلابي عقيدي تي ويسهه ڪري
ويهن! هُنن ائين ٿي محسوس ڪيو، ڄڻ شيطان لعين پاڻ پنهنجو ڪو
ايجنٽ هنن ڏانهن موڪليو هو، ۽ هو هڪدم هن گستاخ لعنتي ڪافر
جي اثر کان پاڻ بچائڻ لاءِ صلواتن پڙهڻ کي لڳي ٿي ويا. اوڪليمپيڊس نالي
باسيل شهر جي هڪڙي عالم، پنهنجي مٿان صليب جو نشان ٺاهيندي،
هُن کي پنهنجي گهران اِئين ڊوڙائي ڪڍيو، ڄڻ هو ڪو ڇتو ڪتو هو -
”پليت يهودي، وحشي مرون، ڪافر ڪتان جو - هن تي ته ڪو جن
جو پاڇو پيل هو!“ اِسٽرئسبرگ شهر جي مير واعظ، باسر، پنهنجي وڏيءَ
ديول جي منبر تان چڙهي، اعلان ڪيو ته ”سرويٽس پڪ ئي پڪ شيطان
جو ٻچو هو!“ زونگلي، هڪڙي ٻئي بيحد طاقتور ۽ مشهور اصلاحي عالم،
پنهنجن پوئلڳن کي هن ”اسپيني ملحد“ کان خبردار رهڻ جو حڪم
ڏيندي، چيو ته ”هن جو ڪوڙو ۽ شيطاني عقيدو جيڪڏهن سڄي ويهجي،
ته اسان جو سچو مسيحي دين ته هڪدم لڙهي، وڃي سمنڊ ۾ پوي!“

پر، جيئن سروينٽيس جي جڳ مشهور قصي جو سورمو هر قسم جي
گلا غيبت ۽ زور زبردستيءَ کان لاپرواهه پنهنجي خيالي اڏند ڪتولين ۾

چڙهيو گهمندو رهيو، تيئن هيءُ ديني علم جو ڏاڻ ڪئگزات [سنڌي لوڪ ڪٿائن جي گامون سچار وانگر] ڪنهن بہ دليل يا دڙڪي جي ڊپ ۽ ڪنهن طاقتور ڌڻينگ جي ڪاڻ ڪڍڻ لاءِ تيار نہ هو. جيڪڏهن اڳواڻ هن ڪي نٽي سمجهي سگهيا، جيڪڏهن ڏاها ۽ هوشمند ماڻهو پنهنجن ڪتبخانن ۽ درسگاهن جا دروازا پوريو، پاڻ ڪي اندر بند ڪيو وينا هئا ۽ هن ڪي ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هئا، تہ آن جي هُن ڪي پرواهہ ڪانہ هئي. هو پنهنجو پيغام ڪليو ڪلايو عام ماڻهن ڪي ٻڌائيندو. سڄي مسيحي دنيا ڪي هِن نظريي جو مطالعو ڪرڻ گهرجي. هو هڪڙو ڪتاب شايع ڪندو. ائين ٻاويهن ورهين جي عمر ۾ سرويٽس، پنهنجي ڪيسي جي آخري آنڪ خرچ ڪري، سنہ ١٥٣١ع ۾، ”تثليثي بدعت ۽ مسيحي نجات“ جي نالي سان پنهنجو هڪ ڪتاب شايع ڪيو. ڪتاب جي شايع ٿيڻ سان ئي طوفان ڪڙو ٿي ويو. باسَر هڪدم اعلان ڪيو تہ ”هِن بدمعاش جو جيئري پيٽ ڦاڙي، آنڊا ڪڍي، ڪتن ڪي ڏجن!“ آن ڪان پوءِ، تقريباً سڄيءَ پروٽيسٽنٽ دنيا ۾ سرويٽس ”شيطاني سفير“ جي نالي سان مشهور ٿي ويو.

هن صورتحال ۾، جڏهن ڪو ماڻهو اهڙو موقف اختيار ڪري ويهي، جيڪو ٻنهي ڪئٿولڪ ۽ پروٽيسٽنٽ شريعتن وٽ بيحد ناپسند بلڪ ڪاوڙ ڏيندڙ هجي، اهڙي ماڻهوءَ ڪي ظاهر آهي تہ آن وقت جي مسيحي دنيا ۾ ڪٿي بہ ڪا جاءِ پناهہ تہ ڇا پر رڳو ٽنگن ساهڻ لاءِ بہ ڪا جڳهہ ملي نٿي سگهي. جنهن ڏينهن ڪان مائيڪل سرويٽس ڇاپي اکرن ۾ پنهنجي اِنهيءَ ”آريائي الحاد“ جو اعلان ڪيو هو، آن ڪان پوءِ سندس آخري دم تائين، هو هر هنڌ هڪ جهنگلي جانور وانگر پنهنجن شڪارين ڪان ڀڄندو ۽ لڪندو رهيو. ٻي ڪابہ واهہ هن جي بچاءَ جي ڪانہ هئي، سواءِ اِن جي، جو هو پنهنجو نالو بدلائي، ڇمڙا پوش ٿي، ميدان مان ئي نڪري وڃي. هو پوءِ مائيڪل ڊي اِلانو جي نالي سان سرحد اڪري، فرانس ويو، جتي آنهيءَ نالي هيٺ هو ليانس شهر جي هڪڙي ڇاپخاني ۾ پروف ريڊر جي نوڪري ڪرڻ لڳو. زندگيءَ جي هِن نئين دائري ۾ بہ ترت ئي هُن ڪي پنهنجي خيالن جي بلند پروازيءَ جا موقعا ۽ پڻ ٻيا بحث مباحثي ۽

مناظري بازيءَ جا امڪان هٿ لڳي ويا. ٿولميءَ جي ”جاگرافيءَ“ جي هڪڙي ڇاپي جا پروف درست ڪندي، رات وچ ۾ هو ڦري ماهر جاگرافيدان بڻجي پيو ۽ پنهنجي طرفان ڪتاب جو هڪ تفصيلي مهاڳ لکي، اُن ۾ شامل ڪري ڇڏيائين. ساڳيءَ ريت جڏهن طب جي ڪتابن جا پروف هُن کي پڙهڻ لاءِ مليا، ته هُن جو ذهن بدلجي هڪ ڊاڪٽر جو ذهن ٿي پيو ۽ آتي جو آتي هُن علم طب جو مطالعو شروع ڪري ڏنو. اُن شوق ۾ پوءِ هو ليانس ڇڏي، پئرس هليو ويو، ۽ آتي هڪ طبيہ ڪاليج ۾ وڃي داخلا ورتائين، ۽ آتي سُرڙدن جي وڍ ڪٽ ٿيندي ڏسي، ۽ پاڻ پنهنجن هٿن سان ڪندي، انسان جي جسماني بناوت جو چڱو سوچارو ماهر بڻجي ويو. بهرحال، هتي بہ، جيئن اڳي دينيات جي ميدان ۾، هِن بي صبر شخص اجا طب جي علم جو سڄو ڪورس پورو ئي نہ ڪيو ۽ سند ورتائين ڪانہ، اُن ڪان اڳي هو آهو علم ٻين کي پاڙهڻ ويهي رهيو - چوي، چي ”آءٌ هِنن ڪان اِهو علم وڌيڪ ٿو ڄاڻان!“ آتي ئي پئرس جي طبيہ ڪاليج ۾ پوءِ علم رياضيءَ، فلڪيات ۽ علمِ نجوم تي ليڪچرن ڏيڻ جو اعلان ڪيائين - پر ڪاليج جي ڊاڪٽرن هُن جي اِنهن ’عقلمندين‘ تي اعتراض ورتو ۽ هُن کي طب سان علم نجوم کي ملائي ڏيکارڻ جو موقعو نہ مليو. آتي پوءِ سرويٽس-اِلانو اختياريءَ وارن جي اکين ۾ اچي ويو؛ ۽ پئرس جي پارليامينٽ کي رپورٽ پهتي تہ هن ”عقلي فلڪيات“ يعني آسماني گرهن ۽ تارن جون اهڙيون ڪي سنيون سڌيون ڳالهيون ٿي ڪيون، جن مان ديني توڙي دنيوي عام مڃيل ڳالهين کي سخت ڌڪ رسي ٿي سگهيو. آخرڪار، هڪ ڀيرو وري بہ هُن کي ڀڄي پنهنجي جان بچائڻي پيئي - ڇو تہ تيستائين هن جي اصل پتي نشان جي خبر اختياريءَ وارن کي پئجي چڪي هئي تہ هو مائيڪل ڊي اِلانو نہ پر ڪيترين الڳ الڳ حڪومتن کي گهربل ”ڪافر“ مائيڪل سرويٽس هو. بهرحال، اِلانو، طبيہ ڪاليج جو استاد، پئرس مان اِئين لڪ چوريءَ ڪسڪي هليو ويو، جيئن پهريون ديني عالم، سرويٽس، جرمنيءَ مان اڳ لڪي ڀڄي ويو هو. اُن ڪان پوءِ ڪيترو سارو وقت هن جي ڪا ڳالهہ ٻڌڻ ۾ ڪانہ آئي؛ ۽

وري جڏهن هو نڍري نروار ٿيو تڏهن هن جي سُنهن تي هڪ نئون پوش پهريل هو. ڪنهن ڪي اهڙو شڪ جاڳي ٿي سگهيو تہ وائين شهر جو آرڪ بشپ، پيري پاميئر، اهڙي ماڻهوءَ کي پنهنجو خاص طبيب مقرر ڪري ٿي سگهيو، جيڪو ڪافر جي حيثيت ۾ ملڪ مان جلاوطن ٿيل هو ۽ جنهن کي پئرس جي پارليامينٽ ”ڪوڙي دعويدار“ جو لقب ڏيئي، شهر مان پڄائي ڪڍيو هو! بهرحال، ايترو سو ٿيو، جو مائيڪل ڊي الانو وائين شهر ۾ ڪجهہ پنهنجا چپ سبيل رکيا ۽ پنهنجي الحادي خيالن جي ظاهر ڪرڻ کان ڪافي پرهيز اختيار ڪئي - ايتري قدر، جو آن حيثيت سان ٿورن ئي ڏينهن ۾ هو ماڻهن جي ڏيان تان ئي لهي ويو. بهرحال، هو طبيب جي حيثيت سان ماڻهن جي گهرن ۾ ويندو رهيو، بيمارن کي ڏسندو رهيو، انهن جي دوا درمل ڪندو رهيو، ۽ ڪافي پيسا ڪمائيندو رهيو. وائين جا دولتمند شهري جڏهن رستي پنڌ هن اسپيني عزت ماب جناب حڪيم مائيڪل ڊي اِلانو کي ڏسندا هئا، جيڪو شهر جي اعليٰ حضرت آرڪ بشپ جو خاص طبيب هو، تہ هو پنهنجا ٽوپلا لاهي، ڪجهہ ادب سان، هن جو سلام ڪندا هئا، ۽ دل ۾ چوندا هئا: ”ڏسو تہ سهي، ڪيڏو نہ هيءُ هڪ لائق، نيڪوڪار، عالم فاضل پر نياز ۽ نئڙت وارو شخص آهي!“

پر حقيقت هيءَ هئي تہ هن مست، جذباتي ۽ بي صبر اسپيني جوان ۾، جيڪو باغي روح لڪل هو، سو منجهس هر وقت زنده هو. هن نمائي، نيڪوڪار، عالم فاضل مائيڪل ڊي الانو ۾ مائيڪل سرويٽس ڪڏهن بہ مُئو نہ هو، ۽ هن جي قلب ۾ آهو ئي ’ڪافر‘ جو متلاشي ۽ بي آرام روح ساڳيءَ طرح ڦٿڪي رهيو هو. جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي دل ۾ ڪو خيال اچي ويهي ٿو ۽ هُن جي وجود تي ڇانئجي وڃي ٿو، تڏهن هُن جي حالت آها ٿئي ٿي جهڙي ڪنهن بيمار ماڻهوءَ جي - هُن جو سنڌ سنڌ سور ۾ ونجي وڃي ٿو، ۽ پوءِ هُن کان سڀ ڳالهيون وسري وڃن ٿيون ۽ هُن جي گهڙي گهڙي آن سودا ۽ سور جي علاج ۾ اوني ۾ گذري ٿي. هُن جا آدرش هُن لاءِ زنده حقيقتن جو روپ وٺي بيهن ٿا، جيڪي

پنهنجي مُنهن ۾ بند رکڻي ٿي پيئي. آخرڪار سرويٽس فيصلو ڪيو تہ اهڙو ڪو همدم ۽ همدرد ماڻهو ڳولي هٿ ڪجي، جنهن سان پنهنجي دل جا احوال ڪيا رهجن، ۽ خيالن جي علمي ڏي وٺ ڪبي رهجي. پر، جنهن شهر ۾ هو رهيل هو، اُتي هن کي ڪو اهڙو ماڻهو ڪونہ ٿي سُجهيو، جنهن سان ويهي، هو اِئين پنهنجن ديني عقيدن بابت ڪا ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهي ها. اِنهيءَ ڪري هو ٻاهر ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جي تلاش ۾ رهيو، جنهن سان مخفي طور لکپڙهہ وسيلي هو پنهنجي دل جا بخار ڪجهہ هلڪا ڪري سگهي.

سرويٽس جي تقدير جي اِها بي ترسي هئي، جو پنهنجي جوش جي انتها ۾ هُن جنهن ماڻهوءَ کي، هڪ ديني علم جي ماهر جي حيثيت ۾ پنهنجي اعتماد لائق سمجهي، اهڙيءَ علمي ڏي وٺ لاءِ ڳولي هٿ ڪيو، سو ڪو ٻيو نہ پر خود ڪالون هو. هُن کي اميد هئي تہ ڪالون، جنهن کي هڪ جرئتمند انقلابي جدت پسند جي شهرت حاصل هئي، سو ڪلام خداونديءَ جي هڪ وڏيڪ جرئتمند تشريح ۽ تفسير کي ٻڌي خوش ٿيندو ۽ اِن ڳالهہ ۾ سندس همت افزائي ڪندو. ڪالون سان هن جي ڪجهہ اڳوڻي واقفيت بہ هئي، ۽ هُن سان ڪن مسئلن تي هو اڳي ڳالهائي بہ چڪو هو. ممڪن آهي تہ ڪالون سان اِئين تعلق پيدا ڪندي، هُن ساڻس پنهنجي آها اڳين واقفيت ۽ اڳين گفتگو وري جاڳائڻ ٿي گهري. ڪاليجي شاگرديائيءَ جي زماني ۾ هو هڪٻئي سان پئرس ۾ ملي چڪا هئا، پر آن ڪان پوءِ وري هاڻي هو هِن طرح پنهنجا لاڳاپا تازا ڪري رهيا هئا. ان وچ ۾ ڪالون جينيوا جو مالڪ بنجي چڪو هو، ۽ مائيڪل سرويٽس، مائيڪل ڊي الاڊيءَ جي سڃاڻپ هيٺ، وائين جي آرڪ بشپ جي خاص طبيب جي عهدي تي ڪم ڪري رهيو هو. بهرحال جيڪا خط و ڪتابت هنن ٻنهي ديني اصلاح جي حامي عالمن جي وچ ۾ هاڻي شروع ٿي، سا سرويٽس شروع ڪئي ــ ۽ آها بہ سڌي پاڻ نہ، پر ليانس جي هڪ عالم ۽ ناشر، جيهان فريلان، جي معرفت. سرويٽس کي خيال هو تہ پنهنجي رد-تثليث جي نظريي جي حمايت ۾

جيئن کو پليٽ کتو ڪنهن پٿر ڪي ويهي چٽني ۽ چڪ هڻي! ههڙي گستاخ احمق سان بحث ڪري، آخر اُهو ڇو پنهنجو وقت وڃايان؟ مون کي هن بدبخت جي لفظن جي اهڙي ٿي پرواهه آهي، جهڙي ڪنهن گڏهه جي هينگن جي."

هوڏانهن هو بدنصيب ڳاموڻ سچار، ڏسندي وائسندي به، ته هو پنهنجي عقل جا نازڪ ۽ نرم تير هڪ اهڙيءَ خودپسنديءَ جي اٿوت زره تي چٽي رهيو هو، جيڪا ڪڏهن به ٽڪجي نٿي سگهي، وري ٻيا پنهنجا ساڳيا اهڙا تير آن تي ڇوڙڻ لڳو. ڪالون، جيڪو هن جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ ئي تيار نه هو، سرويٽس کي بهرحال آن ڪالون کي ئي ميجائٽو هو! اِئين ٿي نظر آيو، ڄڻ خود ڪالون جي پنهنجن لفظن ۾، سرويٽس تي "ڪو ڀوت سوار هو". ڪالون ڪان پاڻ بچائڻ بدران، هو وري هُن جي ويجهو وڃي رهيو هو. آخر ۾ هن، شايد آن "ڀوت" جي چرچ تي، پنهنجي هڪڙي نئين ڪتاب جا پروف، جيڪو اڃا ڇپجي پريس مان نڪتو ئي ڪونه هو، ڪالون ڏانهن ڏياري موڪليا - ۽ ڪتاب به اهڙو، جنهن جو نالو ئي ڪالون کي چيڙائي باهه ڪري ڇڏڻ لاءِ ڪافي هو. سرويٽس آن ڪتاب جو نالو ئي اهڙو رکيو هو: ڪالون جي ڪتاب "نظام دين مسيح" جي سامهون "احياي دين مسيح" - ڇاڪاڻ ته، هن جي لفظن ۾، "نظام" دين مسيح ڪان اڳ "احياي" دين مسيح ضروري هو. ڪالونَ لاءِ هن اسپيني ڊان ڪنگزات جي هيءَ جرئت ۽ هن مناظري باز ڳاموڻ سچار جي هيءَ گستاخي سهڻ جي حد ڪان مٿي چڙهي ويئي هئي. هُن پوءِ ڪتب فروش فريلان کي لکي موڪليو، جنهن هن سڄيءَ خط و ڪتابت ۾ وچ جي ڳانڍاپي جو ڪم ڏنو هو، ته هُن (ڪالون) وٽ اهڙي "ڦوڪجي، ڦاٽڻ تي اچي بيٺل احمق" جي خطن پڙهڻ بدران پنهنجي وقت جو بهتر مصرف موجود هو. ساڳئي وقت ٻئي هڪڙي خط ۾ هن ڪي ٻيا اهڙا لفظ به لکيا، جيڪي اڳتي هلي بيحد خطرناڪ ثابت ٿيڻا هئا. فاريل ڏانهن لکيل خط ۾ هن جا آهي لفظ هي هئا: "سرويٽس تازو مون ڏانهن خط لکيو آهي، ۽ آن سان گڏ پنهنجو هڪڙو وڏو ڪتاب به موڪليو اٿس،

جيڪو سچو هن جي بڪواس سان ڀريل آهي، پر آن لاءِ خط ۾ اعتبار ۾ نه اچڻ جهڙي دعوا ڪئي اٿس ته آن ۾ هُن اهڙيون عظيم حقيقتون ۽ انڪشاف ڏنا آهن، جيڪي هيلتائين ڪنهن جي تصور ۾ به نه آيا هوندا. هُن لکيو آهي ته جيڪڏهن منهنجي مرضي هجي ته هو روبرو اچي مون سان هتي ملي. پر آءٌ هن سان ڪو به واعدو ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيان؛ ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن هڪُ ڀيرو هو هتي آيو، ته، جيتري قدر هن شهر ۾ منهنجا اختيار آهن، آءٌ هُن جو اهڙو بندوبست ڪندس، جو هتان هو وري جيئرو موٽي ٻاهر نه وڃي سگهندو."

اسان کي اها خبر ڪانهي ته سرويٽس کي هن دڙڪي جو ڪنهن اطلاع ڏنو هو يا نه، يا خود ڪالون جي ڪنهن (گم ٿي ويل) خط مان هن کي اهڙي قسم جو ڪو خوفناڪ اشارو مليو ويو هو؛ پر هيءُ اسپيني سوڊو، بهرحال، آن ڪان پوءِ، ڏسجي ٿو ته ڪالون جي دل ۾ هُن ڏانهن جيڪا شديد نفرت موجود هئي، پڪ ئي پڪ آن کي سمجهي ويو هو. پهريون ڀيرو هُن جي دل ۾ پنهنجي ڪتاب جي مسودي بابت خوف پيدا ٿيو، جيڪو هن "اعتبار رکي" ڪالون ڏانهن موڪليو هو؛ ڇاڪاڻ ته آن تي سندس هٿ لکيل مواد موجود هو ۽ پيو ته آهو آن وقت اهڙي ماڻهوءَ جي قبضي ۾ هو، جيڪو هن جو ظاهر ظهور جاني دشمن ٿيو بيٺو هو. فوراً هُن ڪالون کي لکي موڪليو: "اوهان جو خيال آهي ته آءٌ شيطان آهيان، اِنهيءَ ڪري وڌيڪ اوهان سان منهنجي ڪهڙي ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي ٿي! هاڻي مون ڏانهن مهرباني ڪري منهنجو مسودو موٽائي موڪليو - پيهر آءٌ اوهان کي تڪليف ڪانه ڏيندس. ايترو سو آءٌ وري به چوندس ته جيڪڏهن اوهين پوپ کي واقعي مسيح جو دشمن سمجهو ٿا، ته پوءِ اوهان کي هي به مڃڻو پوندو ته تثليث ۽ ٻالپڻي جي ٻپتسمي جا عقيدا، جيڪي پاپائي سرشتي جون ئي ايجاد ڪيل ڳالهيون آهن، آهي مسيحي عقيدا نه پر شيطاني عقيدا آهن."

ڪالون ڪيس ڪو به جواب ڪونه موڪليو. هن جو سرويٽس ڏانهن سندس مسودي واپس ڪرڻ جو ارادو ڪونه هو. آن جي بدران هُن آها

'ڪافرانہ تحرير' ويڙهي ناهي، پنهنجي سيز جي خاني ۾ بند ڪري رکي ڇڏي - ضرورت وقت آها ڪيس ڪم اچڻ واري هئي. ٻنهي ڏرين اِهو خوب سمجهيو ٿي تہ جيڪي ٻڌاڙيءَ ۾ هُنن هڪٻئي ڪي گفتا چيا هئا، اُنهن جي تلخيءَ ڪان پوءِ منجهن، اڳتي هلي، اجا ئي وڌيڪ خطرناڪ جهيڙو اُٿڻو هو. اُن جهيڙي جي هولناڪ نتيجن ڪي خيال ۾ رکندي، اُن وقت سرويٽس هڪڙي ديني عالم ڏانهن لکيو: "مون ڪي هاڻي بلڪل پڪ ٿي ويئي آهي تہ هِن راهہ ۾ منهنجو موت لازمي آهي. پر اِها ڳالهہ مون ڪي پنهنجي راهہ تان هٽائي نٿي سگهي. آءٌ يسوع مسيح جو هڪ فدائي آهيان. آءٌ پنهنجي آقا جي نقش قدم تي اڳتي وڌندو ئي رهندس."

ڪاسٽيلو ۽ سرويٽس ڪي ۽ سون ٻين اهڙن شخصن ڪي پنهنجون اسلهہ حياتيون قربان ڪري، اِهو سبق سکڻو هو تہ ڪالون جهڙي ڪٽور دل ۽ ڪٽر اعتقادپرست شخص سان عقيدي جي ڪنهن معموليءَ ڪان معمولي نُڪتي تي بہ اختلاف ڪرڻ يا هن جي آڏو اچڻ هڪ بيحد خطرناڪ ڳالهہ هئي. هِن ڳالهہ ۾ ڪالون، ٻاڻ جهڙن تاريخ جي ٻين سيني شخصن وانگر، هڪ انتهائي سخت، ضدي ۽ بي ترس شخص هو. هو ٻاڻ ڪي ڪڏهن بہ ڪنهن جوش يا جذبي جي وقتي پڙڪي جو شڪار ٿيڻ ڪونہ ڏيندو هو، ۽ نہ وري تيسي يا ڪاوڙ جي انڌ ۾ وڃي، پنهنجي طبع جو توازن هٿان ڇڏيندو هو. هن جي مجڏو ۽ بي حس طبيعت خالص هن جي مغز جي پيداوار هئي. هن جي نفرت نہ ڪنهن ڪي بخش ڪندي هئي ۽ نہ ڪنهن ڪي وساري سگهندي هئي. هن جي حافظي تي هڪ ڀيرو ڪو نالو نقش ٿيندو هو، تہ آهو پوءِ آتان فقط تڏهن مٽبو هو جڏهن آهو حياتيءَ جي لوح تان ئي ميسارجي وڃي. هن حالت ۾ بہ، جيتوڻيڪ ڪيترا سال گذري ويا، جو هُن سرويٽس جو ڪو ذڪر بہ وري ڪونہ ٻڌو، تنهن هوندي بہ سرويٽس جو نالو هو هميشہ پنهنجي دل ۾ موجود رکندو آيو. ساڳئي وقت، سرويٽس جون تحريرون بہ هن جي سيز جي خاني ۾ جيئن هيون تيئن، امانت باسلامت، محفوظ رکيون رهيون. مطلب تہ ڪالون جي ترڪش ۾ تير هر وقت موجود هئا، ۽ هن جي اندر ۾

سرويٽس خلاف نفرت جي باھہ اِئين ئي ڏُکندي رهي.

هوڏانهن سرويٽس ڪيئي سال خاموش رهيو. جيڪو ماڻهو هُن جي ڪا ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ ئي تيار نہ هو، تنهن کي وڌيڪ سمجهائڻ جي ڪوشش ترڪ ڪري، هو پوريءَ جانفشانيءَ سان پنهنجي زندگي کي لڳي ويو. بهرحال، اعليٰ حضرت آرڪ بشپ جو هيءُ خاص طبيب مخفي طرح پنهنجو سمورو وقت پنهنجي ڪتاب "احياي دين مسيح" کي مڪمل ڪرڻ ۾ ئي لڳو رهيو. هن جي ڪا هڪ گهڙي بہ واندڪائيءَ جي آنهيءَ ڪتاب جي خيال کان پوءِ فارغ ڪانہ رهي. هن جو خيال هو، بلڪ هن کي پڪ هئي، تہ سندس آهو ڪتاب مسيحي دين ۾ آها بنيادي ۽ حقيقي اصلاح آڻيندو، جيڪا نہ ڪالون، نہ ليوٿر ۽ نہ زونگلي آڻي سگهيا هئا. جتي آنهن جي اصلاح ناقص هئي، آتي آن جي تڪميل، ۽ جتي آها غلط هئي آتي آن جي عوض سچي ۽ صحيح اصلاح فقط سندس آن عظيم ڪتاب وسيلي ئي عمل ۾ اچي ٿي سگهي. سندس هيءَ ديني اصلاح دنيا ۾ خالص ۽ اصل مسيحيت جي نفاذ جو باعث بڻبي، ۽ آن وسيلي سڄي عالم جي نجات عمل ۾ اچڻي هئي. دراصل، سرويٽس انجيل مقدس جو آهو "ملعون منڪر" بہ ڪونہ هو، جيڪو الزام ڪالون پوءِ مٿس رکيو، هن کي ڪاٺ ۾ وڌو هو: هو آن قسم جو 'آزاد خيال ۽ دهريو' بہ بلڪل ڪونہ هو جيئن هُن لاءِ ڪي ماڻهو اڄ سمجهن ٿا - خاص طرح آهي جيڪي پاڻ کي هن جو پوئلڳ ٿا چوائين. مذهب جي سلسلي ۾ هو هڪ ديندار بلڪ پڪو موسن مسيحي هو. دين جي راهہ ۾ هو پاڻ کي وڏو متقي ۽ مجاهد سمجهندو هو، ۽ ايماناً ڀانئيندو هو تہ آن راهہ ۾ هڪ سچي مؤمن کي هردم پنهنجي جان قربان ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ کپي اهڙي سندس پختي ايمان جي ثابتي خود سندس آن "احياي دين مسيح" جي پيش لفظ مان ملي ٿي، جنهن ۾ هُن وڏيءَ دل جي رقت سان هيءَ دعا گهري آهي: "او منهنجا يسوع مسيح، خدا جا پاڪ روح، تون جيڪو اسان وٽ ڪائنات جي خلقڻهار وٽان آيل آهين، پنهنجي هن بيوس بندي جي ڪا مدد ڪر، تہ جيئن آءٌ هيءَ تنهنجي ڳوريءَ تعليم

جي جيڪا ڳالهه ڪرڻ چاهيان ٿو، سا آسمان جي سج وانگر دنيا تي واضح ٿئي. هيءُ تنهنجو ڪم آهي، جيڪو تنهنجي ئي پاڪ حڪم سان مون هيڏي نياز سان ۽ تنهنجي ڀروسي تي پنهنجي سر تي کنيو آهي. اڳي به هڪ ڀيرو مون تنهنجي اِن بار لاهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هاڻي اِهو تنهنجو فرض آءٌ ٻيهر ادا ڪرڻ چاهيان ٿو، ڇاڪاڻ ته تنهنجي مرضيءَ جي پوري ٿيڻ جو وقت اچي ويو آهي، ۽ اِن راهه ۾، جو ڪجهه تو وٽان مون کي مليل آهي، آهو سڀ، بلڪ پنهنجو هيءُ حقير سِر به، آءٌ ڏيئي ڇڏڻ لاءِ تيار آهيان. تو ئي اسان کي چيو آهي ته اسان کي پنهنجي روشني، جيڪا تو وٽان ئي اسان کي عطا ٿيل آهي، پنهنجي ڪنهن غرض جي ڏڪ هيٺان لڪائي رکڻ نه کپي. اي منهنجا محبوب يسوع، اي ڪائنات جي پروردگار اعظم جا مقدس روح، منهنجي مدد ڪر ته تنهنجي حق جي ڪلمي جو اعلان ڪريان ۽ آن ۾ ڪو به ڊپ، پنهنجي جان جو ڊپ به، مون کي ناڪام نه ڪري - آمين!"

جيسين ڪتاب جي ڇپائي پوري ٿي سگهي، تيسين آن جي لڪ ۽ بچاءَ جون جيڪي تدبيرون سرويٽس عمل ۾ آنديون، آنهن مان خبر پوي ٿي ته هن کي پوريءَ طرح معلوم هو ته ڪتاب جي شايع ڪرڻ ۾ هو ڪيڏو نه وڏو خطرو سر تي کڻي رهيو هو. موجوده زماني جي انداز سان هڪڙي ڪنهن ننڍي شهر ۾ ويهي، آتان جي آرڪ بشپ جي حاضريءَ جو هڪڙو طبيب خاص، ستن سَون صفحن جي هڪڙي ضخيم 'ڪافرانه' ڪتاب جي اشاعت جو بندوبست ڪري، اِهو ڪم هرگز ڪو معمولي يا سولو ڪم ٿي نٿو سگهي. نه فقط ڪتاب جو مصنف پر آن جا ڇاپيندڙ ۽ آن جا ورهائيندڙ سڀئي آن ڪم ۾ ڄڻ پنهنجي جان جي بازي لڳائي رهيا هئا. سرويٽس، پنهنجي سِر پنهنجي طبابت جي ڌنڌي مان جو ڪجهه ميڙيو هو، آن جي آخري پائي به هِن ڪم تي لڳائي ڇڏي؛ هُن جي ايڏي ڪشادي خرچ جي ڪري ئي، هُن جا ڪيترا ساٿي هن خطرناڪ ڪم کي ڇڏي ڇڏي، وري به آن کي لڳي ٿي ويا. جنهن پريس ۾ ڪتاب ڇاپيو ٿي ويو، آن کي احتياط طور، اصلوڪيءَ جاءِ تان ڦٽي، پرانهينءَ ڪنهن جاءِ تي رکيو ويو،

جنهن جي مسواڙ سرويٽس پاڻ پريندو ٿي رهيو. آتي آن مخفي جاءِ ۾، ”مقدس ديني عدالتن“ جي جاسوسن ۽ محتسبن کان پري، ڊجندي ڊجندي، هيءُ ’ڪافرانه‘ مواد ڪمپوز ڪيو ويو ۽ ڇاپيو ويو. جن ماڻهن اِهو ڪم ڪيو ٿي، آهي وڏيءَ ڪوشش سان چونڊي اهڙا هٿ ڪيا ويا هئا، جيڪي پروسي جهڙا ٿِيي سگهيا ٿي ۽ جن آن خوفناڪ راز کي پنهنجن سينن ۾ مخفي رکڻ جو قسم کنيو هو. آن کان پوءِ، جڏهن ڪتاب ڇپجي پورو ٿيو ۽ ٻاهر نڪتو، تڏهن آن تي ڪوبه اهڙو نشان پتو رهڻ ڪونه ڏنو ويو، جنهن مان پتو پئجي سگهي ته آهو ڪٿي ڇپيو هو. پر افسوس، اِها وري به سرويٽس جي بدقسمتي هئي، جو ڪتاب تي ڇپائيءَ جي سال سان گڏ، بلڪل آن جي مٿان، هُن جي پنهنجي نالي جا اکيان اکر م. س. الف (سائيڪل سريٽس اِلانو) ڪنهن طرح رهجي ويا، جن مان ”مقدس ديني عدالت“ جي نوسينڌڙ شڪارين کي آن جي مصنف متعلق پوري ۽ پڪي ثابتي هٿ اچي ويئي.

پر سرويٽس جي بي ترس دشمن کي سرويٽس جي اِنهيءَ غلطيءَ جي به ضرورت ڪانه هئي، ڇو ته هو جيتوڻيڪ ظاهري طرح ته ڇڻ اکيون پر و .وينو هو پر حقيقت ۾ هُن جي دل ۾ جيڪو نفرت جو مچ ٻري رهيو هو، تنهن هن کي هرگز سمهڻ ڪونه ٿي ڏنو. هو نه فقط جينيوا ۾ پنهنجي جاسوسيءَ جو پورو جار وڇايو وينو هو، پر آن جون گِنديون ۽ پلاند پاڻ وڏيڪ هوشياريءَ سان هن پنهنجي سيني پاڙيسري ملڪن ۾ پکيڙي ڇڏيا هئا. ڪئٿولڪ فرانس ۾ ته ڪالون جي جاسوسي تنظيم جو ڪم ”مقدس ديني عدالت“ جي جاسوسيءَ کان به وڌيڪ سخت هو. سرويٽس جو ڪتاب اجا پورو پڌرو ئي ڪونه ٿيو هو، اجا آن جي، ڇاپي جون تقريباً سموريون هڪ هزار ڪاپيون ليانس ۾ ڪنهن گدام ۾ پيون هيون، ۽ تمام ڪي ٿوريون ڪاپيون فرئنڪفرٽ جي ڪتابي نمائش لاءِ مس پهچي سگهيون هيون ۽ آنهن جو تمام ڪو مختصر وڪرو مس ٿي سگهيو هو (اڄ آنهن مان فقط ٽي ڪاپيون دنيا ۾ موجود آهن)، ته ڪتاب جي هڪ ڪاپي سڀ کان اول ڪالون جي هٿن ۾ پهچي چڪي هئي.

ڪتاب جي ڪاپيءَ هٿ اچڻ سان ئي، جينيوا جو هيءُ طاقت ۽ تعصب جي انڌ ۾ ورتل آسر هڪ ئي ڏڪ سان ڪافر ۽ ڪافر جي لکيتن کي گڏي ختم ڪري ڇڏڻ جي ڪم کي لڳي ويو.

دنيا کي اِها خبر ڪانهي ته جنهن پورئين ڏڪ سان ڪالون هيءَ پنهنجي جهاد سَر ڪرڻ گهري ٿي، آهو ئي هُن جو ذليل ڪان ذليل ڪم شمار ٿي سگهي ٿو. هو اِئين به ڪري سگهيو ٿي ته جنهن ڪتاب کي، پڙهڻ ڪان پوءِ، هُن هڪ انتهائي ملحدانہ تصنيف سمجهيو ٿي، آن جي خلاف، پنهنجي ديول جي منبر تان بيهي، هو پوريءَ ديانتداريءَ سان پنهنجي ديني فتوا جو اعلان ڪري سگهيو ٿي ۽ سڄيءَ مسيحي دنيا کي آن ڪان خبردار ڪري سگهيو ٿي، ۽ پوءِ ڪئٿولڪ شريعت جي هولناڪ ”مقدس ديني عدالت“ جا جاسوس ۽ محتسب ازخود ڪتاب جي مصنف کي ڪٿي نه ڪٿي ڳولي وٺن ۽ ڪنهن نہ ڪنهن ريت جهلي وٺن ها - پلي آهو ڪٿي ڪنهن آرڪ بِشپ جي پناهہ ۾ ئي ڇو نہ لڪو وينو هجي ها. پر هِن پروٽيسٽنٽ ديني اصلاح جي ’عظيم اڳواڻ‘ پنهنجي پاپائي دشمنن کي هن سلسلي ۾ ايتريءَ تڪليف وٺڻ ڪان بہ بچائي ڇڏيو. ڪالون جا طرفدار هِن ڳالهہ ۾ اڄ ڪيترو بہ هُن جو بچاءُ ڪن، پر سندن آهي سڀ دليل پاڻ وڌيڪ هن جي پست اخلاقيءَ کي ثابت ڪن ٿا. ڪالون جيڪو پنهنجي شخصي ورتاءَ ۾ هوندڻ هڪ سخت ايماندار ماڻهو هو ۽ سدائين آن ۾ پنهنجن عملن جي نيت بَخير ڏيکارڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهندو هو، سو جڏهن ڏسندو هو تہ سندس اعتقادي نظريو خطري ۾ هو، يا جڏهن سندس مقدس ”فرض ادائيءَ“ جو ڪو سوال اٿندو هو، تڏهن هن ڪان پنهنجا سمورا اصول ۽ اخلاقي قدر وسري ويندا هئا. پنهنجي اعتقادي ايمان ۽ پنهنجي جماعت جي مفاد لاءِ هو هر طريقي ۽ هر ذريعي جي استعمال کي جائز سمجهندو هو. جيئن ئي سرويٽس جو ڪتاب هُن جي هٿ چڙهيو، تيئن سندس هڪ قريبي معتمدَ، گالين ٽرائيءَ، جو هڪ فرينچ پناهگير هو، ١٥٥٣ع جي فبروريءَ جي مهيني ۾، جينيوا مان، پوئتي پنهنجي اباڻي وطن فرانس ۾ رهندڙ پنهنجي هڪ ڙي سؤٽ انٽون آرنيءَ ڏانهن آن جي سڄي روئداد لکي موڪلي.

ائنٽون آرني هڪ ڪٽر ڪئٿولڪ هو - اهڙو ئي جهڙو هيڏانهن هيءُ سندس پناهگير سؤٽ گالين ٽرائي ڪٽر پروٽيسٽنٽ هو. ائنٽون آرني هوڏانهن فرانس ۾ ڪٽر ڪئٿولڪي ”مقدس ديني عدالت“ جو معتمد هو ته هيڏانهن هيءُ سندس سؤٽ، گالين ٽرائي، جينيوا ۾ ”محڪمي اسور مذهبي“ جي هن ڪٽر عقيدي پرست پروٽيسٽنٽ سربراهه جو اهڙو ئي ويجهو معتمد هو. پروٽيسٽنٽ گالين پنهنجي خط ۾ ڪئٿولڪ ائنٽون کي وڏي تفصيل سان لکي موڪليو ته ڪيئن هو ”جينيوا ۾ ڪافرن ۽ ملحدن کي ۽ سندن مسيح دشمن حرڪتن کي“ پوريءَ طرح دٻايو ويٺا هئا، ۽ ”هوڏانهن ڪئٿولڪ فرانس هو، جتي سيني جي اکين اڳيان مسيحي دين ِ مقدس جي سرزمين ۾ دٻ ۽ ڪانديرا جمي ۽ وڌي رهيا هئا ۽ ڪوبه ڪونه هو، جو آنهن کي وڍي ۽ پاڙؤن پٽي، اُن زمين پاڪ کي آنهن کان آجو ۽ صاف ڪري سگهي! مثلاً فرانس ۾ هڪڙو اهڙو زهرناڪ ٻوڙو اپريو بيٺو هو، هڪڙو اهڙو ڪافر لعين موجود هو ۽ هلي چلي رهيو هو، جيڪو جنهن گهڙيءَ جهاجي سگهي، آنهيءَ گهڙيءَ اُن کي هوند ٻاهه ۾ وجهي ساڙي ڇڏجي!“

گالين جي خط جا اِهي ٽڪرا پڙهي، اسان کي فوراً ڪالون جا اڳيان لفظ ياد اچن ٿا، جيڪي هُن فاريل ڏانهن خط ۾ لکي موڪليا هئا: ”جيڪڏهن هڪ پيرو هو هتي آيو، ته جيتري قدر هِن شهر ۾ منهنجا اختيار آهن، آءٌ هن جو اهڙو بندوبست ڪندس، جو هِتان هو وري جيئرو ٻاهر نه وڃي سگهندو!“ پر ڪالون جي معتمد گالين ٽرائيءَ اُن کان به وڌيڪ واضح لفظن ۾ اُن ”بدمعاش“ جو نالو ڪٿي، ڳالهه کي اڳتي وڌايو: ”آءٌ اُن آرگون شهر جي اسپيني رول جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان، جنهن جو نالو مائيڪل سرويٽس آهي، پر پاڻ کي هو مائيڪل ڊي اِلانو سڏائي ٿو ۽ طبابت جو پيشو اختيار ڪيل اٿس.“ پوءِ خط ۾ هُن سرويٽس جي ڪتاب جو نالو ڪٿي، اُن جي مضمونن جي فهرست ڏني ۽ اُن سان ڪتاب جي پهرين چئن صفحن جو نقل شامل ڪيو، ۽ آخر ۾ هِن بدين سان پريل دنيا تي لعنت ملامت جا خوب چوهه چنبي، گالين پنهنجي خط

جي پڇاڙي ڪئي.

جينيوا مان هيڏيءَ وڏيءَ عقلمنديءَ سان روانو ڪيل هيءُ ٻہ گولو پنهنجيءَ پوري مقرر جاءِ تي وڃي ڦاٿو. چغلخور گالين ٽرائيءَ جيئن ڳالهہ رٿي هئي، بلڪل آها آئين ئي ٿي. ڪئٿولڪ مؤمن ائنٽون آرني خط پڙهڻ سان ٽپي باهہ تي ويو، ۽ خط سميت سهڪندو سهڪندو، آنهيءَ ئي گهڙيءَ وڃي ليانس جي وڏي ديني عامل يعني آتان جي ڪارڊينل وٽ پهتو. ڪارڊينل سڄوري خط ڏسي، فوراً پاپائي ”عدالت“ جي هيڊ محتسب کي پاڻ وٽ گهرايو. اِنهيءَ طرح چوٽيءَ تي ٻيهي، ڪمال ڏاهپ سان جيڪو پٽر ڪال‌ون هيٺ ڇڏيو هو، آهو پوريءَ رفتار سان ٻولاٽيون کائيندو، وڃي پاڙ ۾ ڪريو. سرويٽس جي خلاف فرد جرم جو آهو پٽر جينيوا مان فبروريءَ جي ٢٧ تاريخ تي آچليو ويو هو. تقريباً ويهن ڏينهن کان پوءِ، مارچ جي ١٦ تاريخ تي، ديني محتسبن مائيڪل ڊي اِلانو کي وائين شهر ۾ ڳولي وڃي هٿ ڪيو، ۽ مٿس دستوري طور ”ڪفر ۽ الحاد“ جو ساڳيو الزام عائد ڪيو، جيڪو جينيوا مان گالين ٽرائيءَ جي معرفت ڪال‌ون هن جي خلاف مرتب ڪيو هو.

جينيوا جا هي چغلخورَ، بهرحال، اِها ڳالهہ معلوم ڪري بيحد پريشان ٿيا هوندا تہ سندن ٻہ گولو پنهنجيءَ جاءِ تي تہ وڃي ڦاٿو، پر پنهنجي اصل نشان کان گُسي ويو - يعني آن جي نقصان مان سرويٽس صاف بچي ويو. ممڪن آهي تہ ڪن وچ وارن سرويٽس جي دوستن يا خيرخواهن هُن کي آن کان پهريان ئي آگاهہ ڪري ڇڏيو هجي. شايد وائين شهر جي آرڪ بِشپ ئي پنهنجي طبيب کي اڳواٽ ڳالهہ جو چتاءُ ڏيئي ڇڏيو هو. جڏهن هيڊ محتسب آتي پهتو، آن کان اڳ ئي ڇاپخانو پنهنجي اصل هنڌ تان پٽجي ٻئي هنڌ پهچي چڪو هو. شهر جا ڇاپيندڙ، جلدبندَ ۽ ٻيا سڀ اهڙا شخص گڏجي قسم کڻي چئي ويا تہ هُنن اهڙو ڪوبہ ڪتاب نہ ڪمپوز ڪيو هو، نہ ڇاپيو هو ۽ نہ ڪڏهن رڳو ڏٺو بہ هو. هوڏانهن شهر جي معزز طبيب مائيڪل ڊي اِلانو کي ڪاوڙ وٺي ويئي، جڏهن ڪيس چيو ويو تہ هو مائيڪل سرويٽس هو - نہ، بلڪل نہ، هُن جو

مائيڪل سرويٽس سان ڪهڙو واسطو! وڏيڪ حيرت جي ڳالهه هيءَ ٿي ته پاپائي ”عدالت“ به شروع ۾ ڪجهه ڦڙتي ڏيکاري، پر وڏيڪ ڳالهه جي چورپچر ڪرڻ ڇڏي ڏني. سندن اِن ڇڳ مڙسيءَ کي خيال ۾ آڻي، اسين اج به اندازو ڪري سگهون ٿا ته ’جوابدار‘ تي ضرور ڪنهن طاقتور شخص پنهنجي پناهه جو هٿ رکيو هوندو. اهڙين ڳالهين ۾ ”مقدس ديني عدالت“ پنهنجي ’عدالتي‘ ڪم ۾ پهريائين جوابدار کي هوڻن اشڪنجي ۾ وجهائيندي هئي، پوءِ اُن اشڪنجي کي آهستي آهستي ڪشائيندي هئي، ته جيئن جوابدار سچي ڪري ۽ قبولدار ٿئي. پر ساڳيءَ آنهيءَ ’عدالت‘ مائيڪل دي اِلانو سان ائين نه ڪيو ۽ هُن جي پڇرڻي ڇڏي ڏني، اُن ۾ ضرور ڪنهن جو هٿ هو. هيڊ محتسب چپ ڪري، ليانس شهر ڏانهن موٽي ويو. ائنٽون آرنيءَ کي اطلاع ڏنو ويو ته پڇاڳاڇا مان معلوم ٿيو هو ته هُن جو الزام بي بنياد هو. اِئين جينيوا جي پروٽيسٽنٽ آمر جي اِها ڪوشش ته پاپائي ”عدالت“ جي هٿان سرويٽس کي ختم ڪرايو وڃي، ناڪام ثابت ٿي. ممڪن آهي ته سچي ڳالهه آتي ئي بند ٿي وڃي ها، پر آرنيءَ موٽائي جينيوا ۾ پنهنجي سوٽ ڳالين ٽرائيءَ کي لکي موڪليو ته صورتحال بهرحال آها هئي، ۽ جيڪڏهن پيو ڪو پار پتو ۽ مواد مذڪور ”ڪافر“ جي خلاف وٺن هو ته آهو ڏانهس موڪليو وڃي.

هيستائين ته ائين فرض ڪرڻ لاءِ ڪو سبب به ٿي سگهيو ٿي ته ڳالهه جو نرم پاسو وٺندي، اِئين چيو وڃي ته ڳالين ٽرائيءَ پنهنجو پاڻ هڪڙي اهڙي ملحد مصنف جي خلاف جنهن کي هو شخصي طور سڃاڻندو به ڪونه هو، پنهنجي ڪئٿولڪ سوٽ آرنيءَ ڏانهن آهو سڀڪجهه خيرصلاح ۾ لکي موڪليو هو: اُن سچيءَ ڳالهه ۾ ڪيس ۽ خود ڪالون کي خواب خيال ۾ به ڪونه هو ته سندن آهو الزام اِئين پاپائي اختياريءَ وارن جي ڪنن تائين پهچي به سگهيو ٿي. پر هاڻي جڏهن جينيوا جي هِنن ڪٽر اعتقادي پروٽيسٽنٽ تقوابازن کي معلوم ٿي چڪو هو ته سرويٽس جي خلاف تحقيقات شروع ٿي چڪي هئي ۽ اُن سلسلي ۾ ئي فرانس جي پاپائي ”عدالت“ جي استعمال لاءِ ائنٽون آرني ڪانئن وڏيڪ خبرچار گهري رهيو

هو، ٺڏهن ته هنن کي ڳالهه جي اهميت سمجهڻ کپندي هئي. ۽ پوءِ به هو مسيحي تقوا جو صاحب، انجيل مقدس جو علمبردار آن هولناڪ پاپائي ”عدالت“ جي دلال ۽ جاسوس بڻجڻ کان پاڻ کي باز نه رکي سگهيو - جنهن سندس ئي موين معصوم پروٽيسٽنٽ جماعتين کي ڏڳڻڙ باهه جي ٽانڊن تي جيئري سيخ ڪباب وانگر پچائي پچائي ماريو هو! بيشڪ ڪالون تي سڌي الزام رکڻ لاءِ سرويٽس وٽ پورو پورو سبب هو: ”چا، تون اهو نٿو محسوس ڪرين ته انجيل مقدس جي هڪ سومن متقيءَ جي شان وٽان هيءَ ڳالهه نه آهي ته هو پنهنجيءَ دشمن ڏر اڳيان پنهنجي ئي هڪ جماعتيءَ تي فريادي به بڻجي ۽ سرڪاري شاهد به، ۽ پنهنجي عهدي ۽ اختيار جو فائدو وٺي، پنهنجي آن مخالف، پر ڪمزور هم جماعتيءَ، کي ڦاسائي پنهنجي آن گڏيل دشمن جي حوالي ڪرڻ لاءِ آن جي راهه ۾ بيهي مڪر ۽ فريب جا جار وڇائي!“

پر، هيءَ ڳالهه اسان کي واضح طور تي وري به سمجهڻ گهرجي ته ڪالون لاءِ جتي سندس اعتقادي ايمان جو سوال هو، آتي ڪنهن اصول يا قدر جي ڪا معنيٰ ۽ ڪا اهميت ڪانه هئي. سرويٽس کي هر صورت ۾ ”ختم ڪرڻ گهرجي“: اِن مقصد لاءِ ڪالون جي دل ۾ اعتقادي نفرت جو آڙاهه ٻرندو رهيو، تنهنڪري هُن کي ڪا پرواهه ڪانه هئي ته آن لاءِ هن کي ڪهڙا طريقا ۽ ڪهڙا ذريعا استعمال ڪرڻا ٿي پيا. ۽ آهي ذريعا ۽ طريقا جيڪي آن مقصد لاءِ هن استعمال ڪيا ٿي، آنهن کان وڌ شرم جي ڪا ڳالهه ٿي ئي ڪانه ٿي سگهي. گاليين ٽرائيءَ جيڪو ٻيو خط اُنٽون آرنيءَ ڏانهن هِن سلسلي ۾ موڪليو، جيڪو پڪ ئي پڪ هن کي ڪالون ئي لفظ بلفظ مُنهان مُنهن ويهاري لکايو هو، آهو منافقيءَ جو هڪ مثالي شاهڪار هو. خط ۾ حيرت جو اظهار ڪيل هو ته آرنيءَ اڳيون خط پاپائي ”عدالت“ جي حوالي ڪيو، هو! حالانڪ ”آهو فقط تنهنجي پنهنجي پڙهڻ لاءِ هو. منهنجو آن جي لکڻ مان رڳو هيءُ مقصد هو ته توکي پڌايان ته جيڪي پاڻ کي ڪليسا جا ٿنيا چوائين ٿا، تن جي دل ۾ پنهنجي مقدس دين لاءِ

ڪيترو نہ مختصر جذبو وجي بچيو آهي!" بهرحال، گذشتہ را صلواة - پر هاڻي، جو لکندڙ کي خبر هئي تہ باھہ جو آڙاھہ ٻري چڪو هو، وڏيڪ آن ڏس ۾ هولناڪ پاپائي "عدالت" جي ڪارروائيءَ کي روڪڻ يا ڍري ڪرڻ بدران، هن ذليل مخبر ۽ چغلخور پاڻ وڌيڪ ڊيڊپائيءَ سان خط لکيو تہ چاڪاڻ جو اِها غلطي اڳي ئي ٿي چڪي هئي، تنهڪري هاڻي اِن ۾ شڪ ڪونہ هو تہ "اِن ۾ بہ خداوند قدوس جي ڪا رضا شامل آهي، ۽ هو مسيحي دنيا کي هِن گندگيءَ ۽ موتمار وبا کان نجات ڏيڻ گهري ٿو"! آن کان پوءِ جو ڪجهہ خط ۾ لکيو ويو، آهو تہ اعتبار کان ئي ٻاهر هو. پنهنجي انساني نفرت جي غير انساني اظهار تي پردي وجهڻ لاءِ خدا جو نالو وچ ۾ آڻيندي، گالين ٽرائيءَ پنهنجي سؤٽ ڏانهن جيڪا ڪجهہ معلومات ۽ جو ڪجهہ پيو مواد موڪليو، آهو ٻنهہ موتمار نوعيت جو هو: سرويٽس جا پنهنجا هٿ اکر لکيل خط ۽ هُن جي ڪتاب جي قلمي مسودي جا ڪجهہ حصا. آن معلومات ۽ مواد جي پيش نظر هِن ڪافر ۽ ملحد خلاف جيڪي سخت قدم جن کي کڻڻا هئا، آهي هو هاڻي کڻي سگهيا ٿي.

سرويٽس جا هٿ اکرين لکيل جنسي خط موڪليا ويا. آهي خط گالين ٽرائيءَ وٽ ڪيئن آيا؟ ڪيس تہ سرويٽس ڪڏهن ڪو خط ڪونہ لکيو هو. اِنهيءَ ڳالهہ کي ڪنهن طرح ڍڪي ئي نٿو سگهجي - اِن لاءِ اسان کي هر صورت ۾ ڪالون کي ڇڪي ٻاهر آڻڻو پوندو، جنهن پاڻ کي پس منظر ۾ رکي، پنهنجو ذليل مقصد حاصل ڪرڻ چاهيو ٿي. سرويٽس جا خط ۽ سرويٽس جي ڪتابي مسودي جا ڪجهہ ورق - اِهي تہ هُن ڪالون ڏانهن موڪليا هئا؛ ۽ ڪالون پوريءَ طرح ڄاڻو ٿي تہ آهي هو هِن موقعي تي پنهنجي ميز جي خاني مان ڪهڙي مقصد لاءِ ڪڍي ٻاهر ڪري رهيو هو. هُن کي معلوم هو تہ آهي ڪاغذ ڪنهن ڏانهن وڃي رهيا هئا؛ يعني، آنهن ئي "پاپائين" ڏانهن، جن جي خلاف هو ڏيول جي منبر تان چڙهي، هر روز ڏکيا ڏکيا ۽ پرجوش واعظ ڪندو رهندو هو، جن کي هو "شيطان جو اولاد" سڏيندو هو ۽ جيڪي سندس ئي

پوئلڳن کي ايذاءَ ڏيئي ۽ جيئري ساڙي مارڻ لاءِ تيار وينا هوندا هئا. ڪنهن بہ صورت ۾ اِها هُن ڪان ڳالهہ لڪل ڪانہ هئي تہ اِهي ڪاغذ ۽ اهي تحريرون سرويٽس کي جيئري آڙاهہ ۾ اڇلڻ لاءِ جينيوا جي ڳالين ٽرائيءَ وٽان ليانس جي انٽنون آرنيءَ معرفت آنهن ئي هولناڪ ”عدالتي پاپائين“ ڏانهن وڃي رهيا هئا.

اِنهيءَ ڪري، اڳتي هلي، پاڻ کي اِن معاملي ۾ اڇي ثابت ڪرڻ جي جيڪا هُن ڪوشش ڪئي، آها اِئين ئي هئي، جيئن ڪو چور چوريءَ تان موٽندي، پنهنجا پيرا ڊاهيندو وڃي: ”اِهي افواهہ اٿاريا ويا آهن تہ پاپائي ’عدالت‘ جي هٿان سرويٽس جي گرفتار ٿيڻ ۾ منهنجو هٿ هو؛ ڪي تہ اِئين بہ پيا چون تہ مون اهڙي ذليل حرڪت ڪئي هئي، جو هُن کي هٿ سان وٺي دين جي دشمنن جي حوالي ڪري ڇڏيو هوم – بنهہ اِئين، جڻ ڪو ڪنهن کي بگهڙ جي مُنهن ۾ ڏيئي ڇڏي! جيڪي ساڻهو مون تي اِهي الزام هڻن ٿا، آنهن ڪان آءٌ رڳو ايترو ٿو پڇان تہ آءٌ آخر اوچتو ئي اوچتو اِئين پاپائي عاملن سان ڪيئن واسطي ۾ آيو هوندس؟ اِها تہ ڳالهہ مڃڻ ئي جهڙي نہ آهي تہ منهنجو ڪو آنهن سان واسطو ٿي سگهيو ٿي – آهي تہ سون لاءِ اِئين هئا ۽ آهن، جيئن يسوع مسيح لاءِ ابليس لعين. آءٌ انهن سان ڪنهن سازش ۾ ڪيئن شريڪ ٿيي ٿي، سگهيس؟“ پر ڪالون جو اِهو محض ڏڏڙ ۾ پير هو، جنهن مان هُن جو ڪوبہ بچاءُ ٿي نٿي سگهيو. ڇاڪاڻ تہ جڏهن هو پاڻ معصوم بنجي سوال ٿو پڇي تہ ”آءٌ آخر اوچتو اِئين پاپائي عاملن سان ڪيئن واسطي ۾ آيو هوندس؟“ تہ آن جو تہ صاف ۽ مُنهن ٽوڙ دستاويزي جواب موجود آهي. هو پنهنجي دوست ڳالين ٽرائيءَ جي ذريعي هُنن سان واسطي ۾ آيو هو، جيڪا ڳالهہ ٽرائيءَ پنهنجي خط ۾ آرنيءَ ڏانهن صاف ئي صاف لکي موڪلي هئي: ”سچ پچ تہ ڏاڍي مشڪل سان آءٌ عاليجناب ڪالون ڪان هي ڪاغذ وٺي سگهيو آهيان، جيڪي هن خط سان تو ڏانهن موڪلي رهيو آهيان. منهنجو مطلب اِهو نہ آهي تہ اِن ڳالهہ ۾ هُن جي سهمتي نہ آهي تہ اهڙي انتهائي نفرت لائق الحاد کي پوريءَ طرح دٻائڻ

لاءِ مؤثر قدم کڻڻ گهرجن؛ پر پنهنجي سلسلي ۾ هو پنهنجو فرض ٿو سمجهي ته ڪافرن ۽ ملحدن کي دليلن سان قائل ڪيو وڃي ۽ نه 'عدالتي' تلوارن سان." اهڙيءَ واضح ڳالهه ڪان پوءِ هن مت موڙهي خاطوءَ جي هيءَ ڪوشش به بيسود هئي، جنهن سان هو وري به اصلي ڏوهيءَ تي ڪک رکي رهيو هو ته: "مون نيٺ گستاخي ڪري عاليجناب ڪالوِن کي هيئن چئي ڏنو ته جيڪڏهن هو منهنجي مدد نه ڪندو ته هڪ بي بنياد الزام هيٺ جو ڏوهه مون تي لڳي ويندو؛ ۽ پوءِ وڏين منٿن ۽ گهڻي زور تي لاچار هُن هيءُ تصديقي مواد منهنجي حوالي ڪيو، جيڪو آءٌ هن خط سان شامل ڪري رهيو آهيان."

لفظن ڪان عمل وڌيڪ واضح ٿين ٿا. خوشيءَ سان يا لاچار ڪان، بهرحال ڪالوِن سرويٽس جا خانگي خط "پاپائي عاملن" کي ڏياري موڪليا، ته انهن جي لکندڙ کي برباد ڪرڻ لاءِ آهي استعمال ٿي سگهن. ڪالوِن ۽ فقط ڪالوِن ئي انهيءَ لاءِ جوابدار هو، جو ٽرائيءَ آرنيءَ ڏانهن آهو خط لکيو هو - دراصل آهو خط هوئي پاپائي عاملن جي پڙهڻ لاءِ، ڪالوِن آهو خطرناڪ مواد ٽرائيءَ جي حوالي ڪيو هو، جيڪو هن آرنيءَ ڏانهن موڪليو، ۽ اُن سلسلي ۾ هُن ڏانهن خط ۾ وڌيڪ چٽائيءَ سان لکيائين ته "آءٌ پانيان ٿو ته هيءُ مواد جيڪو تو ڏانهن هاڻي موڪلي رهيو آهيان، اُن ۾ ناقابل ترديد ثابتيون موجود آهن، ۽ اُن جي مدد سان توکي وڌيڪ سرويٽس کي جهلائڻ ۽ مٿس ڪيس هلائڻ ۾ ڪا تڪليف ڪانه ٿيندي."

اِها ڳالهه به رڪارڊ تي موجود آهي ته پاپائي "عدالت" جي اعليٰ مختارڪارن جڏهن ملحد سرويٽس جي گناهه جو هيءُ تصديقي مواد ڏٺو، جيڪو ڏانهن سندن جاني دشمن مها ملحد ڪالوِن موڪليو هو، تڏهن هنن ڪان يڪو ٽهڪ نڪري ويو هو. واقعي هيءَ هُنن جي خوشيءَ جي ڳالهه هئي. ٽرائيءَ جي بچاءَ ۾ اجا به ڪي ڪوڪلا دليل ڪو ڏيئي سگهي ٿو ته اِهو ڪم هُن رڳو پنهنجي طاقتور بزرگ دوست کي پنهنجي سچائيءَ ڏيکارڻ لاءِ ۽ ڏانهس پنهنجي نيڪدليءَ ۽ نيازمنديءَ جي اظهار طور

ڪيو هو، پر خود ڪالون جي باري ۾ ته اهڙو به ڪو انڌو منڊو بچاءُ جو دليل اسان کي سُجهي نٿو اچي، جيڪو پروٽيسٽنٽ شريعت جو هڪ اعليٰ اڳواڻ هو ۽ جيڪو اِنهيءَ طرح هڪ پنهنجي پروٽيسٽنٽ مؤمن ڀاءُ کي جيئري ساڙڻ لاءِ پنهنجي دشمن ڪئٿولڪ شريعت جي هولناڪ ”ديني عدالت“ سان پٽوبٽ بيهي، اُن جي ايتري مدد ڪري رهيو هو! هِنن ٻن مخالف شريعتن جا اڳواڻ دنيا ۾ هرهنڌ هڪٻئي جا جاني دشمن ٿي پيا هليا، ۽ هڪٻئي سان سواءِ باهه ۽ تلوار، ڦاهن ۽ اشڪنجن جي ٻي ڪا ڳالهه هو ڄاڻندا ئي ڪونه هئا. بهرحال ڪالون جي هن ’اشرافي‘ تعاون تي ۽ چار ٿهڪ ڏيئي، پاپائي ”عدالت“ جا آهي پيٽ ڀريا سنگدل عامل پنهنجي ڪم کي لڳي ويا. سرويٽس کي گرفتار ڪيو ويو، ۽ هُن کان سخت پڇا ڳاڇا ڪئي ويئي. ڪالون هن جي خلاف جيڪي خط ۾ ڪتاب جا اقتباس مهيا ڪيا هئا، آهي ايترا ته پڪا پختا ثبوت هئا، جو هو نه ڪتاب جي تصنيف کان انڪار ڪري سگهيو ۽ نه مائيڪل ڊي اِلانو ۽ مائيڪل سرويٽس جي ساڳئي هڪ شخص هئڻ کان ئي پاڻ بچائي سگهيو. هو ڳالهه وڃائي چڪو هو. آڙاهه جا بند وائين شهر ۾ سَنجي چڪا هئا، ۽ اُنهن مان تِڙڪندڙ مچ جون چيون ڪنهن به ڏينهن اُتي سگهيون ٿي.

بهرحال، هيءُ بيو پيرو به ڪالون جي اميد ته هو پنهنجي وڏي دشمن کان ٻين وڏن دشمنن جي مدد سان جند ڇڏائي سگهندو، ناڪام ثابت ٿي. يا ته سرويٽس، پنهنجي ڪامياب طبابت جي ڏنڌي معرفت اهڙا پنهنجا اثر رسوخ وارا جان نثار دوست پيدا ڪري سگهيو هو، جيڪي ڪيس هن پيري به ڪم آيا (۽ اِها ئي ڳالهه وڌيڪ سمجهه ۾ اچڻ جهڙي لڳي ٿي)، يا وري ڪئٿولڪ ديني اختياريءَ وارن هِن ڪم ۾ پنهنجي دشمن ڪالون جي ايڏي گهٽي دلچسپي ڏسي، ڪجهه وڌيڪ خبرداريءَ ۽ احتياط کان ڪم وٺڻ ٿي گهريو. بهرحال، قيد جي سنترين ڪجهه وڌيڪ بي خياليءَ کان ڪم ورتو - شايد سندن آقا اِنهيءَ خيال جا ٿي پيا هئا ته جيئيوا جي مها ملحد کي خوش ڪرڻ بدران هڪڙي اهڙي بنهه ننڍڙي ۽ خسيس ملحد کي ڇڏڻ ڏيڻ ته پڇي وڃي، وڌيڪ بهتر ڳالهه هئي. سرويٽس تي چوڪسيءَ

کي نرم ڪيو ويو. اهڙن مجرمن جي حالت ۾ دستور هيءُ هوندو هو تہ آنهن کي ڏينهن رات ڪال ڪوٺڙين ۾ پيرن ۾ زنجير وجهي بند رکيو ويندو هو. پر سرويٽس کي غير معمولي سهوليتون ڏنيون ويون. هن کي هر روز باغ ۾ گهمڻ ۽ تازي هوا کائڻ جي بہ اجازت هئي. هڪڙي اهڙي موقعي مان، اپريل جي ستين تاريخ تي، فائدو وٺندي، قيدي حوالات مان گم ٿي ويو. جيل جي دربانن ۽ جيل جي وڏي صاحب لاءِ پوئتي هُن جو فقط هڪ چوغو پيو هو، جو هن کنيو ۽ پٽ سان ٽيڪيل ڏاڪڻ هنن ڏني، جنهن تي چڙهي، سرويٽس پٽ تان ٽپ ڏيئي، ڀڄي ويو هو. پر پوءِ بہ آڙاهہ جي ٻُنڊڻ جي سٽي اجائي ڪانہ ويئي: آن کي چوچڙي ڏيئي ٻاريو ويو، ۽ جڏهن مچ جا ٽِڙڪندڙ شعلا متي اڀريا، تڏهن آنهن ۾ سرويٽس جو بوتو ۽ سرويٽس جي ڪتاب ”احياي دين مسيح“ جا پنج ڪوڪا آڇلي وڌا ويا، جي آتي جو آتي سڙي رک ٿي ويا. جينيوا جي مير واعظ ۽ مطلق ديني آمر جي سچي بدباطن رٿا تہ هڪڙي پنهنجي گروهہ جي دشمن کي ٻاهرين دشمنن جي هٿان ختم ڪرائي ڇڏجي ۽ پنهنجا هٿ بہ صاف رکجن، پوري جي پوري ناڪام ثابت ٿي. آن ڏينهن کان پوءِ سيني انسان شناس ماڻهن لاءِ ڪالون هڪ خسيس ۽ قابل نفرت شخص کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ نہ رهيو. آن ڏينهن کان پوءِ سرويٽس جي برخلاف جيڪا بہ هن کي مهم سر ڪرڻي هئي، آها سڌيءَ طرح کيس هلائڻي هئي. ۽ دنيا جي اڳيان آن جي سچي ذميداري هُن کي پنهنجي سر تي کڻڻي هئي ۽ آها هُن جي مهم فقط هيءَ هئي تہ هو هڪڙي انسان جي موت جو ڪو نہ ڪو سبب ٺاهي ۽ ڪو نہ ڪو سامان پيدا ڪري - جنهن انسان جو جرم فقط هيءُ هو تہ هو آن انسان جي خيالن سان متفق نہ هو.

# باب پنجون

## سرويٽس جو خون

قيد مان ڇٽي نڪرڻ کان پوءِ ڪيترا ئي مهينا سرويٽس ڪٿي ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. آهي ڏينهن هُن ڪٿي گذاريا، ڪيئن گذاريا، تنهن جو پتو شايد اسان ڪي ڪڏهن به پئجي نه سگهي. ظاهر آهي ته هُن جا آهي ڏينهن ڏاڍا ڏکيا گذريا هوندا. هو اِئين هو جيئن پڃري مان نڪتل پکي، جنهن جي ڦاسائڻ لاءِ هيٺ چوڌاري ماري چارَ وڇايو ويٺا هجن. مٿي آڏامي آڏامي، پرڙا سٽي سٽي، نيٺ هو هيٺ لٿو، ۽ سڌو وڃي چارُ ۾ ڦاٿو- بلڪ اِئين چئجي ته چارُ ۽ ماري پيئي هُن پاڻ پنهنجي پسند جا ڳولي هٿ ڪيا، ته لٿو ۽ عين انهيءَ چار تي ۽ ڦاٿو ته عين انهيءَ ماريءَ وٽ - يعني جينيوا ۾ پنهنجي جاني دشمن، سنگدل آمر، سير واعظ ڪالون وٽ. آگسٽ مهيني ۾ هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو، الائي ڪٿان، هو هڪڙي مرضيل گهوڙي تي چڙهي، جيڪو هُن ڪٿي ڀاڙي تي هٿ ڪيو هو، جينيوا ۾ 'روزامي' نالي مهمان سراءِ ۾ اچي لٿو. هُن ڇو اِئين ڪيو، اِهو به هُن جي زندگيءَ جي رازن مان هڪ راز آهي، جيڪو اسين شايد ڪڏهن به سمجهي نه سگهون. ممڪن آهي ته هُن آتي فقط رات گذارڻ چاهي هجي، ٻئي ڏينهن ڏنيڊ آڪري، ڪنهن ٻئي هنڌ ڀڄي وڃڻ جي مرضي هُيس. يا شايد خط و ڪتابت ڪي بيڪار ڏسي، هُن ڪالون سان روبرو گفتگو ڪرڻ گهري هجي، ته جيئن هُن کي پاڻ ڏانهن ڪجهه نرم ڪري سگهي. اِئين به ممڪن آهي ته هُن، جو اِئين ڀيا سپ ڀاسا ڇڏي، جينيوا جو ئي رخ ورتو، سو اِن ڪري، جو هو پنهنجي پوري هوش ۾ نه هو- جيئن اڪثر اهڙين مجبوريءَ ۽ بيوسيءَ جي حالتن ۾ ٿيندو آهي،

۽ ماڻهو ٿلهي دل ٻڌي، ٻاهه ۾ ٽپي پوندا آهن. ڪيئن ڇنجي ته ڇا هو، ۽ ائين ڇو ٿيو! جينيوا ۾ سرويٽس جي سلسلي ۾ پوءِ جو ڪجهه ٿيو، ان سڀ جا تفصيلي رڪارڊ موجود آهن، پر انهن مان ڪنهن هڪ رپورٽ ۾ به اها ڳالهه ڄاڻايل نه آهي ته هو آخر ڇو ٻيا سڀ هنڌ ڇڏي، عين انهيءَ هنڌ آيو، جتي سندس دشمن ڪالون اڳي ئي سندس تاڙ ۾ ويٺو هو.

پر هن در در ڀٽڪندڙ دکي انسانَ اچا ئي ٻي هڪڙي ڳالهه ڪئي، جيڪا ان ڪان به وڌيڪ حيرتناڪ هئي. جيئن ئي هو آتي پهتو، تيئن هو شهر جي مرڪزي ديول ۾ لنگهي ويو، جتَي ڪالويني جماعتيا اڳي ئي گڏ ٿيا ويٺا هئا، ۽ ڪالون انهن جي اڳيان واعظ ڪرڻ وارو هو. آهو آچر جو ڏينهن ۽ تاريخ ١٣ آگسٽ ١٥٥٣ع جي صبح جو وقت هو. ان موقعي تي آتي ٻيو ڪو ماڻهو نه، ته ڪالون پاڻ ته پڪ ئي پڪ ڪيس سڃاڻي ٿي سگهيو، ڇاڪاڻ ته هو ٻيئي ڪافي وقت اڳي پئرس ۾ گڏ هڪ ئي ڪاليج ۾ پڙهيا هئا. اهڙي اُبهري ۽ ڪوتاهه انديش عمل جو ٻيو ڪوبه سبب، ٻي ڪابه سمجهاڻي نه ٿِي ٿِي سگهي، سواءِ هڪ جي - يعني هيءَ ته ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ جي ڪُتي هن کي ڪٺي آڻي انهيءَ جاءِ تي ۽ عين انهيءَ گهڙيءَ آتي ڇڏيندي آهي، جتي هُن جو عزرائيل اڳي ئي هُن جي انتظار ۾ ويٺو هوندو آهي - جيئن مڪ کي رت ڪٺندو آهي ته ڪوريئڙي جي ڄارُ ۾ وڃي ڪرندي آهي.

جنهن شهر جا سڀ ماڻهوُ هوئن ئي هڪٻئي تي جاسوسي ڪرڻ ۾ مصروف هجن، آتي نئين آيل ڪنهن ماڻهوءَ تي لازمي طرح سڀني جون اکيون کُتل رهنديون. پوءِ، جو ڪجهه ٿيو، آهو به آئين ئي ٿيڻو هو. ڪالون ڪيڏيءَ سهل پنهنجي خاموش بندگي گذار ردن جي ڏنڻ ۾ هن خونخوار بگهڙ کي ٻيٺل ڏسي ورتو، ۽ چپ چاپ پنهنجن سپاهين کي ڪارروائي ڪرڻ جو اشارو ڪري ڇڏيائين. سرويٽس جيئن ئي ديول مان جماعتيـَن سان گڏ ٻاهر نڪتو، تيئن ڪٺي گرفتار ڪيائونس. جينيوا ۾ پهتي هن کي پورو ڪلاڪ به ڪونه ٿيو هو ته هو زنجيرن ۾ ٻڌجي،

قابو ٿي ويو. هيءَ گرفتاري نه رڳو عالمي طور قبول ٿيل مهمان نوازيءَ جي دستور جي خلاف هئي، پر خود پين بين الاقوامي قانونن جي پڻ خلاف هئي. سرويٽس جينيوا جي رياست جو نه شهري هو ۽ نه هُن تي آتان جو ڪو قانون لاڳو ٿيو ٿي - سواءِ آن حالت جي، جو هو آتي پهچڻ کان پوءِ آتان جي قانون جي ڪا ڀڃڪڙي ڪري. هو هڪ پرديسي شخص هو، اسپين جو رهواسي هو، جنهن سس اجا جينيوا ۾ پير پاتو هو، ۽ اهڙو ڪو ڏوهه ئي ڪونه ڪيو هئائين، جنهن سان هُن جي گرفتاريءَ جو ڪو سبب پيدا ٿيو هجي. هُن جا ڪتاب جينيوا جي سرحد کان ٻاهر لکيا ۽ ڇپيا ويا هئا، ۽ آنهن ۾ پيش ڪيل سندس آزاد خيالن جي زد ۾ اجا جينيوا جو ڪوبہ مؤمن متقي اچي ڪونه سگهيو هو. تنهن کان سواءِ، هڪڙي "ڪلام خداونديءَ جي واعظ" سڳوري کي اِهو حق ڪونه هو ته هو ڪنهن ماڻهوءَ جي گرفتاريءَ جو حڪم ڏئي - توڙي جو هُن تي نه ڪنهن جي طرفان ڪو الزام لڳو هجي ۽ نه ڪنهن قسم جو ڪو ڪيس ئي هليو هجي. ڪهڙي بہ خيال کان ڏسجي ٿو ته ائين ٿو لڳي ته سرويٽس جي گرفتاري محض چڙواڳ آمرانه طاقت جي وحشي استعمال جو هڪ مثال هئي؛ ۽ آن کان پوءِ جيڪو مٿس ناحق ڪيس هلايو ويو، آن جي حيثيت هُن جي قتل لاءِ هڪ هٿراڌو رچايل ناٽڪ کان هرگز مٿي ڪانه هئي.

سرويٽس کي ٻي ڏوهه گرفتار ڪيو ويو ۽ ٻي ڏوهه جيل ۾ وڌو ويو. آن صورت ۾، پوءِ، ضرور هن جي خلاف ڪو نه ڪو الزام گهڙڻو ئي هو. ڳالهه جي منطق جي تقاضا ته اها ئي ٿي سگهي ٿي، ته جنهن شخص جي چوڻ تي هُن جي گرفتاري عمل ۾ آئي هئي - "منهنجي ڪوشش سان"، اهي ڪالون جا پنهنجا لفظ آهن - آهو ئي شخص اڳتي وڌي سرويٽس تي فريادي بڻجي ها. پر جينيوا جا قانون ان سلسلي ۾ ڪجهه اهڙا سخت هئا، جو ڪالون کي اِها همت ڪانه ٿي. آنهن مطابق هيئن ٿيڻو هو ته جيڪو بہ شهري ڪنهن ٻئي شهريءَ تي ڪو الزام هڻي، ته آهو پاڻ بہ ملزم سان گڏ گرفتار ٿئي ۽ جيل ۾ پوي - تان جو هو اِهو ثابت ڪري ته سندس الزام بنيادي طور سچو هو. آن قانون هيٺ

جيڪڏهن ڪالون پاڻ سرويٽس تي فريادي ٿي، ٿيو، ته ڪيس به پنهنجو پاڻ عدالت جي حوالي ڪرڻو ٿي پيو. جينيوا جي هن تقدس ماب ديني آمر لاءِ هيءَ صورتحال قابل قبول نه هئي. جيڪڏهن شهري ڪائونسل جي اڳيان اتفاق سان سرويٽس بي ڏوهي ثابت ٿي وڃي، ۽ خود مٿس ڪوڙي الزام جي ڏوهه ۾ قيد جي سزا ڀڳتڻي وڃي، ته آن ۾ ته هن جي پت ڏوبجي وڃي ها ۽ آها ڳالهه ته واقعي هن لاءِ موت جي برابر ٿئي ها! اِنهيءَ ڪري، ڪالون حڪمت عمليءَ ڪان ڪم وٺندي، پنهنجي هڪڙي "سيڪريٽريءَ" ڪي، جيڪو سچ پچ سندس بورچي هو، آن ڪم لاءِ تيار ڪيو، ۽ اِئين نِڪولَس دي لا فانٽين نالي هڪڙو اڌ پڙهيل ماڻهو سرويٽس تي فريادي بڻجي اڳيان آيو، ۽ ٢٣ نُڪتن جو فريادنامو (جيڪو دراصل ڪالون ئي مرتب ڪيو هو) عدالت اڳيان پيش ڪري، جينيوا جي آن سخت عدالتي قانون هيٺ چپ چاپ، پنهنجي آقا جي عوض، پنهنجي آن فرياد جي ضمانت طور جيل ۾ هليو ويو. هن سلسلي ۾ آخر جيڪو هولناڪ سانحو رونما ٿيڻو هو، آن جي شروعاتي ڇهڇتي جي ابتدا اِنهيءَ ڪل جهڙي پرسا ڳئي وقت شرمناڪ واقعي سان عمل ۾ آئي هئي. بهرحال، ڳالهه ڪي ظاهري طور اِئين هڪ قانوني صورت ڏني ويئي. سرويٽس ڪان ابتدائي پڇا ڳاڇا ڪئي ويئي، ۽ سچو فرد جرم ڪيس ڏاڍيان پڙهي ٻڌايو ويو. هن تي جيڪي ٻــ الزام هنيا پئي ويا، آنهن جا هو بلڪل ٺيڪ ٺاڪ ۽ ڏاڍيءَ سياڻپ وارا جواب ڏيندو رهيو - ڇاڪاڻ ته اجا طويل مدت جي قيد هن جي ذهني قوت ڪي ڪو لوڏو ڪونه رسايو هو. الزامن جي هڪ هڪ نُڪتي جي بچاءَ ۾ هن پنهنجا خيال پيش ڪيا. مثلاً هن تي هڪڙو الزام هو ته هن پنهنجي تصنيفن ۾ ڪالون تي حملا ڪيا هئا: آن جي جواب ۾ هن چيو ته اها ڳالهه ائين ڪانه هئي؛ دراصل حملن جي شروعات خود ڪالون جي طرف ڪان ٿي هئي ۽ هن پاڻ ته فقط بچاءَ ۾ ڪجهه لکيو هو ۽ چيو هو ته ڪالون غلطين ڪان پاڪ ڪونه هو. جيڪڏهن ڪالون مٿس الزام تي رکيو ته هو پنهنجن ڪن راين تي ڳنڍ ٻڌي ٿي بيٺو، ته آهو سا ڳيو الزام هن ڦيرائي ڪالون

تي تي هنيو تہ اِنهن ڳالهين ۾ هو پاڻ بہ گھڻ ضدي ڪونہ هو. هُن جو چوڻ هو تہ سندس ۽ ڪالون جي وچ ۾ راين جو اختلاف فقط ڪن ديني مسئلن جي سلسلي ۾ هو، ۽ آن سان شهري ڪائونسل جي دنيوي (سرڪاري) عدالت جو ڪو واسطو ڪونہ هو: پر آن هوندي بہ جيڪڏهن ڪالون ڪيس گرفتار ڪرايو هو تہ آهو فقط ڪالون جي دل ۾ جيڪو هُن لاءِ بغض ۽ ساڙ هو، آن جو نتيجو هو. نہ فقط ايترو، پر پروٽيسٽنٽ شريعت جي اڳواڻ تہ هُن کي پنهنجي مخالف ڪئٿولڪ شريعت جي پاپائي ”مقدس ديني عدالت“ جي حوالي ڪرائي ڇڏيو هو، ۽ جيڪڏهن آتي بہ سندس وس پڄي ها تہ گھڻا ڏينهن هو (سرويٽس) جيئري سڙي، ختم بہ تي وڃي ها.

سرويٽس جي اِنهيءَ موقف جي قانوني ۽ منطقي حيثيت ايتري تہ لاجواب هئي، جو ڪائونسل جو عام رخ هُن جي فائدي ۾ معلوم تي رهيو هو، ۽ اِئين ممڪن پئي نظر آيو تہ آها پنهنجي فيصلي ۾ رڳو هُن کي شهر نيڪاليءَ جو حڪم ڏئي، ۽ وڌيڪ هُن لاءِ ٻيءَ ڪنهن بہ سزا جي ڳالهہ ئي نہ آتي. پر ڪالون کي اِن صورتحال جي ڪڙڪ پئجي ويئي، ۽ هُن کي اچي ڳڻتيءَ ورتو تہ ڪٿي سندس شڪار مرڳو سندس چنبي مان نڪري نہ وڃي. اِنهيءَ ڪري غصي ۽ ضد ۾ آيل هن ’مسيحي تقوا‘ جي دعويدار آمر ڇا ڪيو، جو ١٧ آگسٽ تي پنهنجو سڄو غيرجانبداريءَ جو ڍونگ هڪ پاسي رکي، پاڻ پنهنجي سِر وڃي شهري ڪائونسل جي اڳيان بيٺو، ۽ آن کي گذارش ڪيائين تہ اڳتي هُن کي سڄي ڪيس ۾ پاڻ ڪورٽ ۾ حاضر رهڻ جي موڪل ڏني وڃي تہ جيئن ”جوابدار کي سندس غلطين جو پورو احساس ڏياري سگهجي.“ آن مان ڪالون جي نيت سنئين سڌي هيءَ هئي تہ سڄي ڪيس ۾ هو پنهنجي اِثر ۽ رسوخ سان ڳالهہ کي آتي آڻي بيهاري جيئن سندس شڪار ڪنهن بہ صورت ۾ بچي، نڪري نہ وڃي.

بس، اهڙيءَ طرح هر عدالتي ۽ قانوني اصول کي پري اڇلائيندي، جنهن گهڙيءَ ڪالون پاڻ کي سرويٽس ۽ سندس ججن جي وچ ۾ ڏنبو

آئي بيهاريو، آنهيءَ ئي گهڙيءَ سرويٽس جي ڪيس جو خاتمو ٿيو. ڪال ون هڪ تربيت ياتل منطقي ۽ قانون دان شخص هو، ۽ ڪيس جي پيروي ڪرڻ ۾ پنهنجي نوڪر نڪولس دي لا فانٽين کان هر طرح وڌيڪ هوشيار ۽ قابل هو. سرويٽس عدالت ۾ دي لا فانٽين عوض هُن کي پنهنجي سامهون ڏسندي، گهبرائجي ويو. هُن جڏهن ڏٺو ته سندس جاني دشمن ڪال ون سندس ججن سان گڏ وينو آهي، ۽ ڏاڍيءَ تڏائيءَ ۽ سختيءَ سان ڪانئس سوالن مٿان سوال پڇي رهيو آهي، ۽ ساڳئي وقت سُنهن تي غير جذباتي رنگ جو غلاف به پوريءَ طرح اوڙهيو وينو آهي، تڏهن هُن جي خوداعتمادي هيڪر ته پاڙن سوڌي ڏڏي ويئي. افسوس، هيءُ بنهه ويچارو ۽ بيواهو ماڻهو، هِن بي ترس ۽ خوفناڪ صورتحال ۾، ذري گهٽ ڏهي پيو، ۽ هڪدم زود رنجيءَ، جذباتيت، تلخ نوائيءَ ۽ نراسائيءَ جو شڪار بنجي ويو. پنهنجي مضبوط قانوني موقف تي قائم رهڻ بدران ته هو هڪ پرڏيهي مسافر هو ۽ جيستائين هُن جينيوا جي شهري رياست جو ڪو قانون ڪونه ڀڳو هو، تيستين هُن تي جينيوا جو ڪو سرڪاري اختيار لاڳو ڪونه ٿي ٿيو - هو ڪال ون جي عيارانه چال ۾ ڦاسي پيو، ۽ هُن جي پُر فريب شرعي ۽ فقهي سوالن جا جواب ڏيندي ڏيندي، هُن سان خالص ديني مناظري بازيءَ جي جار ۾ اڙجي پيو - ۽ اِئين اڻ ڄاڻائيءَ ۾ پنهنجي مٿان ڪفر ۽ الحاد جي الزام جو ڪافي جواز پاڻ پنهنجن دنيوي ججن کي پيدا ڪري ڏنائين. مثلاً هُن جو رڳو هڪڙو خيال ته "شيطان به خداوند قدوس جي وجود پاڪ جو هڪ حصو هو"، ڪائونسل جي ميمبرن جي ايماني صدمي لاءِ ڪافي هو، جيڪي ويچارا سڀ مسيحي مؤمن متقي شخص هئا، يا ڪم از ڪم هُنن پاڻ کي پوري اعتماد سان اِئين سمجهيو ٿي. ڪورٽ جي اڳيان دينيات جي موضوع تي هِن قسم جي گرما گرم بحث ڇيڙڻ جو هڪ فائدو سو هيءُ ٿيو ته سرويٽس جي گهٻراهٽ دور ٿي ويئي، ۽ هُن جي فلسفيانه خوديءَ کي جو اِئين للڪاريو ويو، تنهن هُن جي ذهن جا پردا کولي ڇڏيا ۽ پوري اعتماد ۽ هوشمنديءَ سان هو اُن بحث جي جزئيات ۽ هر پهلوءَ جي تفصيلات ۾ پنهنجن خيالن ۽ راين جو

اظهار ڪرڻ لڳو. بحث جي هِن پُرجوش رواني ۾، افسوس، سرويٽس ڪان هيءَ حقيقت وسري ويئي ته سندس جج حضرات دينيات جي علم جا ايترا شناسا نه هئا، ۽ هو آنهن ڳالهين ۾ سندس ايتري آزادانه گفتگو پڌي، هُن بابت واقعي حيرت ۾ پئجي ويا ۽ شڪ ڪرڻ لڳا ته ڪالون جي الزام ۾ مجاڻ ڪو وڏو سچ لڪل هو! ڳالهه ڪي وڌيڪ ڦولهڻ ڪان اڳ ڪورٽ سڳوريءَ وچ ۾ فيصلو ڏنو ته سرويٽس جي گرفتاريءَ ۽ مٿس لڳايل الزامن لاءِ ڪافي جواز موجود هو، اِنهيءَ ڪري سندس فريادي‌ءَ نڪولس ڊي لا فانٽين کي آزاد ڪيو ويجي. هن مهم جي اِن ڀهرينءَ ڪاميابيءَ تي ڪالون ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ پنهنجي هڪ دوست کي آن جو احوال ڏيندي، لکي موڪليائين ته ”مون کي هاڻي اميد آهي ته هِن منحوس کي موت جي سزا ملندي.“

ڪالون ڪيس جي اهڙيءَ فتوا جو خواهشمند چو هو؟ ڇو ٿي هُن چاهيو ته سرويٽس کي موت جي سزا ملي؟ ڇو آن ڪان ٻي ڪا گهٽ سزا هُن کي قبول ڪانه هئي - شهر نيڪالي يا ٻئي ڪنهن اهڙي قسم جي بي عزتيءَ وغيره جي سزا؟ هُن سرويٽس کي ٻه ايترو ئي ڏڪاريو ٿي جيترو ڪاستيلو کي يا ٻئي هر اهڙي شخص کي جيڪو سندس اختيار جو باغي هو. جنهن شخص مسيحيت جي تبليغ عين آن طريقي سان نٿي ڪئي جنهن طريقي سان هُن پاڻ ڪئي ٿي، آهو هُن لاءِ گويا اک جو ڪنڊو هو - ظلم ۽ ڏاڍ ڏانهن مائل طبيعت رکندڙ ماڻهوءَ لاءِ سيڪو خودخيال ماڻهو اِئين اک جو ڪنڊو هوندو آهي. پر خاص سرويٽس جي حالت ۾ ڪالون موت جي سزا لاءِ ايترو خواهشمند چو هو؟ آن جو جواب هيءُ آهي ته خاص هِن موقعي تي هِن معاملي ۾ ڪالون جا ارادا ذاتي نوعيت جا نه پر سياسي نوعيت جا هئا. ڪي ٿورا ئي ڏينهن ٿيا هئا، جو ڪالون جي ڪٽرپڻي جو هڪڙو ٻيو باغي، حڪيم هيرونيمس بالسيڪ، جيڪو ڪنهن وقت مسيحي راهب به ٿي رهيو هو ۽ جنهن تي پڻ هُن ساڳيءَ جينيوا جي شهري ڪائونسل وٽ ڪفر ۽ الحاد جي الزام هيٺ فرياد داخل ڪرايو هو، آهو آڇين ڪڇين آن الزام ڪان بچي ويو هو.

بالسيڪ، جيڪو جينيوا جي تقريباً سيني نامور شهرين جو خانداني طبيب هو ۽ اُنهن وٽ ڏاڍو پيارو ۽ مقبول بہ هو، اُن ڪالون جي عقائدي تعليم جي ڪمزور ڪان ڪمزور نقطي، يعني تقدير بابت، هُن جي عقيدي تي حملو ڪيو هو. ڪائنس اڳ هڪڙي ٻئي آزاد خيال مفڪر اِرئسمس پڻ وڏي پروٽيسٽنٽ اصلاحي اڳواڻ ليوٿر جي ساڳئي عقيدي تي اهڙو ئي اعتراض ڪيو هو. ملحد بالسيڪ دليل اٿاريو هو تہ اِهو هرگز ممڪن نہ هو تہ خداوند تعاليٰ، جيڪو پاڻ مطلق نيڪي هو، سو ڪنهن بہ صورت ۾ انسانن کي جاڻي ٻجهي ۽ ارادتاً برائيءَ ڏانهن مائل يا مجبور ڪري سگهيو ٿي. ليوٿر بہ اِرئسمس تي ڪاوڙجي باهہ ٿي ويو هو ۽ خوب هُن کي گاريون ڏنيون هئائين، پر هُن کي کُهلي ڪنهن سرڪاري ڪورٽ ۾ رجوع ڪونہ ڪرايو هئائين. پر ڪالون، جنهن کي پنهنجي ڄاڻ جي سچائيءَ تي گهمنڊ هو ۽ پنهنجي اُن ڄاڻ جي هر مخالف کي هو ڪافر ۽ ملحد ٿي سمجهيو، بالسيڪ کي، ديني قسم جي دليلن سان قائل ڪرڻ جي ڪوشش بدران، هڪدم جهلائي، جيل ۾ وجهائي ڇڏيو.

جينيوا ۾ تمام گهڻا ماڻهو اهڙا هئا، جيڪي هيرونيمس بالسيڪ کي سڃاڻندا هئا ۽ هن کي هڪ نيڪ ۽ خدا ترس شخص سمجهندا هئا. جيئن ڪجهہ عرصو اڳي، ڪاستيلو جي حالت ۾، تيئن هاڻي بہ ڪالون جي روش مان عام ماڻهن ۾ اِهو شڪ جاڳيو پيو تہ هُن بالسيڪ کي پنهنجو هڪ ذاتي رقيب ٿي سمجهيو ۽ اِنهيءَ ڪري هن مان جند ڇڏائڻ ٿي گهريائين، تہ جيئن آئيندي هو بي اونائيءَ سان جينيوا ۾ حڪمراني هلائي سگهي. بالسيڪ جيل مان پنهنجي بچاءَ جو هڪ مضمون لکي، لڪ چوريءَ پنهنجي ڪنهن دوست کي ٻاهر موڪلي ڏنو، ۽ اُن مضمون جا پوءِ بيشمار نقل ٿي، شهر جي ماڻهن کي هٿوں هٿ پهچڻ لڳا. ڪالون گهڻو ئي شهري ڪائونسل تي دٻاءُ رکيو، پر آها بالسيڪ تي ڪفر جي ڏوهہ جي سزا ڏيڻ کان ڪيٻائيندي رهي. نيٺ اُن ڏکئي فيصلي کان بچڻ خاطر، ڪائونسل اعلان ڪيو تہ هنن پاڻ کي اهڙن ديني مسئلن جي فيصل ڪرڻ جو اهل نٿي سمجهيو ۽ آهو ڪم سندن اختيار جي دائري کان پڻ

ٻاهر هو. ساڳئي وقت هنن فيصلو ڪيو ته آن مشڪل سوال جي حل واسطي ڪين سئٽزرلئنڊ جي ٻين اصلاحي ڪليسائن جي راين جي به ضرورت هئي. ڪائونسل جو هيءُ فيصلو بالسيڪ جي نجات جو وسيلو ثابت ٿيو. ملڪ جي زيورچ، برن ۽ باسيل جي اصلاحي ڪليسائن، جن جينيوا ۾ پنهنجي آرهه زوري ۽ هٺ ڌرم ساٿيءَ ڪي ڪنهن طرح نيچو نمائڻ به گهريو ٿي، اتفاق راءِ سان فيصلو ڏنو ته تقدير جي مسئلي متعلق بالسيڪ جي خيالن ڪي ڪفر يا الحاد نٿو سڏي سگهجي. آن ڪان پوءِ شهري ڪائونسل جوابدار ڪي ڇڏي ڏنو. ڪالون جو هيءُ شڪار اِئين صاف بچي ويو. ڪالون ڪي خوش رکڻ لاءِ ميونسپل اختياريءَ وارن بالسيڪ تي شهر نيڪاليءَ جو حڪمنامو جاري ڪيو، ۽ هو شهر ڇڏي، ڪالون جي جار مان نڪري پڇي ويو.

ڪالون جي ايذيءَ هين ناڪاميءَ سبب جينيوا ۾ هن جي ديني اختيار اعليٰ ڪي ڪافي ڌڪ رسيو هو. آن جو پورائو فقط اِئين ٿي سگهيو ٿي، جو بالسيڪ ڪان به وڏي ملحد ۽ ڪافر جو وڏي طمطراق سان فوراً خاتمو عمل ۾ آندو وڃي؛ ۽ سرويٽس جي حالت ۾ ڪالون جي ڪاميابيءَ جا امڪان به وڌيڪ صاف ۽ قوي هئا. هڪ ته سرويٽس پرديسي هو، ۽ بالسيڪ يا آن ڪان اڳ ڪاسٽيلو وانگر شهر ۾ هن جا گهڻا دوست، پوئلڳ يا مددگار به ڪونه هئا. ٻيو ته اصلاحي ڪليسا جا عامل ۽ عهديدار، پادري ۽ واعظ مسلڪان مسلڪ ڪيترن سالن ڪان تثليث جي عقيدي خلاف هُن جا گستاخ خيال ۽ رايا پڙهي ۽ ديني معاملن ۾ هن جون ٻيون باغيانه ڳالهيون ڏسي ڏسي، هونئن ئي ڪافي هن ڪان بدظن ٿيل هئا. ههڙو بي واهو پرڏيهي، جنهن جي ڪا پٺ نه هجي، هين سلسلي ۾ آسانيءَ سان قربانيءَ جو ٻڪرو بڻجي سگهيو ٿي. اِنهيءَ ڪري شروع ڪان ئي سرويٽس جو ڪيس ڪالون لاءِ هڪ خاص سياسي نوعيت جو ڪيس هو - هڪ اهڙو ڪيس، جنهن تي جينيوا ۾ ڪالون جي حڪمرانيءَ جي سوال جو دارومدار هو - هڪ اهڙيءَ ڪشمڪش جو سوال، جنهن تي ئي اِنهيءَ ڳالهه جو مدار هو ته ڪالون پنهنجي روحاني آمريت جي مرضي عمل ۾ آڻي ٿي سگهيو يا

نہ. جيڪڏھن ڪال‌ون ڪي سرويٽس ڪان رڳو جند ڇڏائڻي هجي ها -
اِن حيثيت ۾، جو هو سندس ذاتي يا ديني مخالف هو - تہ اِئين تہ هو
آسانيءَ سان ڪري سگهيو ٿي. ڇو تہ جينيوا ۾ سرويٽس جي خلاف ڪيس
جي ڪارروائي اڃا شروع ئي مس ٿي هئي، تہ فرانس جي عدالتي اختيار
وارن جا ايلچي آتي اچي پهتا هئا تہ پناهگزين سرويٽس کي سندن حوالي
ڪيو وڃي، جو آتي وائين شهر ۾ هن کي قاسيءَ جي سزا اڳي ئي ملي
چڪي هئي ۽ هُن لاءِ قاسيءَ جو گهاٽ آتي تيار ٿيو بيٺو هو. ڪال‌ون لاءِ
اِهو هڪ بهترين موقعو هو، جو پنهنجي فراخدليءَ جو مظاهرو بہ ڪري
سگهي ها ۽ پنهنجي نالائق مخالف کان جان بہ ڇٽي پويس ها. جينيوا
جي شهري ڪائونسل کي بہ فقط قيديءَ جي منتقلي منظور ڪرڻي هئي،
۽ اِئين ڪرڻ سان آها سرويٽس جي هِن سڄي جهنجهٽ کان آزاد ٿي
پوي ها؛ ۽ هي، جو تاريخ جي صفحن تي هِن آزادفڪر ۽ اعليٰ
انسان جي ناحق خون جو ڏوهہ دائمي طرح مٿس مڙهجي ويو آهي،
آهو قابل نفرت ڪارنهن جو داغ ڦيري ڪئٿولڪ ديني عدالت جي مُنهن
تي مَلجي وڃي ها. پر ڪال‌ون سرويٽس جي اُن منتقليءَ جي مخالفت
ڪئي. هُن لاءِ سرويٽس ڪو شخص نہ پر هڪ نشان هو - هُن جي
ڪٽرپڻي جي مخالفت جو نشان، جيڪو هُن کي ڊاهڻو هو؛ ۽ هُن جي
عقائدي همہ دانيءَ جي باطل هجڻ جي هڪ علامت، جيڪا هُن کي
مٽائڻي هئي. بهرحال، فرينچ ايلچين کي هٿين خالي واپس ڪيو ويو.
هِن خودپسنديءَ جي هٺ ۾ ورتل پروٽيسٽنٽ آمر چاهيو ٿي تہ هيءُ
ڪيس سندس پنهنجي اختيار جي دائري اندر هلي ۽ فيصل ٿئي، تہ جيئن
هرڪنهن کي خبر پوي تہ اعليٰ حضرت مولانا ڪال‌ون سان اختلاف
ڪرڻ ڪو سولو ڪم ڪونہ هو، بلڪ ڪنهن کي جي ڪرڻو هو، تہ
پهرين هُن کي پنهنجي سِر تان آهو پلي، پوءِ ڪرڻو هو.

جينيوا ۾ ڪال‌ون جي دوستن ۽ پڻ هُن جي دشمنن ترت ئي ڳالهہ
جي مصلحت کي سمجهي ورتو هو. سرويٽس جي ڪيس کي ڪال‌ون
دراصل پنهنجي طاقت ۽ اختيار لاءِ هڪ آزمائش سمجهي رهيو هو. آنهيءَ

حالت ۾، فطرتي طور تي هُن جا دوست توڙي دشمن سڀئي اِن ڪوشش ۾ لڳا رهيا ته ڪنهن طرح هُن کي آنهيءَ سندس هٺ تان لاهين. جيڪي ڪالون جا دشمن يا مخالف هئا، آنهن سرويٽس کي اهڙي هڪ آڏڙي تي سمجهيو، جنهن جي استعمال سان هو شايد ڪالون کي اٿلائي، پنهنجي جڳهه تان هٽائي سگهيا ٿي. هُنن کي اِن ڳالهه جي پرواهه ڪانه هئي ته اِئين ڪندي، سندن هٿن ۾، خود آها آڏڙي ڪٿي ٽڙڪي، پڄي نه پوي. منجهائن جيڪي سرويٽس جا گهٽا همدرد هئا، تن هُن جي حمايت ۾ اهڙيون ڳالهيون وٺي هُلايون، جن کي ٻڌي، هو ٻنهه ديوانگيءَ جي حد تائين خوشفهمين ۾ پرجي ويو ۽ ڪورٽ جي اڳيان پنهنجي ڳالهين ۽ دعوائن ۾ ڪڏهن ڪڏهن خود ضابطگيءَ جي حدن کان ٻه لنگهي ويندو هو. ماڻهن کي ته رڳو هيءُ گهربو هو ته ڪنهن طرح ڪيس کي ڪيئن وڏ ۾ وڏ سنسني خيز بنايو وڃي. هُنن جو خيال هو ته ڪورٽ جي اڳيان جيترو وڌيڪ ۽ جيتري جوش سان سرويٽس پنهنجي بچاءَ ۾ ڳالهائيندو ۽ دليلبازي ڪندو، اوترو وڌيڪ ڪالون بدنام ٿيندو ۽ هُن جي اثر رسوخ کي ڌڪ رسندو.

درحقيقت سرويٽس کي پڙڪائڻ ۽ جوش ڏيارڻ جي ڪا ضرورت ئي ڪانه هئي. هو اڳي ئي اعصابي طور گرم طبع شخص هو ۽ ڪاوڙ وٺندي هيس ته ٻنهه وس کان نڪري ويندو هو. تنهن کان پوءِ، جو هيتري طويل مدت هو جيل ۾ رهيو، جتي ڪيس طرح طرح جا ايذاءَ ڏنا ويا ۽ مٿس طرح طرح جون سختيون ڪيون ويون، آنهن هُن جي طبيعت کي هيڪاري لوڏي وڌو هو. ۽ ڪالون کي پوري اِها خبر هئي ته هُن سان جيل ۾ ڪهڙي 'نيڪ' روش ورتي پئي ٿي وئي. هفتن جا هفتا لاڳيتو هيءُ معصوم انسان هڪ سزايافته خونيءَ وانگر، هٿڪڙين ۽ پير ڪڙين ۾ قابو، هڪ اونداهي، ٿڌي، گهميل ۽ سوڙهي ٻُوري ۾ اڪيلو پيو رهندو هو. هُن جي ٽري ڳِگ ٿيل بت تي ڪپڙن جون ليڙون پيون لڙڪنديون هيون. ڪڏهن هن کي بدلائڻ لاءِ ڪو بت جو ڪپڙو ڪونه ڏنو ويو. ضروري حاجتن پوري ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪا سهوليت ڪانه هئي.

ڪو به ماڻهو ڪيس کان ٿوري ڪان ٿوري مدد ڪري نٿي سگهيو. بيحد لاچار هُن ڪائونسل کي مٿس انساني ڪهڪاءَ ڪرڻ جي گذارش ڪئي: ”مکيون مون کي پٽي رهيون آهن، منهنجي جُتي ڇڄي ٽُڪر ٽُڪر ٿي ويئي آهي، پائڻ لاءِ ڪا به آچي شيءِ مون وٽ ڪانهي ...“

هڪ موقعي تي جڏهن ڪائونسل سرويٽسر جي حالت تي قياس ڪري ڪيس ٿوريءَ ڪنهن سهوليت ڏيڻ جي خواهش ڏيکاري، ته اهڙو ڪو مخفي هٿ چُريو (سمجهي سگهجي ٿو ته آهو ڪهڙو هٿ ٿِي سگهيو ٿي، جنهن اشڪنجي کي وڏيڪ ڪشي ڇڏيو)، جو پيهر اهڙي ڪا ڳالهه ڪائونسل جي دل ۾ پيدا ٿي ڪانه سگهي. حالت نيٺ اِها وڃي بيٺي، جو هيءُ آزاد ۽ حوصليمند مفڪر ۽ عالِم شخص پنهنجي آن اونداهي، بدبودار، مکين جي ڪتڪن پريل بهُري ۾ اِئين پيو رهيو ۽ حياتيءَ جا آخري دم ڳڻيندو رهيو، جيئن ڪو بيمار ڪُتو ٻُني تي پيو هوندو آهي. ڪجهه هفتا پوءِ، جڏهن هو پنهنجي ڪرفتيءَ ۾ ذري گهٽ ٻوساٽجي رهيو هو، هُن ڪائونسل وٽ هڪ ٻيرو پيهر دانهن ڪئي: ”آءٌ اوهان کي مسيح جي پيار جو قسم وجهي چوان ٿو ته جو ڪجهه اوهين ڪنهن اخلاقي مجرم کي يا ڪنهن مسيح دشمن غير کي ڏيئي سگهو ٿا، آن کان مون کي محروم نه ڪيو. اوهان جو حڪم آهي ته مون کي صاف سٿرو رکيو وڃي، پر آن ڏِس ۾ ڪجهه به نٿو ڪيو وڃي. هيءَ ڪيڏي نه بي ترسيءَ جي ڳالهه آهي، جو مون کي جسم جي ضروري حاجتن پوري ڪرڻ جي به سهولت نٿي ڏني وڃي!“

وري به ڪجهه ڪونه ٿيو! آن کان پوءِ جڏهن هُن کي سندس ڊونيد جهڙيءَ ڏ ر سان گهلي، ڪورٽ ۾ آندو ويو، تڏهن هو رنج ۽ ڪاوڙ ۾ ٻنهه قاتي پيو. زنجيرن ۾ ٻڌلُ، ڏٻ جهڙيون ٽِڳڙيون اوڙهيلُ هيءُ انسان ڪورٽ ۾ هيٺ بيٺل هو: سندس سامهون سندس جاني دشمن ڪالون ججن سان گڏ مٿي ويٺل هو - اڇو آجرو، صاف ۽ ڪڙڪي دار سياه چوغو پهريلُ، ٿدو ۽ شوخ نگاهه، اِئين پنهنجي شڪار تي حملي ڪرڻ لاءِ تيار، جيئن ڪو ٿلهو متارو، تازو توانو شينهون ڪُتو ڪنهن

بالسيڪ ڪي هنن بچائي ورتو هو.

پر هُن طرف ڪالون ڪي به اِن ڳالهه جو پورو احساس هو ته سندس اختيار ڪي ڪافي ڏوڏو پهچي چڪو هو، ۽ آهو ڪنهن به وقت ڪِري سگهيو ٿي. تنهنڪري هُن ضروري ٿي ڄاتو ته هيءُ پيو پيرو ڪيس هِن ڳالهه ۾ ڪنهن به طرح هار ڪائڻي نه هئي. اِنهيءَ ڪري، جيتر هن جو قيدي جيل ۾ سڙي رهيو هو، تيتر هو خطن پنيان خط ۽ ماڻهن پنيان ماڻهو زيورچ، باسيل، برن ۽ شافيسين ڪليسائن جي سربراهن ڏانهن موڪليندو رهيو ته جيئن آنهن جو رايو ڪنهن به طرح سندس خلاف ظاهر نه ٿئي. هِن سلسلي ۾ هُن جي فائدي ۾ هڪڙي ٻي ڳالهه هئي، جا به ڪم ڪري رهي هئي - ۽ آها هئي خود سرويٽس جي پنهنجي شهرت. هو سڄيءَ پروٽيسٽنٽ يورپ جي دنيا ۾ پنهنجي الحادي راين ۽ ڳالهين ڪري مشهور هو ۽ هر هنڌ هيءُ "اسپيني گستاخ" ديني صلح ۾ وِڳوڙ وجهڻ وارو، ۽، پنهنجي آن باغيانه حيثيت سبب، ڌڪار ۽ دشمنيءَ لائق سمجهيو ويندو هو. آن جو نتيجو هيءُ نڪتو ته سئٽزرلنڊ جي سڀني اصلاحي ڪليسائن اتفاق راءِ سان سرويٽس جي خيالن ۽ راين کي گمراهه ۽ غلط سڏيندي، هُن جي خلاف ڪفر جي فتوا صادر ڪئي. جيتوڻيڪ منجهائن ڪنهن هڪ به هُن لاءِ موت جي سزا تجويز ڪانه ڪئي، پر سڀني گڏجي هُن جي خلاف بهرحال سخت ڪان سخت اقدام ڪرڻ جي سفارش ڪئي.

زيورچ مان لکجي آيو ته "اِن ڳالهه جو فيصلو اوهان جي عقل تي ڇڏيون ٿا ته هِن شخص کي جيڪا اوهان کي سزا وڻي سا ڏيو." برن مان جواب آيو ته "جينيوا جي ججن کي پنهنجي ڏاهپ ۽ اختيار جي حدن کان ڪم وٺي فيصلو ڪرڻ گهرجي ته هِن وبا مان ڪيئن نجات ملي." باسيل جو جواب هو ته "اسين پوريءَ طرح مطمئن آهيون ته هِن بدبخت جي سزا طور، اوهين ڪنهن به اهڙي انتهائي قدم جو فيصلو نه ڪندا، جيڪو مسيحي ميونسپل اختيار وارن جي شان وٽان نه هجي." مطلب ته سڀ جي ڪنهن هڪ ڪليسا وٽان به اِهو لکجي نه آيو ته جوابدار کي موت جي سزا ڏني وڃي. بهرحال، چاڪاڻ ته آنهن سرويٽس جي خلاف

عمل ۾ آيل سڄيءَ قانوني ڪارروائيءَ کي جائز شمار ڪيو هو، اِنهيءَ ڪري ڪالون محسوس ڪيو ته هو آن لاءِ ’قانوني طور جائز سزا‘ کي به قبول ڪندا - چو ته اِن باري ۾ هُنن ڪنهن صاف ڳالهه ڪرڻ کان پرهيز ڪري، اِهو فيصلو خود مٿس ڇڏيو هو ته هو جوابدار لاءِ ڪهڙي سزا ٿو تجويز ڪري. ائين جڏهن ڪالون کي آزاد ڇڏيو ويو، تڏهن هن ڏک به سخت ۽ فيصلڪُن هنيو. ملڪ جي سڀني اصلاحي ڪليسائن طرفان ائين سرويٽس جي خلاف فتوا صادر ٿيڻ کان پوءِ، هن جي خيرخواهن هڪ ڀيرو وري به هُن جي جان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر آها بـ بيسود ثابت ٿي. هُنن شهر جي ٻن سؤ مشاهيرن جي عام ميڙ کي اپيل ڪرڻ جو ارادو ڪيو. پر وقت گذري چڪو هو. خود ڪالون جي مخالفن به محسوس ڪيو ته هين سلسلي ۾ وڏيڪ مقابلو ڪنهن لاءِ به فائديمند ثابت نہ ٿيندو. آخرڪار آڪتوبر جي ٢٦ تاريخ تي جينيوا جي شهري ڪائونسل، شهر جي اعليٰ عدالت جي حيثيت ۾، ڪثرت راءِ سان فتوا ڏني ته سرويٽس تي ڪفر ۽ الحاد جو ڏوهه ثابت ٿي چڪو هو ۽ آن جي سزا طور هن کي جيئري ساڙيو ويندو ۽ سندن ان عبرتناڪ فتوا تي ٻئي ڏينهن چئمپل جي ٽڪريءَ تي پوري اهتمام سان عمل ڪيو ويو.

جيسين شهري ڪائونسل جي هين حيواني فيصلي جو اعلان نہ ٿيو هو تيسين ڏينهن پنيان ڏينهن ۽ هفتن پنيان هفتا گذرندا ٿي رهيا، ۽ سرويٽس، ٻاهرينءَ دنيا کان بلڪل پري، پنهنجي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ پنهنجي دک کي ساڻ ڪنيو، پيو رهندو هو، ۽ سدائين پنهنجي تصوراتي دنيا کي اميد جي لاٽ سان روشن رکيو وينو هوندو هو. پنهنجي آن تصوراتي دنيا کان علاوه هُن جي ڪَن تي سدائين پنهنجن سڄڻ ٻچڻ ۽ موهوم دوستن ۽ خيرخواهن جا ٻُڌڪا ۽ آواز به ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ پيا پوندا هئا، ۽ اِئين هو پنهنجي دل ۾ خواب جي دنيا آباد ڪيو وينو هوندو هو تہ هُن پنهنجن ججن کي پنهنجي ڳالهه جي حقانيت جو قائل ڪري ڇڏيو هو، ۽ بس ٿورن ئي ڏينهن ۾ ڪالون، جيڪو جينيوا ۾ اقتدار تي صرف پنهنجين ڪوڙين دعوائن جي ڪري قابض ٿيو

وينو هو، اِجهو ٿو ذليل ٿي جيئيوا مان ترڇي ٻاهر نڪري! پوءِ جڏهن آڪٽوبر جي ٢٧ تاريخ صبح تي، ڪائونسل جو سيڪريٽري، مُنهن گهنجائي، هُن جي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ داخل ٿيو ۽ پوريءَ رسمي گنڀيرتا سان پَنو کولي فتوا پڙهي هُن کي ٻڌائڻ لڳو ته اُن ڏينهن شام جو هن کي جيئري ساڙيو ويندو، ڇاڪاڻ جو هو ملحد ۽ ڪافر هو، تڏهن اُن ماڻهوءَ کي اِئين پاڻ وٽ ايندي ڏسي ۽ جو ڪجهه هُن پڙهيو آهو هُن کي پڙهندي ڏسي، سسڪين سرويٽس جون اکيون ڪلئي جون کُليون رهجي ويون. هُن تي ڄڻ وڄ ڪري پيئي. هو ٻڌندو رهيو، اِئين ڄڻ جو ڪجهه ٻڌي رهيو هو اُن جو هڪ لفظ به هُن ڪونه ٿي سمجهيو. ڪجهه منٽن لاءِ هو اِئين بت بنيو بيٺو رهيو، ڄڻ پوڙو هو ۽ ڪجهه هوش ڪونه هوس. پوءِ هيءُ دکي انسان هڪدم ڌِڪي پيو. هو سڏڪا ڀرڻ لڳو ۽ دانهون ڪرڻ لڳو- تان جو پنهنجي اسپيني مادري ٻوليءَ ۾ هن جي دل مان چيرجي ڏاڍيان رڙ نڪتي: "ميزَرِي ڪارڊياس!" (- "او سنهنجي ڏکن ڀري دل!"). هن ڀيانڪ خبر تي هُن جو سچو پاڻُ مٿان ڪِري، هيٺ آڇي پٽِ پيو. هُن جو هانءُ ڦسي پيو. ٻئي پاسي زوراور واعظين، جن پري کان هُن جو اِهو حال پئي ڏٺو، آهي به پنهنجي خيالي دنيا ۾ بيهوش ٿيا بيٺا رهيا: هُنن سمجهيو ته سرويٽس تي اِئين دنيوي سوڀ پائڻ کان پوءِ، اجها ٿي مٿس ڪين روحاني سوڀ به ملي - پڪ ئي پڪ نراسائيءَ جي بار ۾ دٻجي اجهو ٿو هو روئي ڪانئن معافي وٺي ۽ پنهنجي ڪفر ۽ الحاد کان کُلئي عام توبهه ڪري!

پر حيرت جي ڳالهه واقعي هيءَ هئي، جو جڏهن هِن غريب، مصيبت جي مارئي، ڏکن ڀريءَ دل رکندڙ شخص کي پنهنجي ڪِئي تي پڇتائڻ ۽ پنهنجن راين تان ڦرڻ لاءِ چيو ويو، تڏهن هڪدم هُن جي وساڻل دل کي ٻيهر ڄڻ چڻنگ لڳي ويئي ۽ هُن جي غيرت کي ڄڻ ڪنهن ڏڪ هڻي ڪڍيو، ۽ هو ڪنڌ اوچو ڪري ٻيهر دنيا سان مهاڏو ڏيڻ بيهي رهيو. جيڪڏهن هن جي جسم کي سڙڻو هو، ته اُن کي سڙڻو ئي هو: پر هو پنهنجن عقيدن تان هڪ ڪک به ڪونه هٽندو: ۽ اِئين آئي ئي

هيءُ علم جو عاشق جيئڙو، هڪدم مٽي آيري، تاريخ جي عظيم سرفروشن جي صف ۾ وڃي بيٺو. فاريل، جيڪو ويجهو ڪٿي ٻاهر ويل هو، سو سرويٽس جي شڪست جو ٻڌي، هڪدم جينيوا ۾ سوٽي آيو ۽ تکو تکو ڊوڙندو سرويٽس وٽ اچي پهتو، ۽ پانيائين ته هُن تي حاصل ڪيل ڪالون جي سوڀ ۾ ڪجهه پاڻ به ڀاڱي ڀائيوار ٿئي، پر سرويٽس وٽ هُن جي هڪ به ڪانه هلي. هُن جي هر ڳالهه ڪي سرويٽس ٻنان ڪنهن هيڪ جي ٽڏي ڇڏيو – ڇي، روحاني مسئلن ۾ ڪنهن دنيوي قانوني فتوا ڪي ماڻهوءَ جي صحيح يا غلط هجڻ جي ثبوت طور قبولي نٿو سگهجي. توهين هڪڙي ماڻهوءَ ڪي قائل ڪرڻ ڪان سواءِ به قتل ڪري سگهو ٿا، ۽ آهو مرڻ مري وڃي، پر هُن جو مَن پنهنجي غلطي نه مڃي، ته هُن ڪي وڏيڪ ڪير ڇا ٿو ڪري سگهي! فاريل، هِن زنجيرن ۾ جڪڙيل ۽ موت جي دروازي تي بيٺل عظيم انسان ڪي ڪنهن به دڙڪي يا لوڀ لالچ سان پنهنجي هڪ لفظ تان به هٽائي نه سگهيو. سرويٽس، بهرحال، پنهنجي نظر ۾، ڪافر نه پر پڪو مسيحي مؤمن هو، ۽ آن پنهنجي ايمان جي بنياد تي هُن پنهنجي وڏي ڪان وڏي دشمن سان به صلح ڪرڻ پنهنجو فرض ٿي سمجهيو: اِنهيءَ ڪري هُن آخري هڪ پيرو ڪالون سان ملڻ جي خواهش ڏيکاري.

ڪالون ۽ سرويٽس جي هِن ملاقات جو احوال اسان ڪي فقط ڪالون جي پنهنجي قلم جو لکيل ملي ٿو. سري ويل ڪو ماڻهو پنهنجي ڳالهه ڪونه ٿو ٻڌائي سگهي. ڪالون جي قلم جي لکيل ڪالون جي پنهنجي روش جي رپورٽ اسان ڪي ڪالون جي شدت ۽ سنگدليءَ بابت گهڻو ئي ڪجهه ٻڌائي ٿي. سوڀ جي ڏو ۾ آقريل آمر پنهنجي جيتيل دشمن جي سرد ۽ پُسيل انداريءَ ڪونيءَ ۾ هُن سان ڪو لفظ ڪهڪاءَ ۽ همدرديءَ جو يا ڪنهن انساني يا مسيحي رحم ۽ قياس جو ونڊڻ لاءِ ڪونه ويو هو، پر پوريءَ ٿڌائيءَ سان ۽ ڳرائيءَ سان هُن سرويٽس سان، جنهن جو انتهائي عذاب جي حالت ۾ ترت ئي ساهه نڪرڻو هو، پنهنجي گفتگو هِن سوال سان شروع ڪئي ته ڪيس خبر نه هئي ته سرويٽس هُن ڪي

ڇا لاءِ پاڻ وٽ سڏيو هو! اِن مان هُن جو صاف مطلب ته اِهو هو ته سرويٽس فوراً هُن جي اڳيان جهُڪي پوي ۽ ڪانٽس پنهنجي گناهه جي معافي وٺي ۽ هٿ ٻڌي ڪانٽس پنهنجو جيئدان گهري! سرويٽس نهايت سادگيءَ ۽ معصوميت سان جواب ڏنس - ۽ اِن جواب ڪي پڙهي، هر آها دل، جا حساس ۽ نرم آهي، سا لازمي طرح لُڏي ويندي - ته ڪالون ڪي اُن حالت ۾ پاڻ وٽ سڏڻ مان سندس مراد رڳي اِها هئي ته ڇپاڙيءَ ۾ هو ڪالون ڪان معافي گهري ڇڏي! هڪڙو بيوس مظلوم شخص ڦاٿان ڏاڍي پنهنجي ظالم شخص ڪي، جنهن هُن ڪي ڏِڪي موت جي منهن ۾ ڏيئي ڇڏيو هو، پنهنجي طرفان سڀڪجهه معاف ڪري، پاڻ هُن ڪان پنهنجي گناهن جي معافي گهري - هيءَ ڪيڏي نه هڪ اعليٰ انسانيت جي ڳالهه آهي. پر پٿر-مُنهون ڪالون پنهنجي هڪڙي سياسي ۽ ديني دشمن ڪي مسيحي ته نه پر رڳو انسان سمجهڻ لاءِ به تيار نه هو.

هن جي خشڪ رپورٽ جا هي لفظ پڙهو:

”منهنجو هن ڪي جواب فقط هيءُ هو (۽ سچ به آهو هو) ته منهنجي هن سان ذاتي دشمني ڪانه هئي.“

اُن جو مطلب ته سرويٽس جي اُن آخري انساني پيشڪش ڪي ڪالون سمجهي نه سگهيو ۽ نه ئي سمجهڻ چاهيو. هن، جو ڪجهه سرويٽس ڪي جواب ۾ چيو، اُن جو مطلب هو ته هن ۽ سرويٽس جي وچ ۾ ڪڏهن به سرچاءُ ٿي نه سگهندو: دراصل سرويٽس ڪي پنهنجي ذات جي باري ۾ سوچڻ ئي نه. گهربو هو، هن ڪي ڪليءَ دل سان پنهنجي گناهه جو اقرار ڪري، خدا ڪان اُن جي معافي پنڻ گهربي هئي، ڇو ته هن خدا جي مقدس تثليثي حيثيت جو انڪار ڪري، گناهه به خدا جو ڪيو هو. مطلب ته، ڄاڻي واڻي يا اڻڄاڻائيءَ ۾، نظريي باز ڪالون هين دڪي انسان ڪي، جيڪو اُن ئي ڏينهن ڪنهن وقت باهه جي مچ ۾ سڙي ڪوئلو ٿي وڃڻو هو، هڪ انسانُ، پنهنجو هڪ انساني پاءُ، سمجهڻ لاءِ تيار ئي نه هو. هڪ ڪٽر عقيدي پرست جي حيثيت ۾ ڪالون لاءِ سرويٽس پيو ڪجهه به نه هو سواءِ هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي، جيڪو خدا جو منڪر هو، ڇاڪاڻ

هـن منڪر کي سندس حال تي ڇڏي، آتان هليو آيس. هـن بدبخت پنهنجن هٿن سان پاڻ ئي خداوند قدوس جي رحمت کان پاڻ کي محروم ڪري ڇڏيو هو!"

ڏ ڱندڙ مچ تي گوشت جي سيخ وانگر جيئري پچائي پچائي ڪنهن جو ساهہ ڪيڻ - موت جي سزا جو اِهو هولناڪ ۾ هولناڪ طريقو آهي. يورپ جي تاريخ جي اونداهي وچئين دور ۾ بہ، جيڪو ظلم ۽ اذيت جي ڳالهين کان ايترو مشهور آهي، اِها سزا ڏاڍي مشڪل سان ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ حالتن ۾ عمل ۾ ايندي هئي. اُن دور ۾ بہ، اڪثر حالتن ۾، جڏهن اِنهي قسم جي موت جي سزا ڪنهن کي ملندي هئي، تہ اُن بدنصيب کي اِئين باهہ جي اُلن جي حوالي ڪرڻ بدران، پهرين گهٽو ڏيئي يا ٻئي ڪنهن اهڙي طريقي سان بيجان ڪري، پوءِ آڙاهہ مٿان ٽنگيو ويندو هو. پر هـن قسم جي موت جي بدترين سزا "ديني اصلاح" بلڪ "تجديد دين" جي جديد کان جديد دعويدارن، پنهنجي پهرئين سزايافتہ منڪر تي آزمائي هئي. هيءَ سزا هُنن اڪر بہ اڪر اِئين ئي عمل ۾ آندي هئي، جيئن جينيوا ۾ شريعت مسيح جي پروٽيسٽنٽ ڪالويني نفاذ هيٺ قائم ٿيل "نظام دين مسيح" جي فاضل ججن پنهنجي فتوا ۾ آها عائد ڪئي هئي. پوءِ جڏهن ڪن رحمدل انسانن، جيڪي بهرحال خود ڪالون جي اختيار ۽ اثر جي دائري ۾ آيل دنيا توڙي اُن کان ٻاهر ٻيءَ دنيا ۾، اڃا ڪي بچيل هئا، اهڙيءَ وحشتناڪ سزا جي خلاف دانهون ڪيون، تڏهن ڪالون فوراً اُن سلسلي ۾ پنهنجي ذميداري اڇلائي ٻين جي ڪلهن تي وجهڻ لڳو. پاڻ کي سرويٽس جي هـن غير معمولي بي ترس موت جي ذميداريءَ کان بچائڻ لاءِ پوءِ هو ڪافي وقت، گهڻو گهڻو وقت، دنيا کي ڪوڙا سچا دليل ڏيندو رهيو. سرويٽس جو جسم سڙي رک ٿي ويو، اُن کان ڪيترا ئي سال پوءِ، نڪيت ۾ هُن اِهو انڪشاف ڪيو تہ هُن ۽ سندس "محڪمي اسور مذهبيءَ" جي ٻين ميمبرن بروقت سرويٽس لاءِ "باهہ جي موت کي ترار جي موت ۾ بدلائڻ جي ڪوشش" ڪئي هئي، پر هُنن جون سڀ ڪوششون رائگان ويون هيون! ڪائونسل جي رڪارڊ ۾ اهڙيءَ ڪنهن

"ڪوشش" جو ڪو ذڪر اسان کي ڪونه ٿو ملي. ڪهڙو غيرجانبدار ماڻهو انهيءَ ڳالهه تي اعتبار ڪندو ته ڪالون، جيڪو سڄي ڪيس ۾ ڪائونسل تي جائز ۽ ناجائز دٻاءُ وجهندو رهيو ته سرويٽس کي هر صورت ۾ موت جي سزا ملي، آهو آخر ۾ اهڙو ڪهڙو قياسي شخص ٿي پيو هوندو، جو پنهنجي ڳالهه مٿي ڪرڻ ڪان پوءِ، پاڻ ته پاڻ پر پنهنجي "محڪمي امور مذهبيءَ" جي ميمبرن ڪان به ڪائونسل کي چوارايو هوندائين ته سرويٽس کي موت جي سزا ڪنهن نرم طريقي سان ڏني وڃي - ۽ سو به جهڙ ۾ هڪ آمر سان بدلجي، هو هڪدم عام شهري بنجي ويو ۽ هُن جو اِهو معمولي چوڻ به هُن جي پنهنجي ڪائونسل قبول نه ڪيو! پر اِئين برابر آهي ته ڪالون ۽ سندس جيي حضور دوستن سرويٽس جي موت کي آسان ڪرڻ جي آڇ خود سرويٽس کي ڪئي هئي، بشرطيڪ هو آن آسانيءَ لاءِ 'روحاني موت' جي قيمت ادا ڪري، يعني آخر ۾ توبهه تائب ٿئي. آن ڪان پوءِ، ڪنهن انساني ڪهل ۽ همدرديءَ ڪري نه پر وري به پنهنجي عيارانه سياسي مفاد جي خيال ڪان، ڪالون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو پنهنجي ديني دشمن سان ٻاجهاريءَ روش جو مظاهرو ڪري ها. ۽ جينيوا جي "نظريي" جي آها ڪيڏي نه فتح شمار ٿئي ها، جو سرويٽس آڙاهه تي ٽنگجڻ ڪان اڳ ٻيهي چوي ها ته هو گمراهه هو ۽ ڪالڻ صحيح هو! خود ڪالون لاءِ آها ڪيڏي نه زبردست سوڀ شمار ٿئي ها، جو هڻ اسپيني ڪافر کي مجبور ٿي مٿو پوي ها ته هو پنهنجي نظريي لاءِ قربان ڪونه ٿي رهيو هو، ۽ کليءَ عام تسليم ڪري ها ته دنيا ۾ ڪالون جو نظريو ئي صحيح نظريو هو!

سرويٽس کي، بهرحال، خبر هئي ته موت جي آسانيءَ لاءِ هُن ڪان ڪيڏيءَ وڏيءَ قيمت جي وصول ڪرڻ جو منصوبو سٽيو ويو هو. اِنهيءَ ڪري هُن هوڏ جو هوڏ سان ۽ ڪٽرپائيءَ جو ڪٽرپائيءَ سان مقابلو ڪيو. هو پنهنجن عقيدن خاطر سخت ۾ سخت عذابن هيٺ مرڻ لاءِ تيار هو، پر پنهنجي ضمير جي آزادي وڪڻي، آسان موت مرڻ خاطر، مولانا جيهان ڪالون جي بيعت ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. هو مرندي مرندي، گهٽي ۾

ڪتاب جي قلمي نسخي ۽ ڇپيل جلد کي به ساڙيو ويندو - ايستائين، جو تون ۽ تنهنجي ڪتاب جو قلمي نسخو ۽ ڇپيل جلد باهه ۾ سڙي رک ٿي وڃن. اِئين تنهنجي حياتيءَ جو خاتمو ٿيندو، ته جيئن آهو آهڙن پين سيني لاءِ سبق ٿئي، جيڪي پنهنجي دل ۾ تو جهڙي گناهه ڪرڻ جو ارادو رکندا هجن."

تباهه ٿيل ويچارو هيءُ انسان فتوا ٻڌي رهيو هو، ۽ سيءَ ۾ سندس جاڙيون ڏڪي رهيون هيون. دک ۽ نراسائيءَ جي عالم ۾، هو، پنهنجن گوڏن تي رڙهي، ميونسپل اختياريءَ وارن جي ويجهو ويو، جيڪي ڏاڪڻ تي ويٺا هئا، ۽ آنهن کي منٿ ڪيائين ته هو، انساني مريادا کان ڪم وٺي، پهرين هُن جي سسي ڌڙ کان جدا ڪرائي ڇڏين ۽ پوءِ هن جي بدن کي باهه جي حوالي ڪن - چو ته "دجان ٿو ته ڪٿي باهه جي عذاب کان مجبور ٿي، پنهنجن عقيدن کي ڇڏڻو نه پويم، ۽ اِئين آخري دم ۾ پنهنجي سڄيءَ زندگيءَ جي نعمت کان محروم نه ٿي وڃان! جيڪڏهن مون کان ڪو ڏوهه ٿيو آهي ته اڄاڻائيءَ ۾ ٿيو آهي، نه ته سڄي حياتي منهنجي اکيان رڳو خداوند قدوس جي رضا جو ئي خيال رهيو آهي."

آنهيءَ گهڙيءَ، فاريل وڏي وڃي ججن ۽ سندن آڏو اِئين نيوڙيل سرويٽس جي وچ ۾ بيٺو، ۽ اوچي آواز ۾، جيڪو پري پري تائين ٻڌجي ٿي سگهيو، سرويٽس کان پڇيائين: "چا، تون تثليث مقدس جي خلاف جيڪا تعليم ڏيئي رهيو هئين، آن کان توبهه تائب ٿيڻ لاءِ تيار آهين، ته جيئن تنهنجي موت کي آسان بنايو وڃي؟" سرويٽس، جيڪو هونئن ته هڪڙو مسڪين ماڻهو هو ۽ ايڏو ڪو وڏو داناءُ به ڪونه هو، تنهن بنان دير جي فاريل جي هيءَ آڇ آهڙيءَ ئي هوڏ سان ٺُڪرائي ڇڏي، ۽ آنهيءَ ئي گهڙيءَ پنهنجي اخلاقي تونگريءَ ۽ انساني عظمت جي چوٽيءَ کي ڇُهي ورتو. لڳ ڀڳ سڄي جينيوا شهر جي ماڻهن، جيڪي آتي اچي گڏ ٿيا هئا، سرويٽس جي هيءَ تقريباً چريائپ جي حد جي جرئت ڏسي، محسوس ڪري ورتو ته پنهنجي ضمير جي حرمت ۽ پنهنجن عقيدن خاطر ڪو اعليٰ انسان ڪهڙيءَ طرح ابراهيم وانگر باهه ۾ ٽپي پوندو آهي،

ساڻس گڏجي سندس نجات لاءِ دعا گهرڻ لاءِ منٿ ڪيائين. مقتل جي جاءِ تي پهچي، ڪِلي کي ڏسندي، هو هڪ پيرو وري گوڏن ڀر جهُڪي پيو ۽ هڪ خدا رسيده مؤمن مسيحيءَ وانگر اکيون پوري، آخري عبادت ۾ محو ٿي ويو. پر ڪٽر فاريل کي ڏپ وٺي ويو ته ڪٿي هِن مشهور ڪافر جو هيءُ ايمان ۽ هيءَ خداپرستي ماڻهن جي دلين تي اثر نہ ڪري وجهن: سو هُن مجمعي ڏانهن مُنهن ڪري، زور سان چيو: "ڏسو ٿا، جڏهن شيطان جي چنبن ۾ ڪو روح اچي ٿو ڦاسي، تڏهن آن ۾ ڪيڏي نہ طاقت اچيو ٿي وڃي! هيءُ ماڻهو وڏو عالم آهي ۽ پنهنجي علم تي گهمنڊ هوس ۽ پنهنجن عملن کي سچو ٿي سمجهيائين. پر هاڻي هيءُ شيطان جي هٿن ۾ آهي - جيئن اوهان مان بہ ڪنهن سان اِئين ٿي سگهي ٿو."

اِن وچ ۾ غليظ خوني تياريون شروع ٿي ويون. مقتل جي ڪِلي جي چوڌاري ڪاٺيون سٽي ڍِڳ ڪيون ويون، ۽ آن ۾ ڇڻڪندڙ زنجيرن کي ڪوڪن سان ٺوڪي مضبوط ڪيو ويو. جلاد پنهنجي شڪار جا هٿ ٻڌا. پوءِ فاريل، پويون پيرو وٺي، سرويٽس جي ڀرسان ويو، جيڪو آن وقت رڳو ٿڌا ساهہ ڀري، بار بار چئي رهيو هو- "او خدا، منهنجا خدا!" فاريل ڏاڍيان، چڙ مان هُن کي چيو: "چا، تو وٽ ٻيو ڪجهہ چوڻ لاءِ ڪونهي؟" هيءُ ٻڪ ٻڪيو پادري اجا بہ اِن خيال ۾ هو تہ سرويٽس، مقتل جي ڪِلي کي ڏسي، جنهن سان هو ٻڌجي شهيد ٿيڻو ، ضرور موت کائيندو ۽ توبهہ تائب ٿي ڪالون جي مذهب تي ايمان آڻيندو، ۽ چوندو تہ پاڻ ڪوڙو هو ۽ ڪالون سچو هو. پر سرويٽس سندس ڇڙٻ ٻڌي، ڏاڍيءَ نماڻائيءَ سان ڪنڌ کڻي، ڏانهس نهاريو، ۽ جواب ڏنو: "خدا کي نہ سڏيان تہ ٻيو ڇا ڪريان!"

فاريل پنهنجي شڪار کان نراس ٿي، پوئتي هٽي ويو، ۽ هاڻي فقط سرڪاري جلاد کي باقي پنهنجو ڪم پورو ڪرڻو هو. زنجير جيڪي مقتل جي ڪلي سان ڪُٽيل هئا، تن کي چار پنج ڦيرا ڏياري، بدنصيب سرويٽس جي زبون حال جسم جي چوڌاري ڄڪڙيو ويو. هُن جي جسم

۽ آن جي چوڌاري ڦريل زنجير جي وڪڙن جي وچ ۾ هُن جي ڪتاب جي ڇپيل ڪاپي ۽ آن جو هٿ اکر لکيل مسودو، تنبي قابو ڪيو ويو - هيءُ هٿ اکر لکيل نسخو آهو ئي هو، جيڪو سروينٽس، سيل مهر ڪري، ڪال‌ون ڪي پنهنجو هڪ عالم ڀاءُ سمجهي ۽ مٿس ويساهه رکي، شروع ۾ هُن ڏانهن پنهنجي راءِ لاءِ موڪليو هو. آخر ۾، ملامت ۽ ڌڪار جي علامت طور، گندرف ۾ ٻُڏل‌ُ وڻ جي پتن جو 'ڇَٽ' شهيد سروينٽس جي مٿي تي رکيو ويو ۽ آن کي ڇڪي، هُن جي پرونئن تائين زور سان ڪُپائي ٻيهاريو ويو. جلاد ڪاٺين جي ڍڳ کي تيلي هڻئين، ۽ قتل جو عمل شروع ٿي ويو.

جڏهن باهه جا آلا هُن جي چوڌاري آيري آيا، تڏهن سروينٽس اهڙي ته هڪ خوفناڪ دانهن ڪئي، جو ڏسندڙن مان گهڻن پنهنجا مُنهن ورائي ٻئي پاسي ڪري ڇڏيا. جلد ئي دونهين جا ڪارا ڪڪر لُڇندڙ انساني جسم کي چوڌاري وڪوڙي ويا، ۽ هو ماڻهن جي اکين کان اوجهل ٿي ويو. پر هُن جون دردناڪ دانهون جيئن پوءِ تيئن زورائتيون ۽ تيز ٿينديون ويون. تان جو هڪ ٻنهه دل ڏاريندڙ تکي ڪيهه ماڻهن ٻڌي: ”او خدا، پيار جا خدا، مون تي ڪهل ڪر!“ موت سان هيءُ مقابلو اڌ ڪلاڪ هليو. پوءِ آلا جهڪا ٿيڻ لڳا، دونهون وکرڻ لڳو، ۽ ڏڱندڙ ٽانڊن جي مٿان ڪاري، لوساٽيل ڪيلي سان جڪڙيل هڪ ڪارو، هانءُ ٻوساٽيندڙ، سڙيل ماس جو لڳڙو دوڳ ڏسڻ ۾ آيو. جنهن جي ڪنهن انساني صورت سان ڪا مشابهت ڪانه هئي. آها شيءِ، جيڪا ڪڏهن هِن ڌرتيءَ جي هڪ سوچيندڙ ۽ ازلي حق کي لوچيندڙ شيءِ هئي، جيڪا ڪڏهن اِلاهي روح جو هڪ جاندار حصو هئي، آها ايتري ۾ ڳري، سُسي، گهٽجي اهڙي هڪ آڻ‌وٽندڙ ۽ دل ڪچي ڪندڙ شيءِ ٿي پيئي هئي، جو آن کي خود ڪال‌ون به جيڪر ڏسي ها، ته هو پنهنجي آن غير انساني عمل تي ضرور پشيمان ٿئي ها، جنهن مطابق هُن پنهنجو اِهو فخريه حق سمجهيو هو ته هو ڪنهن انساني ڀاءُ تي فريادي بنجي، جج به ٿي ويهي، ۽ جلاد ٿيي آن کي قتل به ڪري ڇڏي.

پر ڪالون آن خوفائتي وقت ڪٿي هو؟ آن وقت هو پنهنجي گهر بند ٿيو ويٺو هو. هن ڪي شايد اِهو ڊيڪارٽو هو ته هو بي تعلق هو. يا شايد پنهنجي طبيعت ڪي آن نظاري جي ڏڏڪي ڪان بچائڻ ٿي گهريائين. هو دريون بند ڪيو، پنهنجي مطالعي واريءَ ڪوٺيءَ ۾ ويٺو هو. عملي طور قتل جو ٻچڙو ڪم هُن سرڪاري جلاد تي ۽ فاريل تي ڇڏي ڏنو هو - فاريل، جيڪو ڪانئس وڌيڪ دل جو ڪنور ۽ وحشي هو. جيستائين ڪم رڳو هڪڙي بيگناهه ڪي جهلائڻ، مٿس ڏوهه مڙهڻ ۽ ثابت ڪرڻ ۽ هُن ڪي ڏِڪي مقتل جي ڪِلي تائين پهچائڻ جو هو، تيستائين ڪالون سڀ ڪان زور، آن ڪم جو اڳواڻ هو. پر اصل قتل جي عين گهڙيءَ وارو ڪم هُن فاريل ۽ ٻين پگهاردار عملي جي ماٿهن تي ڇڏي ڏنو. هو پاڻ، جنهن هيءُ "مجاهدانه خون" رٿيو هو ۽ پايي تڪميل تي پهچايو هو، عين آن جي عمل ۾ اچڻ وقت، احتياط ڪان ڪم وٺندي، آن ڪان دور رهيو. ٻئي آچر تي، بهرحال، هو پنهنجي ڪاري چوغي ۾ ملبوس، پنهنجي ديول جي منبر تي چڙهي، ڏاڍيءَ تقوا ڀريل ٻوليءَ ۾ واعظ ڪرڻ لڳو، ۽ پنهنجي خاموش جماعت جي اڳيان ڏاڍي ديني شان ۽ فخر سان آن "عبرتناڪ الاهي سزا" جو ذڪر ڪيائين، ۽ جنهن جي عملي مشاهدي جي هن ڪي همت ڪانه ٿي سگهي هئي، آن ڪي هُن "احياي دين مسيح" لاءِ "مقدس عدل" جو هڪ "عظيم ڪارنامو" سڏيو.

## باب ڇهون

## سهپ ۽ رواداريءَ جو پڌرنامو

سچ جي ڳولا گناهه ڪونهي. سچ جيئن سمجهه ۾ اچي، تيئن اُن کي ظاهر ڪرڻ گناهه ڪونهي. عقيدو ڪنهن تي زوريءَ مڙهي نٿو سگهجي. عقيدو هر ڪنهن جي پنهنجي مرضيءَ جي ڳالهه آهي.

— سيباستيان ڪاسٽيلو، ١۵۵١ع

سرويٽس جي شهادت کان پوءِ فوراً اِها ڳالهه محسوس ڪئي ويئي ته [1]'اصلاح دين مسيح' (*Reformation*) جي تحريڪ هاڻي اُتي پهچي چڪي هئي، جتان اڳتي وڌڻ جا الڳ الڳ رستا ڦٽي نڪتا. جيڪا صدي ماڻهن جي رت سان سڄي رنگجي لال ٿي پيئي هجي، اُن ۾ سرويٽس جهڙي هڪڙي وڏيڪ ماڻهوءَ جو خون ڪا وڏي ڳالهه ڪانه هئي - اهو هڪ رواجي واقعي وانگر وسري به سگهيو ٿي. اِئين ته اسپين جي ڪناري کان وٺي بحرشماليءَ تائين سڄي يورپ ۾، سرزمين برطانيه سميت، "مسيحيت" جا محافظ ۽ تبليغ ڪار، مسيح جي نالي ۾ ۽ اُن جي تقدس کي مٿي ڪرڻ لاءِ، ڳاٽيئي کان ٻاهر ڪافرن ۽ ملحدن کي ساڙيندا ٿي رهيا. "دينِ حقّ" جي آستانن تي (۽ دينِ حقّ به سوين هئا)، هزارين بلڪ لکين بيوس ماڻهو عضوا ڪپائيندا، ڦاسيءَ تي چڙهندا، قتل ٿيندا ۽ سڙندا ٿي رهيا. ڪيترن کي جيئري ٻڏي پاڻيءَ ۾ ٻوڙيو ويندو هو. دين جي نالي ۾ هِن انساني قتلام بابت ڪاسٽيلو پنهنجي ڪتاب "مسئلهء ملاحده" ۾ لکيو آهي ته "جيترا ائين ڪُسندا ٿي رهيا، سي، اَءٌ گهوڙا به نٿو چوان، پر رڳو ٻڪر به هجن ها، ته به هر بادشاهه اُنهن جي ڪوس کي پنهنجو وڏو نقصان سمجهي ها." پر ڇاڪاڻ ته آهي رڳو ماڻهو هئا،

اِنهيءَ ڪري آنهن کي گِهٽ ۾ گهٽ جي بس ڪنهن تڪليف کان نه ٿي ڪئي.
ڪاسٽيلو آھ ڪندي، چوي ٿو: "اڄ ته پاڻيان ته تاريخ جي ڪنهن دور ۾ ايترو انساني خون وهيو هوندو جيترو اسان جي دور ۾ وهي رهيو آهي."

پر تاريخ جي صدها دورن جي بيشمار ظلمن ۾ هميشه هڪڙو ئي اهڙو ظلم هوندو آهي، جيڪو ڏسڻ ۾ ته ٻين معمولي ظلمن جهڙو ئي هڪڙو ظلم هوندو آهي، پر اتفاق سان اهو ئي اُن دور جي ظاهري طور سُتل انساني ضمير کي جهنجهوڙي پائي سجاڳ ڪندو آهي. آڙاهه جي جن شعلن شهيد سرويٽس کي ساڙي ڀسم ڪيو، اهي شعلا اُن دور جي ٻين اهڙن شعلن کان پڙڪو ڪائي، مٿڀرو اڀري ويا هئا. ٻه سؤ سال پوءِ، مشهور تاريخ نويس، گبن، سرويٽس جو ذڪر ڪندي، لکي ٿو ته ڪئٿولڪ دنيا ۾ سوين انسان باهه جو پاڻُ ٿيندا ٿي رهيا، پر پروٽيسٽنٽ دنيا جي هيءَ هڪڙي انساني جان جِي 'قرباني' پٿر ڪان پٿر دل کي رجائي ميڻ ڪرڻ لاءِ ڪافي هئي. والٽيئر جي چوڻ موجب سرويٽس جو خون "تحريڪ اصلاح دين" جو پهريون "ديني قتل" هو، ۽ اُن عظيم تحريڪ جي بنيادي خيال جي اِها پهرين کليل ترديد هئي. دراصل پروٽيسٽنٽ ڪليسا لاءِ ته اصولي طور الحاد جي ڳالهه ئي بي معنيٰ هئي، ڇاڪاڻ ته پروٽيسٽنٽ تحريڪ جو بنيادي مطالبو ئي اِهو هوندو هو ته خدائي ڪلام جي تشريح ۽ تفسير جو هر ڪنهن کي حق هو. اِهو ئي سبب هو، جو هن تحريڪ جي باڻين، ليوٿر ۽ زونگلي ۽ ٻين، پنهنجي ڪنهن به ساٿيءَ جي خلاف، جيڪي وقت بوقت دين جي معاملن ۾ انتهائي قسم جي خيالن جو کُليو اظهار پيا ڪندا هئا، ڪڏهن به ڪنهن سخت قدم کڻڻ جي ڪوشش نه ڪئي، بلڪ اهڙيءَ آزاد خياليءَ کي روڪڻ يا ضابطي ۾ رکڻ لاءِ هو هر قسم جي دٻاءَ يا زور جي استعمال جي مخالفت ڪندا هئا. ليوٿر جو چوڻ هو ته "مون کي موت جون سزائون ڪنهن به حالت ۾ پسند نه آهن، پوءِ ڪڏهن ڪڏهن اهي مناسب ئي ڇو نه ڪٿي هجن؛ هن سلسلي ۾ جنهن ڳالهه جو مون کي ڊپ آهي، سا هيءَ آهي ته اُن مان غلط ۽ نهايت خطرناڪ مثال قائم ٿي سگهن ٿا. اِنهيءَ ڪري اڄ

ڪنهن به صورت ۾ (مذهب جي) ڪوڙن دعويدارن کي مارڻ جي فائدي ۾ نه آهيان. ملحدن ۽ ڪافرن کي حيواني زور وسيلي دٻائڻ ۽ ختم ڪرڻ نه گهرجي: هُنن جو فقط خدا جي ڪلام وسيلي مقابلو ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ڪفر يا الحاد هڪ روحاني مسئلو آهي، جنهن جي داغ کي دنيوي باهه يا دنيوي پاڻيءَ سان ڌوئي صاف نٿو ڪري سگهجي."

بهرحال، ترت ئي جڏهن نئين شريعت منظم ڪليسا جي صورت وٺڻ شروع ڪئي، تڏهن "اصلاح" جي هنن اوائلي باني کي پڻ هيءَ ڳالهه محسوس ٿي، جيڪا پراڻيءَ ڪليسا جي اختياريءَ وارن کي اڳي ئي معلوم هئي، ته اقتدارُ زور کان سواءِ قائم رهي نٿي سگهيو. اِنڪريءَ ڪري ليوٿر هِن سلسلي ۾ هڪ 'مصلحتي' رستو ڳولي ڪڍيو، جنهن مطابق الحاد ۽ بغاوت ۾ فرق ڪرڻو هو - يعني هڪڙا ته "احتجاجي" هئا، جيڪي رڳو روحاني ۽ مذهبي ڳالهين ۾ اصلاحي ڪليسا جي راءِ کان اختلاف رکي سگهيا ٿي، ۽ ٻيا آهي جيڪي "باغي" هئا، "امن جا ويري" هئا، جن بينلّ مذهبي نظام کان انحراف ڪندي، سڄي سماجي سرشتي کي بدلائڻ گهريو ٿي. پوئين قسم جي ماڻهن جي خاتمي لاءِ، جيڪي اشتراڪي قسم جا، غير بپتسمي، ۽ باغي شخص هئا، هُن سرڪاري طور زور جي استعمال جي اجازت ڏني. پر اِن هوندي به اصلاحي ڪليسا جي هِنن شروعاتي اڳواڻن مان ڪنهن هڪڙي به اهڙي ڪنهن شخص کي جلاد جي حوالي ڪرڻ جو انتهائي قدم کونه ڪنيو، جيڪو هُن جي پنهنجن راين ۽ عقيدن سان متفق نه هو يا جنهن پاڻ کي عقل پسند ۽ آزاد خيال سڏيو ٿي. دراصل، اجا ڪالهوڻي ڳالهه هِنن مذهبي انقلابين' پنهنجن عقيدن جي آزاديءَ لاءِ پوپ ۽ آن جي حمايتي شهنشاهن خلاف پنهنجي جان جي بازي لڳائي، جنگيون ڪيون هيون، ۽ پنهنجي لاءِ مقدس ترين انساني حقن جي محافظ هجڻ جي دعوا ڪئي هئي. ايتري ۾ ئي، ڪئٿولڪ شريعت جي هولناڪ ديني عدالت جي سامهون ڪنهن پروٽيسٽنٽ ديني عدالت جو قائم ٿيڻ هُنن جي احساسَ شرافت ۽ اصلاحي دعواداريءَ جي خلاف هو.

پر اِهو آن تاريخي دور جو پهريون انقلاب دشمن ۽ ڪُڏو قدم،

سرويٽس کي جيئري جلائڻ جي صورت ۾، ڪال‌ون ئي ڪنيو. آن قدم سان هُن "مسيحي انسان جي آزاديءَ" جي آدرش کي پوريءَ طرح ختم ڪري ڇڏيو، جنهن آزاديءَ جي بحال ڪرڻ ۽ ماڻڻ لاءِ اصلاحي تحريڪ ايترو جُهد ڪيو هو. اِن ۾ هو ڪئٿولڪ ڪليسا ڪان بہ مقابلي ۾ اڳتي وڌي ويو، جنهن وري بہ پورو هڪ هزار سال پنهنجي ڪنهن مخالف کي، صرف عقيدي جي اختلافي تشريح جي ڏوهہ ۾، جيئري جلائي مارڻ ڪان پاسو ڪيو هو. ڪال‌ون کي تہ اجا اقتدار سنڀاليندي ڏهہ سال ئي مس ٿيا هئا، تہ هُن اِئين پنهنجي هڪ مخالف کي، رڳو پنهنجي ديني استبداد کي مضبوط ڪرڻ لاءِ، جيئري باهہ ۾ وجهائي ڇڏيو. سرويٽس کي جو اِئين ساڙيو ويو، سو اِنهيءَ ڪري بہ نہ تہ هو ڪو دهريو هو - ڇاڪاڻ تہ هو دهريو بلڪل ڪونہ هو - هُن کي تہ رڳو اِنهيءَ لاءِ باهہ ۾ وڌو ويو هو، جو هُن ڪال‌ويني نظريي جي ڪن عقيدن سان اختلاف ڪيو هو. صدين گذرڻ کان پوءِ، جينيوا جي آزاد شهر انساني آزاديءَ جي هِن بي‌خوف سورمي جو يادگار تعمير ڪرايو، جنهن تي هُنن سندس نالي هيٺان هي لفظ لکايا: "پنهنجي دور جو امر شهيد": ۽ اِئين هُنن گويا آن دور جي گناهہ جو انساني تاريخ جي اڳيان اعتراف ڪيو. پر هيءُ خون آن دور جي نابينائيءَ ۽ حيواني ڪٺورتا جي ڪنڌي لکڻ ڪان وڌيڪ آن هڪڙي شخص ڪال‌ون جي ئي حساب ۾ آڻڻ مناسب آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن خاص عمل لاءِ ظاهر آهي تہ فقط آهو هڪڙو ئي شخص جوابدار آهي، جنهن جي هٿان آهو سرزد ٿئي ٿو.

سرويٽس جي شهادت جي پهرئين ڏينهن کان وٺي چوڌاري عام ناراضگي تيزيءَ سان وڌڻ لڳي - ايتري قدر، جو ڪال‌ون جي سرڪاري دليل باز، ڊِ ي باز، کي چوڻو پيو تہ "آن بدنصيب شخص جي رک اجا ٿڌي ئي ڪانہ ٿي آهي تہ اختلافي بحث مباحثا شروع ٿي ويا آهن تہ ڪافرن ۽ ملحدن کي سزا ڏيڻ بہ گهرجي يا نہ! ڪن جو چوڻ آهي تہ هُنن کي واقعي ختم ڪرڻ گهرجي، پر موت جي سزا وسيلي نہ! ٻين جو چوڻ آهي تہ هُنن کي ماڳهين خدا جي حوالي ڪري ڇڏڻ گهرجي، تہ ڀل هو

قيامت جو وڏو عذاب پوڳين!" هڪ طرف ڪالون جا ڪٽر طرفدار هئا؛ مثلاً ميلانٿان نالي هڪڙي پروٽيسٽنٽ اڳواڻ، جنهن پاڻ به سرويٽس جي خلاف بقلڻ ۾ ڪٽر ڪانه ڇڏي هئي، پنهنجي "اعليٰ حضرت ديني پاءُ" ڪالون ڏانهن لکي موڪليو ته "مقدس ڪليسا اوهان جي شڪرگذار آهي، ۽ تاقيامت شڪرگذار رهندي ... خداوند قدوس جي پيارن پانهن، جينيوا جي سربراهن، اهو بلڪل نيڪ ڪيو، جو هنن هن شيطان جي ٻچي، گستاخ لعين ۽ ڪافر پليت کي موت جي سزا ڏني." ڊاڪٽر مسڪيولس 'ملول' نالي هڪڙو شعرائي 'دانشور' هو، جنهن ڪالون جي شان ۾، اهڙيءَ ديني کيپ ڪتڻ تي، وڏو هڪ قافئي ۽ بحر تي تز بيٺل قصيدو به ناهي ڪالون کي پيش ڪيو. پر سڄي سئٽزرلنڊ جي ملڪ ۾ ڪٽليل تعريف ۽ تسليم جا آواز به فقط اهي ئي هئا. خود زيورچ، شافيسن ۽ ٻين ڪليسائن به هن ڪم تي پنهنجي ايتري خوشي ڪانه ڏيکاري، جيتريءَ جي منجهانئن جينيوا جي سربراهن کي آسيد هئي. ممڪن آهي ته هنن ٻين اصلاحي ڪليسائن، اصولي طور، هن عمل جي ديني منطق کي تسليم به ڪيو هجي ته هن قسم جي انتهائي فرقيبازيءَ جي ڳالهين کي دٻائڻ ضروري هو، پر هو اِنهيءَ حسن اتفاق تي ته پڪ ئي پڪ مطمئن بلڪ خوش هيون ته هيءُ پهريون ڏکيو "ايماني تصديق جو عمل" - پروٽيسٽنٽ مسيحين جي پهرئين هڪ آزاد خيال شخص جو هي دردناڪ خون - سندن پنهنجي دائري اختيار ۾ واقع نه ٿيو هو، ۽ آن هولناڪ فيصلي جي ملامت جو بار ڪنهن طرح سندن سر تان هٽي، جيهان ڪالون تي ئي وڃي ڪريو هو.

پر ٻئي طرف ڪالون جي هن انسان دشمن ڪم لاءِ عام نفرت ۽ ملامت جو آواز ايترو جهيڻو ڪونه هو، جيترو سندس طرفدارن جو سندس پذيرائيءَ يا دفاع ۾ آتندڙ آواز، جيڪو مشڪل سان ائين ڪتي ٻڌڻ ۾ تي آيو. آن دور جي هڪڙي مشهور قانون دان، فرئنڪ بودين، ته ظاهر ظهور ۽ واضح لفظن ۾ اعلان ڪيو ته "منهنجي هيءَ پختي راءِ آهي ته مذهبي عقيدي جي ڪنهن نڪتي تي اِئين هڪ سرڪاري (دنيوي) عدالت

۾ ڪيس داخل ڪرڻ جو ڪالون کي ڪوبہ حق ڪونہ هو." نہ رڳو سڄي يورپ جا آزاد خيال، انسان شناس شخص ڏک ۽ ڪاوڙ جي آجهل جذبن جي لپيٽ ۾ اچي ويا هئا، پر خود پروٽيسٽنٽ پادرين جي برادريءَ جي وڏي حصي ۾ پڻ هن واقعي جي ردعمل طور هڪ قسم جي شديد بي آرامي ۽ ناراضگي پيدا ٿي پيئي هئي. جينيوا کان فقط هڪ ڪلاڪ جي پنڌ تي 'واد' شهر جي ديول ۾ پادرين يڪراءِ ٿي پنهنجي فيصلي جو اعلان ڪيو تہ ڪالون جيڪا سرويٽس سان هلت اختيار ڪئي هئي، آها خلاف مذهب ۽ غيرقانوني هئي. خود جينيوا ۾ پنهنجن نڪتہ چينن ۽ مخالفن کي دٻائڻ ۽ ضابطي ۾ رکڻ لاءِ ڪالون کي پوليس کان مدد وٺڻي ٿي پيئي. هڪ عورت ظاهر ظهور، وچ رستي تي، اِها ڳالهہ ڪئي تہ سرويٽس يسوع مسيح جي راهہ ۾ شهيد ٿيو هو. آن عورت کي جهلي جيل ۾ وڌو ويو. اهڙيءَ طرح ڪتابن جي هڪ ڇاپيندڙ مجاهد کي بہ جيل ۾ بند ڪيو ويو، جنهن جو ڏوهہ هو تہ شهري اختياريءَ وارن سرويٽس کي موت جي سزا رڳو هڪڙي شخص جي چوڻ تي ۽ آن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڏني هئي. جينيوا ۾ رهندڙ ڪيترائي پرديسي عالم هڪدم شہر ڇڏي هليا ويا؛ هُنن پاڻ کي آن استبدادي ماحول ۾ هرگز سلامت نہ ٿي سمجهيو، جتي فڪر جي آزادي ايتري خطري ۾ اچي ويئي هئي. ٿورن ڏينهن ۾ ڪالون کي خبر پئجي ويئي تہ سرويٽس پنهنجي جيئري، پنهنجين سڀني تحريرن سميت، هُن جي آمريت لاءِ ايترو خطرناڪ نہ هو، جيترو هيءُ اسپيني طالب علم، شهيد ٿي وڃڻ کان پوءِ، ۽ هيءُ حق ۽ اصول جو داعي، پنهنجي آزاد ضمير جو بيباڪ آواز، مات ٿي وڃڻ کان پوءِ، آن لاءِ ثابت ٿي رهيو هو.

ڪالون جا ڪَن هر اختلافي آواز جي ٻڌڻ لاءِ ڪليل هوندا هئا. جيتوڻيڪ جينيوا جا شهرواسي پنهنجن چپن کي خوب سبيو پيا هلندا هئا، تہ بہ جيڪي ڪجهہ پڙڪات درن جي سوراخن مان ۽ بند درين جي چيرن مان نڪري هُن جي ڪنن تائين پهچندا ٿي رهيا، آنهن کي ٻڌي، هن محسوس ڪري ورتو تہ سندس شهر جا رهاڪو ۽ سندس اڪثر همعصر ساٿهو

پنهنجي جوش ۽ ڪاوڙ کي وڌيءَ ڪوشش سان پنهنجن دلين ۾ دٻايون هلندا ٿي رهيا. پر، جيڪي ٿيڻو هو سو ته ٿي چڪو هو. وري ته آن ڳالھ جي نه ٿيڻ جو سوال ئي ڪونه هو. سرويٽس موٽي ته ڌاڳھ تان جيئرو ٿي نه ٿي سگھيو. اِئين ڪالون به پنهنجي ڪيئي جي نتيجن کان هرگز پاڻ ڪيڏي نٿي سگھيو. پر، وري به، هُن پڪائيءَ سان ڳالھ کي مُنهن ڏيڻ ۽ پنهنجي ذميداريءَ جي بچاءَ ۾ ڪنهن عقلي ڍال تيار ڪرڻ جو ارادو ڪيو. اهڙيءَ طرح، نه چاهيندي به، ڪالون، جنهن سرويٽس جي خلاف جارحانه محاذ آرائي شروع ڪئي هئي، تنهن کي هاڻي لاچار دفاعي موقف اختيار ڪرڻو پيو. سيني دوستن کيس يڪراءِ صلاح ڏني ته اِها هُن جي شان جي ڳالھ هئي ته هو پنهنجي آن "ايماني عمل" جي صحت ۽ صداقت کي ثابت ڪري، جنهن جي نتيجي ۾ سرويٽس کي آڙاھ ۾ اڇلڻو پيو هو. اِنهن حالتن ۾، پوءِ، ڪجھ دل مان هٿندي، هُن سرويٽس متعلق نيٺ دنيا کي "حقيقتن" کان آگاھ ڪرڻ، ۽ آن ملحد جي قتل لاءِ پنهنجي بچاءَ جي ڪيس تيار ڪرڻ، جو فيصلو ڪيو.

پر سرويٽس جي معاملي ۾ ڪالون جو ضمير صاف ڪونه هو؛ ۽ گدلي ضمير وارو ماڻھو ڪيتري به پنهنجن داغن کي ڌوئڻ جي ڪوشش ڪري، فقط بي اثر ۽ ڦڪيءَ تحرير ئي تيار ڪري سگھندو. پوءِ هُن پنهنجي صفائيءَ ۾ "سرويٽس جي ضررناڪ الحاد خلاف سچي ايمان ۽ تثليث مقدس جو بچاءُ" جي نالي سان هڪ عذرنامو تيار ڪيو. هيءُ ڪتاب، جيڪو، ڪاسٽيلو جي لفظن ۾، ڪالون عين آن حالت ۾ لکيو "جڏهن هن جي هٿن مان اڃا سرويٽس جو رت ٽمي رهيو هو،" هن جي سمورين تصنيفن ۾ هڪ ڪمزور ۾ ڪمزور تصنيف هئي. ڪالون پاڻ به ڳالھ قبول ڪئي ته هُن آها تصنيف "تڙ تڪڙ ۾" تيار ڪئي هئي - يعني اشتعال ۽ بيزاريءَ جي حالت ۾. هُن پنهنجي بچاءَ جي موقف ۾ پاڻ کي ڪيترو هيڻو ٿي سمجھيو، آهو هِن مان ئي معلوم ٿئي ٿو ته هُن پنهنجي آن 'پڌرنامي' تي پاڻ به صحي ڪئي ۽ جينيوا جي سيني واعظين ۽ وڏن پادرين کان به صحيون ورتائين، ته جيئن آهي به ساڻس گڏ آن جوابداريءَ

۾ سندس پائيوار هجن. هُن کي اِها ڳالهه ناپسند هئي ته رڳو ڪيس اڪيلو سرويٽس جي خون جو آڪسائينڊز سمجهيو وڃي - ڇو ته ڪيس معلوم هو ته اُن سلسلي ۾ چوڏاري ڪيتري ناراضگي پکڙيل هئي. اِنهيءَ ڪري، هڪ پاسي هُن پنهنجي لکيت ۾ اِئين ڏيکارڻ چاهيو ٿي ته اُن ڳالهه جي سڄي ذميداري ”اختياريءَ وارن“ جي مٿان هئي؛ پر ٻئي پاسي هُن کي هي به ثابت ڪرڻو هو ته ” اختياريءَ وارا “ يعني شهري ڪائونسل جا جج اُن اسپيني ”بلا“ کي ناس ڪرڻ ۾ پوريءَ طرح حق بجانب پڻ هئا. پنهنجي لاءِ هُن اِئين چوڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ته هو پاڻ ته هڪ بيحد نرم دل شخص هو ۽ فطرتاً هر قسم جي تشدد جي خلاف هو! اِن دعوا کي ثابت ڪرڻ جي خيال کان هُن ڪتاب جو وڏو حصو ته رڳو اِن ڳالهه جي بيان سان پوري ڇڏيو ته ڪئٿولڪ ديني عدالت ڪيڏي هڪ بيرحم ۽ ظالم شيءِ هئي، جنهن سچن سومنن کي، ڪنهن بچاءَ جي موقعي ڏيڻ کان سواءِ، سوٽ جون سزائون ڏيئي ٿي ڇڏيون ۽ آنهن سزائن کي بدترين جهنگلي طريقي سان عمل ۾ ٿي آندو! (اڳتي هلي، ڪاسٽيلو خود ڪانئس پڇڻ وارو هو: ”تون پنهنجي ڳالهه ڪر! سرويٽس جي بچاءَ لاءِ تو ڪنهن کي مقرر ڪيو هو؟“) پنهنجن پڙهندڙن کي پوءِ هيءَ ڳالهه ٻڌائي هُن هيڪاري حيرت ۾ وجهي ڇڏيو ته هُن ته پاڻ، لڪ ڇپ ۾، سرويٽس کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته ڪجهه نرم ٿئي، ۽ سچ پچ ته شهري ڪائونسل جي جج صاحبن به هُن جي ڳالهه ڪانه مڃي، نه ته هُن پاڻ ته هُنن کي به سمجهايو هو ته سرويٽس سان ڪجهه رحمدليءَ جو ورتاءُ ڪيو وڃي، چنانچه هو نئي هُن لاءِ سوٽ جي سزا تي هوڏ ٻڌي بيٺا هئا ۽ هُنن ئي اُن سزا جي ايذيءَ سخت تعميل جا احڪام جاري ڪيا هئا! ڪالون جون سرويٽس جي فائدي ۾، يعني هڪ قاتل جون پنهنجي قاسايل شڪار جي بچاءَ ۾، اِهي سڀ بيان ڪيل ڪوششون سچ پچ ته ”ايتريون مخفي“ هيون، جو آهي ڪالون جي اِئين ظاهر ڪري ٻڌائڻ کان پوءِ به ڪنهن کي اعتبار ۾ ڪونه آيون. آنهن بابت ڪاسٽيلو

جو ڪيس هيءُ چوڻ هو ته "برابر، سرويٽس کي ٻرم ڪرڻ لاءِ جيڪي تو ڪوششون ڪيون هيون، تن مان ڀهرين ڪوشش هيءَ هئي، جو تو هُن کي اڪ ڏيکاري هئي ۽ دڙڪا ڏنا هئا؛ ۽ ٻيءَ ڪوشش سان تو هُن کي جيل ۾ بند ڪرائي ڇڏيو هو، جتان هو فقط تڏهن نڪتو جڏهن آتان نڪري هُن کي سڌو وڃي ڏاگهه تي چڙهڻو ۽ جيئري سڙي رک ٿيڻو هو!"

مطلب ته اِنهيءَ طرح هڪ پاسي هُن سرويٽس جي شهادت جي ذميداريءَ جو بار پنهنجن ڪلهن تان لاهڻ ۽ ٻئي پاسي "اختياريءَ وارن" کي اُن بار جي گناهه کان ڇڏائڻ جي خوب ڪوشش ڪئي. هميشه وانگر، آزاد خياليءَ جي خلاف، به هُن پنهنجي قلم جا ڏاڍا جوهر ڏيکاريا. هُن جو دليل هو ته جيڪڏهن هرڪنهن کي آزادي ڏيئي ڇڏجي ته جيڪي هُن کي وڻي سو چوندو وتي، ته اِها ته ڪنهن به صورت ۾ ڪا ڏاهپ جي ڳالهه ڪانه چئبي، ڇاڪاڻ ته اُن مان سڀ ڪان وڌ رڳو عيش پسند، دهريا ۽ خدا کان باغي شخص ئي فائدو وٺندا! ڪوبه نظريو، سواءِ سچي نظريي (يعني جينيوا جي نظريي) جي، دنيا ۾ پکڙڻ نه گهرجي. غلط نظرين جي تبليغ جي پابندي ڪا آزاديءَ تي پابندي ڪانه چئبي. (خودپسند آمر سدائين پنهنجي آمريت جي بچاءَ ۾ اِنهيءَ منطقي فريب کي استعمال ڪندا آهن.) مطلب ته ڪالون ۽ سندس فڪر جي ماڻهن جي نظر ۾ ڪنهن بيٺل سماجي يا سرڪاري راءِ جي خلاف ٻيءَ ڪنهن راءِ کي گهٽي ۽ دٻائي ڇڏڻ - اِها ڪا آزاديءَ تي بندش يا روڪ ڪانه چئبي - بلڪ اِئين ڪرڻ سان ته ٻاڻ اختلافي راءِ رکندڙن سان هڪ قسم جي ڀلائي ڪئي ٿي وڃي، جو ته اِنهيءَ روءِ هو "خداوند عظيم جي اعليٰ تقدس خاطر" عام ماڻهن لاءِ روشن مثال بڻجي بيهن ٿا!

بهرحال، ڪالون کي پنهنجيءَ ڳالهه جي اِها ڪا هيٺائي ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي آئي ته 'ڪفر ۽ الحاد کي دٻايو وڃي يا ختم ڪيو وڃي'، جو ته اِها ڳالهه ته هُنن پنهنجي مخالف ڪئٿولڪ ڌر وارن کان ئي سکي هئي ۽ اُن ۾ هو ٻيئي متفق هئا. اصل سوال هيءُ هو، جنهن جو ڪالون

کي معقول جواب ڏيڻو هو، ته ڇا، طاقت ۽ اختيار جي صاحبن کي اهو حق هو ته راءِ يا عقيدي جي اختلاف ڪري ڪنهن کي قتل ڪري ڇڏين! سرويٽس جي حالت ۾ ڪالون شروع کان ئي اهو پنهنجو حق سمجهيو ٿي، ۽ هاڻي ڪيس رکيو آن حق جي ثابتيءَ ۾ دليل پيش ڪرڻا هئا. قدرتي طور آهي دليل هُن کي انجيل مان ئي پيش ڪرڻا هئا. هُن کي آتان ئي هي ثابت ڪرڻو هو ته هُن جو ڪجهه ڪيو هو، سو ”خدائي حڪم“ هيٺ ۽ ”منشاي ايزديءَ“ مطابق ڪيو هئائين. آن خدائي حڪم ۽ آن منشاي ايزديءَ سبب ئي هُن سرويٽس کي هن دنيا مان ڪڍي، ٻيءَ دنيا ڏانهن روانو ڪيو هو. گهڻي ئي ڪوشش ڪيائين ته اهڙو ڪو پروانو يا مثال ڪيس ”ڪتاب“ مان ملي وڃي، پر آتان ڪيس ڪا سند ملي ڪانه سگهي، ڇاڪاڻ ته انجيل ۾ ”الحاد“ جي ڪا اهڙي ڳالهه آيل ڪانه هئي. آن ۾ رڳو ”خدا جي بي ادبيءَ“ جو ذڪر ٿيل هو. هوڏانهن سرويٽس، جيڪو آڙاهه جي شعلن ۾ ويڙهجي وڃڻ کان پوءِ به ’مسيح مسيح‘ پڪاريندو ويو، ڪنهن به صورت ۾ خدا جو باغي ڪونه هو. پر ڪالون، جيڪو انجيل مان ڪا نه ڪا مطلب جي آيت ڪڍي، آن کي پنهنجي مرضيءَ جي معنيٰ ڏيڻ تي هريل هو، تنهن بهرحال اعلان ڪيو ته ”اختياريءَ وارن“ تي اهو ”خدائي فرض“ رکيل هو ته اهڙن ماڻهن کي پاڙؤن پٽي ڇڏين، جيڪي ايمان راسخ (يعني سندس تشريح واري ايمان) جي خلاف ڪو عقيدو رکندا هجن، يا اهڙو ڪو خيال يا رايو رکندا هجن جنهن سان تسليم ٿيل اختياريءَ (يعني سندس اختياريءَ) جي خلاف ورزي ٿيندڙ هجي. ”جيئن ڪو رواجي ماڻهو ڏسي ته سندس ڪو ساٿي خدا کان باغي ٿي ويو آهي يا ڪو ’خدا جو گهر‘ گندو ٿي رهيو آهي، ۽ هو هڪدم تلوار مياڻ مان ڪڍي ميدان ۾ نڪري نٿو اچي، ته هُن کي نه فقط خدا جو گنهگار پر بزدل به چئي سگهجي ٿو: تيئن جيڪڏهن ڪو حاڪم ڏسي ته دين مقدس کي نقصان پهچي رهيو آهي پر هو آن تي اکيون پوري ماٺ ڪري ويهي رهي، ته اِها هُن جي بزدلي ته گهڻي گهڻي خراب چئبي.“ اختياريءَ وارن جي هٿن ۾ تلوار اِنهيءَ ڪري

ٻيءَ حالت ۾ اُن جو ٻه اِهو ئي حال ٿي سگهيو ٿي جيڪو سرويٽس جو ٿيو. جيڪڏهن هو اجا ٻه پنهنجو وات بند نه رکندا، ته هنن لاءِ ٻه چکيا نهي پيئي هئي! ڪالون چاهيو ٿي ته سرويٽس جي دل آزار خوني مسئلي جي پريشانيءَ کان هو دائمي طرح ڇٽي پوي، ۽ آهو واقعو هميشه لاءِ آتي ئي دفن ٿي وڃي.

پر خون جي ڳالهه کي خاموش ڪرڻ ايترو آسان به ڪونهي. ڪالون پنهنجي ڳالهه ڪيتري به زور سان ڪري، ڪاوڙ سان ڪري، دڙڪا ڏئي، ۽ ڪيترين به رڙيون ڪري ڪري پاڻ کي ٻي ڏوهي سڏي - سرويٽس جي شهادت جي ڳالهه اِئين ختم ٿيڻي ڪانه هئي. ڪالوِيني ”عذرنامي“، جنهن ۾ مومنن کي آپاريو ويو هو ته هو سڀ ملحدن جي قاسائڻ ۾ لڳي وڃن، ماڻهن جي دلين تي بيحد برو اثر پيدا ڪيو. بهترين پروٽيسٽنٽ مسيحي ٻه اِهو پڙهي ۽ ويچاري، بنهه هيبت ۾ ونجي ويا ته سندن پنهنجي ڪليسا ۾ پڻ ڪنهن ”مقدس ديني عدالت“ جي قائم ٿيڻ جو امڪان ٿي سگهيو ٿي. منجهانئن ڪي ائين چوڻ لڳا ته ههڙو وحشتناڪ خيال شهري ڪائونسل طرفان ظاهر ٿئي ها، ته ڪا ڳالهه هئي، پر هي ته خود ڪلام خداونديءَ جي مير واعظ جي واتان پڌرو ٿيو هو، جيڪو نماڻي ۽ صابر يسوع مسيح جي غلامن جو هڪ غلام هو! ’برن‘ شهر جي هڪ عملدار، زرچين، جيڪو پوءِ ڪاسٽيلو جو وفادار دوست ۽ مددگار ثابت ٿيو، پنهنجي موقف جو زياده وضاحت سان اظهار ڪيو. هُن ڪالون کي هڪ ذاتي خط ذريعي لکي موڪليو ته ”آءٌ تسليم ڪريان ٿو ته آءٌ پڻ آنهن مان هڪ آهيان، جيڪي عقيدي جي اختلاف جي سلسلي ۾ موت جي سزا جي حق ۾ نه آهن، سواءِ آنهن اختلافي حالتن جي، جن ۾ مقدس ايمان جي، بدنيتيءَ سان ۽ شعوري طور ڪا هتڪ يا تحقير ڪئي ويئي هجي. هِن سلسلي ۾ منهنجو اِهو رايو انجيل مقدس جي آنهن آيتن جي مفهوم تي مبني آهي، جن ۾ دين جي معاملن ۾ زور جي استعمال کي روڪيو ويو آهي، ۽ تازو هتي ڪن غير بپتسمي فرقي وارن سان جيڪا هتياچاري روش ورتي ويئي آهي، اُن جي ردعمل طور پڻ اِهو

ڳالھ ۽ ٻئي جي ڳالھ ڪي تورڻو تڪڙو پوي ٿو. هن ميدان جا بهادر صبر ڪان ڪم وٺن ٿا، ۽ امن جا ڳولائو آهن. ۽ آخر ۾ جڏهن ڏسن ٿا ته ٻيو رستو ڪونهي ۽ ويڙهه اچي سر تي بيٺي آهي، تڏهن منهن ڏيڻ لاءِ بچاءَ جو محاذ جهلي، وڏي اچي ميدان ۾ بيهن ٿا. ۽ اُن ڪان پوءِ هو پنهنجيءَ جاءِ تي ثابت قدم ۽ اڏول بڻجي بيهن ٿا. ڪاسٽيلو جي به اِها حالت هئي. هو هڪ مخلص ۽ انسان دوست شخص هو، تنهنڪري هن ڪي جهيڙي جو ڪو شوق ڪونه هو. هُن جي پيار ڀريءَ ۽ امن پسند طبيعت سان سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو طريقو وڌيڪ ٺهڪندڙ هو. هُن کي خبر هئي ته سچ جا گهڻا روپ آهن - پوءِ اُهو دنيوي سچ هجي يا آسماني سچ هجي. هن ١٥٦٢ع ۾ هڪڙو بيحد اهم ڪتاب - ”شڪ جاڻ جي ڪنجي آهي“ - لکيو هو، جيڪو پورن چئن سؤ سالن ڪان پوءِ ٻهريون ڀيرو تازو ڇاپي ڇپجي سگهيو آهي. اُن جي نالي سان ئي هُن جي حق طلب سياءَ جو پتو پوي ٿو. هو هر وقت پنهنجي اندر ۾ جهاتي وجهي، پنهنجن راين ۽ جذبن جي ويٺو جانچ جونچ ۽ ڇڪاس ڪندو هو. ير ڪي ماڻهو وري حد ڪان وڌيڪ شڪي هوندا آهن ۽ چوندا آهن ته انسان جو علم ڪڏهن صحيح ٿي ئي نٿو سگهي. پر ڪاسٽيلو اِئين نه هو. هُن جو انساني سمجهه ۽ انساني ڄاڻ ۾ ڀرپور اعتماد هو. هو ٻين جي راين جو پورو احترام ڪندو هو، ۽ جيستائين ڪنهن ڳالھ جي معقول حد تائين پڪ ڪانه هوندي هُيس، تيستائين اُن ڳالھ ۾ ٽپي نه پوندو هو، بلڪ خاموش ٿي آها ويهي پڙهندو هو. پنهنجي اندر جي آزاديءَ خاطر، پنهنجي عهدي ۽ پنهنجي رُتبي کي ڇڏي، وقت جي سياست ڪان ڪناره ڪش ٿي، هُن پنهنجي روحاني طور تخليقي ڪم، يعني انجيل جي لاطيني ۽ فرينچ ٻولين جي ترجمي، ۾ پاڻ کي مصروف رکيو. جينيوا مان نڪرڻ ڪان پوءِ، هن کي ’باسيل‘ جي شهر ۾ ئي مٿي لڪائڻ لاءِ آجهو ملي سگهيو هو، ڇو ته اهو ئي شهر هو جيڪو اُن دور ۾ تقريباً سڄي يورپ ۾ مذهبي آزاديءَ جو آخري پناهه گاهه شمار ٿي رهيو هو. هن شهر ۾ جرمنيءَ مان ليوٿر جي لوڏيل ڪارسٽ، اٽليءَ مان رومن ديني عدالت ڪان جان بچائي ڀڳل

۾ جهلي بيهي نپوڙيو هو. هُنن لاءِ هيءَ هڪ ٻنهه اهم ۽ فيصلائڪن ڳالهه هئي. جيڪڏهن ههڙي وحشيانه عمل جي جواب ۾ ڪجهه نه ڪيو ويو، ته يورپ ۾ فڪر جي آزادي ختم ٿي ويندي، ۽ فقط زورُ چوڌاري حق جي مسّتند طور غالب پئجي ويندو. ديني اصلاح جي تحريڪ سڄيءَ دنيا ۾ ”ضمير جي آزاديءَ“ جو جهنڊو بلند ڪيو هو، ۽ اَن سان انساني زندگيءَ ۾ نيڪيءَ ۽ خير جو هڪ نئون سج اڀريو هو. ڇا، دنيا پيهر خوف ۽ جهالت جي اونده ۾ ويڙهجي وڃڻ واري هئي؟ ڇا، آهي سڀ مسيحي مومن، جن جو ڪالون جي ديني عقيدن سان پورو اتفاق نه هو، تن کي تلوار جو لقمو بڻجڻو ۽ باهه جو ٻـَـڪـُـ ٿيڻو هو؟ ڇا، اِها ڳالهه ضروري نه هئي ته جينيوا ۾ ڇنپل جي ٽڪريءَ تي جنهن باهه جي مچ ۾ سرويٽس سڙي رک ٿيو هو، اَن مچ جي شعلن مان سڄي يورپ ۾ هزارين اهڙا ٻيا مچ ٻرن ۽ پڙڪو ڏيئي اٿن، تنهن کان اڳ اهڙو هڪ واضح، بيخوف ۽ زوردار اعلان ڪيو وڃي ته روحاني مسئلن ۾ طاقت ۽ اختيار جي صاحبن کان مختلف عقيدن رکندڙ شخص هرگز ڪي ڏاڙيل يا خوني ڪونه ٿا جن کي قتل ڪرڻ جو ڪنهن ”ڏاهي کان ڏاهي“ شخص يا ڪنهن ”ڏاڍي کان ڏاڍي“ ديني يا دنيوي نظام کي ڪو حق هو: آهي ڪي جهنگلي جانور ڪونه هئا، جن کي سماج خارج ڪرڻ يا شهر بدر ڪرڻ ۽ اِئين هڪ هنڌان ٻئي هنڌ، ٻئي هنڌان ٽئين هنڌ پڄائڻ ۽ شڪار ڪرڻ جو ڪنهن کي ڪو حق هو! برابر اِن ڳالهه ۾ دير گهڻي ٿي چڪي هئي، پر دنيا کي وري به معلوم هجڻ گهرجي ته مسيحيت ۾ عدم رواداري هڪ غيرمسيحي روش هئي، ۽ جڏهن اَن ڌري دهشت ۽ دٻاءَ جو روپ ٿي ورتو ته آها ڪاملاً هڪ غيرانساني روش هئي. هيءُ عين موقعو هو، جو دنيا جي اڳيان آئي بيهي، مظلوم جي حمايت ۾ ۽ ظالم جي خلاف، سڌي سنئين ۽ صاف صاف ڳالهه ڪئي وڃي.

سڌي سنئين ۽ صاف صاف ڳالهه ڪرڻ ضروري ته هئي، پر ڇا، آها ممڪن به هئي؟ ڪي اهڙا وقت به هوندا آهن، جڏهن سڌي سادي ۽ پڌري کان پڌري سچ کي ڪنهن نه ڪنهن پوش ۾ ڍڪڻو پوندو آهي

۽ پوءِ اُن کي ظاهر ڪري سگھيو آهي؛ جڏهن انساني ڀلائيءَ جي بهترين ۽ اعليٰ کان اعليٰ خيالن کي پُٺين دروازن کان لڪائي اندر موڪليو آهي - روپوش ۽ ڀُٽن پڌل چورن وانگر، ڇاڪاڻ ته اڳين دروازن تي اختيار ۽ اقتدار جي صاحبن جا پگهاردار چاري ۽ بيلف ڀوري تي چوڪس بيٺا هوندا آهن. تاريخ ۾ ڪيترائي ڀيرا، وري وري، اهڙا احمقانه تماشا ڏسڻ ۾ ايندا آهن، جڏهن هڪ خاص قومَ يا دينَ جا ٻين ماڻهن جي خلاف ڪوڙن تهمتون ۽ اشتعال بازيون نه رڳو برداشت ڪيون وينديون آهن بلڪ، وڏي وڏي، انهن جي پٺڀرائي ۽ همت افزائي ڪئي ويندي آهي؛ ۽ ٻئي پاسي اُن قوم يا دين جي عتاب هيٺ آيل انهن ٻين ماڻهن جي نياءَ ۽ نيتيءَ جي هر ڳالهه ۽ انهن جي هر قسم جي برادرانه، امن دوست ۽ آدرشي امنگ ۽ خيال کي شڪ جي نگاهه ۽ الزامي انداز سان ڏٺو ويندو آهي ۽ دٻايو ويندو آهي - ڇو ته اهي ڳالهيون ۽ اهي امنگ ۽ خيال اُن بالادست قوم جي نافذ ڪيل سرڪاري يا ديني نظام لاءِ خطري جو باعث سمجهيا ويندا آهن. انهن کي بي دينيءَ، فساد، غداريءَ ۽ وطن دشمنيءَ جي تهمتن هيٺ نيستو ۽ بي آواز ڪيو ويندو آهي. عين اهڙيءَ صورتحال ۾، ڪالون هٿان نافذ ٿيل دهشتي نظام هيٺ، ڪاسٽيلو ۽ سندس ساٿين لاءِ پنهنجن خيالن کي کليو کلايو ظاهر ڪرڻ ممڪن ڪونه هو. سهپ ۽ رواداريءَ جي حمايت ۾ هڪ پڌرنامو - اُن دور جي عام انسانيت اڳيان هڪ فرياد - جيڪو هُنن پيش ڪرڻ گهريو ٿي، اهو ته اُن زماني جي چالو روحاني ڏاڍ ۽ دهشتي حالتن ۾ پڌري نيٺ سان پهرئين ڏينهن ئي ناڪام بلڪ آڏري واءُ ٿي وڃي ها!

زور کي اِنهيءَ ڪري اٽڪل سان مُنهن ڏيڻو هو. هڪڙو ڪوڙو نالو پهريائين سمجهي ٻجهي ناهيو ويو. نئين تصنيف، جيڪا دراصل ڪاسٽيلو جي تيار ڪيل هئي، اُن جي مصنف جو نالو ”مارٽينس بيلسَس“ ظاهر ڪيو ويو، ۽ اُن جي منهن واري صفحي تي اُن جي ڇپائيءَ ۽ اشاعت جي هنڌ جو نالو به ڪوڙو ڏنو ويو (باسيل جي بدران ماگڊيبرگ). ٻي، سڀ کان وڏيڪ جنهن حرفت کان ڪم ورتو ويو، سا اُن جي متنَ

استعمال ناجائز هو، اُنهن حوالن ۽ سَنَدَن ۾ هڪڙو حوالو ۽ سَنَد آها هئي، جيڪا ڪال‌ون لاءِ زهر قاتل جي برابر هئي، ۽ آها هئي خود ڪال‌ون جي پنهنجي سَنَد. جيهان ڪال‌ون جن ڏينهن ۾ پاڻ مذهبي جنون جو شڪار هو، ۽ تعصب ۽ ڪٽرپڻي جي هٿان پاڻ عذاب سهي رهيو هو، ۽ پنهنجي ۽ پنهنجن ظالمن جي وچ ۾ تصفيي لاءِ تلوار ۽ باهه جي استعمال جي خلاف هو، تڏهن اِن 'مسئلهء ملاحده' تي هُن پنهنجي راءِ جو آهو اظهار ڪيو هو. يعني، "مارٽينَس بيلَس" جي ڪتاب ۾ ڪال‌ون پاڻ سرويٽس جي قاتل ڪال‌ون کي غيرمسيحي هجڻ جو تعزير ڏيئي رهيو هو! ڪال‌ون جو آهو رايو هيءُ هو: "جيڪي ڪليسا مان خارج ڪيا وڃن ٿا، تن جي خلاف مهلڪ هٿيار استعمال ڪرڻ ۽ اُنهن کي نوع انسان جي مشترڪ حقن کان محروم ڪرڻ غيرمسيحي ۽ حيواني عمل آهي."

پر ڪتاب کي اهميت آها ڳالهه ڏئي ٿي، جيڪا اُن ۾ ظاهر ظهور چيل هوندي آهي - ۽ نه آها ڳالهه جيڪا اُن ۾ مخفي رکيل هوندي آهي. هِن ڪتاب ۾ ڪاسٽيلو کي ١٢ صفحا هڪڙي وَرٽمبرگ جي نواب ڏانهن انتساب جا به لکيا آهن، اُنهن ۾ هُن ڪنهن ڳالهه جو رک رکاءُ ڪونه ڪيو آهي، بلڪ جو ڪجهه لکڻو هوس، سو کولي کولي لکيو اٿس. اُن جا شروعاتي ۽ آخري چند لفظ ئي سڄيءَ هِن ڪاوش کي هڪ عارضي ديني مباحثي جي سطح کان مٿي کڻي، انساني آزاديءَ جي هڪ بنيادي ۽ آفاقي دستاويز جي سطح تائين پهچائين ٿا. آهي ١٢ صفحا ۽ آهي چند لفظ ئي آهن، جيڪي پهريان لفظ هئا، جن ۾ اِها دعوا ڪئي وئي هئي ته فڪر جي آزادي انسان جي هڪ مقدس نعمت آهي، ۽ اُن کي يورپ ۾ جيئري رهڻ جو پورو پورو حق هو. جيتوڻيڪ هيءُ انتساب فقط اُن دور جي حالتن پٽاندر ملحدن جي بچاءَ ۾ لکيو ويو هو، پر اُن ۾ اُنهن سيني آزادخيال ماڻهن جو بچاءُ ٿيل آهي، جيڪي آئنده ڪٿي به ۽ ڪڏهن به، پنهنجي سياسي ۽ فلسفيانه آزاد خياليءَ سبب، آمريت جي ظلم ۽ ڏاڍ جو شڪار ٿيڻ سگهيا ٿي. هيءَ هڪ مختصر تحرير هئي، پر جديد دنيا ۾، روحاني

عدل جي موروثي دشمن، يعني بند ذهن ڪٽرپڻي، جي خلاف، جيڪو پنهنجيءَ ڏُر جي خيالن کان علاوه ٻئي هر خيال کي هر وقت دٻائڻ چاهيندو آهي، هڪ ڪڏهن به ختم نه ٿيندڙ فڪري جنگ جو اعلان اِنهيءَ مختصر تحرير وسيلي ٿيو. آزاد فڪر جي اَن ازلي دشمن اڳيان، اِنهيءَ تحرير سان، يورپ جي سرزمين ۾ سهپ ۽ رواداريءَ جو خيال وڏي اچي آڏو بيٺو - آهو هڪ سياڻپ ڀريو ۽ سدا بهار خيال، جنهن جي اڳتي وڌڻ سان ئي هِن روءِ زمين تان جهيڙي ۽ دوئيءَ جو ديو شڪست کائي پوئتي هٽي سگهي ٿو.

ڪاسٽيلو پنهنجي نظريي کي پوريءَ وضاحت سان ۽ هڪ لاجواب ۽ صاف سڌي منطقي انداز سان پيش ڪيو. سوال هيءُ هو ته ڇا الحاد، جيڪو هڪ خالص ذهني يا فڪري ڏوهه هو، اَن جي سزا طور ملحدن کي جسماني ايذاءَ ۽ موت جون سزائون ڏيڻ گهرجن؟ پر اَن سوال تي بحث ڪرڻ کان اڳ، ڪاسٽيلو پڇي ٿو ته ”'ملحد' لفظ مان، بهرحال، اسان جو ڇا مطلب آهي؟“ ڪنهن سان بي انصافي ڪرڻ کان سواءِ اسين ڪهڙي قسم جي ماڻهوءَ کي ملحد سڏڻ ۾ حق بجانب ٿي سگهون ٿا؟ ڪاسٽيلو جو جواب آهي ته ”آءٌ نٿو سمجهان ته جن کي ملحد سڏيو وڃي ٿو، سي سڀئي سچ پچ ڪي ملحد آهن ... هيءُ لقب اڄ اهڙو ته هڪ خطرناڪ، پر ساڳئي وقت هڪ عام، لقب ٿي پيو آهي، ۽ ايتري ته اَن سان بدنامي ۽ خواري وابسته ٿي چڪي آهي، جو جڏهن به ڪو ماڻهو پنهنجي ڪنهن دشمن مان جان ڇڏائڻ چاهي ٿو، ته فوراً اَن تي اِهو الزام هڻي ٿو ڪڍي - چي، 'اِهو ملحد آهي!' ۽ جيئن ئي ٻيا ماڻهو اهڙو خوفائتو نالو ٻڌن ٿا، ته هو هراس ۾ ونجي وڃن ٿا ۽ ڪٽي ٿا ڪَنن تي هٿ ڏين، ۽ پوءِ اکيون بند ڪري، ڪاوڙ ۾ ڀرجي، نه رڳو ٻيهي ٿا اَن ماڻهوءَ تي جُلهون ڪن، پر اُنهن سڀني ماڻهن کي به گهٽ وڌ ڳالهائين ٿا، جيڪي اَن غريب جي بچاءَ ۾ هڪ لفظ ڪڇڻ جي به ڪڏهن ڪا جرئت ڪن ٿا.“

ڪاسٽيلو پاڻ اهڙي ڪنهن تعصب ۾ ڪنوارتا جي جنون ۾ ڦاسڻ

لاءِ تيار نه هو. هُن کي خبر هئي ته تاريخ جي هر دور جي اڳيان اهڙن ايا ڳن انسانن جي ڪا نه ڪا نئين جماعت، ڪو نه ڪو نئون فرقو يا قوم موجود هوندي ئي هوندي آهي، جنهن تي اُن دور جي سڄيءَ قبضيدار نفرت جا زهر پريا تير وسندا رهندا آهن. ڪڏهن آنهن جي مذهب کي نشانو بنايو ويندو آهي، ڪڏهن آنهن جي چمڙيءَ جي رنگ کي، نسل کي، سماجي تخيل کي يا ٻوليءَ ۽ سيپتا کي، يا فڪر کي - مطلب ته تاريخ جي هر دور جي بااختيار قوم يا فرقو پنهنجو سمورو حيواني زور پنهنجي هڪ نسبتاً ننڍي ۽ ڪمزور مخالف فرقي تي آزمائيندو ئي رهندو آهي. الزام ۽ عتاب جدا جدا ٿي سگهن ٿا، جهنڊا ۽ نعرا نوان نوان ۽ الڳ الڳ ٿي سگهن ٿا، پر خواريءَ ۽ بدناموسيءَ، حقارت ۽ حق تلفيءَ، ظلم ۽ تشدد جا طريقا سدائين ساڳيا ٿا رهن. لائق مصنف پنهنجي اُن تصنيف ۾ پوءِ ٻڌايو ته تاريخ جي اِنهيءَ عجيب عادت ۽ دل ڏکوئيندڙ حقيقت کي خيال ۾ رکندي، ڪوبه سمجهدار شخص ڪڏهن به اهڙين اشتعالي نعريبازين ۽ ملامتي رنگ آميزين ۽ عاميءَ ۽ خسيس ذهنن جي جوش ۽ جنون کان متاثر نٿو ٿي سگهي. هن کي وڌي وري پنهنجي عدل ۽ انصاف جي نگاهه کي يڪجا ۽ روشن رکڻو پوي ٿو، ۽ اُن جي مدد سان هن کي سدائين صحيح ۽ غلط، حق ۽ ناحق جي تميز ڪرڻي پوي ٿي. اِنهيءَ ڪري "مارٽينئس بيلئس" اعلان ڪيو ته جيستائين اِنهيءَ لفظ "ملحد" جي معنيٰ ۽ مفهوم کي پوريءَ طرح واضح نه ڪيو ويو آهي، تيستائين ملحدن جي هِن سوال تي ڪوبه پڪو ۽ اڏول موقف اختيار ڪري نٿو سگهجي.

پوءِ پهلا ملحد ڇا آهي؟ ملحد ڪنهن کي ٿو چئي سگهجي؟ ڪاسٽيلو پنهنجيءَ تصنيف ۾ وري وري هِن سوال کي اٿاريو آهي. ڪالون ۽ ٻين دين جي قاضين ۽ مفتين اِها دعوا ٿي ڪئي ته انجيل ئي جائز قانون جو واحد ڪتاب هو. "مارٽينئس بيلئس" اِنهيءَ ڪري اِن مقدس ڪتاب جي وڏي احتياط سان ۽ تفصيلي ورق گرداني ڪئي، ۽ هُن جي حيرت جي ڪا حد نه رهي، جڏهن ڏٺائين ته هيءُ لفظ يا اهڙو ڪو

جان هنُوس، ڪالون يا ٻين اهڙن صدها عالمن ۽ شريعت ۽ فقه جي صاحبن مان فقط ڪنهن هڪڙي جي تعليم ۽ شرعي ۽ فقهي پيشڪش جي صورت ۾ مچون يا اِنهن سڀني جي تعليمات کي هڪ ئي وقت صحيح ۽ سچو سمجهون؟ ڇا، ديني مسئلن ۾ ڪا حتمي ۽ آخري يقين جي صورت به هئي؟ ڇا، ڪلام خداونديءَ جي ”سچيءَ“ معنيٰ ۽ ”سچي“ تفسير جو ڪو امڪان به هو؟ خودداني‌ءَ جي فخر ۾ ورتل ڪالون جي مطلق اعتماد واريءَ ”هائو“ جي عيوض، ڪاسٽيلو جو هنن ڳالهين جي سلسلي ۾ نمائو جواب هو ته ”نه، اُن جي ڪا صورت ڪانه هئي، ڪو امڪان ڪونه هو!“ ڪلام خداونديءَ جي معنيٰ ڪن حالتن ۾ سنئين سڌي ۽ صاف هئي، ۽ ڪن حالتن ۾ منجهيل ۽ بنهه غير يقيني هئي. ڪاسٽيلو، جيڪو پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ مذهبي ماڻهو هو، تنهن جو چوڻ هو ته ”مذهب جون حقيقتون پنهنجي اصليت جي خيال کان پُراسرار هيون، ۽ هزار سالن کان مٿي گذر تي وڃڻ کان پوءِ به آنهن تي تنازع ۽ اختلاف موجود هو، ۽ اُن تنازع ۾ خونريزي ائين هلندي ئي رهندي، جيستائين ڪ روحاني محبت اسان جي دلين ۾ روشني پيدا ڪري ۽ آنهن کي نماڻائيءَ ۽ سهپ جي خصلت عطا ڪري.“ جيڪو به ڪلام خداونديءَ جي معنيٰ ڪري ٿو يا تفسير ڏئي ٿو، آهو اُن ۾ غلطي ڪري سگهي ٿو: اِنهيءَ ڪري رواداري ۽ سهپ ڌارڻ مسيحي مؤمن جو پهريون فرض آهي. ”جيڪڏهن سڀ ڳالهيون اهڙيون صاف ۽ سنيون سڌيون هجن ها جهڙي خدا جي هستيءَ جي ڳالهه آهي، ته هوند سڀ مسيحي مؤمن دين جي معاملن ۾ ائين يڪراءِ هجن ها جيئن سڄيءَ دنيا جون سڀ قومون يڪراءِ آهن ته خدا آهي. پر ڇاڪاڻ ته سڀ ڳالهيون، بهرحال، منجهيل ۽ اڻ صاف آهن، اِنهيءَ ڪري مسيحي مؤمنن کي گهرجي ته هڪٻين کي ننديڻ ۽ ملامت ڪرڻ ڇڏي ڏين. جيڪڏهن اسين وحشين کان وڌيڪ سمجهدار آهيون ته اچو ته پاڻ کي عمل ۾ آنهن کان بهتر ثابت ڪريون، ۽ آنهن کان وڌيڪ هڪٻين تي ۽ انسانن تي ڪهل ڪريون.“

اُن کان پوءِ ڪاسٽيلو پنهنجي ويچار کي هڪ قدم اڳتي وٺي ٿو

وڃي. هو سوال تو اٿاري ته ڪٿي ائين ته نه آهي ته هڪڙو ماڻهو، جيڪو مسيحيت جي بنيادن کي مڃي ٿو پر آنهن طريقن سان نٿو مڃي جن طريقن سان اختيار ۽ اقتدار جا صاحب خوش ٿين ٿا، آهو ماڻهو ملحد ٿو سڏجي؟ اِنهيءَ ڪري، الحاد (۽ هتي نيٺ اسين ڳالهه جي مغز کي وڃي پهچون ٿا -) ڪا هيڪل ۽ آسمان مان آيل شيءِ نه پر بنهه هڪ انساني ۽ نسبتي قسم جي شيءِ آهي. ائين برابر آهي ته هڪڙي ڪئٿولڪ جي نظر ۾ هڪڙو ڪالويني ملحد آهي، ۽ بلڪل ساڳيءَ طرح هڪ ڪالوينيءَ لاءِ هڪڙو غير بپتسمي ملحد آهي. جيڪو ماڻهو فرانس ۾ سچو سومن آهي، سو جينيوا ۾ ملحد ٿو سڏجي، ۽ جينيوا جو مؤمن وري فرانس ۾ ملحد ٿو مڃجي، جنهن کي هڪڙي ملڪ ۾ جيئري ساڙيو ويندو، آن کي ٻئي پاڙيسري ملڪ ۾ شهيد ٿو سڏجي. "هڪڙي شهر يا هڪڙي پاڙي واري ملڪ ۾ ماڻهو توکي سچو مؤمن سڏيندا، پر ٻئي شهر يا ٻئي پاڙيسري ملڪ ۾ هو توکي ملحد سڏيندا ۽ گهٽ وڌ ڳالهائيندا. اِنهيءَ ڪري اڄ ڪو ماڻهو، جي چاهي ته ڪيس ڪو پريشان نه ڪري، ته ڪيس ايترائي عقيدا ۽ مذهب مڃڻا پوندا، جيترا شهر آهن يا ملڪ آهن."

هاڻي ڪاسٽيلو پنهنجي آخري ۽ سڀ کان وڌيڪ اهم خيال تي پهچي، آن کي پوريءَ دليريءَ سان ظاهر ٿو ڪري. "جڏهن آءٌ اِن ڳالهه تي سوچيان ٿو ته ملحد سچ پچ ڪير آهي، تڏهن مون کي اِن لاءِ ٻي ڪابه سڃاڻپ ڪانه ٿي ڏسڻ ۾ اچي سواءِ اِن جي ته اسين سڀيئي آنهن سڀني جي اکين ۾ ملحد آهيون، جيڪي اسان سان يڪراءِ نه آهن."
هيءُ خيال هڪ بلڪل سادو خيال ڏسجي ٿو، جڻ ته هڪ معمولي خيال آهي - ايترو اِهو هڪ سڌو ۽ پڌرو خيال آهي. پر ايتري ڳالهه ائين پڌري پٽ چوڻ، اِن لاءِ آنهن ڏينهن ۾ وڏيءَ اخلاقي جرئت جي ضرورت هئي. ڇاڪاڻ ته اِنهيءَ خيال جي اهميت هيءَ هئي ته هڪڙي سڄي دور، آن جي اڪواٽن، حڪمرانن ۽ پادرين، ڪئٿولڪ ۽ ليوٿري ڏر ٻنهي، کي گويا سنئون سڌو ۽ صاف اِئين چوٽو هو ته هُنن آن وقت تائين جيڪا ڪجهه ملحدن مار پئي ڪئي هئي سا سڄي بيوقوفي هئي ۽ آها سموري

مجاهد پائي محض سندن خسيس خامخياليءَ جو نتيجو هئي. هزارن لکن ماڻهن کي جسماني ايذاءَ ڏيئي چيچلايو ويو ۽ ماريو ويو، ڦاسيون ڏنيون ويون، ٻوڙيو ويو ۽ ساڙيو ويو - سڀ بي قاعدي؛ هو سڀ بي گناهه هئا. چاڪاڻ ته هنن خدا جو يا سرڪار جو ڪو ڏوهه ڪونه ڪيو هو: هنن جو پنهنجن انساني ڀائرن کان عمل ۾ نه پر رڳو خيالن جي آڻ ڏنيءَ دنيا ۾ اختلاف هو. پنهنجي ڪنهن انسان ڀاءُ جي خيالن تي حڪومت ڪرڻ جو ڪنهن کي حق هو؟ ڪنهن کي اِهو حق هو ته ٻئي انسان جي بنهه ذاتي ۽ اندر جي عقيدن کي عام قانون جي ڪسوٽيءَ تي ڏوهه سڏي سگهي؟ اِهو حق نه ڪنهن سرڪار کي ٿي سگهيو ٿي ۽ نه ٻئي ڪنهن بااختيار اداري يا انتظاميه کي ٿي سگهيو ٿي. انجيل ۾ اسان پڙهيو آهي ته اسين "سيزر وٽ سيزر جي معاملن" لاءِ جوابدار آهيون؛ ۽ ڪاسٽيلو، ليوٿر جي حوالي سان، ٻڌائي ٿو ته ڌرتيءَ جي سرڪار کي فقط اسان جي بدن تي حڪمرانيءَ جو اختيار آهي، ۽ جيتري قدر روح جو واسطو آهي، خدا ڪڏهن به نه ٿو چاهي ته اُن تي ڪنهن به غيرخدائي قانون جو غلبو قائم هجي. دنيوي سرڪار جو اِهو حق آهي ته پنهنجي هر شهريءَ يا رعيتيءَ کان پنهنجي ٻاهرئين ۽ سياسي انتظام جي حڪمن جي تابعداري حاصل ڪري. اِنهيءَ ڪري اخلاقي، ديني ۽ روح جي لطيف (ادبي ۽ فني) عقيدن جي اندرينءَ دنيا ۾ - جيستائين ڪِ آهي عقيدا سرڪار جي بنيادي وجود خلاف ڪا ظاهري بغاوت نه ٿا ڪن (جديد ٻوليءَ ۾ اِئين چئجي ته جيستائين آهي ماڻهو سياسي اشتعال انگيزيءَ ۾ عملي حصو نٿا وٺن) - ڪنهن به قسم جي دنيوي اختيار جي دست اندازيءَ کي محض طاقت جو ناجائز استعمال ئي چئي سگهبو، ۽ اُن سان انسان جي بنيادي ۽ ازلي انفرادي حقن جي ترديد ٿئي ٿي. چاڪاڻ ته جو ڪجهه هِن اندرينءَ دنيا ۾ وهي واپري ٿو، اُن لاءِ ڪوبه شخص دنيوي سرڪار وٽ جوابدار نه آهي ۽ نه ٿي سگهي ٿو - "اِنهن مسئلن جي سلسلي ۾ هرڪو خدا وٽ پنهنجي سرگذشت پاڻ پيش ڪري سگهي ٿو." مطلب ته ڪنهن سرڪاري اختيار يا انتظام جو خالص مَت ياراءِ جي معاملن سان ڪو

پنهنجا پنهنجا هلڪا وٽ ۽ ڪوڙا وڪر ڪنيو شهر جي وچ چونڪن تي بيهي هوڪا ڏيندا ۽ زورائتيون رڙيون ڪندا رهيا. هنن نظرياتي ڪوتاهه دل شخصن مان هر هڪ، پنهنجي پنهنجي منبر تان بيهي واڪا ڪندو رهيو ته هو ۽ فقط هو، ۽ ٻيو ڪوبه نه، اصل ۽ سچو عقيدو آڇي رهيو هو، ۽ فقط سندس آواز سان ۽ سندس ئي لفظن ۾ خدا جي مرضيءَ جو اعلان ٿي سگهيو ٿي. هيڏانهن ڪاسٽيلو هو، جنهن رڳو هيئن ٿي چيو: ”آءٌ اِها دعوا ڪري اوهان سان ڪونه ٿو ڳالهايان ته آءٌ ڪو خدا جو موڪليل نبي آهيان. آءٌ عام ماڻهن منجهان هڪ ماڻهو آهيان، ۽ هرگز جهيڙاڪ طبع ۽ بحثي ماڻهو ناهيان. آءٌ رڳو چاهيان ٿو ته مذهب جهيڙن جهٽن ۽ جهڳڙي فساد وسيلي نه، پر همه گير محبت وسيلي قائم ٿئي؛ ٻاهرئين ڪرياڪرم ۽ رسمي نمائش وسيلي نه، پر دل جي اندرئين آواز ۽ انسان دوست عمل وسيلي قائم ٿئي.“ نظريه‌پرست عالمن هڪٻئي سان اِئين ٿي ڳالهايو، جيئن ڪو اسڪولي ٻارن ۽ غلامن سان ڳالهائيندو آهي؛ پر انسان شناس ۽ علم‌دوست شخص هڪٻئي سان ائين مخاطب ٿيندا آهن جيئن ڀاءُ ڀاءُ سان يا انسان، انسان سان ٿيندو آهي.

اِنهن سيني ڳالهين هوندي به، هر نرم‌دل ماڻهو جڏهن به ڏک جهڙي ڪا ڳالهه ڏسندو ته ضرور هُن جي روح کي جهوٻو ايندو. ماڻهن جا سِرُن جهڙا ڪم ڏسي، حساس دل جو لُڏي وڃڻ ۽ ڪن حالتن ۾ وسان نڪري وڃڻ لازمي ڳالهه آهي. ساڳيءَ طرح هڪ ديانتدار ليکڪ جو هٿ، جنهن جي دل زخميل ۽ اکيون آليون هجن، پنهنجي وقت جي وحشي ڪارگذارين کي قلمبند ڪندي، ضرور لُڏي ويندو. ڪنهن جو بت غصي ۾ لرزي رهيو هجي، ۽ سندس آواز ۾ لوڏو نه اچي، سا ڳالهه ممڪن ڪانهي. اِنهيءَ نموني، ڇٽپل ٽڪريءَ جي مقتل تي هڪڙي معصوم انسان جي ايذي وحشتناڪ خون تي، ڪاسٽيلو به پنهنجي طبيعت کي قبضي ۾ رکي نه سگهيو. ايترين اذيتن سان هڪڙو عالم ٻئي عالم کي، هڪڙو دين جو فاضل ٻئي دين جي فاضل کي قتل ڪرائي ڇڏي، سو به ’پيار جي مذهب‘ جي نالي ۾، اِها ڳالهه ڏسي، هڪڙو ڪو ڪانئر

جي وچ ۾ ٻه ٽو آنهن لاءِ دعا گهري، جن اِهي شرم جهڙيون ڳالهيون ٽو سان ڪيون هيون. آءٌ ٽوکي تنهنجي پيءُ جي سڳوري نالي ۾ عرض ٿو ڪريان: ڇا سچ پچ تنهنجي اِها مرضي ٿي سگهي، ٿي ته جيڪي تنهنجا حڪم ائين نٿا سمجهن جيئن آهي طاقت وارا سمجهن ٿا، تن کي ٻوڙيو وڃي، ڌرتيءَ مٿان ايترو هٽي آنهن جا آنڊا ڪڍيا وڃن، آنهن جي ڦٽن تي لوڻ ڇٽيو وڃي، آنهن جا سنڌ سنڌ تلوار سان ڪپيا وڃن، آنهن کي ڏڳندڙ باهه تي پچايو وڃي، ۽ اِئين بي ترسيءَ سان عذابن تي عذاب ڏيئي ماريو وڃي جيترا ڪنهن کي ڪو ڏيئي سگهي! او مسيح! ڇا، اِهي ڳالهيون تنهنجون چيل آهن، توکي پسند آهن؟ ڇا، آهي ماڻهو، جن هي ڪوس ڪرايا آهن، جيڪي ائين تنهنجي اولاد جون کلون لهرائين ٿا ۽ آنهن کي ڪُتي ڪُتي انهن جو قيمو بنائين ٿا، سي سچ پچ تنهنجا ٻندا آهن؟ ڇا، جڏهن اِهي ماڻهو توکي تنهنجو نالو وٺي اِنهن پنهنجن ظلمي ڪاروائين وقت شاهد ڪن ٿا، تڏهن سچ پچ تون آتي موجود هوندو آهين، جڻ توکي ڪا انساني گوشت جي بک آهي! جيڪڏهن، او مسيح، اِهي ڳالهيون سچ پچ تون چاهين ٿو، ته پوءِ شيطان جي ڪرڻ لاءِ باقي ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون رهن؟ اِها ڪيتري نه تنهنجي بي حرمتي آهي، جو ائين چيو وڃي ته اِهي شيطان جا ڪم تون چاهين ٿو! ماڻهن جي اِها ڪيڏي نه ذليل گستاخي آهي، جو جيڪي ڳالهيون فقط ابليس جي مرضيءَ ۽ آن جي ڪاريگريءَ سان ٿي سگهن، آنهن لاءِ چون ته آهي مسيح جي مرضيءَ ۽ حڪم سان ٿين ٿيون!"

جيڪڏهن سيباستيان ڪاستيلو رڳو "مسئلهء ملاحده" ڪتاب جو پيش لفظ لکي ها، ۽ آن پيش لفظ جو به رڳو هيءُ پويون هڪ صفحو لکي ها، ۽ ٻيو ڪجهه ٻه نه لکي ها، ته به هُن جو نالو انسان جي تاريخ ۾ آمر هجي ها. ڇاڪاڻ ته هن جو ڪيڏو نه هيڪلو آواز هو، ڪيڏي نه مختصر اميد هئي هُن جي ته دنيا ۾ هُن جي صدا ٻڌڻ وارا به ڪي ٿي سگهيا ٿي – آها دنيا، جتي هٿيارن جي ٽڪراءَ ۾ لفظن جو آواز ٻڌي ٿي ويو ۽ جتي آخري فيصلو سواءِ ويڙهه جي ٻيو هوئي ڪونه! پر ويساري بني

نوع انسان جا سڀ کان وڏا انساني اصول ۽ مطالبا، سبق ۽ آدرش، جن جو فڪر ۽ عمل جي استادن - مذهبي رهبرن، درويشن، فيلسوفن، عالمن، سماجي سڌارڪن - وري وري پڻي اعلان ڪيو آهي، جيترا وڌيڪ ياد ڪجن ۽ ياد ڏيارجن، اوترو بهتر. نماڻو سياستيان، ان سلسلي ۾ چوي ٿو ته "بيشڪ اهي ڪاٻه اهڙي ڳالهه ڪانه ٿو چوان، جيڪا مون کان اڳ پين نه چئي آهي. پر جو حق ۽ انصاف آهي، ان کي وري وري چوڻ ڪڏهن به غيرضروري نه آهي، جيستائين ڪ آهو وچي قبول پوي ۽ عمل ۾ اچي." ۽ جيئن ته هر دور ۾ زور ۽ ڏاڍ پنهنجون شڪليون بدلائيندو رهي ٿو، ان جي خلاف جدوجهد پڻ انهن ماڻهن کي وري وري شروع ڪرڻي پوي ٿي، جيڪي روح جي نيڪين سان پنهنجو واسطو قائم رکن ٿا. انهن کي ڪڏهن به اهو عذر ڏيڻي، ان جدوجهد جي ذميدارين کان پاڻ بچائڻو نه آهي ته زور اڄ ايڏو طاقتور آهي، جو ان جي خلاف ڪجهه به نٿا ڪري سگهن. ڇاڪاڻ ته جو ڪجهه چوڻ ضروري آهي، ان کي وري وري چوڻ کان سواءِ ٻي ڪا واهه به ڪانهي، ۽ سچ جو اظهار ڪڏهن به اجايو نٿو ٿي سگهي. جي 'لفظ' کي ڪاميابي نٿي به ملي، ته به آهو پنهنجي لافاني وجود جو اظهار رکي ٿو، ۽ جو شخص هيتي ۽ هن گهڙيءَ ان جي تقاضا کي مڃي ٿو ۽ ان جو فرض ادا ڪري ٿو، آهو ئي ثابت ڪري ٿو ته ڪابه دهشت آزاد روح کي هيسائي نٿي سگهي، ۽ ٻيو ته وقت جي، بي ترس کان بي ترس پهر ۾ به ماڻهپي ۽ مريادا جي آواز جي گنجائش ضرور موجود رهي ٿي.

# باب ستون

## زور ۽ ضمير جي جنگ

جيڪي ماڻهو پين جي راين کي سختيءَ سان دٻائڻ جا عادي هوندا آهن، آهي وري پنهنجي ڪنهن راءِ جي مخالفت بلڪل سهي نه سگهندا آهن. اهڙيءَ طرح ڪالون جڏهن ڏٺو ته دنيا سڄيءَ وٽي سرويٽس جي موت جي سوال تي بحث مباحثو شروع ڪيو آهي، ته ماڻهن جي اِها ڳالهه هُن کي ڏاڍي بي واجبي لڳي. هُن جو خيال هو ته ماڻهو سندس اُن ڪارنامي کي هڪ وڏي ديني خدمت تصور ڪندا ۽ اُن جي عوض پيو نه ته به هُن لاءِ دعاءِ خير گهرندا، ڇو ته هُن آهو ڪم خداوند قدوس جي عين مرضيءَ مطابق سرانجام ڏنو هو! اُن جي بدران، افسوس جي ڳالهه هئي، جو ماڻهن اُلٽو ڪيس ڏوهي تي سمجهيو ۽ مٿس الزام تي عائد ڪيا! جيئري جا ڳنڍي هڪ انسان کي هُن، رڳو راءِ جي اختلاف جي ڏوهه ۾، جو باهه جي مچ ۾ وجهائي ڇڏيو هو، اُن لاءِ هُن اُن بدنصيب شخص لاءِ نه پر پاڻ لاءِ ماڻهن جي همدردين ۽ دعائن جي اميد تي رکي! پنهنجي هڪ دوست کي لکيائين ته ”آءٌ جنهن گلا غيبت ۽ لعنتائي جو شڪار تي رهيو آهيان، تنهن جي ڏهين پتيءَ جي به توکي جيڪڏهن خبر پوي، ته توکي هوند منهنجي هن حال تي ڪهل اچي وڃي. چوڌاري مون کي هي ڪتن وانگر ويڙهي ويا آهن ۽ مون تي پيا ڀونڪن؛ مون تي هر قسم جي تهمت بازيءَ جو وسڪارو لائي ڏنو اٿن. منهنجا جيڪي پوپ جي طرف وارا دشمن آهن، تن ڪان وڌيڪ هي اسان جي پنهنجي ڌُر وارا، حسد ۽ ڪيني جي زهر ۾ پيرجي، مون تي جُملهون لايو بيٺا آهن.“ ڪالون کي اِن ڳالهه تي نه رڳو سخت

ڪاوڙ هئي، پر هو بيحد پريشان هو ته هُن انجيل مان آيتون ڪڍي ٻڌايون هيون ۽ ٻيا ڪيترا لاجواب دليل ڏنا هئا، ته به ماڻهن هُن تي اعتبار نه ڪيو، ۽ ڪيس سرويٽس جو خوني ٺهرايائون! ۽ جڏهن هُن ٻڌو ته باسيل جي شهر ۾ ڪاسٽيلو ۽ ٻيا هن جي خلاف هڪڙو ڪتاب لکي رهيا هئا، ته هُن جو ڏوهي ضمير هيڪاري ڦٿڪڻ لڳو ۽ هُن جي چيڙاڪ طبيعت ٽپي ٽپي ٻاهر ٿي ويئي.

آمريت جي ذهنيت رکندڙ شخص جو پهريون خيال اِهو هوندو آهي ته جيڪي رايا سندس پنهنجن راين جي خلاف هجن، انهن کي اُتي ئي گهُٽي، ختم ڪري ڇڏجي. بلڪل اِنهيءَ طرح، باسيل شهر بابت اِها خبر ٻڌندي، ڪالون ڇا ڪيو، جو ڪرسي سوري، پنهنجي ميز تي ٺونٺيون رکي ويهي رهيو، ۽ ڪافي سوچ ويچار ڪان پوءِ ونندي، سئٽزرلنڊ جي سڀني ڪليسائن کي لکي موڪليائين ته ڪتاب ”مسئلہ ملاحده“ جتي ڏسن اُتي اُن کي ضبط ڪن ۽ ڀاڻ وٺ اُن تي پوري بندش وجهي ڇڏين - جيتوڻيڪ اهو ڪتاب اڃا ڇاپو پڙهيو به ڪونه هئائين. وڏي ڳالهه ته هِن مسئلي تي وڌيڪ هاڻي ڪوبه بحث مباحثو ٿيڻ نه گهرجي. جينيوا پنهنجي آخري فتوا ڏيئي ڇڏي هئي. ٻيا ڪي به ماڻهو سرويٽس جي ڳالهه متعلق جو ڪجهه به چون، اُن کي بي عقلي، ڪوڙ، الحاد، دين جي بي حرمتي ۽ خدا کان بغاوت سمجهڻو هو - ڇاڪاڻ ته اهو هُو ڪالون جي برخلاف ٿي چوندا. هُن جو قلم اُئين وهندو رهيو. مارچ ٢٨، ١٥٥٤ع تي هُن بُلينگرَ کي لکيو ته باسيل شهر ۾ هڪڙو ڪتاب، لکندڙ جي ڪوڙي نالي سان ڪڍيو ويو هو، جنهن ۾ ڪاسٽيلو ۽ ڪيئورو ٻنهي گڏجي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته ملحدن کي زوريءَ دٻائڻ ۽ ختم ڪرڻ نه گهرجي! هِن قسم جو خيال دنيا ۾ هرگز پکڙڻ نه کپي، ڇاڪاڻ ته اِها ڳالهه هڪ ”زهرناڪ ڳالهه آهي، جنهن جي معنيٰ هيءَ ٿيندي ته خدا دشمني ۽ الحاد سزا لائق ڏوهه ئي ڪونهن!“ تنهنڪري وارو ڪريو، جلدي ڪريو، هي جيڪي رواداريءَ جو نعرو هڻن ٿا تن جا مُنهن بند ڪريو! ”جيتوڻيڪ دير گهڻي ٿي چڪي آهي، پر

خدا گهريو آهي ته اسان جي ڪليسا جا سربراهه همت ڪري هھڙي قسم جي شيطاني حرڪت کي اڳتي وڌڻ نه ڏيندا." اِنهيءَ هڪڙي 'گمنامي' تي هُن کي تسلي ڪانه ٿي. ٻئي ڏينهن، هُن جي ڪاٻي هٿ، ٿيوڊور ڊي باز، پاڻ وڌيڪ چستائيءَ سان لکيو: "اِن جي ذالي واري صفحي تي اوهان کي اِن جي اشاعت جو شهر ماگڊيبرگ لکيل ڏسڻ ۾ ايندو، پر منهنجي نظر ۾ اِهو 'ماگڊيبرگ' ضرور رائين نديءَ تي آهو ئي شهر آهي، جتي اهڙيون پيون به ڪيتريون ئي خدا ۽ خدا جي پياري پٽ، معصوم يسوع، جي خلاف ذليل گستاخيون ٿينديون ٿيون رهن. آءٌ پنهنجي ڏک ۽ ڪاوڙ کي جهلي نٿو سگهان، ۽ پڇڻو پويم ٿو ته جو ڪجهه هِن بدمعاش (*Miscreant*) هِن ڪتاب جي مهاڳ ۾ بڪيو آهي، جيڪڏهن اُن کي 'برداشت' ڪيو ويو، ته باقي اسان وٽ دين مقدس مان ڇا وڃي رهندو!"

اِهي فتوائون ۽ گمناما، بهرحال، ڪتاب جي شايع ٿي وڃڻ کان هڪ ڏينهن پوءِ ئي نڪري سگهيا هئا. ڪتاب اڳي ئي مارڪيٽ ۾ پهچي چڪو هو. ۽ جڏهن اُن جي پهرين ڪاپي جينيوا ۾ پهتي، تڏهن ائين لڳو، ڄڻ آتان جي ڌرتيءَ کي ڌوڏو اچي ويو هو. ڇا؟ اهڙا به ڪي سچ پچ ماڻهو هئا، جن انساني 'ڪهل ۽ ڪهڪاءَ' جي ڳالهه ڪري، دين جي 'ضابطي' کي ڍاهڻ گهريو ٿي؟ جن ماڻهن جو ايمان خراب ٿي چڪو هجي، اُنهن سان برادرانه سلوڪ جي ڳالهه؟ ڇا، اُنهن جي جاءِ قاسي گهاٽ ۽ باهه جو مچ نه هئي؟ ڇا، هر مسيحيءَ کي اِهو حق هو ته جيئن وڻيس تيئن ڪلام خداونديءَ جي وينو معنيٰ ڪري ۽ تشريح ڪري؟ ڇا، اِهو جينيوا جي 'محڪمي امور مذهبيءَ' جي علماءِ ڪرام ۽ مفتيان عظام جو ئي خاص اختيار نه هو؟ اِهو ته مقدس ڪليسا لاءِ سچ پچ هڪ موتمار خطرو هو – جنهن مان ڪالون جو مطلب هو ته آهو سندس پنهنجي ڪليسا لاءِ خطرو هو. اُن کان پوءِ جينيوا ۾ ائين ڏسڻ ۾ آيو ڄڻ اوچتو ئي اوچتو ڪنهن جي چوڻ تي "الحاد"، "الحاد" جون رڙين تي رڙيون اٿيون ٿي ويون. "هڪڙو نئون الحاد اٿيو آهي!" –

ماڻهن جون اِهي دانهون چوڏاري هوا ۾ پکڙجي ويون: هڪڙو عجيب قسم جو الحاد، "بيلونيت". اُن ڪان پوءِ، ۽ ڪافي وقت تائين، عقيدي جي ڳالهين ۾ سهپ يا رواداريءَ جي خيال لاءِ اِهو لفظ استعمال ٿيندو رهيو - چاڪاڻ تہ اُن ڪتاب جي نامور مصنف جو نالو "مارٽينس بيلس" (عرف ڪاسٽيلو) مشهور هو. "اسان کي هيءَ دوزخ جي باھ جي آماڙي هڪدم وسائڻ گهرجي، نہ تہ اِها باھ سڄيءَ ڌرتيءَ تي پکڙجي ويندي."

ڊي باز تہ غصي ۾ پرجي ٻنھہ وس ڪان نڪري ويو، ۽ رواداريءَ جي هن پهرئين کُليل مطالبي لاءِ لکيائين تہ "مسيحيت جي روز اول کان وٺي اڄ ڏينهن تائين روءِ زمين تي هھڙيون گستاخيءَ ۽ بدفضيلتيءَ جون ڳالهيون ڪڏهن ڪونہ پڌيون ويون - ڏٺي منهنجا پنهنجن ڪمزور ٻانهن کي هنن شيطاني سازشن ڪان پناھ ۾ رک!"

جينيوا ۾ "جنگي ڪائونسل" گهرائي ويئي. باغي تحرير جو جواب ڏجي يا نہ؟ زونگلي جي جانشين، بُلينگر، جنهن کي جينيوا جي مير واعظ ڪتاب کي فوراً ناس ڪرائي ڇڏڻ لاءِ لکيو هو، تنهن زيورچ مان، وڏيءَ عقلمنديءَ سان لکي موڪليو تہ "اِهو ائين ئي پنهنجي موت مري ويندو. اُن کي دٻائڻ سان تہ پاڻ اُن جي شهرت ٿيندي!" پر فاريل ۽ ڪال‌ون، جيڪي هنن ڳالهين ۾ ڪڏهن بہ صبر نہ سکيا هئا، زور لائي بيٺا تہ باغي ڪتاب جو جواب ضرور ڏيڻ گهرجي. ۽ چاڪاڻ تہ ڪال‌ون پاڻ اڳي ئي هن مباحثي ۾ ڪجھ پوئتو پئجي چڪو هو، سو هن پيري هُن پاڻ کي پردي پنيان رکڻ مناسب سمجهيو، ۽ هن مهم ۾ پاڻ سوڪڻ جو موقعو هُن پنهنجي هڪ نئيدي چيلي، ساڳئي ٿئودور ڊي باز، جي سپرد ڪيو. ڊي باز پوءِ جڏهن رواداريءَ جي اِن "شيطاني" نظريي تي ڏاڍي سورمائي انداز سان ۽ وڏو جانباز حملو ڪيو، تہ ڪال‌ون هن کي وڏي وڏي آفرين ڏني ۽ ٻنهي جهانن ۾ سرخرو رهڻ جون هُن کي خوب دعائون ڪيائين.

ڊي باز عام صورت ۾ هڪ نيڪ ۽ سنئون سڌو ماڻهو هو، جيڪو ڪافي سالن جي وفادار خدمتن عوض پڇاڙيءَ ۾ نيٺ وڃي ڪال‌ون جو

گھرجي، چو تہ آها اسان جي رحمدلي نہ پر سخت بيرحمي ٿيندي." ائين ڏي باز آزاد خياليءَ کي پنهنجي پُرجوش عزم ۽ نثر ڪنورتا سان ڀاڙئون پٽي، پيرن هيٺان چيپاٽي، بنهہ بس ڪري ڇڏڻ تي گهريو: ۽ آن ئي وٽ ۾ نہ اچڻ جهڙيءَ جولانيءَ سان هُن اختياريءَ وارن کي للڪار ڪري چيو تہ "ڀڄو! جي اوهين نجات گهرو ٿا: خداوند قدوس وٽ ملحدن جي خاتمي جهڙو ٻيو ڪو نيڪ عمل ٿي نٿو سگهي!"

ڪاسٽيلو درد پريءَ دل سان پنهنجي خدا کي سڏيو هو، جيڪو رحم ڪندڙ ۽ معافي ڏيندڙ هو، تہ هو ڪم از ڪم هِن حيواني رتوڇاڻ کي بند ڪري. ۽ هيڏانهن ڏيباز هو، جنهن جي دل ڪاوڙ ۽ ڏڪار جي ڏاندن سان اوتري ئي ڀريل هئي، جو ساڳئي آن خدا کي سڏي رهيو هو تہ هو آهو قتلام بنان ڪنهن وقفي جي جاري رکي، ۽ "مسيحي حڪمرانن کي آهو حوصلو ۽ آها ايمان جي طاقت عطا ڪري تہ هو بدڪارن جي سڄي انبوهہ کي نيست و نابود ڪري ڇڏين." پر رڳو آنهن جي نابودي بہ ڏيباز جي انتقامي طبيعت جي ٺارڻ لاءِ ڪافي نہ هئي. ملحدن کي نہ فقط مارڻ ضروري هو، پر هُنن کي ڇيچلائي ڇيچلائي مارڻو هو. آن لاءِ هو هر قسم جي اذيت رسانيءَ لاءِ سندس 'خونخوار' خدا جي طرفان جلادن جي معافيءَ جو بہ اڳواٽ بندوبست ڪري ڇڏي ٿو: "حقيقت هيءَ آهي تہ هِنن ملحدن کي جيڪڏهن سندن گناهہ جيتري سزا ڏيڻي هجي، تہ پوءِ سندن موت جو ڪو اهڙو سخت ۾ سخت طريقو آهي ئي ڪونہ، جنهن سان ڪين سندن ڪِئي جي پوري ميڪت ملي سگهي." واقعي مقدس دهشت جي فائدي ۾ ههڙا دليل ۽ ههڙا بچاءَ پڙهي پڙهي، دل ڪچي ٿي ٿئي ۽ روح کي آهڙڪا اچيو ٿا وڃن. بهرحال هُنن جا اِهي دليل ۽ اِهي بچاءَ اسان کي ضرور ذهن ۾ رکڻا پوندا جيڪڏهن اسين سمجهڻ گهرون ٿا تہ مسيحي يورپ جي پروٽيسٽنٽ دنيا آن زماني ۾ نفرت ۽ انسان دشمنيءَ جي کهڙي ٻرندڙ جبل جي مُنهن تي وڏي اچي بيٺي هئي، جتان هوءَ پوءِ فقط ڪن چند دورانديش فڪرمند شخصن جي حوصلي ۽ همت سبب هٽي، هڪ پاسي ٿي، پاڻ بچائي سگهي هئي. هي آهي ئي

هو. ڪرهت پرٺي لـَهجي سان لکيائين تہ ”اِهو، جيڪو هونئن ايترو سورهيہ آهي، سو هِن ڪتاب ۾ بنهہ گدڙ جهڙو ڏچڻو ٿو لڳي: ان ۾ هو رحم ۽ ٻاجهہ جون تہ گهڻيون ڳالهيون ٿو ڪري، پر پنهنجو سَنهن تہ مس مس ٿو ٻاهر ڪري، ۽ سو بہ غلاف ۾ ويڙهي، تہ جيئن ڪو ڪيس سڃاڻي نہ وٺي!“ ممڪن آهي تہ ڊي باز کي اميد هئي تہ اِنهيءَ قسم جي دڙڪي تي ڪاسٽيلو خاموش ٿي ويندو ۽ پوئتي هٽي، ميدان ڇڏي ويندو. يا شايد هُن جي اصل مرضي ئي اِها هئي تہ هو خار کائي، ڀاڻ کي پڌرو ڪري ۽ نڪري سامهون ٿئي، تہ هُن جي ڪا پوري خبر ورتي وڃي. بهرحال، ڪاسٽيلو ترت ئي نڪري ٻاهر ميدان تي اچي بيٺو. هو امن جو شيدائي هو، پر ويڙهہ ۾ جو هن کي ڌڪيو ويو، تہ قدم پوئتي هٽائڻ هن لاءِ مناسب نہ هو. هُن ڏٺو تہ فيصلي جي گهڙي اچي ٻهتي هئي. مائيڪل سرويٽس تي ٿيل ظلم جو معاملو، هُن جي مرڻ کان پوءِ ئي سهي، پوريءَ صورت ۾، سڄيءَ مسيحي دنيا جي عدالت اڳيان آڻڻ ضروري هو. نہ تہ هُن جي ان ڀهرئين قربانيءَ جي آڙاهہ جي ٽانڊن مان ٻيا اهڙا سوين هزارين آڙاهہ ٻري سگهيا ٿي: سرويٽس جو هڪڙو اڪيلو ناحقُ خون جو واقعو، مثال بنجي، سڄي پروٽيسٽنٽ مسيحي عالَم جو معمول بڻجي سگهيو ٿي. هُن پوءِ پنهنجا ٻيا سڀ ڪم اڌ ۾ ڇڏي، هڪڙي اهڙي ڪتاب لکڻ جو ارادو ڪيو، جيڪو ان صديءَ جو وڏي ۾ وڏو ’فريادنامو‘ ثابت ٿيڻو هو. ان ۾ هُن ڪي جيهان ڪالون جي خلاف مائيڪل سرويٽس کي، چٽيل جي ڀاڙيءَ تي، مذهب جي نالي ۾، ناحق خون ڪرائڻ جو فرد جرم پيش ڪرڻو هو. هيءُ ’فريادنامو‘، جيڪو پوءِ دنيا جي اڳيان ”ڪالون جو گناهہ عظيم“ نالي سان ڪتابي صورت ۾ پڌرو ٿيو، جيتوڻيڪ بنيادي طور ۽ کليو کلايو فقط هڪڙي شخص جي گناهہ ڪبيري جو دفتر هو، پر آهو پنهنجي اخلاقي قوت سبب دنيا جي آنهن بهترين ۽ اعليٰ کان اعليٰ شاهڪار تصنيفن مان هڪ تصنيف ثابت ٿيو، جن ٻولَ کي قانون جي بالادستيءَ کان، راءِ کي عقيدي جي گهُٽ ۽ ٻوسٽ کان، ۽ ازل کان آزاد ضمير کي ازل کان مردود ۽ مڪروهہ زور جي غلاميءَ

ڪان بچايو ۽ محفوظ پئي رکيو آهي.

مالن جا سال ڪاسٽيلو پنهنجي مخالف جو واقف رهيو هو ۽ هُن جي طور طريقن ڪان پوريءَ طرح باخبر هو. هُن کي معلوم هو ته هر آها ڳالهه جيڪا شخصي طور هُن جي خلاف هوندي، اُن کي به هو ڦيرائي ائين چوندو ته آها نظريي، سچي مذهب ۽ خود خدا جي خلاف ڳالهه هئي. ڪاسٽيلو انهيءَ ڪري شروع ۾ ئي اِها ڳالهه صاف ڪري ڇڏي هئي ته اُن بحث ۾ هُن مائيڪل سرويٽس جي فڪر کي سچ يا رد ڪرڻ جي سوال کي وچ ۾ ڪونه ٿي آندو، ۽ اُن سان به هُن جو ڪو واسطو ڪونه هو ۽ نه اُن تي پنهنجو رايو ٿي ڏنائين ته اُن معاملي ۾ دين ۽ اُن جي شريعت وغيره جي مسئلن ۾ ڪير صحيح هو ۽ ڪير غلط. هُن فقط جيهان ڪالون، هڪ فرد، هڪ شخص، کي خون جو ڏوهاري ثابت ڪرڻ ٿي گهريو. هُن چاهيو ٿي ته ڪنهن به قسم جي ڪا موشگافي هُن کي سندس اِنهيءَ مقصد ڪان هڪ تِرُ به هيڏي هوڏي نه ڪري سگهي؛ اِنهيءَ ڪري هُن پهريائين پنهنجي مقصد جي وضاحت ڪئي.
”جيهان ڪالون اَج وڏي اختيار جو مالڪ آهي، ۽ جيڪڏهن مون کي خبر هجي ها ته هو ڪجهه نرم طبيعت جو ماڻهو آهي ته آءٌ ائين به چاهيان ها ته پل هُن کي اجا به وڌيڪ اختيار ملَيل هجن. پر هُن جو تازو وڏو سرڪاري ڪم هڪ ماڻهوءَ جو جنسي خونُ هو، ۽ اُن ڪان پوءِ پين ڪيترن ئي چڱن ماڻهن کي هُن اهڙا دڙڪا ڏنا آهن ۽ ڏياريا آهن. اِهو ئي سبب آهي، جو آءٌ، جيڪو ڪنهن جي خونريزي پسند نٿو ڪريان (ڇا، سچيءَ دنيا کي به ائين نه ڪرڻ گهرجي؟)، خدا تي توڪل رکي، اِن ڪم ۾ ڪالون جي مقصدن کي دنيا جي اڳو پڌرو ڪرڻ گهران ٿو، يا ڪم از ڪم اِهو چاهيان ٿو ته جن کي هُن گمراهه ڪيو آهي، اُنهن مان ڪي موٽي سنئين رستي تي اچن.

”آڪٽوبر ٢٧، ١٥٥٣ع تي، اسپين جي رهاڪوءَ مائيڪل سرويٽس کي ديني عقيدن جي بنياد تي جينيوا ۾ ساڙيو ويو آهي - هُن جي ساڙڻ ۾ اُن شهر جي وڏيءَ ديول جي وڏي پادريءَ ڪالون جو خاص

هٿ هو. انهيءَ خون تي گهڻا احتجاج ۽ اعتراض اٿيا آهن، خاص طرح
اٽليءَ ۽ فرانس ۾. اِنهن احتجاجن جي جواب ۾ ڪالون هڪڙو ڪتاب
ڪڍيو آهي، جيڪو ڏسجي ٿو ته ڏاڍيءَ هوشياريءَ سان هڪ خاص رنگ
۾ لکيو ويو آهي. مصنف جو مقصد آهي ته پاڻ کي سچو ثابت ڪري
۽ سرويٽس کي ڏوهي ثابت ڪري ۽ اِهو به ثابت ڪري ته سرويٽس کي
جيڪا موت جي سزا ڏني ويئي هئي، سا صحيح سزا هئي ۽ پوري سزا
هئي. آءٌ هِن ڪتاب کي پوري ڌيان سان چڪاسڻ گهران ٿو. هُن جي
اصلوڪي دستور موجب، ڪالون مون کي شايد سرويٽس جو پوئلڳ
ڪوٺيندو، پر مون کي اميد آهي ته هُن جي اِنهيءَ ڳالهه تي ڪو به
نگجي ڪونه ويندو. آءٌ سرويٽس جي خيالن جو بچاءُ ڪونه ٿو ڪريان،
پر آءٌ ڪالون جي غلط خيالن جي ترديد ٿو ڪريان. آءٌ بپتسمي، تثليث،
۽ اهڙن مسئلن کي بحث هيٺ بنهه آڻڻ نٿو گهران. مون وٽ سرويٽس
جي ڪتاب جي ڪاپي به ڪانهي، ڇاڪاڻ ته اُن جون سڀ ڪاپيون،
جيڪي به ڪالون کي هٿ آيون، سي سڀ هُن ساڙائي ڇڏيون آهن،
۽ اِنهيءَ ڪري مون کي اِها به خبر ڪانهي ته اُن ۾ سرويٽس ڪهڙا
خيال پيش ڪيا هئا. آءٌ ڪالون جي فقط انهن خامين کي پڌرو ڪرڻ
چاهيان ٿو، جن جو اصول يا نظريي جي اختلافن سان ڪو واسطو ڪونهي؛
مون کي اميد آهي ته آءٌ بلڪل چٽيءَ ريت کولي ڏيکاريندس ته ڪالون
دراصل ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي، جنهن کي طاقت جي بُک ۽ رت
جي چسڪي ديوانو بنائي ڇڏيو آهي. آءٌ هُن سان اها هلت نه ڪندس،
جيڪا هُن سرويٽس سان ڪئي، جنهن کي هُن ڪتابن سميت ساڙائي
ڇڏيو - ڪتاب، جن جي تصنيف ئي اُن غريب جو گناهه هو. اُن ئي
سرويٽس کي، مئي کان پوءِ به، هو، اٿندي ويهندي، اجا تائين بدنام
ڪندو ٿو رهي. هُن کي ڪتابن سميت ساڙائي ڇڏڻ کان پوءِ، ڪالون،
وڏيءَ سورهيائيءَ سان، اڄ به انهن ڪتابن جا حوالا ڏئي ٿو ۽ انهن مان
بي ربط ۽ اجايا ٽڪرا ڪڍي اسان کي ڏيکاري ٿو. اِها ڳالهه اِئين ئي
آهي، جيئن ڪو ماڻهو ڪنهن جي گهر کي ساڙي رک جو ڍير بنائي

چڙهي، ۽ پوءِ اسان کي دعوت ڏيئي وٺي وڃي، ته آتي ڪوٺين ۾ جيڪو فرنيچر رکيل هو، اُن جي بيهي چڪاس ڪريو! اُهو پنهنجي سر ته ڪنهن ليڪڪ ۽ اُن جي ڪتابن ڪي ساڙڻ ته ڇا پر اُنهن جو سڙڻ ڏسي يا ٻڌي به هوند نه سگهان. جنهن ڪتاب تي اُهو تنقيد ڪري رهيو آهيان، آهو جتي ڪٿي موجود آهي، هرڪو اُن کي ڏسي سگهي ٿو - اُن جي فرينچ توڙي لاطيني ٻولين جا ڇپيل ڇاپا موجود آهن. ڪنهن اعتراض جو ڪو امڪان نه رهي، اِنهيءَ ڪري اُهو هر حالت ۾ جيڪو اُن مان حوالو پيش ڪندس، اُن جي اڳيان اُن جي پئرا جو نمبر لکندس، ۽ اُن جي جواب ۾ جو ڪجهه لکندس اُن تي به ساڳيو اُن پئرا جو آهو اصلوڪو انگ ڏيندس."

ڪوبه علمي بحث اِن کان وڌيڪ صاف گوئيءَ سان شروع نٿو ڪري سگهجي. ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ ڪالون پنهنجا خيال کولي ظاهر ڪيا هئا؛ ۽ ڪاسٽيلو اُن ئي ڪتاب کي، جيڪو سڀني جي اڳيان موجود هو، هڪ دستاويزي ثبوت طور پيش ڪري ٿو - بلڪل اِئين جيئن ڪو جج ڪنهن جوابدار جي پنهنجي قبوليت کي ويهي جانچيندو آهي. ڪاسٽيلو لفظ بلفظ ڪالون جي ڪتاب کي ٻيهر ڇاپيو آهي، جيئن ڪنهن کي به ائين چوڻ جي گنجائش نه رهي ته نقاد پنهنجي مخالف جي ڪنهن حوالي کي بدلايو آهي يا اُن تي ڪوڙو رنگ چاڙهيو آهي، يا اُن کي وڌائي يا مختصر ڪري، پنهنجي ديانتداريءَ تي ڪنهن شڪ جي ڪا صورت پيدا ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح سرويٽس جي ڪيس جو هيءُ ٻيو نبيرو جنهن ۾ اُن جي پهرئين نبيري کان وڌيڪ انصاف وارو هو، جتي جوابدار کي هڪڙيءَ اونداهيءَ ۽ برف جهڙيءَ ٿڌيءَ کوليءَ ۾ بند ڪيو ويو هو، ۽ شاهدن جي سهڪار ۽ بچاءَ جي وڪيل جي خدمتن کان محروم رکيو ويو هو. ڪاسٽيلو جو هيءُ پڪو خيال هو ته سرويٽس جي ڪيس تي سڄيءَ انسان شناس دنيا ۾ آزاديءَ سان ۽ پورو تفصيلي بحث ٿئي، ته جيئن اُن ۾ جيڪي اخلاقيات جا سوال لڪل هئا، آهي چڙهئي سج وانگر دنيا جي اڳيان صاف ۽ چٽا ٿي بيهن.

ڪن بنيادي حقيقتن متعلق ڪو جهڳڙو ڪونه هو. هڪڙو ساڻهو،

جيڪو باهه جي آڙاهه وچان به زور زور سان پاڻ کي معصوم چوندو رهيو، تنهن کي ڪالون جي چوڻ تي ۽ جينيوا جي شهري ڪائونسل جي حڪم سان نهايت بيدرد نموني خون ڪيو ويو هو. ڪاسٽيلو اُن تي سوال ٿي پڇيو ته "مائيڪل سرويٽس جو آخر ڏوهه ڪهڙو هو؟ جيهان ڪالون، جنهن کي ڪو سياسي اختيار ڪونه هو، ۽ فقط مذهبي اختيار هوس، تنهن هيءُ خالص مذهبي معاملو آخر ڪهڙي آڌار تي ميونسپل اختياريءَ وارن جي اڳيان آندو ۽ ڪيئن آندو؟ چا، جينيوا جي ميونسپل اختياريءَ وارن کي ڪو حق هو، جو هو سرويٽس کي اُن بيان ڪيل ڏوهه ۾ سزا ڏيئي سگهن؟ آخر ۾، ڪهڙي اختيار ۽ ڪهڙي قانون يا قاعدي هيٺ، ٻاهرئين ملڪ جي هن ديني عالم کي جينيوا ۾ موت جي سزا ڏني ويئي هئي؟"

پهرئين سوال جي سلسلي ۾، ڪاسٽيلو سڄيءَ ڪارگذاريءَ ۽ خود ڪالون جي پنهنجي چيل ڳالهين کي جانچي ڏسي ٿو، اِنهيءَ لاءِ ته معلوم ٿي سگهي ته مائيڪل سرويٽس تي نيٺ به ڪهڙو ڏوهه مڙهيل هو. سڄي رڪارڊ مان، ڪاسٽيلو کي فقط هڪڙوئي الزام لڀي سگهيو، جيڪو ڪاسٽيلو تي لڳايو ويو هو، ۽ اهو هيءُ ته "ڪنهن عجيب جدت جي شوق ۾، هُن ڪلام خداونديءَ کي بگاڙڻ جي گستاخي ڪئي آهي." اِن جي معنيٰ ته ڪالون جيڪو واحد الزام سرويٽس تي لڳايو هو، سو فقط اِهو هو ته هُن (سرويٽس) انجيل جو ڪو تفسير پنهنجي مرضيءَ ۽ اختيار هيٺ اهڙو ڪيو هو، جنهن سان اهڙا نتيجا نڪتا ٿي، جيڪي ڪالون جي ديني نظريي ۽ اُن جي تشريح کان الڳ يا ابتڙ هئا. اِنهيءَ بنيادي ڳالهه معلوم ڪرڻ کان پوءِ، ڪاسٽيلو موٽائي زورائتو وارُ ڪري ٿو. ڇا، 'اصلاح دين مسيح' جي تحريڪ جي حامين ۽ اڳواڻن ۾ سرويٽس ئي اڪيلو شخص هو، جنهن بائيبل جي اِئين پنهنجي مرضيءَ ۽ اختيار سان تفسير ڪرڻ تي ضد ٿي ڪيو؟ ڪير آهي، جو اِنهيءَ چوڻ جي جرئت ڪري سگهي ٿو ته سرويٽس جيڪڏهن انجيل جي تشريح پنهنجي مرضيءَ ۽ اختيار سان ڪئي ٿي ته اِئين ڪرڻ سان هُن 'اصلاح دين مسيح' جي اصلي ۽ حقيقي مقصد سان غداري يا بغاوت ٿي ڪئي؟ اصلاحي ڪليسا جا سربراهه

سواءِ اِن جي تہ هُنن پنهنجي لاءِ ڪلام خداونديءَ جي نئين تفسير جو حق قائم ڪرڻ تي گهريو، بيءَ ڪهڙيءَ ڪوشش ۾ مصروف هئا؟ ڇا، خود ڪالون، ۽ سندس دوست فاريل، ڪليسا جي اهڙيءَ نئين سر تعمير ڪرڻ ۾ سڀ ڪان اڳرا ۽ سڀ ڪان زياده گستاخ تجديدي نہ هئا؟ ”ڪالون پاڻ تہ دين جي تجديد ۾ ايڏو غيرمعمولي شوق ۽ اجهل حوصلو ڏيکاريو آهي، جو پنهنجي اُن تجديد جي مخالفت ڪي ٿي هو دين جو هڪ وڏو ڏوهہ ٿو سمجهي! ڏهن سالن جي عرصي ۾ دين مسيح ۾ جيتريون جدتون هُن آنديون آهن، اوتريون ڪئٿولڪ ڪليسا ڇهن صدين ۾ ڪونہ آنديون آهن.“ ڪم از ڪم ڪالون پاڻ، ايڏو هڪ بيخوف اصلاحي ٿي ڪري، پروٽيسٽنٽ ڪليسا جي دائري ۾ بئي ڪنهن اهڙي نئين تفسير ڪي ڏوهہ سڏڻ جو حق نٿو رکي.

”پر ڪالون پنهنجي همہ دانيءَ ۽ حق شناسيءَ ڪي ناقابل ترديد سمجهي، پنهنجن راين ڪي صحيح ٿو سمجهي، ۽ بئي هر قسم جي مخالف راءِ ڪي غلط ٿو سمجهي.“ اِئين ڪاسٽيلو هڪڙي بئي سوال تي اچي ٿو: ڪالون ڪي ڪنهن اختيار ڏنو آهي تہ سچ ڇا آهي ۽ ڪوڙ ڇا آهي، اُن جي فيصلي لاءِ جج بہ پاڻ بنجي ويهي؟ ”اِئين برابر آهي تہ ڪالون هر مصنف متعلق، جيڪو سندس هائو سان هائو ۽ نہ سان نہ نٿو چوي، فتوا ڪيڍيو وينو آهي تہ آهو بدنيت ۽ بداعمال آهي. اِنهيءَ ڪري هو گهري ٿو تہ جيڪي ساڻس راءِ جو اختلاف رکن ٿا، اُنهن ڪي نہ رڳو لکڻ ڪان روڪيو وڃي پر ڳالهائڻ ڪان بہ روڪيو وڃي؛ فرض اِهو ڪيو ٿو وڃي تہ سچ ڇا آهي ۽ صحيح ڇا آهي، اُن جي بيان ڪرڻ جو فقط ڪيس ئي حق آهي.“ هوڏانهن ڪاسٽيلو هيءُ چوڻ چاهي ٿو تہ ڪو بہ ماڻهو ۽ ڪابہ پارٽي ڪڏهن بہ اهڙيءَ ڪنهن دعوا ڪرڻ ۾ حق بجانب نہ آهي تہ ”فقط اسين ئي سچ ڄاڻون ٿا، ۽ جيڪا بہ راءِ اسان جي راءِ ڪان الڳ يا ابتڙ آهي آها غلط آهي.“ سڀ سچ، ۽ خاص طرح مذهبي سچ، بحث طلب آهن ۽ مبهم آهن. ”غيب جي ڳالهين متعلق، جيڪي فقط خدا ٿو ڄاڻي، پوريءَ پڪ سان ڪو فيصلو ڪرڻ، ۽ اِئين ڏيکائي

ڏيڻ چڻ خدا جي اسرارن ۾ اسين سندس همراز آهيون، اِهو ماڻهوءَ جو پنهنجو فقط هٺ ئي ٿي سگهي ٿو. ۽ اِها ٻ، ڪا گهٽ هوڏ ڪانهي، جو ائين ڀانيون ته اهڙن معاملن جي سلسلي ۾ ڪڏهن اسين يقين جي حد تائين رسي سگهون ٿا ۽ پنهنجي خيال ۾ ڪڏهن آنهن کي واضح صورت ۾ آڻي سگهون ٿا - جڏهن حقيقت اِها آهي، جو آنهن جي باري ۾ اسان کي ڪا ڄاڻ ڪانهي."

دنيا ۾ هيلتائين انسانن جي مٿان ڪيترن ئي قسمن جون تباهيون اچي چڪيون آهن، جن لاءِ فقط آهي ڪٽر نظريي‌باز ذميدار آهن، جن مَسَئلو تي ائين سمجهيو ته فقط سندن رايا ۽ خيال ئي صحيح هئا. اِهي تعصبي عقائد پرست جنوني شخص ئي آهن، جيڪي چاهين ٿا ته ماڻهن جي خيالن کي جهلي ۽ چڪي، سندن پنهنجن فڪري قالبن ۾ يڪجا ڪيو وڃي؛ اِهي ماڻهو پنهنجي خودپسند ۽ ويڙهو طبيعت جي طفيل، خيالن جي فطري ڪثرت جي رنگينيءَ کي اختلاف ۽ خونخوار تصادم جي صورت ڏيئي، دنيا ۾ ڏقيڙ وجهن ٿا ۽ آن جي امن ۽ آشتيءَ کي بگاڙين ٿا. ڪاسٽيلو اهڙي ئي قسم جي هڪ روحاني عدم-رواداريءَ جو الزام ڪالون تي عائد ڪيو: "سيني فرقن پنهنجي پنهنجي مذهب جو بنياد خدا جي ڪلام تي رکيو آهي، ۽ هر فرقي جا ماڻهو پنهنجي مذهب کي حق جو مخزن سمجهن ٿا. پر، ڪالون جي چوڻ موجب، آنهن مان فقط هڪڙو فرقو ئي صحيح آهي، ۽ ٻين فرقن کي آن هڪڙي فرقي سان پاڻ کي مطابقت ۾ آڻڻو آهي. عاليجناب جيهان ڪالون جي راءِ ۾ ته تحقيق، هُن جو پنهنجو ئي نظريو صحيح آهي. پر ٻين فرقن جا سربراهه ٻ پنهنجي پنهنجي نظريي متعلق ساڳي راءِ رکن ٿا. ڪالون چوي ٿو ته ٻيا غلط آهن، پر آهي ٻيا چون ٿا ته ڪالون غلط آهي. ڪالون اِن ڳالهه جو پاڻ جج ٿيڻ چاهي ٿو؛ ٻيا ٻ پنهنجي لاءِ ائين چاهين ٿا. هاڻي، فيصلو ڪير ڪري؟ بهرحال، ڪالون کي هِن ڳالهه ۾ وڏو جج ڪنهن مقرر ڪيو، ۽ ڪنهن هُن کي موت جي سزا ڏيڻ جو خاص حق ڏنو؟ هِن سلسلي ۾ پنهنجي هڪ هئيءَ جو درجو هو ڪهڙي اختيار جي

بچاءَ ٿي سگهي." هن ڳالهه ۾ ڪالون دراصل ائين ئي ڪيو، جيئن سڀ نظريي‌باز ڪندا آهن. جڏهن به ڪو نظريي‌باز ڏسندو آهي ته دليل هن جي خلاف وڃي رهيو آهي، تڏهن پيشي پنهنجا هٿ هڪدم هُو پنهنجن ڪنن تي رکي ڇڏيندو آهي ته جيئن هو وڌيڪ مخالف جي ڪا ڳالهه ٻڌي نه سگهي؛ ٻئي پاسي هو پنهنجي مخالف جو مُنهن به بند ڪندو آهي ته جيئن وڌيڪ هو ڪجهه ڳالهائي نه سگهي. اِن قسم جي گوش بنديءَ ۽ زبان بنديءَ جو مطلب هيءُ هوندو آهي ته ماڻهو پاڻ ڪي ۽ پنهنجي نظريي کي غيرسلامت سمجهي ٿو. ڪاسٽيلو اِهو به ڄاڻو ٿي ته ڪالون هُن سان هن معاملي ۾ ڪهڙي هلت هلڻ وارو هو، اِنهيءَ ڪري هُن ڪالون جي اخلاقي ذميداريءَ جي ڳالهه ڪئي. "آءٌ توکان هڪ سوال ٿو پڇان، محترم ڪالون! جيڪڏهن پنهنجي ڪنهن موروثي ملڪيت جي ڪيس ۾ ورتل هجين، ۽ تنهنجو مخالف ڪنهن طرح جج صاحب کان اِها سهوليت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ته فقط هُن کي (يعني، تنهنجي مخالف کي) عدالت ۾ ڳالهائڻ جو حق هو، ۽ توکي هڪ لفظ ڪڇڻ جي به اجازت نه هئي، ته اُن صورتحال ۾ تون اُن ناانصافيءَ جي خلاف اُنهيءَ ئي گهڙيءَ هوند احتجاج ڪرين، يا نه ڪرين؟ پوءِ اِئين تون ڇو ٿو ڪرين، جو جيڪا هلت ٻيا تو سان ڪن ۽ توکي اُها نه وڻي، اُها ساڳي هلت تون ٻين سان ڪرين ٿو؟ اسين تو سان ايمان ۽ عقيدي جي سلسلي ۾ اختلاف رکون ٿا، ۽ تو سان اِنهيءَ روحاني معاملي ۾ ڪيسُ لڙي رهيا آهيون. پوءِ تون اسان جي زبان بند ڪرڻ ڇو ٿو چاهين؟ ڇا، توکي ايترو خوف آهي ته تون ڪيس هارائيندين ۽ فيصلو تنهنجي خلاف ويندو؛ ۽ تنهنجي آمريت جو درجو توکان کسجي ويندو؟"

هتي پنهنجي ڪيس جي پيرويءَ کي في‌الحال بند ڪري، ڪاسٽيلو هڪڙي شاهد کي پيش ڪرڻ چاهي ٿو. اُهو شاهد هڪ ناميارو ديني عالم آهي، ۽ اُهو اڃ ميرواعظ جيهان ڪالون جي خلاف شاهدي ڏيندو ته قانونُ خداوندي خالص روحاني ذوهن کي ضابطي ۾ رکڻ يا بند ڪرڻ لاءِ ڪنهن به دنيوي حاڪم کي زور جي استعمال جي اجازت نٿو ڏئي.

آهو وڏو عالم، دين جو ناميارو سربراهه، جنهن ڪي ڪالون جي خلاف شاهدي ڏيڻ لاءِ سمن ڪيو ويو آهي، آهو ڪو بيو نه پر ڪالون پاڻ آهي، جيڪو هن معاملي ۾ وڏي لاچار سان 'ڪورٽ' جي ڪٽهڙي ۾ اچي ٿو بيهي! ”ڪالون هاڻي جڏهن ڏسي ٿو ته ڳالهه ڏاڍي سُنجهي پيئي آهي، تڏهن هو تڪڙو وڏي پين تي ڏوهه ٿو مڙهي، ته متان مٿس ڪو الزام لڳي پوي. پر هن ڪيس جي هُن پاڻ پيروي ڪئي آهي، آها ئي هن مونجهاري لاءِ ذميدار آهي. سندس اشاري تي جيڪا فتوا سرويٽس جي خلاف صادر ٿي، اُن تي نه رڳو جينيوا ۾ پر سڄيءَ مغربي دنيا ۾ ڏک ۽ ڪاوڙ جي لهر ڇانئجي ويئي آهي. هاڻي هن سڄي پنهنجي ڏوهه جو بار هو پنهنجن ڪلهن تان لاهي پين جي ڪلهن تي وجهڻ گهري ٿو. پر جڏهن خود مٿس ساڳئي قسم جا ڏاڍ ۽ ظلم ٿي رهيا هئا، تڏهن هُن ڪا بي ٿي ڳالهه ڪئي. اُن دور ۾ هُن ڪيترا ئي صفحا اِن ساڳئي قسم جي ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف ڀري ڇڏيا هئا. متان منهنجو ڪو پڙهندڙ مون تي اعتبار نه ڪري، اِنهيءَ ڪري آءٌ هيٺ ڪالون جي ڪتاب 'نظام دين مسيح' منجهان اقتباس پيش ڪندس.“

سال ١٥٥٤ع جو هيءُ ڪالون شايد اُن ڪالون ڪي مقتل جي ڪلي سان ٻڌي، جيئري جلائي ڇڏي ها، جنهن آهي لفظ لکيا هئا، جيڪي ڪاسٽيلو ائين حوالي طور هيٺ پيش ڪري رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته هُن ”نظام دين مسيح“ ۾ لکيو هو ته ”ملحدن ڪي مارڻ عظيم جرم آهي. آنهن ڪي باهه ۾ وجهڻ يا تلوار جي مُنهن ۾ ڏيڻ انسانيت جي هر اصول جي خلاف آهي.“ جيئن ئي ڪالون اقتدار اعليٰ تي قابض ٿي ويئو، تيئن هُن اِهي انسانيت جي نالي ۽ ناموس وارا لفظ چپ چاپ پنهنجي ڪتاب مان ڪيدائي ڇڏيا. ”نظام دين مسيح“ جي ٻئي ڇاپي ۾ اِهي لفظ موجود نه آهن! جڏهن نيپولين بوناپارٽ ٻهريون پيرو فرانس جو سربراهه ٿيو هو، تڏهن هُن به، ساڳيو ڪالون وانگر، جوانيءَ ۾ لکيل انقلاب جي حمايت ۾ پنهنجي هڪ ڪتابچي جون ڪاپيون ڳولائي ڳولائي خريد ڪيون ۽ هڪ هڪ ڪري، ناس ڪرائي ڇڏيون هيون. ڪالون به جيئن ئي

يا تفسير سمجهيو ٿي، آن ڪان هِن اسپيني "گامون سچار' جو اختلاف ڪنهن بہ صورت ۾ ڪو دنيوي ڏوهہ شمار نٿي ٿِي سگهيو. پوءِ، ڪاسٽيلو پڇي ٿو تہ ڇو ڪال‌ون هِن خالص ديني ۽ فڪري معاملي ۾ دنيوي اختيار وارن وٽ فريادي بڻجي ويو، تہ جيئن سندس راءِ جي خلاف ڪنهن راءِ کي دٻايو ۽ ختم ڪيو وڃي؟ مفڪرن جي وچ ۾ اٿيل اختلافن کي فقط فڪر جي اوزارن وسيلي ئي فيصل ڪرڻ گهرجي. "جيڪڏهن سرويٽس تنهنجي خلاف ڪو هٿيار کنيو هجي ها، تہ پوءِ توکي حق هو تہ تون شهري ڪائونسل وٽ پنهنجي مدد لاءِ وڃين ها. پر، جڏهن تنهنجي خلاف هُن جو واحد هٿيار هُن جو قلم هو، تہ پوءِ تو هُن جي تصنيفات تي باهہ ۽ تلوار سان حملو ڇو ڪيو؟ تون مون کي اهو ھڪڙو جواب ڏي تہ تو آخر ملڪي يا سِوِل اختياريءَ وارن ڪان هِن خالص روحاني ڳالهہ ۾ مدد ڇو ورتي؟"

ڪنهن حڪومت کي ضمير جي معاملن ۾ دخل ڏيڻ جو ڪو اختيار ڪونهي. شهري ڪائونسل جو ديني نظرين جي دفاع سان ڪو واسطو ڪونهي، جيڪي خالص عالمن ۽ ديني بزرگن سان وابستہ آهن. شهري ڪائونسل جو ڪم آهي تہ عالِم جو بچاءُ بہ ائين ئي ڪري جيئن ڪنهن ڪاريگر جو، واپاريءَ جو، طبيب جو، يا ڪنهن بہ اهڙي ٻئي شهريءَ جو، جنهن سان ڪا زيادتي ٿي هجي. جيڪڏهن سرويٽس ڪال‌ون کي خون ڪرڻ جي ڪا ڪوشش ڪئي هجي ها، فقط آن حالت ۾ شهري ڪائونسل ڪال‌ون جي بچاءَ ۾ اڳتي اچي سگهي ٿي! پر جيئن تہ سرويٽس ڪال‌ون تي 'حملو' بہ صرف دليلن سان ڪيو هو، تنهنڪري ڪال‌ون کي پنهنجو بچاءُ بہ دليلن ۽ عقلي ڳالهين وسيلي ڪرڻ کپندو هو. ڪاسٽيلو ڪال‌ون جي اِنهيءَ ڪوشش کي هر صورت ۾ غلط ۽ بيجا ٿو سڏي، جنهن وسيلي هو پنهنجي اِن ڪم کي ڪنهن اعليٰ خدائي حڪم جي تعميل سڏي، آن لاءِ پنهنجو اِهو جواز ٿو ڳولهي؛ ڇاڪاڻ تہ ڪاسٽيلو اِنهيءَ ڳالهہ کي ناممڪن ٿو سمجهي تہ ڪنهن کي خون ڪرڻ جو ڪڏهن ڪو خدائي يا مسيحي حڪم ٿي بہ سگهي ٿو. ڪال‌ون ان

سلسلي ۾ حضرت موسيٰ جي هڪ فرمودي کي پنهنجي بچاءَ ۾ پيش ڪرڻ گهريو ٿي، جنهن ۾ حڪم ڪيل هو ته ’باهه ۽ تلوار سان ڪفر کي مليا ميٽ ڪري ڇڏيو!‘ ڪاسٽيلو آن جو سختيءَ سان جواب ڏئي ٿو ته ”ڪال ون کان خدا جي نالي ۾ آءٌ پڇان ٿو ته اِهو حڪم، جنهن جو حوالو هو ڏئي ٿو، هو ڪيئن عمل ۾ آڻڻ چاهي ٿو؟ آءٌ سمجهان ٿو ته هو ماڻهن جون بستيون، سيڏا سامان ۽ آنهن جا مال وٿاڻ سڀ باهه جو نذر ڪرڻ گهري ٿو. جيڪڏهن هن وٽ ڪافي فوج هجي ته پوءِ هُو پڪ ئي پڪ فرانس تي، اسپين تي ۽ ٻين سيني قومن ۽ ملڪن تي ڪاهون ڪندو، ۽ جتي جتي هُن جي نظر ۾ ملحدانه خيال ۽ عقيدا رائج هوندا، انهن جا شهر ڊاهي ڍير ڪندو، آنهن جا مرد، زالون، ٻار، ويندي ماڻرن جي پيٽ ۾ ٻالڪ به ترارين جو لقمو بنائيندو!“ ڪال ون پنهنجي ”تعزيرنامي“ ۾ چيو هو ته مسيحي نظريي جي سڄي عمارت ڊهي اچي پَٽ پوندي، نه ته جن جي اها ذميداري هئي ته آن جي حفاظت ڪن، انهن جو فرض هو ته جتي جتي ڪو ڪوڙهيو عضوو ڏسن، آنهيءَ گهڙيءَ آن کي وڍي اڇلائي ڇڏين. ڪاسٽيلو آن جو جواب ڏنو ته ”ڪليسا مان ملحدن ۽ ڪافرن کي ڪيڻ جو ڪم پادرين جو هو، جن کي حق هو ته آنهن کي هو جماعت مان خارج ڪري ڇڏين - ۽ نه، ته آنهن کي مارائي ڇڏين؟ انجيل ۾ ڪٿي به ۽ نه وري دنيا جي ڪنهن به ٻئي اخلاقيات جي ڪتاب ۾ اهڙي ڪنهن قسم جي تعصب ۽ عدم-رواداريءَ جي حمايت ڪئي ويئي هئي يا آن کي جائز سڏيو ويو هو. ”ڇا، ترن ائين چوڻ جي همت ڪري سگهين ٿو ته توکي مسيح پاڻ پنهنجن انساني ڀائرن کي ساڙڻ جي هدايت ڪئي آهي؟“ انهيءَ بي خوف نموني ڪاسٽيلو سڄي ڪتاب ۾ ڪال ون تي گجندو ۽ قلم جون ڪاهون ڪندو اڳتي وڌندو پئي ويو آهي - ڪال ون، جنهن ”سرويٽس جي رت سان ڀريل هٿن سان“ پنهنجو آهو واهيات معذرت نامو لکي، پنهنجي گنهگار ضمير کي سرچائڻ لاءِ، دنيا جي آڏو پيش ڪيو هو. آهي ماڻهو، جن لاءِ زورُ ئي فيصلن جو آڌار هوندو آهي، آهي هميشه پنهنجي زور جي استعمال کي ڪنهن

نہ ڪنهن اعليٰ ۽ غير شخصي مقصد جي نالي ۾ جائز سمجهندا ۽ ثابت ڪندا رهندا آهن. ڪالون بہ دنيا جي اڳيان پاڻ کي معصوم ثابت ڪرڻ خاطر وري وري اها دعوا ڪندو ٿي رهيو تہ هو دين مقدس جي حفاظت خاطر سرويٽس کي ساڙڻ تي مجبور هو، ھُن تي ڪلام خداونديءَ جي تقدس ۽ حرمت پاڪ جو بچاءُ لازم هو، وغيره. ڪاسٽيلو، انهيءَ ڪري، اُن سڄي پُرفريب ۽ زهريلي دليل کي آخر ۾ چند اهڙن شاندار ۽ دلپذير لفظن جي ذڪ سان پڄي دز ڪري ڇڏيو، جو اُنهن نہ رڳو ڪاسٽيلو جي پنهنجي ڏُکيءَ صديءَ جي اونداهيءَ رات ۾ وڄ جي چمڪات جو ڪم ڏنو، پر آهي سڄيءَ انساني فڪر جي تاريخ ۾ دائمي طور آمت شعاع جو ڪم ڏيندا رهيا: ”ماڻهوءَ کي جيئري جلائڻ سان نظريو ڪونہ ٿو بچي، پر ماڻهو ڪُسجي ٿو وڃي. جڏهن جينيوا جي ڪٽر عقيدي پرستن سرويٽس کي ماريو ٿي، تڏهن ھُنن نظريي کي ڪونہ ٿي بچايو، پر هڪڙي ماڻهوءَ کي قربان ضرور ڪيو ٿي. اسين پنهنجي ايمان جي صداقت جي شاهدي ٻئي کي ساڙڻ سان نہ پر اُن ايمان خاطر پاڻ کي باهہ ۾ وجهڻ لاءِ تيار رهڻ سان ڏيئي سگهندا آهيون.“

”ماڻهوءَ کي جيئري جلائڻ سان نظريو ڪونہ ٿو بچي، پر ماڻهو ڪُسجي ٿو وڃي.“ اهو سچ جو گفتو ڪيڏو نہ صحيح ۽ صاف، ۽ ڪيڏو نہ امر ۽ پاجهارو گفتو آهي. هڪڙي پُرمغز اصطلاح سان ڪاسٽيلو، هڪ ئي ڀيري ۽ هميشه لاءِ، سرويٽس جي خونيءَ خلاف پنهنجي اٽل فيصلي جو اظهار ڪري ڇڏيو. ڪنهن انسان کي مارڻ لاءِ ڪهڙا بہ منطقي، اخلاقياتي، قومي يا مذهبي دليل پيش ڪيا وڃن، پر مارڻ يا مارائڻ واري جي اُن لاءِ شخصي ذميداري ڪنهن بہ صورت ۾ ختم نہ ٿي ٿي سگهي. هڪ خون جي عمل لاءِ هر صورت ۽ هر حالت ۾ ڪو نہ ڪو خاص ماڻهو ذميدار هوندو آهي، ۽ ڪوبہ خون ڪنهن بہ خيالي فلسفيانہ اصول يا اصولن جي مدد سان معاف ٿي نٿو سگهي. سچ پکيڙي سگهجي ٿو، پر مڙهي نٿو سگهجي. تعصب ۽ جنون سان ڪوبہ عقيدو وڌيڪ صاف ۽ ڪوبہ سچ وڌيڪ صحيح نٿو ٿي سگهي؛ ۽ نہ وري ڪنهن بہ قسم

جو اِهو ئي مقصد آهي، جڏهن فرمائي ٿو ته 'اوهين سڀئي پيشگوئي ڪري سگهو ٿا ... پيشگوئي ڪم جي شيءِ آهي، ۽ ماڻهن کي پنهنجي زبانن سان ڳالهائڻ جي منع نه ڪريو!')، ۽ ترت ئي اوهين ڏسي سگهندا ته جڏهن آزاديءَ تان هر بندش هٽي وڃي ٿي، تڏهن آها ڪيڏا نه حيرتناڪ ڪم ڪري ٿي سگهي!"

ڪيس جي حقيقتن کي ڏنو ويو ۽ سوالن جا جواب پيش ڪيا ويا. هاڻي سيباستيان ڪاسٽيلو بحث کي يڪجا ڪري ٿو، ۽ ڏڪويل انسانيت جي نالي ۾ فتوا جو اعلان ڪري ٿو. مائيڪل سرويٽس جي نالي وارو هڪ انسان، جيڪو حق جو ڳولائو هو، قتل ٿي ويل آهي. ڪالون ان ڏوهه ۾ مُک جوابدار آهي، جو ان ۾ هُن سربراهيءَ جو ڪم ڪيو هو، ۽ جينيوا جي شهري ڪائونسل تي اصل قتل جو الزام عائد ٿيل آهي. ڪيس جي تفصيلي ڪارگذاريءَ سان ثابت ٿي چڪو آهي ته هن ڏوهه ۾ ٻنهي ڌرين اختيار ۽ اقتدار جا ڏٿي، ديني ۽ دنيوي، مذهبي ۽ سرڪاري، پنهنجي پنهنجي اختيار جي دائري جون حدون ٽپي ويا هئا. شهري ڪائونسل کي "هڪڙي روحاني ڏوهه ۾ فيصلي ڏيڻ جو ڪو اختيار ڪونهي." ان ڪان وڌيڪ ڏوهي ڪالون آهي، جنهن پنهنجي ذميداريءَ جو بار پاڻ تان لاهي ميونسپل اختياريءَ وارن تي هنيو هو. "تنهنجي ۽ تنهنجي ساٿين جي شاهدين تي شهري ڪائونسل هڪڙي ماڻهوءَ کي موت جي سزا ڏيئي ڇڏي، ۽ هو خونُ ٿي ويو. پر هن مسئلي جي فيصلي ڪرڻ ۾ شهري ڪائونسل ايتري ئي نااهل هئي، جيترو ڪو انڌو ماڻهو اڇي ۽ ڪاري جي سڃاڻپ ۾ نااهل هوندو آهي. ڪالون پٽو ڏوهاري آهي - هڪُ اِنهيءَ نفرت لائق عمل جي آيارڻ جو ۽ ٻيو ان کي ائين انتها ئي پهچائڻ جو. بدنصيب سرويٽس کي ڏاڍ تي چاڙهڻ ۾ هن جي نيت کهڙي به هئي، پر هُن جو اِهو عمل هر صورت ۾ هولناڪ ۽ وحشيانو عمل هو. "تو سرويٽس کي ڪهڙي ڏوهه ۾ ماراٻو؟ يا ته هُن پنهنجي زبان سان آهو ئي چيو ٿي، جو هُن پنهنجي مَنَ ۾ سوچيو ۽ محسوس ڪيو ٿي، يا پنهنجي اندر جي آواز مطابق هُن پنهنجي من ۾

آھو ئي سوچيو ۽ محسوس ڪيو ٿي، جو ھُن پنھنجي زبان سان سوچيو ٿي. يعني، جو ڪجھہ ھن جي زبان تي ھو سوئي ھُن جي دل ۾ ھو، يا جو ڪجھہ ھُن جي دل ۾ ھو، سوئي ھن جي زبان تي ھو. جيڪڏھن تو ھن کي اِنھيءَ ڪري ڪھائي ڇڏيو، جو ھُن پنھنجي مَن جي عميق احساس ۽ عقيدي جو اظھار ڪيو ھو، تہ ڇٻو تہ تو ھُن کي اِنھيءَ ڏوھہ ۾ ماريو، جو ھُن سچُ تي ڳالھايو. ڇاڪاڻ تہ جڏھن ڪو ماڻھو ڪجھہ چوي ٿو، ۽ آھو غلط بہ آھي، پر جو ڪجھہ چوي ٿو، سو ھو پنھنجي دل سان مڃي ٿو تہ سچ آھي، تہ آھو ھُن جو سچُ ئي سمجھبو. ۽ جيڪڏھن تو ھُن کي اِنھيءَ ڪري مارائي ڇڏيو، جو ھُن جا خيال غلط ۽ خراب ھئا، تہ اُن حالت ۾ اِھو تنھنجو فرض ھو تہ اُنھن انتھائي قدمن کڻڻ کان اڳ تون ھُن کي پنھنجي صحيح ۽ سنن خيالن ڏانھن آڻڻ جي ڪوشش ڪرين ھا؛ پيءُ حالت ۾ توکي انجيل مقدس مان ئي حوالا ڏيئي اِھو ثابت ڪرڻو ھو تہ جيڪي بہ ماڻھو خيالن جي غلطي ڪن ٿا - پوءِ ڪٿي آھا غلطي ھو نيڪ نيتيءَ ۾ ڪندا ھجن، اُنھن کي خونُ ڪرائي ڇڏڻ کان سواءِ ٻيو ڪو رستو تو وٽ موجود ڪونھي." ڪالون، سواءِ ڪنھن جواز جي، ھڪڙي اختلافي راءِ رکندڙ کي ڪھائي ڇڏيو ھو، ۽ اُن ۾ ھڪ ڏني وائني ۽ اڳ سوچيل سمجھيل خونُ جو ھڪ پيرو نہ، بہ پيرا نہ، پر ٽي پيرا ڏوھي ھو.

ڏوھي، ڏوھي، ڏوھي. ائين تي محسوس ٿيو، ڄڻ دھل جي ٿن ڏونڪن تي دنيا جي اڳيان ڪاسٽيلو پنھنجي ھِن فيصلي جو اعلان ڪرڻ تي گھريو. انساني رحمدلي ۽ ڪھڪاءُ، جيڪو ئي انساني معاشري جو سڀ کان اعليٰ اخلاقي اختيار ۽ سَنَد آھي، اُن اِھو فيصلو صادر ڪيو ھو. پر، ھڪڙي مري ويل ماڻھوءَ جي ناموس کي بچائڻ مان ڇا ٿو وري، جيڪو مٽي کان پوءِ ساڻس ائين انصاف ڪرڻ سان بہ وري جيئرو تہ ڪونہ ٿو ٿئي؟ پر نہ، ائين نہ آھي - وڏي ڳالھہ ۽ سڀ کان ضروري ڳالھہ آھي جيئرن جو بچاءُ ڪرڻ: ھڪ شيطاني عمل کي پڌري ڪرڻ ۽ اُن کي ھڪ گندي ۽ نفرت لائق عمل ثابت ڪرڻ سان پين بيشمار اھڙن

عمان کي روڪي سگهجي ٿو. اِن سان جيهان ڪالوِن اڪيلو شخص نہ آهي، جيڪو ائين نندجي ٿو. ڪالوِن جو ڪتاب، جنهن ۾ دهشت ۽ ڏاڍ جي حيواني اصول جي پذيرائي ٿيل هئي، اُن کي هڪ قابل ملامت، انسان دشمن تصنيف ثابت ڪرڻو هو. اِن ئي سلسلي ۾ ڪاسٽيلو پاڻ پنهنجي ملزم کان پڇي ٿو، جنهن جي خلاف هُن اِهو فيصلو صادر ڪيو هو، تہ ”ڇا، تون هي نٿو ڏسي سگهين تہ تنهنجو ڪتاب ۽ تنهنجا ڪم دنيا کي ڪيڏانهن ٿا وٺي وڃن؟ خداوند تعاليٰ جي تڪريم ۽ تقديس جي حفاظت جي دعوا تہ ڪيترا ئي ماڻهو آهن، جي ڪن ٿا. هاڻي، هِن کان پوءِ آهي ’خدا جا محافظ‘ جڏهن بہ ڪو ماڻهن جو ڪوس ڪرڻ گهرندا، تہ تو کي پنهنجي سَنَد سمجهندا ۽ پنهنجي اُن ثواب جي ڪم لاءِ تو کي شاهد واريندا. جيڪو خطرناڪ رستو تو ورتو آهي، اُنهيءَ رستي تان هلندي، تو وانگر هو بہ پنهنجا هٿ بيگناهہ رت سان رڱيندا. تو وانگر هو بہ پنهنجي هر اُنهي انسان ڀاءُ کي ڦاهيءَ تي چاڙهيندا، جيڪو سندن راءِ کان مختلف ٻي ڪا راءِ رکندو هوندو.“ دنيا ۾ مختصر ۽ هيڪلا ڪٽر ماڻهو ايڏا خطرناڪ نہ آهن؛ خطرو دراصل ڪٽرپڻي جي عام فضا کان آهي، جيڪا ڪنهن سماج ۾ زهريلي هوا وانگر پکڙجي ويندي آهي. چند متعصب ماڻهن کي مُنهن ڏيئي سگهجي ٿو، پر تعصب جو بدروح ديوُ جڏهن معاشري تي مجموعي طور ڇانئجي ٿو وڃي، تڏهن انسانيت جو ساهہ اُن جي مُٺ ۾ اچي ٿو وڃي، ۽ روحاني فضا، جنهن ۾ انسان پنهنجي ۽ ٻئي انسان جي سڃاڻپ سگهي ٿو، اها بدلجي نفساني فضا جي صورت وٺي ٿي بيهي، جنهن ۾ انسان جي دل ۾ پنهنجي لاءِ هَوَس ۽ هوڏ ۽ ٻئي لاءِ نفرت ۽ دوئيءَ کان سواءِ باقي ڪجهہ نٿو رهي. اِنهيءَ ڪري آزاد روح انسانن کي نہ رڳو هٿ ۾ ورتل، ڪٽر، آپيشاهہ ۽ خونخوار طبيعت جي ماڻهن سان مقابلو ڪرڻو پوندو آهي، پر اُن کان بہ وڌيڪ ڪين هر اُنهيءَ خيال ۽ عقيدي سان مقابلي لاءِ تيار رهڻو پوندو آهي، جيڪو پاڻ مڃائڻ لاءِ ۽ پنهنجي بچاءَ ۾ ڏهڪاءَ ۽ زور کان ڪم وٺي ٿو. ڪاسٽيلو جي موت کان فوراً پوءِ يورپ ۾ سؤ سالن جي مذهبي جنگين جو

تي حملو ڪجي. اڄ به ساڳي آها ڳالهه ٿي رهي آهي. جڏهن ماڻهن کي پنهنجن دشمنن جي عمل ۽ ڪردار ۾ ڪو عيب نٿو ڏسڻ ۾ اچي، ته هو آنهن جي 'نظريي' تي هلان ٿا ڪن. ۽ اِها هُنن جي هڪ بيحد شاطرانه چال آهي؛ ڇو ته ڪين خبر آهي ته اختيار ۽ اقتدار جا صاحب جن کي پنهنجي ڪا راءِ ئي ڪانهي، آنهن کي ڪوڙُ سچُ مڃائڻُ سولي ڳالهه آهي. اهڙيءَ طرح هي ماڻهو 'نظريي جي تقديس ۽ عظمت' جي ڳالهه وچ ۾ آڻي، هيڻن کي ستائين ٿا ۽ آنهن تي ظلم ڪن ٿا. پر افسوس، سندن 'مقدس ۽ عظيم نظريو' اهڙو آهي، جنهن کي انسان ذات جو پيارو نبي، اسان جو مسيح سڳورو، فيصلي جي ڏينهن، بيڪار سمجهي، رد ڪري ڇڏيندو - جتي هو عملن جي تور تڪ ڪندو ۽ نه نظرين جي. آتي جڏهن اِهي ماڻهو هُن کي چوندا، 'مالڪ، اسين تنهنجي پاسي هئاسين، ۽ تنهنجي تعليم مطابق عمل ڪيوسين ٿي'، تڏهن هو هِنن کي سختيءَ سان جواب ڏيندو: 'پري هٽو سون کان، اي منافقؤ، اي بدڪردارؤ!'"

## باب اٺون

# ضمير تي زور جو غلبو

ڪنهن تقدس ماب مذهبي عالم ۽ روحاني بزرگ تي ههڙو ڀرپور ۽ جاندار حملو مشڪل سان اڳي ڪڏهن ڪو ٿيو هوندو، جهڙو ڪاسٽيلو پنهنجي ڪتاب "ڪالون جو گناهه عظيم" ۾ ڪالون تي ڪيو هو. جنهن سچائيءَ ۽ صاف گوئيءَ سان هن ڪتاب ۾ ڳالهه کي پيش ڪيو ويو هو، اُن مان هر شخص آسانيءَ سان سمجهي سگهيو ٿي ته جيڪڏهن جينيوا جي عائد ڪيل زبان بنديءَ ۽ عام ذهني گهٽ خلاف ڪو اڙانتو احتجاج نه ڪيو ويو، ته نه فقط جينيوا ۾ پر سڄي يورپ جي پروٽيسٽنٽ دنيا ۾ فڪر جي آزاديءَ جو ڪو نشان باقي ڪونه رهندو. اِنهيءَ ڳالهه جو پورو پورو امڪان هو ته سرويٽس جي ڪيس جي ايڏي واضح بيان ۽ هُن جي ناحق خون جي ايتري ڪليل ثبوت ڪان پوءِ، مغربي دنيا جو هر سمجهدار شخص اُن متعلق ڪاسٽيلو جي خيال سان متفق ٿي ويندو، ۽ اُن خون جو سنئون سڌو جوابدار ڪالون کي سمجهندو. ايڏي زوراٽي حملي جي اڳو ڪنهن مخالف جا پير جمي نٿي سگهيا، ۽ ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو ته ڪاسٽيلو جي هن پڌرنامي ڪان پوءِ ڪالون جي سڄي بزرگي ۽ هُن جو سڄو تقدس مٽيءَ ۾ ملي ويندو، ۽ سندس ڪٽرپڻي ۽ مذهبي استبداد جو مڪمل خاتمو اچي ويندو.

پر دراصل ڪجهه به ڪونه ٿيو! ايڏي هن لاجواب مباحثي، ۽ رواداريءَ جي ايتري هن روشن منشور جو ڪجهه به نتيجو ڪونه نڪتو. اُن جو نيٺ ۽ سنئون سڌو سبب هيءُ هو، جو ڪاسٽيلو جو هيءُ ڪتاب "ڪالون جو گناهه عظيم" لکجي ته ويو، پر پنهنجي دور ۾ ڇپجي نه

سگهيو، ۽ عام ماڻهن جي هٿن تائين پهچي نہ سگهيو! ڪالون جي سازش ۽ ڪوشش سان هيءُ ڪتاب سرڪاري گرفت ۾ اچي، آتي ئي قابو ٿي ويو، ۽ يورپ جي سُتل ضمير وٽ آن جي پڪار پهچي ئي ڪانہ سگهي.

ڪتاب جي لکجي وڃڻ کان پوءِ جڏهن مصنف جا دوست باسيل جي شهر ۾ اچا آن جا دستخطي نقل هڪٻئي کي ڏيکاري رهيا هئا، تڏهن جينيوا جي ديني بزرگن کي پنهنجن جاسوسن ذريعي خبر پئجي ويئي تہ ڪاستيلو جو آهو ڪتاب سندن مذهبي اقتدار ۽ روحاني تقدس لاءِ ڪيڏو نہ هڪ وڏو خطرو ثابت ٿي سگهيو ٿي. پوءِ هُنن وڏي، هڪدم وارُ ڪيو، ۽ وارُ بہ سخت ڪيو. اهڙين حالتن ۾ هڪ منظم سرڪاري طاقت جي سامهون هڪڙو هيڪلو انسان ڪري بہ نيٺ ڇا ٿي سگهيو! ڪالون، جنهن رڳو عقيدي جي اختلاف ڪري، سرويٽس کي جيئري ساڙائي ڇڏيو هو، پنهنجي آن ظالمانہ عمل جي بچاءَ ۾ هڪ طرفا دليل ڏيندو رهيو، ۽ آن ۾ هُن تي ڪا روڪ ڪانہ هئي؛ پر ڪاستيلو، جنهن انسانيت جي نالي ۾ آن انڌير خلاف احتجاج ڪرڻ ٿي چاهيو، آن کي رڳو ڪو ٻُڌي بہ نٿي سگهيو! هونئن نہ تہ باسيل جي شهر ۾ هڪ آزاد شهريءَ ٿي، جيڪو ساڳئي وقت آن جي يونيورسٽيءَ ۾ استاد بہ هو، ڪنهن علمي بحث ۾ حصي وٺڻ تي ڪا بندش ڪانہ هئي؛ پر ڪالون جيڪو معامليبازيءَ ۾ ڏاڍو هڪ چالاڪ ماڻهو هو، تنهن ڇا ڪيو، جو پاڻ کي ذاتي حيثيت ۾ وچ ۾ نہ آڻيندي، سڄي جينيوا شهر جي طرفان سرڪاري طور باسيل جي شهري ڪائونسل ڏانهن ڪاستيلو جي "مسيح دشمن حرڪت" خلاف احتجاج ڏياري موڪليائين. هاڻي باسيل جي شهري ڪائونسل ۽ آتان جي يونيورسٽيءَ جا منتظمَ وڏي مشڪل ۾ اچي ويا، ڇو تہ ائين هُنن جي اڳيان فقط ٻہ رستا وڃي بچيا هئا: يا تہ هو پنهنجي هڪ آزاد شهريءَ مان هٿ ڪڍي، پري ٿي بيهن، يا وري هُن جي ڳالهہ کي صحيح ڳالهہ سمجهي، پاڻ بيهي آن جو بچاءُ ڪن ۽ ائين ڪرڻ سان پنهنجي هڪ طاقتور پاڙيسري رياست جي دشمنيءَ جو بارُ مٿي تي کڻن! ۽ پوءِ جيئن اڪثر اهڙين حالتن ۾ ٿيندو آهي، تيئن هن حالت ۾ بہ ائين ٿيو، يعني

سچ تي زور غالب پئجي ويو، ۽ حق کان طاقت زور تي ويئي. باسيل جي شهري ڪائونسلرن اِهو ئي مناسب سمجهيو ته پڻ سان ٽڪر کائي ستي پيچائڻ بدران، بهتر آهي ته هڪڙي فرد کي قربان ڪري ڇڏجي: آنهن پوءِ حڪم ڪيو ته ڪنهن به قسم جي ڪا لکيت، جيڪا ”ايمان راسخ“ جي خلاف هجي، آها باسيل جي شهر ۾ شايع نتي ٿيي سگهي. نتيجو هيءُ نڪتو، جو ڪاسٽيلو جو ڪتاب ”ڪال ون جو گناهه عظيم“ فوري اشاعت کان محروم ٿي ويو، ۽ ڪيئي سال پوءِ ائين سرڪاري بندش هيٺ رهڻ سبب آهو علم جي پياسي نگاهن کان اوجهل رهيو.

جيئن سرويٽس کي باهه جي مچ ۾ اچلي خاموش ڪرايو ويو هو، تيئن هاڻي ڪاسٽيلو کان قلم کسي، ڪاسٽيلو کي مات ڪرائي ويئي هئي: هڪ ڀيرو وري به طاقت جي زور تي ”اختيار“ کي قائم رکيو ويو هو. ڪاسٽيلو جي هٿ جي ’ترار‘ ٽوڙي ويئي هئي: ليڪ وڏيڪ لکي نتي سگهيو. پنهنجي بچاءُ ۾ هو جيڪا طاقت استعمال ڪري سگهيو ٿي، آن کان هُن کي محروم ڪيو ويو هو، ۽ هاڻي هو هٿين خالي هو. پئي پاسي سندس مدمقابل، جيڪو هوئئن ئي ڪانئس زور هو، اگي کان به زورائتا کيس ڏکن مٿان ڏک هٽي رهيو هو. جواب ۾ هن کي ٿلهي هٿ کڻڻ جي به اجازت ڪانه هئي. تقريباً هڪ سؤ سالن جي گذرڻ کان پوءِ هن جو ڪتاب ”ڪال ون جو گناهه عظيم“ شايع ٿي، دنيا جي سامهون اچڻ وارو هو. پران ۾ هُن جيڪي لکيو هو، سو آن جي لکجڻ وقت، آن کان سؤسال پوءِ، توڙي اج جڏهن آن کي تقريباً پنج سؤ سال گذري چڪا آهن ۽ پڻ آئنده سدائين هڪ امر لکٽي ۽ لافاني خيال جي صورت ۾ زنده ۽ قائم رهڻو هو: ”اوهين ڀين سان اهڙي هلت ڇو ٿا هلو، جيڪا اوهان سان جيڪڏهن ڪو هلي ته اوهين آها سهي نه سگهو؟ اسين نظرياتي دنيا جي هڪ ڳالهه ۾ منجهي پيا آهيون ۽ آن کي سلجهائڻ چاهيون ٿا: ته پوءِ ڀيءَ ڏُر جي زبان بندي ڇو، ۽ آنهن جي هيءَ خونريزي ڇا لاءِ؟“

پر ڏاڍ ۽ دهشت جي راڄ ۾ ڪا اپيل، ڪا استدعا ڪمُ ڪانه ٿي ڏئي. ڪاسٽيلو مجبور ٿي، وياڪل مايوسيءَ ۾ ويڙهجي، چُپ ٿي

تي پهرائي. آها سچائيءَ تي نه، پر طاقت جي بنياد تي بيٺل آهي، ۽ اڪثر طاقتور ماڻهن کي فتحياب بنائي ٿي؛ ۽ ڏنو ويو آهي ته دنيائي مسئلن ۾ اڪثر بي روڪ حوصلي ۽ جهنگلي فيصلن وسيلي ماڻهن کي سندن عملن يا بدعملن منجهان نقصان جي بدران فائدا پهچن ٿا.

ڪالون تي، جو سندس بي حس تشدد جو الزام لڳايو ويو هو، تنهن ائين سمجهيو ته ڪيس فقط هڪ ئي شيءِ بچائي سگهي ٿي، - وڏيڪ تشدد، وڏيڪ سختي ۽ وڏيڪ زورَ ۽ ڏاڍ جو بي قياس استعمال. تاريخ ۾ اسان کي وري وري اِنهيءَ قانون جا مثال ملن ٿا ته جنهن ماڻهوءَ طاقت کي هٿيار طور استعمال ڪيو آهي، آن کي آخر تائين پنهنجن ڪمن لاءِ طاقت کي استعمال ڪرڻو پيو آهي؛ ۽ جنهن به حڪمران ڏاڍ جو راج قائم ڪيو آهي، آن کي مجبوراً آن راج جي بچاءَ ۾ ڏاڍ کي وڌائي دهشت ۽ دهشت کي وڌائي هيبت جي صورت ڏيڻي پيئي آهي. سرويٽس جي ڪيس هلندي ۽ آن کان پوءِ جيڪا ڪالون جي مخالفت عمل ۾ آئي هئي، تنهن مان ڪالون هيءُ نتيجو ڪڍيو ته هڪ بااثر ۽ ڪامياب حاڪم لاءِ پنهنجي طاقت کي قائم رکڻ ۽ اختيار جي سلامتيءَ لاءِ هيءَ ڳالهه بيحد ضروري هئي ته مخالف ڪير به هجي، ۽ ڪيئن به هجي، ۽ مخالفت ڪهڙي به هجي ۽ ڪيتري به هجي، آن کي آتي جو آتي، مڪمل طور دٻائي ۽ ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي. پهريائين ته هُن جينيوا جي شهري ڪائونسل ۾ جيڪا ٿورائيءَ واري ڌر هئي، آن کي ووٽن جي گهٽ وڌائيءَ سان بي طاقت ۽ بي اثر ڪري ڇڏڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪائونسل جي هر اجلاس جي موقعي تي هُن فرانس مان ايندڙ پروٽيسٽنٽ پناهگيرن کي، جيڪي معاشي طور سندس محتاج هئا ۽ اِنهيءَ ڪري سندس ئي حمايتي ٿي سگهيا ٿي، جينيوا ۾ شهريت جا حق ڏيارڻ شروع ڪيا، جنهن جي معنيٰ ته جينيوا ۾ آنهن کي ووٽ جو حق ملي ٿي ويو. ڪالون ائين خاموشيءَ سان شهري ڪائونسل ۾ پنهنجي اڪثريت کي دائمي طور پنهنجي پاسي رکڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. پيو طريقو پنهنجي اثر وڌائڻ جو هيءُ ورتائين، جو آهستي آهستي شهر جي انتظاميه

۾ ننڍين وڏين آسامين تي پنهنجن ماڻهن کي مقرر ڪرائيندو رهيو. جينيوا جي محب وطن اصلوڪن رهاڪن کان اِها ڳالهہ لڪل ڪانہ هئي، پر آن جي خطرناڪ صورت جو اندازو منجهن ڪجهہ دير سان پيدا ٿيو، ۽ ترت ئي ڳالهہ سندن وس کان ٻاهر نڪري ويئي. هنن مان ڪن پوءِ ڪجهہ مخفي گڏجاڻيون ڪيون، احتجاج اٿاريا، ڪجهہ ٻي ڏليا مظاهرا پڻ ڪيا، تان جو ”ملڪين“ ۽ ”غيرملڪين“ جي وچ ۾ رستن تي ڪجهہ قدر جهڳڙا بہ ٿي پيا. هڪ اهڙيءَ ئي معمولي جهڙپ ۾ پٿربازيءَ سبب هڪ ڏر جا بہ شخص ڦٽجي پيا، ۽ ڪالون کي پنهنجي طاقت جي اشڪنجي کي وڌيڪ ڪَشڻ جو بهانو ملي ويو.

ڪالون پنهنجي طاقت ۽ اختيار کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هن واقعي مان خوب فائدو ورتو. ڳالهہ آٿاري ويئي تہ هيءُ جينيوا کي تباهہ ڪرڻ جو هڪ وڏو منصوبو هو، جو فقط ”خداوند قدوس جي فضل ۽ ڪرم سان“ ناڪام ٿيو هو. فوراً ڪائونسل جي ’جمهوري ڏر‘ جي سيني اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو، جن جو آنهيءَ گڙٻڙ سان ڪوبہ واسطو ڪونہ هو. آنهن کي اشڪنجن ۾ وجهي عذاب ڏنا ويا، ۽ منجهانئن ڪن کان ”بيان“ ورتا ويا تہ شهر ۾ قتل عام جي سازش سٽيل هئي، جنهن ۾ ڪالون ۽ سندس ساٿين کي مارڻ جو منصوبو ٺهيل هو، ۽ هڪ ”دشمن ملڪ“ جي فوج کي شهر ۾ آڻي، حڪومت جون واڳون آنهن جي حوالي ڪرڻيون هيون، وغيره، وغيره. ماڻهن کان آن ”ملڪ دشمن منصوبي جون قبوليتون“، هولناڪ عذابن ذريعي ورتيون ويون. ۽ اهڙيءَ طرح ”وطن جي غداريءَ“ جا الزام ”ثابت ڪيا ويا“، ۽ جلاد پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏنو. سيني ساٿين کي، جن ڪالون جي ڪا ٿوري بہ مخالفت ڪڏهن ڪئي هئي، جهلي، ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو. هن پڪڙ پڇاڙ ۽ قتل عام ۾ فقط آهي ئي پنهنجي جان بچائي سگهيا، جيڪي شهر ڇڏي، ڪنهن پاسي ڀڄي ويا. پوءِ جڏهن ”انصاف“ پنهنجو ڪم ڪري چڪو ۽ ”خير“ ٿي ويو، تڏهن شهر ۾ جيڪا سياسي جماعت باقي وڃي بچي، سا واحد ڪالون جي پنهنجي جماعت هئي. ’جمهوري ڏر‘ جو شهر ۾ ڪو نام نشان بہ

ڪجھ ڪيو هو. اُن سلسلي ۾ هُن پنهنجي دور جي سيني ماڻهن کان اڳيرو وڌي، زور جي مقابلي ۾ ضمير جي حمايت ڪئي هئي ۽ زور جي هٿان ضمير جي پسپائيءَ جي خلاف پنهنجو آواز بلند ڪيو هو. پر وقت جون حالتون ناسازگار هيون، ۽ هُن پروڙي ورتو هو تہ اڃا ڪنهن اڻ ڄاتل مدي تائين زور جي هٿ ۾ اقتدار جون واڳون رهڻ واريون هيون. اِنهيءَ ڪري هُن ترسڻ ۽ صبر ڪرڻ ضروري سمجهيو ٿي، تہ جيئن رواداريءَ ۽ تعصب، سهپ ۽ مسهپ جي ڳالهہ اڳتي ڪنهن سازگار ماحول ۾ نبري سگهي. هو ڪافي مايوس هو، پر پنهنجن اصولن تي پختو رهندي، هو وڌيڪ پنهنجي مطالعي ۾ محو ٿي ويو. هو هاڻي باسيل يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر جي عهدي تي فائز هو؛ هو انجيل مقدس جو لاطيني ۽ فرينچ ٻولين ۾ ترجمن جو ڪم بہ هاڻي پورو ڪري چڪو هو، جيڪو هن پنهنجيءَ سڄيءَ زندگيءَ جو ڪارج سمجهيو ٿي. چنانچہ، ١٥٥٥ع ۽ ١٥٥٦ع جا ٻہ سال هو هر قسم جي مناظرائي بحث کان پاڻ بچائيندو، چپ چاپ، پنهنجي ڪُنڊ وٺيو ويٺو رهيو.

پر ڪالون ۽ سندس جوڙيوالن کي جينيوا ۾ پنهنجن جاسوسن کان خبرون پهچنديون رهيون تہ باسيل يونيورسٽيءَ ۾ ڪاسٽيلو پنهنجن ويجهن دوستن جي دائري ۾ پنهنجن مخصوص خيالن جو ذڪر ڪندو ٿي رهيو. جيتوڻيڪ هو گهڻين بندشن هيٺ هو، پر کيس 'ڳالهائڻ' جي وري بہ آزادي هئي؛ ۽ هٺ ڌرم ۽ تعصبي شخصن جڏهن ٻڌو ٿي تہ هن جون "شريعت" کان هٽيل ڳالهيون، جيڪي هو ڏاڍي پختي انداز سان پيش ڪندو ٿي رهيو، سندس شاگردن ۽ ٻين طالبن وٽ جيئن پوءِ تيئن زياده مقبول ٿينديون ٿي ويون، تڏهن هو ڪاوڙ ۾ تپي تپي باهہ ٿي ويا ٿي ۽ سندن مخصوص دنيا ۾ هُن جي خلاف اٿيل نفرت ۽ عداوت جي تحريڪ ۾ هو ائين شامل ٿيي ٿي ويا، ڄڻ آهو سندن ديني فرض هو. خاص طرح تقدير جي مسئلي بابت هن جا باغيانہ خيال هنن جي برداشت کان ٻاهر هئا. آهو ماڻهو جيڪو نمايان طور اخلاقي قوت جو صاحب آهي، اُن جو نلهو وجود ئي ماڻهن کي پنهنجي اثر ۾ آڻڻ لاءِ ڪافي

آهي. هن جو رڳو جيئڻ به هن جي ڪارج کي وڌي هٽي ڏئي ٿو:
هن جو اثر ائين پيدا ٿئي ٿو ۽ وڌي ٿو ۽ هن جا عقيدا ۽ خيال ائين
پکڙن ٿا، جيئن ڪو پٿر ڪنهن تلاءَ ۾ اڇلائجي ته آن جون لهرون آن
جي چوڌاري اڀرن ۽ دائرا بڻائينديون اڳتي وڌنديون وڃن. انهيءَ ڪري،
ڪاسٽيلو جيڪڏهن جهڪي نٿو ۽ پيش نٿو پوي، ته هُن کي زوريءَ به
جهڪائڻو هو ۽ پيش پوائڻو هو. پوءِ هُن جي ڦاسائڻ لاءِ هڪڙي ڄار
وڇائي ويئي، ته جيئن هُن تي ”ڪفر“ ۽ ”الحاد“ جو ڏوهه مڙهي سگهجي.
يونيورسٽيءَ ۾ سندس هڪ همڪار استاد کي ان ڪم لاءِ تيار ڪيو ويو
ته هو ڪاسٽيلو کي هرڪائي، آن ڄار جي پرسان آڻي، ته جيئن هو آسانيءَ
سان آن ۾ ڦاسي پوي. آن هِن کي هڪڙو دوستاڻو خط لکيو - اهڙن
لفظن ۾، جو ڄڻ هُن کو خالص علمي سوال پڇيو هو، جنهن جو جواب
هو هڪ سائل جي حيثيت ۾ ڪانئس پڇي رهيو هو. سوال هيءُ هو ته
’تقدير جي مسئلي بابت استاد ڪاسٽيلو جو ڇا خيال هو؟‘ ڪاسٽيلو ’سائل‘
جي معصوم استفسار يعني سوال تي ايترو ته ڇڪجي آيو، جو آن ’مسئلي‘
تي عام بحث ۾ حصي وٺڻ لاءِ تيار ٿي ويو. پوءِ جڏهن ماڻهو گڏ ٿيا
۽ ڪاسٽيلو جي ڳالهائڻ جو وارو آيو، ته ڪاسٽيلو آڏي اڃا ٻه جملا ئي
مس ڪڇيا ته ٻڌندڙن مان هڪڙي هڪدم ٽپ ڏيئي، ڪِس ڇيو ته ”تون
ملحد آهين، الحاد جون ڳالهيون ٿو ڪرين!“ ڪاسٽيلو به فوراً ڳالهه
جي نزاڪت کي سمجهي ويو، ۽ ضد ٻڌي پنهنجي بچاءَ جي ڪوشش
ڪرڻ بدران، آتي ئي پنهنجيءَ ڳالهه کي ختم ڪري، بحث مان نڪري
الڳ ٿي ويو، جنهنڪري سندس مخالفن کي سندن الزام جي ثبوت جو
ڪو خاص مواد ملي ڪونه سگهيو، ۽ يونيورسٽيءَ جي ٻين استادن، جيڪي
اڪثر ڪاسٽيلو جا رفيق ۽ همدرد هئا، وڌيڪ هن جي خلاف ڪنهن قدم
کڻڻ جي اجازت ڪانه ڏني. پر جينيوا جا ڪنٽيل دين پناهہ ڳالهه کي
آتي ڇڏي، چپ ٿي ويهڻ وارا نه هئا. جيڪڏهن هڪڙي اٽڪل ناڪام
ٿي هئي، ته ٻي اٽڪل ضروري هئي. عام مباحثن ۽ مناظرن لاءِ ڪيئي
ڀيرا هنن ڪوششون ڪيون، پر آنهن ۾ هو ڪامياب ڪونه ٿيا، جو

پارسائيءَ جي صاحبن ۾ مون کي ڏاڍيون دکدائڪ غلطفهميون ڏسڻ ۾ پئي آيون آهن، ۽ مون انهن ۾ اضافو آڻڻ نٿي گهريو. پر آءٌ سدائين اوهان جي، اوهان جي طرز تحرير ڪري، دل ۾ گهڻي عزت ڪندو رهيو آهيان. آءٌ هن خط ذريعي اوهان کي خاطري ڏيارڻ گهران ٿو ته مون کي اوهان سان دلي همدردي آهي ۽ اوهان جي خيالن سان مجموعي طور اتفاق اٿم. مون کي يقين آهي ته اسين محبت جي دائمي ڏوريءَ ۾ ٻڌل رهنداسين.

"راءِ جي اختلافن بابت، ۽ جنهن وحشيانه نموني ڪي ماڻهو حق جي پرستارن تي حملا ڪندا رهن ٿا، اُن متعلق اوهان جون شڪايتون ۽ ۽ دانهون صحيح آهن، ۽ آهي پڙهي ۽ ٻُڌي، مون کي بيحد ڏک ٿئي ٿو ۽ منهنجي دل سدائين اوهان سان گڏ هن صورتحال تي روئندي ۽ دانهون ڪندي رهي ٿي. پراڻي روايت ٻڌل اٿم ته بهادرن جي وهيل رت مان دئيت پيدا ٿيا هئا. تنهن وانگر هي نوان مناظرائي، جيڪي اڄ درٻارين ۾، ادارن ۾، ۽ عام ماڻهن جي وچ ۾ زور وٺي ويا آهن ۽ جهل نٿا ڏين، ۽ سمجهن ٿا ته علم ۽ فضيلت جا حقيقي صاحب سندن هوائي مقصدن آڏو رڪاوٽ بڻيل آهن، افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته آهي اڳين دورن جي سچن پچن عالمن ۽ درويشن جو اولاد يا انهن جا سجاده نشين آهن. پر اوهين فڪر نه ڪريو: خداوند قدوس دنيا ۾ پنهنجن باقي بچيل سچن ٻانهن کي بچائڻ جاڻي ٿو.

"اسين جو ڪجهه بدلائي نٿا سگهون، آهو اسان کي برداشت ڪرڻ گهرجي. جيئن جيئن منهنجي عمر وڌندي ٿي رهي، تيئن منهنجي من جو ڏک ۽ نراسائي به شانت ٿيندا ٿا وڃن. ٿورن ئي ڏينهن ۾ آءٌ وڃي پنهنجي ڏٿيءَ پاڪ سان ملندس، ۽ آها دنيا هنن وحشتناڪ طوفانن کان محفوظ آهي، جيڪي هيتي هن دنيا ۾ انسانن جي دلين کي لوڏين ٿا ۽ بي آرام ڪن ٿا. پر جيڪڏهن اجا ڪي ڏينهن هيتي باقي رهيس، ته ڪنهن موقعي تي اوهان سان روبرو ويهي، گهڻن مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندس ۽ پنهنجي روح کي خوش ڪرڻ لاءِ اوهان سان ڪي دل جون ڳالهيون ڪندس. خدا حافظ!"

پوءِ ئي آها سڀ ماڻهن ۾ مشهور ٿي سگهي هئي.“

اهڙيءَ طرح، ڪالون مٿس حملي لاءِ جيڪو بهانو استعمال ڪيو هو، ان جا وڪا پڌرا ڪندي، ڪاسٽيلو هن جي اصل مضمون کي هٿ ۾ کنيو. ”تون گارين ڏيڻ ۾ پڙ آهين ۽ ان لاءِ تو وٽ ڳڻتا لفظ به گهڻا آهن، ۽ جوش ۾ پيرجي، تو اِئين ڳالهايو آهي، جو زبان تنهنجي وس کان نڪري ويئي آهي. تو ڀڪساهيءَ مون کي ’خدا جو تڙيل‘، ’غيبتي‘، ’بدڪار‘، ’پونڪندڙ ڪتو‘، ’جاهل‘، ’وحشي‘، ’بي ادب‘، ’ڪلام خداونديءَ جو غلط پڙهندڙ‘، ’احمق جيڪو خدا تي چٽرون ٿو ڪري‘، ’ايمان جو منڪر‘، ’بيحيا‘، ’بيمار ڪتو‘، ’بدبودار ۽ ڪرهت ڪرڻ جهڙو‘، ’آبتو ۽ آڻ گهڙيو روح‘، ’رول‘ ۽ ’چِتو چور‘ سڏيو آهي. اٺ پيرا تو مون کي ’بدمعاش‘ سڏيو آهي. اِئين پورا چار ڇپيل صفحا اهڙين چوندڙ گارين سان ڀريا اٿيئي. پنهنجي مضمون جو عنوان ئي رکيو اٿيئي — ’هڪ بدمعاش جا ڪوڙ‘، ۽ ان جو آخري جملو آهي: ’شل خدا جي ڪا مار پويئي، او شيطان!‘ الف کان ي تائين سڄو مضمون اِئين گند سان ڀريل آهي، جيتوڻيڪ ان جي لکندڙ جي دعوا آهي ته هو خدا رسيده ۽ مسيحي شرافت جو مجسمو آهي. سچ پچ، جيڪي تنهنجا پوئلڳ ۽ معتقد آهن، تن جي حال تي افسوس ٿو ٿئي. ڇا، تون چاهيندين ته آهي سڀ پڻ تنهنجون اِهي ڳالهيون سڪي، تو وانگر اِئين چيڙاڪ ۽ بدڪلام ٿين! پر اِهي تنهنجون گاريون ۽ اِهي تنهنجا واڪا مون تي ڪوبه اثر ڪونه ٿا ڪن ... ڪڏهن نه ڪڏهن سچ پڌرو ٿيندو ۽ ان جي سوڀ ٿيندي، ۽ تو ڪالون کي خدا جي اڳيان اِنهن سڀني بدڪلامين، بهتانن ۽ ڪوڙن لاءِ جواب ڏيڻو پوندو، جيڪي تو منهنجي مٿان مڙهيا آهن — مان، جنهن جي نجات لاءِ به مسيح پاڪ اِئين ئي پنهنجي جان قربان ڪئي هئي، جيئن تنهنجي نجات لاءِ! ڇا، اِهو ممڪن آهي ته توکان مسيح جا آهي لفظ وسري ويا آهن، ۽ اِن لاءِ توکي ڪو پڇتاءُ به ڪونهي، ته ’جيڪو به بي سبب پنهنجي ڀاءُ تي ڪاوڙجي ٿو آهو خدائي فيصلي جي خطري هيٺ رهي ٿو، ۽ جيڪو به

زندگي ڪيتري سادگيءَ ۽ غربت ۾ گذاري آهي؟ تون ۽ تنهنجا سڀ شاگرد ۽ معتقد چاهن ٿا ته اِن باري ۾ مون تي ڪنهن قسم جي ڪا آڱر به کڃي نٿي سگهي. اِن صورت ۾ اوهين مون تي فقط اهو الزام لڳائي سگهيا ٿي ته منهنجا عقيدا اوهان جي عقيدن سان ٺهڪي نٿا اچن ۽ اهو ئي منهنجو گناهه آهي. اُن جي بدران اوهين مون کي محض بدنام ڪرڻ لاءِ مون تي آهي اخلاق کان ڪريل تهمتون رکو ٿا، جيڪي بي بنياد آهن، ۽ اُنهن جي تقويت ۾ اوهين خدا جو نالو کڻو ٿا؟ ڇا، اعليٰ حضرت، جناب ڪالون صاحب، توکي معلوم ڪونهي ته رڳو ڪروڌ ۽ ڪيني جي اثر ۾ اچي، ڪنهن تي ڪوڙا الزام مڙهڻ ڪيڏو نه ڪبيرو ۽ ناقابل معافي گناهه آهي؟

”پر خدا جو نالو آءٌ به کڻي سگهان ٿو؛ ۽ جيئن ته تون خدا جو نالو وٺين ٿو انهيءَ لاءِ ته منهنجي خلاف پنهنجي ڪوڙ کي سچ ثابت ڪري سگهين، آءٌ پڻ اُنهيءَ ئي پنهنجي خدا جي حضور ۾ تنهنجي انڌيءَ ظلم خلاف فريادي آهيان. جيڪڏهن آءٌ ڪوڙو آهيان، ته شل خدا مون کي اُن جي جوڳي سزا ڏئي، ۽ پيل ته ماڻهو مون کي بي عزت ڪن، بلڪ اُن لاءِ ڪين منهنجي جان به مباح آهي. پر جيڪڏهن سچ منهنجي پاسي آهي، ۽ تو مون تي ڪوڙي تهمت هڻئين آهي، ته آءٌ دعا ٿو گهران ته منهنجي دشمن منهنجي راهه ۾ جيڪي کڏون کوٽيون آهن، شل اُنهن ۾ ڪرڻ کان خدا مون کي پناهه ۾ رکي. منهنجي هيءَ به دعا آهي ته توکي به مرڻ کان اڳ هو توبهه تائب ٿيڻ جي توفيق ڏئي، ۽ هيءُ جيڪو تو گناهه ڪيو آهي، اهو تنهنجي نجات جي راهه ۾ رڪاوٽ نه ٿئي.“

هيءَ ٻولي ۽ هيءَ طرز تحرير، جيڪا هڪُ آزاد ۽ نيڪ طبع ماڻهو ڪم آڻي ٿو، سا ڪالون جي رنگ ۽ انداز کان ڪيتري نه مختلف آهي، جيڪو هُن هٺ ۽ ڪروڌ ۾ ڀرجي ڪاسٽيلو جي خلاف پنهنجي مضمون ۾ اختيار ڪيو هو! حق شناس ۽ انسان پسند ماڻهوءَ ۽ هڪ خود پسند ڪٽر شخص جي سڀاءَ ۾ اِهو ازلي فرق ٿئي ٿو. جنهن ماڻهوءَ

جو ضمير صاف آهي، آهو هميشه نوڙت ۽ نرمائيءَ سان ڳالهائڻ جو عادي هوندو آهي، پر هٺ ڌرم ۽ هوڏي ماڻهو ڏڪار ۽ دهمان کان سواءِ ٻيو ڪو طريقو ڪونه ڄاڻي. نفرت سان ڀريل دل ڪڏهن به صاف ۽ هلڪي نٿي رهي سگهي. ڪابه خالص روحاني نيڪي ڪنهن به آءٌ-پڻي جي اند ۾ ورتل ماڻهوءَ لاءِ ممڪن ئي ڪانهي. انساني ڀلائيءَ جي شفاف روحاني عمل جي اميد فقط آنهن شخصن کان ڪري سگهجي ٿي، جيڪي مِٺا ۽ صبر وارا ٿين ٿا ۽ جن جو پنهنجي نفس تي قبضو آهي ۽ هو سدائين انصاف جي رستي تي هلندڙ آهن.

پر جيڪي ماڻهو ڌُر بنجي ٿا بيهن ۽ جانبداريءَ کي پنهنجو منصب ٿا سمجهن، آنهن جي نظر ۾ انصاف جي ڪا اهميت ڪانه ٿي رهي؛ آنهن جي اک فقط پنهنجي سوبي ۾ کتل رهي ٿي. سندن پنهنجي ڳالهه مٿي ٿئي، هُنن لاءِ بس اِها ئي ڳالهه اهم آهي. هو ٻئي ڪنهن جي ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار ئي نه هوندا آهن. هنن کي فقط پنهنجي ڳالهه مڃائڻي هوندي آهي. هيڏانهن ڪاسٽيلو جو جواب پڌرو ٿيو ۽ هوڏانهن مٿس نئين سر حملا شروع ٿي ويا. هاڻي البت ڪيس ذاتي گارين ڏيڻ کان پرهيز ڪئي ويئي، يعني ڪيس ”ڪتو“، ”مرون“، ”ڪانئين جو چور“ وغيره سڏڻ کان چپ چاپ معافي ڏني ويئي. خود ڪالون به هن جي خلاف اهڙن گندن لفظن جي ڪم آڻڻ کان توبهه ڪئي. پر آن جي بدران مٿس حملي جو رخ بلڪل ئي ٻيو اختيار ڪيو ويو. هاڻي مٿس خالص ديني الزامن جي وارو وار ڪئي ويئي. ٻيهر جينيوا جا ڇاپخانا تحرڪ ۾ آندا ويا. نئين سر ٿئوڊور ڊي باز کي ميدان ۾ آندو ويو. هُن لاءِ سچ کان وڌيڪ پنهنجي آقا سان وفادار رهڻ لازم هو. بائيبل جي سال ١٥٥٨ع ۾ ڇپيل جينيوا جي سرڪاري نسخي جي مهاڳ ۾ هُن ڪُليو ڪُلايو ڪاسٽيلو تي اهڙا ته انسانيت کان ڪريل حملا ڪيا، جو آنهن کي پڙهي، لکندڙ جي مسيحي هجڻ تي ئي شڪ اچيو وڃي. آن مهاڳ ۾ ڊي باز لکي ٿو ته ”شيطان“، جيڪو اسان جو پراڻو دشمن آهي، تنهن جڏهن ڏٺو ته هو جيئن اڳي تيئن هاڻي به ڪلام خداونديءَ جي

وسيع اشاعت کي روڪي نٿو سگهي، تڏهن هو اڳي کان به وڌيڪ خطرناڪ هٿيار کڻي ميدان ۾ نڪري آيو. ڪيتري زماني تائين انجيل مقدس جو ڪو فرينچ ترجمو - ڪو پڙهڻ جهڙو ترجمو - ڪونه هو. پر هاڻي وري، اُن جي مقابلي ۾، شيطانَ اُن جا اوترا ئي مترجم پيدا ڪري وڌا آهن، جيترا هُن جا خبيث ۽ خسيس نفسَ آهن، ۽ اجا ته پيا به ڪيترا ئي اهڙا لعنتي گستاخ ڪيس اُن ڪم لاءِ ملي ويندا - ممڪن آهي ته خداوند قدوس ڪيس اِن ۾ ڪا گهاٽي وجهي. پڙهندڙ جيڪڏهن مون کان اهڙن مردودن جو ڪو مثال پڇي، ته آءٌ هن کي سيباستيان ڪاسٽيلو جو نالو ڏسي سگهان ٿو، جنهن انجيل مقدس جو لاطيني ۽ فرينچ ٻولين ۾ ترجمو ڪيو آهي - آهو ڪاسٽيلو، جنهن جو نالو مقدس ڪليسا وٽ احسان فراموشيءَ، بي ادبيءَ، ۽ گستاخيءَ کان مشهور آهي، چاڪاڻ ته هيءُ آهو ئي خدا جو تڙيل ملعون آهي، جنهن کي سڌي رستي تي هلائڻ لاءِ مقدس ڪليسا کي ڪيترا جتن ڪرڻا پيا آهن - پر سڀ بي سود! انهيءَ ڪري اسين پنهنجو اِهو خدائي فرض ٿا سمجهون ته هاڻي وڌيڪ ماٺ ڪري ويهي نه رهون، بلڪ سڀني مسيحي مومنن کي هِن ماڻهوءَ بابت چتاءُ ڪري ڇڏيون، جيڪو هِن وقت شيطان پليت جو ئي خاص ڏُٺيل ۽ قبول ڪيل ماڻهو آهي."

ڪنهن عالم ۽ فاضل شخص تي ڪفر جي فتوا اِن کان زياده ڪليل لفظن ۾ ٻي ڪهڙي صادر ٿي سگهي ٿي؟ بهرحال، ڪاسٽيلو، جيڪو "شيطان جو ڏُٺيل" ماڻهو هو، سو وري به ماٺ ڪري ڪونه ويٺو. ميلنشان جي خط جي آڌار تي يونيورسٽيءَ جي سينيٽ هِن ڏکوئيل شخص جي قلم تان پابندي لاهي ڇڏي هئي. هن پيري ڊي باز کي هُن جيڪو جواب ڏنو، سو ڏاڍو ڏک ڀريو ۽ دل ڀڄائيندڙ جواب هو. ۽ هِنن حالتن هيٺ واقعي هو پيو ڪري به ڇا ٿي سگهيو، جڏهن روحاني منزلن جي دعوا ڪندڙ شخص ڦري، اهڙا نفرت ۽ حيوانيت جا ديوَ ٿي پون! هُن جاتو ٿي ته ڪالوِيني سچ جا ساٿياري ڪونه هئا؛ هُنن ته رڳو پنهنجي ئي عقيدي جي ڳالهه کي مٿي ڪرڻ گهريو ٿي، ۽ انهيءَ ڪري هو تيسين

خاموش تي ويهڻ وارا ڪونه هئا، جيسين ڪيس پوريءَ طرح ختم ڪري نه ڇڏين، جيئن آن ڪان اڳ هُنن پنهنجن پين نظرياتي ۽ سياسي مخالفن کي ختم ڪري ڇڏيو هو. پر هو پاڻ پنهنجن مخالفن لاءِ نفرت جو اهڙو آڙاهه دل ۾ ڪٿي هلڻ لاءِ تيار نه هو. اِنهيءَ ڪري، وري به هنن جي ستل ضمير کي جاڳائڻ لاءِ لکيائين: ”توهين اختياريءَ وارن کي آياري رهيا آهيو ته هو مون کي مارائڻ جو بندوبست ڪن. توهان جا ڪتاب ۽ توهان جون تحريرون ائين پڌري پٽ آنهن کي چوندي ٿيون رهن. آنهن مان اِها ڳالهه پڌري نه هجي ها، ته هوند اهڙو الزام اوهان تي آءٌ هرگز نه هڻان ها - پوءِ پئي ڪنهن نموني مون کي آن ڳالهه جي ڪيتري قدر به خاطري ڇو نه هجي ها. اوهين سمجهو ٿا ته آءٌ سري ويس، ته اوهان کي جواب ڏيڻ مون لاءِ ممڪن نه رهندو: اِنهيءَ ڪري جيسين جيئرو آهيان، تيسين اوهان لاءِ آءٌ ائين آهيان جيئن ڪنهن پار لاءِ ننڊ ۾ ڏيجڙو. پر اوهان کي اِهو معلوم آهي ته اختياريءَ وارا اوهان جي چوڻ تي مون کي مارائڻ لاءِ تيار نه آهن - گهٽ ۾ گهٽ اڃا تائين ته هو اوهان جي اِنهيءَ دياءُ ۾ اچي نه سگهيا آهن. پر تَنهن وچ ۾ توهين مون کي دنيا جي اکين ۾ خوار خراب ڪرڻ گهرو ٿا ته جيئن آءٌ ايترو حقير بنجي وڃان، جو منهنجي قول ۽ فعل جي ڪٿي ڪا وقعت نه رهي. هاڻي، اوهان کي آن مسيح جو واسطو وجهي چوان ٿو، جنهن جو بار بار اوهين نالو وٺي رهيا آهيو، ته اوهين آن جي اڳيان پنهنجي اِن روش کي ڪهڙيءَ طرح جائز ثابت ڪري ٿا سگهو؟ هو ته آهو هو، جنهن پنهنجي غدار ساٿيءَ جُوڊاس سان آن وقت به نرسائيءَ ۽ شفقت سان پئي ڳالهايو، جڏهن آهو ڪيس دشمن جي حوالي ڪرڻ جي سازش ۾ رڌل هو، ۽ هُن کي جڏهن صليب تي چاڙهيو ويو هو، تڏهن آتان به هو پنهنجن جلادن جي نجات لاءِ دعائون گهرندو ٿي رهيو. پر هيڏانهن اوهين آهيو، جي پاڻ کي مسيح جو پوئلڳ چوايو ٿا: ڇا اوهين سمجهو ٿا ته اوهين پاڻ ڇا ڪري رهيا آهيو؟ رڳو اِنهيءَ لاءِ ته منهنجو اوهان سان ڪن عقيدن تي اختلاف آهي ۽ اوهان جي ڪن معمولي راين ڪان

الڳ رايو رڪان ٿو، اِنهيءَ ڪري اوهين منهنجي رت جا پياسي بڻجي پيا آهيو، ۽ پاڻ توڙي پين هٿان هر هنڌ مون کي ڏک ۽ عذاب ڏياريندا ٿا رهو! اوهان کي اِها ته خبر آهي ته اوهان جي اهڙي قسم جي عمل تي خداوند يسوع ڪيترو نه ناراض ٿيندو هو ۽ اُن کي ڪيتري قدر نه قابل ملامت سمجهندو هو! چا، هُن جو اهو قول اوهان کان وسري ويو آهي ته 'جيڪڏهن ڪو پنهنجي ڪنهن ڀاءُ کي ڌڪاري ٿو ته آهو خوني آهي'! اهي ته سنوان سڌا سچ آهن ۽ مقدس انجيل ۾ هرڪو ڏسي سگهي ٿو، بشرطيڪ هن جي دل مناظرائي ڪوٺ ۽ ڏنگائيءَ کان بچيل هجي. اوهين پاڻ زبان سان اِنهن ڳالهين کي سچو ٿا ۽ چئو ٿا ته آنهن تي اوهان جو ايمان آهي. پوءِ آنهن تي اوهين پنهنجي روزمره جي زندگين ۾ عمل ڇو نٿا ڪريو؟"

ڪاسٽيلو کي خبر هئي ته ڏي باز ته رڳو هڪڙو پتلو هو، جنهن کي چِٽ ڏيئي اڳ ۾ ڪيو ويو هو. اصل ۾ ڪالون ئي هو، جنهن ضمير جي اندرينءَ دنيا توڙي ٻاهرينءَ ٻيءَ دنيا ۾ پنهنجي آمريت کي قائم رکڻ ٿي گهريو ۽ اُن جي دل ۾ ئي آها خونخوار نفرت موجود هئي، جنهن ڪاسٽيلو کي پوريءَ طرح ختم ڪرڻ گهريو ٿي. ڪاسٽيلو، اِنهيءَ ڪري ڏي باز کي ڇڏي، سڌيءَ طرح ڪالون سان مخاطب ٿيو: "تون پاڻ کي مومن مسيحي سڏائين ٿو، تون انجيل مقدس جا حوالا ڏين ٿو، تون ڪلام خداونديءَ کي پنهنجي سند سڏين ٿو، ۽ فخر سان دعوا ڪرين ٿو ته تنهنجو سڄو ذهن خداوند قدوس جي ارادي ۽ مرضيءَ جي عين مطابق ڪم ڪري ٿو. تون سمجهين ٿو ته توکي انجيل مقدس جي حقيقي معنيٰ جي ڄاڻ آهي. پر، جي تون ٻين کي آها سيکارڻ گهرين ٿو، اُن جي بدران پهريائين آها پاڻ کي ڇو نٿو سيکارين؟ اِها توکي ڪيئن ٿي همت ٿئي، جو ديول جي منبر تان ويهي، ٻين تي لعن طعن ڪرين ٿو جيڪي ڪوڙ ڳالهائين ٿا، جڏهن تون پاڻ پنهنجي تحريرن ۾ ڪوڙ لکندو رهين ٿو؟ ائين ڇو آهي، جو ٻاهرينءَ طرح منهنجي هوڏ کي ٻچڻ جي دعوا ڪندي، ساڳيءَ هوڏ ۽ خودپسنديءَ ۾

پرجي، منهنجي خلاف آهي.آهي فتوائون جاري ڪندو رهين ٿو، جڻ تون خود خدا سان گوڏو گوڏي ۾ ڏيو، تخت تي هُن جي ٻنهه ساڄي پاسي ويٺو آهين ۽ هُن پنهنجي دل جا سمورا راز توکي ٻڌائي ڇڏيا آهن؟ منهنجي توکي صلاح آهي ته ڪجهه پنهنجي اندر ۾ به جهاتي پائي ڏس - متان اڳتي اُن جي به مهلت نه مليئي! جي تو لاءِ اِهو ممڪن ٿي سگهي، ته هڪ گهڙيءَ لاءِ ائين به سوچڻ جي ڪوشش ڪري ڏس، ته ڇا، تون هر ڳالهه ۾ واقعي ايترو ڪامل اڪمل انسان آهين جيترو تون پاڻ کي عام طرح سمجهين ٿو! ائين سوچڻ جي ڪوشش ڪندين ته شايد پنهنجي لاءِ ڪجهه قدر آهو ئي رايو قائم ڪري سگهين جيڪو ٻيا پنهنجي دل ۾ تو لاءِ رکن ٿا. پاڻ کي فنافيالنفسيءَ کان بچاءِ، جيڪا توکي ٻنهه کائي رهي آهي. تنهنجي دل ۾ ايترن گهڻن ماڻهن لاءِ، ۽ خاص طرح منهنجي لاءِ، جيڪا هيتري ڌڪار ۽ حقارت آهي، اُن کان به پاڻ کي آجو ڪر ته جيئن تنهنجي روح کي ڪجهه سڪون ملي. اڄ ته پاڻ ۾ هڪٻئي لاءِ گهٽگهرائيءَ ۽ نيڪ تمنائيءَ جي ڇتاپيتي ڪريون - اِن مان توکي ترت ئي خبر پوندي ته آءٌ ايترو برو نه آهيان جيترو تون مون کي سمجهين ٿو - بلڪل ائين جيئن توکي هاڻي معلوم ٿي چڪو آهي ته ڪانئن جي چوريءَ جو جيڪو ڏوهه تو مون تي مڙهيو هو، سو صحيح نه هو. جيڪڏهن آءٌ عقيدي جي مسئلي ۾ توکان ڪجهه جدا آهيان، ته توکي کپي ته مون کي ڪجهه برداشت ڪر. ڇا، اِها ڪا ايڏي ناممڪن ڳالهه آهي، جو ٻه نيڪدل ماڻهو راهه جي اختلاف هوندي به دلي طور هڪ هجن؟"

تحقيق، ڪو ماڻهو ڪٽر عقيدي پرستن جي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ڀريل حملن جو جواب اِنهيءَ کان وڌيڪ مهذب ۽ فضيلت سان نٿو ڏيئي سگهي. اختلافي مسئلن ۾ اِن کان وڌيڪ مصالحتي انداز پيو ڪو ممڪن ئي ڪونهي. اهڙي ڀل مانسيءَ جي روش چوڻ ۾ ته سولي آهي، پر اُن تي عمل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڪاسٽيلو تي ته هيءُ سڄو آزار زوريءَ مڙهيو ويو هو. پر اُن ۾ آخر سوڌو هو پنهنجو ڪردار سهپ ۽ مريادا

جي زنده مثال طور پيش ڪندو رهيو. حقارت جو جواب حقارت سان ۽ نفرت جو جواب نفرت سان ڏيڻ جي بدران هو پنهنجن مخالفن ڏانهن پنهنجي محبت ۽ مفاهمت جو هٿ ڊگهيريندو رهيو. هوڏانهن سندس مخالف سندس قتل جا سانباها ڪندا رهيا، هيڏانهن هيءُ اشراف آهو ئي ڪين انسانيت ڪان ڪم ونڻ لاءِ هٿ جوڙ ڪندو ۽ خدا جا واسطا وجهندو رهيو ۽ خدا جي پياري يسوع جي نالي ۾ ليلائيندو رهيو: "منهنجو اوهان کي هيءُ نماڻو عرض آهي ته منهنجي شخصي آزاديءَ جو احترام ڪريو، مون تي ڪوڙيون تهمتون نه هڻو. ڇڏيو ته آءٌ پنهنجي ايمان تي پورو رهان ۽ آن ۾ مون کي ڪنهن جي ڪاڻ نه ڪيڏي پوي. اوهين به پنهنجي ايمان تي جيئن اوهان جي مرضي هجي تيئن قائم رهو - مون کي اِن تي ڪو اعتراض ڪونهي، بلڪ آن ۾ آءٌ پاڻ خوش ٿو ٿيان. مهرباني ڪري اِهو خيال دل تان لاهي ڇڏيو ته جيڪو اوهان سان سهمت نه آهي، آهو هرو ڀرو به غلط آهي ۽ آنهيءَ ڪري آن کي جيئري ساڙي ڇڏڻ گهرجي ... جڏهن آءٌ ڏسان ٿو ته ڪيترا ئي متقي ۽ پرهيزگار، راسخ ۽ اڏول ايمان وارا مسيحي عالم انجيل سڳوري جا پنهنجي پنهنجي خاص نموني سان تفسير ڪن ٿا، تڏهن يسوع مسيح جي ذات مقدس ڏانهن جيڪا منهنجي عقيدت ۽ سندس پاڪ ڪلام ۾ جيڪو منهنجو ايمان آهي، سو وڌيڪ پختو ٿئي ٿو. برابر اِها ته لازمي ڳالهه آهي ته انجيل مقدس جي تفسير ۾ پاڻ ۾ مان هڪ جو تفسير ضرور غلط هوندو، پر آن ڪري اسين پاڻ ۾ هڪٻئي سان ڇو وڙهون. آهو، جيڪو اسان ٻنهي جو مالڪ آهي، سو ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن اسان مان جيڪو هاڻي گمراهه آهي، تنهن کي پاڻ ئي راهه راست تي آڻيندو. تنهن وچ ۾ اسان ٻنهي سان هر هڪ کي فقط هڪڙي ڳالهه سمجهڻ گهرجي ۽ ياد رکڻ گهرجي: آها هيءَ ته اسان ٻنهي تي سڀ کان اول مسيحي اخوت ۽ محبت جو فرض عائد ٿيل آهي. اچ ته ڀهرين آن تي عمل ڪريون، ۽ آن ئي عمل سان پنهنجن مخالفن جا مُنهن بند ڪريون. تون سمجهين ٿو ته پنهنجن راين ۽ عقيدن ۾ تون صحيح آهين. پيا پڻ پنهنجن راين ۽ عقيدن متعلق ائين

سمجهن ٿا. اِن صورت ۾ اسان مان جيڪو وڏ ۾ وڏ ڏاهو آهي، ان جو ڇا فرض آهي؟ اهو ئي ته هو پنهنجي عمل ۾ وڏ ۾ وڏ اخوت ۽ محبت جي روش ڏيکاري. اسان کي پنهنجي علم تي گهمنڊ ڏيکارڻ نه کپي. خداوند قدوس ئي سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو ۽ هو ئي سڀ کان وڌيڪ ڏاهو آهي، ۽ اسان کي ياد رکڻ کپي ته هُن ”وڏن وڏن طاقتورن کي سندن تختن تان لاهي پٽ تي اڇلايو آهي، ۽ آهي، جيڪي تمام ننڍا ۽ هيٺا هئا، تن کي مٿي کڻي، اوچين اوچين گادين تي ويهاريو آهي.‘

”هي مون لفظ ان وقت لکيا آهن، جڏهن منهنجي دل محبت جي جذبي سان ٽمٽار ٿيل آهي. آءٌ توکي ۽ اوهان سڀني کي پنهنجي محبت ۽ مسيحي مفاهمت جي آڇ ڪريان ٿو. آءٌ توکي استدعا ٿو ڪريان ته تون مون تي محبت ۽ شفقت جو هٿ رک. آءٌ خدا جو نالو وٺي چوان ٿو ته هيءَ استدعا آءٌ توکي پنهنجي دل جي گهرائين سان ڪريان ٿو.

”جيڪڏهن تون پوءِ به دل ۾ ڌڪار جو انگ رکي، مون تي وارُ ڪندو رهئين، جيڪڏهن آءٌ توکي بهرحال مڃائي نه سگهيس ته تون مون کي هڪ مسيحي ڀاءُ ڪري سمجهه ۽ مون سان قرب ۽ اخلاص جي روش هل ۽ مون سان بغض ۽ عداوت ڇڏي ڏي، ته ان حالت ۾ به مون کي هاڻي خاموش ٿي ويهڻو آهي. اسان ٻنهي جو نبيرو پاڻيهي خداوند قدوس ڪندو. آءٌ پنهنجيءَ سڄيءَ ڳالهه جو فيصلو ان خالق اڪبر، داناءَ بيناءَ، عدل ۽ فضل جي صاحب جي حوالي ڪريان ٿو.“

هيءَ ڳالهه ٻنهي ويساهه کان ٻاهر ٿي لڳي ته سمجهوتي ۽ سرچاءَ جي ههڙي دل ڍرچائيندڙ دانهن به ڪنهن تي بي اثر رهجي وڃي. پر اسان فاني انسانن جي فطرت جي هڪڙي متضاد خصوصيت هيءَ آهي ته اسان مان آهي جيڪي نظرياتي آهن، آهي پنهنجي پنهنجي تنگ خياليءَ ۾ ايترا ته ورتل ٿين ٿا ۽ ان جا ايترا ته پائبند آهن، جو ٻيءَ ڪنهن خيال جو مٿن ڪو اثر ٿئي، سو ممڪن ئي ڪونهي، ۽ ڪين ڪابه دانهن، ڪوبه فرياد پنهنجي ڳالهه تان هٽائي نٿو سگهي. فڪر جي معاملي ۾ جانبداري لازمي طور ساڻهوءَ کي عمل جي دائري ۾ بي انصافيءَ ڏانهن

مائل ڪري ٿي، ۽ جڏهن ڪو شخص يا ڪا قوم ڪنهن محدود نظريي جي ڪٽرپڻي جو شڪار هوندي آهي، ته آن جي سامهون هڪٻئي جي سهپ ۽ سمجهوتي جو امڪان ختم ٿي ويندو آهي. ڪاسٽيلو جي هنن ايذيءَ درديلي دانهن جو ڪالون تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيو. هيءَ دانهن ڪنهن جي هئي؟ آنهيءَ دل جي، جيڪا صرف محبت جي ڳولائو هئي، جنهن پنهنجي ڪا ڳالهه مڃائڻ ڪانه ٿي گهري، جنهن ڪو بحث مباحثو به ڪرڻ ڪونه ٿي گهريو، جنهن فقط گهريو ٿي ته ماڻهو هڪٻئي کي برداشت ڪن، پاڻ جيئڻ گهرن ته ٻين کي به جيئڻ ڏين، امن امان ۽ صلح سانت ۾ رهن، هڪٻئي سان عداوت ۽ نفرت بدران ماڻهپي ۽ مروت جي فضا ۾ زندگي بسر ڪن. پر جينيوا جي وڏي ديندار پادريءَ تي هن مسيحي امن جي اپيل جو ڪو اثر ڪونه ٿيو. آٽلو هُن ڪاسٽيلو جي خلاف هڪ وڏيڪ زورائتي حملي جي تياري ڪئي، عام ماڻهن کي هُن جي خلاف آپارڻ ۽ مشتعل ڪرڻ شروع ڪيو. ڪاسٽيلو جي خلاف سندس هيءُ حملو سڀ کان وڏيڪ خسيس ۽ ذليل حملو هو. جيتوڻيڪ هوئن ڪالون جي جينيوا ۾ ناٽڪ ۾ حصو وٺڻ ته نهيو پر رڳو آن کي ڏسڻ به ديني ڏوهه شمار ٿيندو هو، آتي جينيوا جي هڪ خانقاهه ۾ ڪالون جي پوئلڳن ۽ معتقدن هڪڙو ”ديني“ ناٽڪ رچيو ۽ آهو اسٽيج تي آڏي ڏيکاريو، جنهن ۾ ڪاسٽيلو کي خوار خراب ڪرڻ جي خيال کان ’دي پاروو ڪاسٽيلو‘ جي ڪُلئي نالي سان هڪڙو ڪردار ڏيکاريائون، جيڪو ”شيطان جي مُک صلاحڪار ۽ ايجنٽ“ طور پيش ڪيو ويو هو، ۽ ناٽڪ ۾ آن ڪردار کان ”قبوليت“ طور گيت جي صورت ۾ هي لفظ چواياٺون:

”منهنجو قلم منهنجو ناهي،<br>
”منهنجو ذهن منهنجو ناهي؛<br>
”پاپاي اعظم لاءِ مان سوچيان ٿو،<br>
”پاپاي اعظم لاءِ مان لکان ٿو.<br>
”نفس جو آهيان مان غلام،

”رڳو پيسو ئي آ منهنجو دام!
”فتنو پکيڙڻ آ منهنجو ڪم،
”رڳو زهر ئي زهر آ منهنجو دم!“

اُهو ماڻهو، جنهن جي سڄي زندگي فقيرائپ ۽ سادگيءَ ۽ درويشانه بي‌احتياجيءَ ۾ گذري هجي، اُن لاءِ اِهو هلائڻ ته هُن پنهنجو قلم وڪيو هو، ذهن وڪيو هو، هو نفس جو غلام هو، پيسو هُن لاءِ سڀڪجهه هو ۽ پاپائيت جو پگهادار نوڪر هو - افسوس، هيءَ سڄي انسان دشمن روش ۽ الزام تراشي نه رڳو جينيوا جي ديندار اڳواڻن جي موڪل سان پر اُنهن جي تحرڪ سان عمل ۾ اچي رهي هئي! ڪالوِيني گروهه جا ماڻهو ڪروڌ ۽ ڪٽرپائيءَ ۾ ايترا وڌي ويا هئا، جو ڪائنن غيبت ۽ حق، ڪلا ۽ سچ جو فرق وسري ويو هو. هنن جو واحد مقصد هيءُ وڃي رهيو هو ته ڪنهن ريت ڪاسٽيلو کي باسيل يونيورسٽيءَ جي پروفيسريءَ تان لهرايو وڃي، هُن جون تحريرون ساڙيون وڃن، ۽ جي ٿي سگهي ته خود ڪيس به جيئري آڙاهه ۾ اڇلايو وڃي.

نفرت ۽ بيائيءَ جي هنن ماهرن کي هاڻي ڪجهه بخت به مدد ڪئي. جينيوا ۾ دستوري طور عمل ۾ ايندڙ عام گهرن جي تلاشيءَ ۾ ڪالوِن جي ”روحاني محافظن“ کي هڪڙي گهر ۾ به اهڙا شهري هٿ لڳي ويا، جيڪي هڪڙو ڪتاب پڙهي رهيا هئا، جنهن تي ڪالوِن جي اجازت جو ٺپو لڳل ئي ڪونه هو! اُن جي ناليواري ورق تي مصنف جو نالو به ڪونه لکيل هو، ۽ نه وري اُن جي پوئين يا اڳئين صفحي تي ڪٿي پي ڪا اُن جي ڇپائيءَ بابت معلومات ڏنل هئي. اِنهن ڳالهين ڪري هيڪاري آهو ڪتاب، جنهن جو نالو ”فرانس جي شهرين کي سهڻي صلاح“ هو، الحادي ادب جي شڪ هيٺ اچي ويو! ڪتاب جي پنهي پڙهندڙن کي هڪدم ”محڪمي امور مذهبيءَ“ جي اختياريءَ وارن اڳيان آندو ويو. اشڪنجي ۾ ڪسجڻ ۽ جيئري ڪلجڻ جي خوف کان هي بيئي شخص گهبرائجي ويا ۽ بيان ڏنائون ته ”سهڻي صلاح“ وارو ڪتاب ڪين ڪاسٽيلو جي هڪڙي پائنٽي کان مليو هو. شڪاري فوراً اُن ڏي پي

تي اڳيان وڏيا ته جيئن شڪار ڪانئن ڪتي ڳم نه ٿي وڃي.

۽ حقيقت ۾ اِها هئي ته هيءُ ڪتاب ”بدعتن ۽ الحادي سڄڻن سان پرِيل هئڻ سبب، بيحد خراب ۽ خطرناڪ“ تصنيف هئي، ۽ آهو هو به ڪاسٽيلو جي قلم جي تخليق. هن ڪان هڪ پيرو وري به ”خطا“ سرزد ٿي ويئي هئي. اِئين ٿي معلوم ٿيو ته هن جي اِها پراڻي عادت سِنجڻ ڪان مٿي چڙهي چڪي هئي، جنهن مطابق هن چاهيو ٿي ته مسيحي ڪليسا جي اندر جيڪو خونخوار تصادم پيدا ٿيل هو، آهو ڪنهن طرح افهام تفهيم وسيلي ختم ٿي وڃي، ۽ مخالف گروهن ۽ فرقن جي وچ ۾ سرچاءَ ۽ صلح جي صورت قائم ٿي سگهي. آن پنهنجي دلي خواهش ۽ جذبي جي موجودگيءَ ۾ هو خاموش به نيٺ ڪيئن ٿي رهي سگهيو، جڏهن هُن ڏٺو ٿي ته سندس پياري وطن فرانس ۾ هزارين جانيون ديني تشدد ۽ ظلم جو شڪار ٿي رهيون هيون ۽ جينيوا جي چُرچ تي پروٽيسٽنٽ فرقي وارا ڪئٿولڪ فرقي وارن جي خلاف هٿيار گڏ ڪري رهيا هئا، ۽ عنقريب آتي وڏي ڪا خونريزي واقع ٿيڻ واري هئي. ٿورو ئي عرصو پوءِ واقعي فرانس ۾ سينٽ بارٿلمو جو ڪوس عمل ۾ آيو ۽ طويل مدت جي فرقيوارانه رتوڇاڻ شروع ٿي ويئي هئي*. اِهي سڀ خونخوار واقعا چڻ ڪاسٽيلو جي دوزانديش اکين اڳ ئي ڏسي ورتا هئا، ۽ هو بنهه آخري گهڙيءَ تي آنهن ڪي ٽارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هُن پنهنجي ”سهٽي صلاح“ ۾ سمجهايو هو ته مذهب جي نالي ۾ اِهي خونريزيون بيسود هيون، ديني نظرين مان هيءُ نظريو يا هُو نظريو پنهنجيءَ جاءِ تي غلط نه هو: دراصل غلط ڳالهه، بلڪ انتهائي مجرمانه ڳالهه، هيءَ هئي ته ڪنهن ماڻهوءَ ڪي ڪنهن خاص نظريي ڪي مڃڻ تي مجبور ڪيو وڃي، جنهن ڪي هو مڃڻ لاءِ تيار نه هجي. هِن دنيا ۾ جيڪا به خرابي پيدا ٿئي ٿي، آها آنهيءَ ”ضمير جي پوست“ مان ٿئي ٿي. تنگدل ۽ تعصبي ماڻهو هميشه ضمير تي زنجيرن وجهڻ جا نت نوان زور آزمائيندا

* ڏسو نوٽ ڪتاب جي آخر ۾.

ڪيا ويا. هِن سلسلي ۾ ڪال‌ون جي تنظيم ايتري ته باعمل ۽ بااثر هئي، جو آگسٽ ١٥٦٣ع ۾ منعقد ٿيل پروٽيسٽنٽ ڪليسائن جي عام اجتماع ۾ هيٺينءَ ريت هڪ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو: ”مقدس ڪليسا ڪي هيءُ عام اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته هڪڙو ڪتاب ’فرانس کي سهٽي صلاح‘ جي نالي سان پڌرو ٿيو آهي، جيڪو ڪاسٽيلو جو لکيل آهي. آهو هڪ بيحد خطرناڪ ڪتاب آهي، ۽ مومنن کي اُن کان خبردار رهڻ جو چتاءُ ڏجي ٿو!“

هِن ريت، هڪ ڀيرو وري به، هي تعصبي شخص ڪاسٽيلو جي هڪڙيءَ ”خطرناڪ“ تصنيف کي پڌري ٿيڻ کان اڳ، ضبط ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. هائو، ڪتاب ته برابر ضبط ٿي ويو، پر ڪتاب جي مصنف کي ڇا ڪجي، جيڪو ايترو هڪ اڏول، پختو، هٺ ڌرميءَ ۽ تعصب جو ويري، ۽ نظرياتي ذهنن جو دشمن فيلسوف هو، جو هڪڙو ڪتاب ٿي ضبط ٿيس ته ٻيو ٿي لکيائين، ۽ جنهن کي نه ڪنهن سزا جو خوف هو ۽ نه ڪنهن فائدي جي لالچ. سڀ کان وڏيڪ، هُن کي ختم ڪرڻ ضروري هو. هِن جي سُنهن بند ڪرڻ سان به ڪو فائدو ڪونه هو. هِن جو اصل مٿڪو پيٽو هو. هڪ ڀيرو وري ٿيوڊور ڊي باز کي ڪم تي لڳايو ويو. هُن هڪ ’اپيل‘ تيار ڪئي، جيڪا باسيل جي ڪليسائي اختياريءَ وارن ڏانهن لکيل هئي. اُن جي عنوان - ”شيطان جي ڇاڙتي سيباسٽيان ڪاسٽيلو جي محافظن جي ذميداري“ - مان ئي ظاهر هو ته هُن ڪاسٽيلو جي خلاف ڇا ٿي ڪرڻ گهريو. ڊي باز اُن ’اپيل‘ جي ابتدا ۾ ئي ڳالهه کي نِڌان تي پهچائي ڇڏيو هو - ڇي: ”وقت اچي ويو آهي، بلڪ ڪافي وقت گذري چڪو آهي، جو هِن ملحد ۽ ملحدن جي دوست تي آخري ديني سزا عائد ڪئي وڃي.“ غصي ۾ آپي کان ٻاهر نڪرندي، هِن ’نيڪ ۽ پرهيزگار‘ ديني عالم اُن پنهنجي ’آپيل‘ ۾ ڪاسٽيلو کي جنسي گاريون ڏنيون: ”ڪوڙو، گستاخ، بدباطن، غير بپتسمي، مقدس دين جو دشمن، گندو چاپلوس، ملحد، ڪافر، ۽ ملحدن، زانين ۽ عادتي ڏوهارين جو دوست ۽ حمايتي“، وغيره وغيره. پڇاڙيءَ ۾ هڪ

ديني فتوا جي انداز ۾، هُن لاءِ چيائين ته هو هڪ خوني هو. جنهن جي ”بچاءَ جا اوزار“ شيطان جي ڪارخاني جا نهيل هئا. وچ وچ ۾ ڊي باز ڪاستيلو لاءِ ڪي وچڙا لفظ به ڪم آندا ٿي، پر جيڪا ڳالهه سندس سڄيءَ لکيت مان اُڀري ڪائي ٻاهر اچي نڪتي هئي، اُها هيءَ هئي ته ڪاستيلو جي زبان ۽ قلم، جيڪي هُن جا ”شيطان جي ڪارخاني جا نهيل بچاءَ جا اوزار“ هئا، تن کي هميشه لاءِ بند ڪيو وڃي - چاهي اُن لاءِ سندس جان ئي ونڃي ڇو نه پوي.

اهڙيءَ طرح، ڪاستيلو جي ڪٽر عقيدي باز دشمنن نيٺ هُن جي باري ۾ پنهنجن ارادن جو صاف اعلان ڪري ڇڏيو - يعني هيءُ ته ڪاستيلو تي ڪفر ۽ الحاد جي ڏوهه ۾ ڪيس هلائي، مٿس ديني سزا جي حد عائد ڪئي وڃي! آخرڪار، دستوري طور باسيل جي ديني ڪائونسل ڏانهن لکيو به ويو ته شهري انتظاميه ڏانهن معاملي کي رجوع ڪيو وڃي، تان ته اُتي ڪاستيلو تي ڪيس جي ڪاروائيءَ جو ڪم هڪدم شروع ڪيو وڃي. ڪاستيلو کي عوام جو پهريون نمبر دشمن سمجهي فوراً گرفتار ڪرڻو هو. پر افسوس، جو اُن ”ثواب جي ڪم“ ۾ اڃا هڪڙي رڪاوٽ باقي رهجي ويئي هئي. باسيل جي شهري قانونن موجب ڪوبه شهري تيستين گرفتار ٿي نٿي سگهيو جيستين هُن جي خلاف ڪو لکيل فرياد داخل نه ڪيو ويو هو. هن سلسلي ۾ رڳو اعتراض جوڳي ڪتاب جو وجود ڪافي نه هو. هن صورتحال ۾، لازمي ڳالهه هئي ته يا ته ڪال ون پاڻ يا وري هُن جو ايجنٽ، ڊي باز، ڪاستيلو جي خلاف ڪو تحريري الزام داخل ڪري. پر هن ڀيري به ڪال ون پنهنجيءَ اصلوڪيءَ عادت موجب پاڻ کي، ۽ خود ڊي باز کي به، پردي ۾ رکيو، ۽ وچٿون ٻئي هڪڙي غير معروف ماڻهوءَ کي ڏکي اڳيان آڻي بيهاريو. هُن جيڪو طريقو شروع ۾ سرويٽس جي حالت ۾ استعمال ڪيو هو، اُهو ئي هن ڀيري به هُن کي ڪارائتو نظر آيو. نومبر ١٥٦٣ع ۾، جيئن ئي ڊي باز جي ’اپيل‘ ”شيطان جي چاڙتي“ سيباستيان ڪاستيلو جي خلاف شايع ٿي، تيئن آدم وان بوڊ‌ستين جي نالي هڪڙي بنهه اڻ ڄاڻ ۽ اڻ ڄاتل شخص باسيل شهر جي اختياريءَ

هئا، جن اِهو سچو ڪيس هُن جي خلاف ڪڙو ڪيو هو: سينيٽ جي اڳيان خود آنهن ڪي اچڻ گهربو هو ۽ هن جي صفائي ٻڌڻ گهربي هئي. ”جيئن ته مون تي ايڏي زهريلي انداز سان الزام هنيا ويا آهن، انهيءَ ڪري منهنجي درخواست آهي ته مون ڪي پنهنجي بچاءَ جو پورو موقعو ڏنو وڃي. جيڪڏهن ڪالون ۽ ٻي باز نيڪ نيت آهن، ته ڪين وڏي هتي سينيٽ جي اڳيان اچڻ گهرجي، جتي هو مون تي اِهي سڀ ڏوهه ثابت ڪري سگهن ٿا، جيڪي هو ٻاهر مون تي مڙهين ٿا. جيڪڏهن هو پنهنجي ايمان ۾ پختا آهن ۽ پاڻ ڪي صحيح سمجهن ٿا، ته ڪين باسيل يونيورسٽيءَ جي سينيٽ يا باسيل جي اعليٰ شهري عدالت جي آڏو اچڻ ۾ ڪو خوف نه هئڻ گهرجي. هينئن ته سڄيءَ دنيا جي اڳيان مون تي اِهي الزام هنيا آهن، ته پوءِ هن ڪورٽ جي سامهون اچڻ ۾ ڪين ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو! مون ڪي معلوم آهي ته اِهي جيڪي مون تي الزام هڻن ٿا، سي وڏا اثر رسوخ رکندڙ شخص آهن، پر خدا وڏيءَ طاقت وارو آهي ۽ هُن وٽ وڏ ننڍائيءَ، طاقت ۽ هيٺائيءَ جو سوال ڪونهي؛ هُن جو عدل شخصيتن ڪان مٿي آهي. آءٌ ڄاڻان ٿو ته آءٌ هينئن جي نسبت ۾ هڪ غير معروف فرد آهيان ۽ سماجي درجو به گهٽ اٿم؛ پر خدا هيٺن جو نگهبان آهي، ۽ هُن جو عدل آنهن جي بي سبب خون جو ضرور جواب وٺندو. آءٌ هن عدالت جو اختيار تسليم ڪريان ٿو، ۽ چوان ٿو ته جيڪي مون تي الزام لڳايا ويا آهن، جيڪڏهن آنهن مان ڪو هڪ به مون تي ثابت ٿئي، ته آن لاءِ آءٌ پنهنجي سِسي ڪپائڻ لاءِ تيار آهيان.“

پر ڪالون ۽ ٻي باز هين قسم جي صاف ۽ سڌيءَ ڳالهه جي قبولڻ لاءِ تيار نه هئا. ٻنهي مان ڪو به باسيل يونيورسٽيءَ جي سينيٽ جي آڏو حاضر نه ٿيو: اِئين پئي ڏسڻ ۾ آيو ته ڪاسٽيلو تي مڙيل سڀ الزام اِئين دونهين وانگر هوا ۾ غائب ٿي ويندا. پر افسوس، اتفاق اهڙو پيدا ٿي پيو، جنهن ۾ ڪاسٽيلو جي دشمنن کي وڏي هٿي ملي ويئي! عين آن وقت هڪڙي اهڙي شيءِ ظاهر ٿي پيئي، جنهن مان ڪاسٽيلو تي

اهڙو ئي يار ۽ مددگار هوا هوڏانهن، جو وري چوندا آهن ته 'بدبختي ايندي آهي ته اڪيلي ڪانه ايندي آهي'، پر ٽولا ٽاهي ايندي آهي، سو عين انهيءَ موقعي تي هڪ ٻي به ڳالهه ڪاسٽيلو جي خلاف ظاهر ٿي پيئي. هن جي خلاف ثابتيون پيش ڪيون ويون ته هُن جا ٻيئي هڪڙي بدنام ملحد، برنارڊينو اوچينو، سان به لاڳاپا هئا. اوچينو شروع ۾ هڪ مسيحي راهب هو ۽ سڄي اٽليءَ جي ملڪ ۾ پنهنجي آتش نوائي واعظن ڪان مشهور هو، جيڪي هو ماڻهن جي عوامي ٻوليءَ، يعني اطالوي زبان، ۾ ڪندو هو. هو ترت ئي 'مقدس ديني عدالت' جي اک ۾ اچي ويو، ۽ اُن جي غضب ڪان بچڻ لاءِ هن پڇي وڃي سئٽزرلنڊ ۾ پناهه ورتي هئي. آتي هو هڪڙيءَ پروٽيسٽنٽ ديول جو پادري بڻيو، پر پنهنجن غير رواجي ۽ دليرانه رايـن ۽ خيالان جـي ڪري، چوڌاري هُن جي مخالفت ٿيڻ لڳي. خاص طرح هُن جي ڪتاب "چاليهه مسئلا" جا ڪيترا ئي مخالف پيدا ٿي پيا، جن جو چوڻ هو ته اُن ڪتاب ۾ هُن انجيل مقدس جا ملحدانه ۽ غير مسيحي تفسير پيش ڪيا هئا. اُن ۾ هُن حضرت موسيٰ جي شريعت جا اصول، جيئن آهي انجيل مقدس ۾ آيل هئا، حوالي طور ڏيئي، اِها دعوا اٿاري (جيتوڻيڪ اُن جي هُن باقاعدي تبليغ ڪانه ٿي ڪئي) ته مسيحي دين ۾ هڪ ڪان وڌيڪ زالن سان شادي ڪرڻ جائز هو، ۽ اُن جي شرعي سند انجيل مقدس ۾ موجود هئي.

ڪاسٽيلو لاءِ هاڻي ثابتين سان چيو ويو ته هُن انهيءَ ڪتاب جو اطالوي ٻوليءَ مان لاطيني ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو هو، ۽ آهو 'ملحدانه' ڪتاب پوءِ اُن ئي ٻوليءَ ۾ ڇپيو هو ۽ شايع ٿيو هو. اوچينو تي ان ڪتاب ۾ پيش ڪيل بدعتن ۽ غير مسيحي روايتن خلاف اڳي ئي ڪارروائي هلي رهي هئي. اُن صورت ۾ اِهو فطري امر هو ته انهن حالتن هيٺ ڪتاب جي مترجم کي به اُن گناهه ۾ شريڪ سمجهيو وڃي ۽ ان لاءِ هُن کي ڪتاب جي اصلوڪي اطالوي مصنف ڪان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ جوابدار نه شمار ڪيو وڃي. اهڙيءَ طرح جڻ رات وچ ۾ ڪالون ۽ ديءِ باز جي هوائي دعوائن کي هڪ وڏو وزن ملي ويو، ۽ سندن الزام ته ڪاسٽيلو

هڪ انتهائي خطرناڪ تحريڪ ”الحاد“ جو مرڪزي نقطو هو، بلڪ اُن جو روح روان هو. اُن جو ڇڻ ڊئوڊ جورِس ۽ برناردينو اوچينو سان سندس اهڙن ويجهن ناتن ثابت ٿيڻ سان هڪ ”پڪو ۽ پورو ثبوت ملي ويو. هاڻي باسيل يونيورسٽيءَ مان اِها اميد فضول هئي تہ آها اهڙي ماڻهوءَ جو وڏيڪ کو بچاءُ ڪري سگهندي. اهڙيءَ طرح ڪاسٽيلو جي خلاف ڪيس جي باقاعدي ڪارروائي“ شروع ٿئي ئي ٿئي، اُن ڪان اڳ هو غريب پنهنجو ڪيس هارائي ويٺو.

پروٽيسٽنٽ مسيحيت جو ڪو حامي، جيڪو ديني رواداريءَ جو دعويدار بہ هجي، سو اُن زماني ۾ پنهنجي همعصر ديني ۽ دنيوي اقتدار جي صاحبن ڪان ڪهڙي اميد رکي سگهيو ٿي، اُن جي خبر ڪاسٽيلو پنهنجي دوست برناردينو اوچينو جي حالت مان محسوس ڪري سگهيو ٿي – جيتوڻيڪ اوچينو جي دکي زندگيءَ جا ڏينهن ڪاسٽيلو جي گذر ڪري وجڻ ڪان پوءِ ئي ختم ٿي سگهيا هئا. اوچينو ڪجهہ وقت زيورچ جي شهر ۾ اطالوي پناهگزينن جي ڪليسائي پادريءَ جا فرض بجا آڻيندو رهيو، پر ترت ئي هن کي آتان شهر بدر ڪيو ويو. شهر جي اختياريءَ وارن ڪان هُن ڪجهہ ڏينهن جي مهلت گهري، پر هُنن ڪيس آها ڪانہ ڏني. هو ڇاهتر ورهين جي عمر جو هو، مسڪين هو، پاند ۾ پئسو ڪونہ هوس، ۽ سندس گهر واري تازو گذاري ويل هئي. پر هُن جي اِنهيءَ بيوس حالت تي ڪنهن کي رحم ڪونہ آيو. پاڪباز ديني عالم ۽ بزرگ هُن کي نئين سر شهر نيڪالي ڏياري خوش ٿي ويٺا هئا. هو پنهنجا معصوم ٻارڙا وٺي، شهر مان نڪري ٻاهر ٿيو. تہ سياري جي موسم هئي، ۽ رستا برف سان ڏُڪ ڍڪيل هئا. ٻلي اِها سيکت هجيس! هُن جي مخالفن ائين سوچيو هوندو، ۽ پاڻ خوش هوندا تہ ڪٿي هيءُ بدبخت پوڙهو رستي جي ڪنهن پاسي تي ڪري، هلندي هلندي، مري پوي تہ پاڻ چڱو، سيني جي منجهانئس جند ڇٽي پوندي. بهرحال، ڪٿي تہ هن کي بہ پناهہ ملڻ گهرجي – هيتي نہ تہ ٻيءَ دنيا ۾ ئي سهي! ڪٽر پادرين ۽ آنهن جي پُشتيبان شهري حڪمرانن، جن هُن کي شهر ڪان لوڏي ٻاهر ڪيو هو،

تن ٻاهر هُن جي راهه ۾ ڪنڊن وڇائڻ ۽ ڪڏن کوٽڻ ۾ ٻه ڪونه گهٽايو. متان ڪٿي ڪي رحمدل ماڻهو قياس ڪري هُن کي ۽ هُن جي ٻارڙن کي گهر ۾ سڏي، ڪو اجهو ڏين ۽ ٻاهه تي ويهاري هٿ سيڪڻ ڏين، اهڙي امڪان کي روڪڻ لاءِ هُنن خطن پٺيان خط لکي، جتي هو پهتو ٿي، آتي ڪانئس اڳ ئي موڪلي ٿي ڇڏيا، ته جيئن هر ”مومن مسيحي“ هنن کي پري کان ڏسي، پنهنجي گهر جو دروازو بند ڪري ڇڏي، ڇو ته ”هنن کان ائين پري ڀڄڻو هو جيئن ڪوڙهين کان ڀڄبو آهي.“ هي ٻيرمرد عالم، سئٽزرلنڊ مان فقير بڻجي، گوڏڙي ڪُٺي، پنهنجا ٻکيا ۽ بيمار ٻچا ساڻ ڪٺي، ٻاهر نڪتو، ۽ برف سان ڇانيل رستا لتاڙيندو، جانورن جي وٿاڻن ۾ سمهندو، اڳتي وڌندو رهيو، تان جو نيورنبرگ جي شهر مان ٿيندو، نيٺ اتر جرمنيءَ ۾ وڃي نڪتو، جتي پڻ تعصب پرست پروٽسٽنٽ جماعتون هِن باغيءَ ۽ غدار کي لوڏي ڪيڻ لاءِ تيار ويٺيون هيون، ڇو ته هُنن کي آن لاءِ اڳي چتايو ويو هو. بهرحال، آتي هُن کي ڪجهه ڏينهن ساهه پٽڻ جي مهلت ڏني ويئي. هُن جو آخري آسرو پولنڊ جي سرزمين ۾ هو، ته آتي هُن کي ڪي اهڙا مهربان ماڻهو ملندا، جيڪي کيس ۽ سندس ٻچن کي اجهو ڏيندا ۽ هنن جو ٻرجهلو ٿيندا. پر هو جڏهن پولنڊ ۾ پهتو، ته هُن پنهنجي خلاف آتي ٻه ديني نفرت ايڏي چوٽ چڙهيل ڏٺي، جو کيس آتان ٻه ڀڄڻو پيو. هو پوءِ پولنڊ مان نڪري ’موري ويا‘ جي ملڪ ۾ ويو، ۽ آتي هو ١٥٦٤ع جي آخر ۾ يا ١٥٦٥ع جي شروع ۾ انتهائي محتاجيءَ ۽ بيڪسيءَ جي حالت ۾ مري ويو. هُن کي هڪ رول ۽ لاوارث ماڻهوءَ وانگر ڪنهن گمنام هنڌ تي پوري ڇڏيائون، جنهن جو اڄ ڪو پتو نشان ٻه ڪنهن کي معلوم ڪونهي.

ڪاسٽيلو، جيڪو پنهنجي دوست اوچينو جي طويل مدت کان هلندڙ شهادت جي ڀِرٻن مرحلن کان واقف هو، تنهن کي معلوم هو ته سندس تقدير ٻه ساڳي آها ئي ٿيڻي هئي. هُن کي ٻه ملحد بنجي عدالت اڳيان اچڻو هو، ۽ آهو ماڻهو جنهن جو واحد گناهه هيءُ هو ته هو حد کان زياده انسان شناس ۽ انسان دوست شخص هو، تنهن سان آن عالمگير انسان دشمنيءَ

سهم هلائي هئي، اها هُن جي موت ڪان پوءِ ختم ٿي ويئي. باسيل شهر جي رهواسين تمام دير سان اِها ڳالهه محسوس ڪئي ته هُنن پنهنجي هڪ سڀ ڪان بهترين شهريائيءَ جي بچاءَ ۾ ڪيتريءَ نه غفلت ڪان ڪم ورتو هو. هُن جي مرڻ ڪان پوءِ جيڪا مختصر املاڪ هن جي گهر مان نڪتي، آن مان ظاهر ٿيو ته هي پنهنجي وقت جو عظيم عالم ڪيڏي نه مسڪينيءَ ۽ آٿهوند جي زندگي گذاريندو ٿي رهيو. هُن جي گهر مان ڪو ٿامي جو سچو برتن به ڪونه نڪتو. هُن جي دوستن، ڦوڙي ڪري، هُن جي ڪفن دفن جي خرچ جي پورائي ڪئي. آنهن هُن جي مختصر قرضن جي به ادائگي ته ڪئي. آنهن ئي هُن جي ٻچن ڪي سنڀالڻ جو ذمو ڪنيو. هُن تي جيئري ايڏيءَ هٺ ڌرميءَ سان جيڪو ڪفر ۽ الحاد جو الزام هنيو ويو، ڏسڻ ۾ ائين ٿي آيو ته آن جي بچاءَ يا جواب طور باسيل جي شهرواسين هُن جو جنازو اوتري ئي تقدس ۽ احترام سان ڪٿي قبرستان تائين پهچايو. اِها سيباستيان ڪاسٽيلو جي اخلاقي سوڀ هئي. هُن تي الحاد جي الزام لڳڻ ڪان پوءِ، جيڪي ڏجي، هُن ڪان پاسو ڪري ويا هئا، سي سڀ هاڻي اِهو ظاهر ڪرڻ ۾ آتا هئا ته سندن دليون ڪيڏيون نه سندس عزت ۽ محبت سان سرشار هيون. هُن جي جنازي پٺيان باسيل يونيورسٽيءَ جا سڀ استاد موجود هئا. هن جو مڙت سندس گهر ڪان وٺي ديول تائين سندس شاگرد پنهنجن ڪلهن تي ڪٽي هليا، ۽ اهو آتي ديول جي تهخاني ۾ دفنايو ويو. هُن جي ٽن سؤ شاگردن پنهنجي ذاتي پئسن سان هُن جي مزار تي سنگمرمر جو پٿر نصب ڪرايو، جنهن تي هي لفظ آڪريل هئا: ”اسان جي نامور استاد جي حضور ۾، هُن جي اٿاهه علم جي احترام طور ۽ هُن جي زندگيءَ جي خلوص ۽ بي گناهيءَ جي ياد ۾.“

# باب ناڻون

## پوٽاميل

ائين ٿي معلوم ٿيو، ڄڻ سڀ جهڳڙي جو خاتمو ٿي چڪو هو. ڪاسٽيلو کي پنهنجي رستي تان هٽائي، ڪال‌ون پنهنجي اَن اڪيلي مخالف کان پاڻ ڇڏائي محفوظ ٿي ويٺو هو، جيڪو ذهانت ۾ ۽ علم توڙي عمل ۾ ڪانئس مٿيرو هو. جينيوا ۾ ساڳئي وقت پنهنجن سڀني سياسي رقيبن ۽ مخالفن کي خاموش ڪري ڇڏڻ سان، جينيوا جو هيءُ ديني آمر هاڻي بنان ڪنهن رنڊڪ جي، پنهنجي پاليسيءَ کي اڳتي وڌائي ۽ پوريءَ ريت عمل ۾ آڻي سگهيو ٿي. آمرَ جڏهن به شروعاتي مخالفت کي ڪُچلڻ ۾ ڪامياب ٿيندا آهن، جيڪا فطري طور سندن خلاف اٿندي آهي، تڏهن هو پاڻ کي اڳتي لاءِ گهڻو وقت محفوظ ۽ سلامت سمجهندا آهن. جيئن انساني بدن، نئينءَ طبعي حالتن ۾ پهرين ڪافي ڪجهه تڪليف محسوس ڪندو آهي، پر پوءِ اُنهن سان پاڻ کي ٺهڪائي ڇڏيندو آهي، تيئن قومون به بدليل حڪومت جي نئون طور طريقن سان ترت ئي پاڻ کي هيرائي ٺيڪ ڪري ڇڏينديون آهن. ٿوري ئي عرصي ۾ اڳئين نسل جا ماڻهو، جن کي گذريل سک ۽ سهولت وارن ڏينهن جا يادگيرا هوندا آهن، مري کپي ويندا آهن، ۽ نئون نسل، جنهن کي اهڙو ڪو يادگيرو نه هوندو آهي، ۽ جيڪو نين روايتن هيٺ ڄائو نپنو هوندو آهي، اَن لاءِ اهي نيون روايتون ۽ حالتون بلڪل عام ۽ روزمره جون ڳالهيون هونديون آهن. هڪ ئي نسل جي دور ۾، هڪُ نظريو يا خيال ڪنهن به عوام کي پوريءَ طرح بدلائي سگهي ٿو. ائين ئي هاڻي به ساڳي حالت درپيش آئي. ويهارو سالن جو عرصو ڪال‌ون جي ديني حڪمرانيءَ کي گذري

ويو هو، ۽ هاڻي هن جو ديني نظريو، محض نظرياتي صورت مان بدلجي عملي صورت اختيار ڪري چڪو هو. ڪالون هڪ يگانو منتظم هو. پنهنجي ابتدائي ڪاميابيءَ کان پوءِ، هو وڏيءَ مهارت ۽ اورچائيءَ سان پنهنجي ڪم کي لڳي ويو، تان جو ترت ئي آهستي آهستي ٿي، سندس 'سرشتو' سڄيءَ مسيحي دنيا ۾ عام ٿي ويو. ماڻهن جي اعمال جي خيال کان جينيوا ۾ جيڪو هُن فولاد جهڙو سخت نظام قائم ڪيو هو، اَن مثالي صورت اختيار ڪري ورتي هئي. مغربي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اصلاحي ڪليسائن جا سربراهه ڪَٺي، ديني حڪومت جي اَن مثالي روپ جي مشاهدي ڪرڻ واسطي ڪالون جي اَن "پروٽيسٽنٽ روم" جي زيارت لاءِ اچڻ لڳا. مڪمل ضابطي، سخت ترين قواعد تي عملَ ۽ پوريءَ فرمانبرداريءَ جي فضا ۾ جيڪا ڪجهه معاشرتي اصلاح حاصل ٿي سگهي ٿي، اها آتي موجود هئي - فقط ايتري سا ڳالهه هئي، جو ساهه سُڌير آزادي ۽ اَن جي حيات بخش نت نون اُمنگن جي جاءِ تي سونجهه ۽ موڳائيءَ ۽ ساڳيءَ هڪجهڙيءَ ڳهه ڳهان جو آتي راج هو؛ خوشي ڪانه هئي، رياضيءَ جهڙي تُز ڪچ ماپ ۽ تور تڪ ضرور هئي. ديني مناظري باز ۽ علم ڪلام جا مشاق خطيب ۽ واعظ، جينيوا جي اسڪولن ۽ ڪاليجن مان مهارت جون سندون وٺي، ڪالويني نظريي جي تبليغ لاءِ يورپ ۾ چوڌاري پکڙي ويا. مسيحي دين جي پروٽيسٽنٽ شريعت جو هيءُ مجدد اعظم گهٽو اڳي اِهو فيصلو ڪري چڪو هو ته سندس اختيارُ ۽ سندس تعليم رڳو هڪڙي سئٽزرلنڊ جي شهر تائين محدود هئڻ نه گهرجي. هن جي اقتدار جي خواهش کيس آتساهيندي ۽ مجبور ڪندي رهي ته اَن جو دائرو دنيا جي بحر ۽ بر تي ڇانئجي وڃي، ته جيئن نه رڳو سڄو يورپ، بلڪ سڄي دنيا هن جي مطلق اقتداري سرشتي جي اطاعت هيٺ اچي وڃي. اسڪاٽلنڊ اڳي ئي هُن جي مُٺ ۾ هو - آتي هُن جي خليفي جان ناڪس جو 'راج' هو؛ هالنڊ، اِسڪئنڊينيويا، ڊينمارڪ ۽ جرمنيءَ جا ڪافي علائقا هن جي نظريي جا پوئلڳ بنجي چڪا هئا؛ فرانس ۾ هُن جا مريد، جن پاڻ کي 'هيوگناٽ' ٿي سڏايو، پنهنجن مخالفن سان آخري ۽ فيصلي

واري، معرڪي سر ڪرڻ لاءِ تياري ڪري رهيا هئا: ائين ٿي معلوم ٿيو ته جي نصيب آن جي ياوري ڪئي ته ترت ئي ڪالوينيت سڄيءَ مغربي تهذيب کي پنهنجي فڪر ۽ عمل جي تنگ قالب ۾ بند ڪري، آن کي مڪمل طور پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيندي.

اسين جيڪي جينيوا ۾ ڪالون جي وارد ٿيڻ کان اڄ چار صديون پوءِ دنيا ۾ آباد آهيون، پاڻ کي خوش نصيب سمجهڻ ۾ حق بجانب آهيون، جو هن ديني جنون ۾ ورتل سنگدل آمر جي 'نظام دين مسيح' جو 'ڪليسائي ضابطو' سڄي پروٽيسٽنٽ يورپ تي قابض بڻجي نه سگهيو. حسن جو دشمن، خوشيءَ جو دشمن، خود زندگيءَ جو دشمن - هيءُ ڪالويني "ضابطو" پنهنجي پنهنجي اختيار هيٺ آيل علائقن ۾ فنون لطيف جي هر قسم جي ڀوڳنڙي ۽ واڌ، شعاع ۽ تجليءَ جي مخالفت، پوري ضد ۽ شدت سان، بلڪ خالص ديني فريضي طور، جاري رکندو رهيو. هر ڳالهه جي تخليقي تعبير ۽ تور تڪ تي بندش عائد هئي. جيئن جينيوا ۾، صدين تائين، ڪالوينيت جا 'روحاني محافظ' فلسفي ۽ فن لطيف جي نڙيءَ تي ننهن ڏيو بيٺا رهيا؛ تيئن انگلنڊ تي قبضي ڪرڻ سان ئي هُنن روح جي دنيا جي حسين ترين گلن مان هڪ رنگبرنگي گل - يعني شيڪسپيري ناٽڪ کي پنهنجن پيرن هيٺان لتاڙي ۽ چيڀاٽي، پٽي ڪري ڇڏيو. هُنن ڪان جتي پڳو آتي ديولين مان مصوريءَ ۽ سنگتراشيءَ جا شاهڪار ناس ڪرائي ڇڏيائون، ڇو ته آهي ماڻهن جي "نفس کي لذت ڏانهن مائل" ڪري رهيا هئا، ۽ آن جي بدران ڪين ماڻهن جي "دل ۾ خداوند قدوس جو خوف" پيدا ڪرڻو هو. سڄي يورپ ۾ هُنن اعلان ڪيو ۽ فتوائون جاري ڪيون ته "من جو آتساهه ۽ امنگ فقط آهو جائز هو، جيڪو ماڻهوءَ کي خداوند قدوس جي ويجهو نيئي سگهي." آتساهه ۽ امنگ جي ٻي هرڪا صورت، آن جو پيو هرڪو اظهار سندن "قانون موسويءَ جي تعليم جي خلاف" هو. جيڪڏهن هو پنهنجي "مقصد عظيم" ۾ ڪامياب ٿين ها، ته هيءَ دنيا واقعي هڪ عجيب دنيا بڻجي وڃي ها. يورپ جي دنيا جو روح، پنهنجي دائمي ڳولا ڦولا ۽ اٿل پٿل جي بدران، سڪي نوڙ ٿي،

ڇيپاڻجي ۽ قد بت ۾ سُسي اهڙو ته بيجان ۽ ايترو ته مختصر ۽ معمولي ٿي ويجي ها، جو هو سڄو وقت ديني موشگافين ۽ شرعي مسئلن جي ڏاهه ڏوهه ۽ پيچ گهڙ ۾ صرف ڪيو، خوش ٿيو ويٺو رهي ها. ڇاڪاڻ ته جيڪا دنيا آزاديءَ ۽ خوشيءَ جي اڇهل امنگن ڪان ڀرور ٿئي ٿي، سا غيرآباد، سُڃي ۽ تخليق - دشمن دنيا ٿي رهي ٿي؛ زندگي جنهن تي ڪنهن خشڪ ۽ نون سرشتي جو پاڇو پوي ٿو، آن جا لڳ سُڪي وڃن ٿا ۽ آها پنگلي ۽ اپاهج بنجي وڃي ٿي.

خوش قسمتيءَ سان، يورپ، مجموعي طور، پاڻ ڪي، ڪال‌ويني "ضابطي" ۾ ڦاسڻ ڪان، بچائي ويو - يورپ نه "صالح" ٿي سگهيو ۽ نه "پروٽيسٽنٽ روم" يعني، جينيوا وانگر، ڪال‌ويني خارجيت جي ارض مقدس ٿي بنجي سگهيو. انساني تاريخ جي هڪ اهڙي ئي قديم دور ۾ افلاطون، ارسطوءَ ۽ فيثاغورث جو سڄو يونان پڻ ساڳئي هڪڙي نظرياتي جنونيءَ، اسپارٽا جي آمر جي مطلق پوست ڪان ڪنهن طرح بچي ويو هو. ڪال‌ون جي گهٽُت ۽ سختي مجموعي طور فقط يورپ جي هڪڙي ننڍي حصي ۾ ڪامياب ٿي سگهي هئي؛ ۽ خود آتي به ڪنهن ملڪ تي ڪو گهڻو وقت آها هلي نه سگهي هئي؛ ۽ ڪال‌ون جي مرڻ ڪان پوءِ ترت ئي گرفت ۾ نه ايندڙ حقيقتن سندس سخت‌گير "ضابطي" جي ڇپيٽ ڪي ڍرو ڪري ڇڏيو. آخر ۾، جيئرا جاڳندا انساني دلين جا آدما ۽ امنگ بيجان ۽ خشڪ عقيدائي اصولن ڪان زور پئجي ويا. جيئن ڪا مُشڪ گهڻو وقت تـَپيل حالت ۾ رهي نه سگهندي آهي ۽ ترت ئي پنهنجي اصل جڳهه تي اچي ويندي آهي، يا جيئن ڪو جذبو دائمي طرح پنهنجي چوٽ تي بيهي نه سگهندو آهي، تيئن روح جي دنيا ۾ ڪنهن به قسم جي آمريت ۽ آڪرائي پنهنجي بي‌ترس پڪڙ ۽ ڏاڍ ڪي هميشه لاءِ قائم رکي نه سگهندي آهي. تجربي ائين به ڏيکاريو آهي ته آها مشڪل سان پاڻ ڪي ڪڏهن هڪ نسل ڪان وڌيڪ عرصو ڪٿي قائم رکي سگهي آهي.

ڪال‌ون جو ڪٽر ضابطو پڻ، جيترو آن جي قائم رهڻ جو ڊپ هو، آن ڪان به جلد بدلجي هڪ جدا شيءِ بنجي ويو. هونئن به اتفاق

سان ڪو نظريو هڪ سؤ سالن جي مدت کان پوءِ آنهيءَ ساڳيءَ صورت ۾ قائم رهي سگهي ٿو جهڙيءَ صورت ۾ آهو شروعات ۾ وجود ۾ آيو هو. ائين برابر آهي ته ادائي سؤ سالن جي عرصي گذرڻ کان پوءِ به، خود جين جئڪس رُوسو جي ڏينهن ۾، جينيوا ۾ اِنهيءَ ڳالهه تي گرماگرم بحث ٿي رهيو هو ته آيا ناٽڪ سماج لاءِ فائديمند هو يا نقصانڪار ۽ آن کي جينيوائي معاشري ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏجي يا نه: آتي اِهو سوال به اجا زيربحث هو ته ڇا، ”فنون لطيف“ بني نوع انسان جي ترقيءَ ۽ تهذيب جي علامت هئا يا آن جي تنزل ۽ تذليل جي! پر، درحقيقت، آن کان گهٽو گهٽو اڳي، خود جينيوا ۾ به، ڪالويني تعصب ۽ هٺ ڌرميءَ جا تڪا نيش ٽُٽي چڪا هئا، ۽ جيئن پوءِ تيئن ڪلام خداونديءَ جا آهي آهي تعبير ۽ تفسير تسليم ٿيندا ٿي رهيا، جيڪي معاشري جي مروج انساني گهرجن لاءِ موزون ۽ فائديمند سمجهيا ويا ٿي. واڌ ۽ ترقيءَ جو ديوتا پنهنجن حيرت جهڙن مقصدن خاطر پنهنجن ڪارندن ۽ پنهنجن وسيلن کي بدلائڻ چاٽي ٿو. انسان جي آڻ ڪُٽ ترقيءَ جو سلسلو هر معاشرتي نظام يا سرشتي کان پنهنجي استعمال لاءِ فقط آهو ڪجهه قبول ڪري ٿو، جنهن جي کيس ضرورت آهي - باقي آن جون جيڪي به شيون يا ڳالهيون اڳتي وڌڻ ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿيون، آنهن کي هو ائين ٽوڪاري، آڇلي ڇڏي ٿو، جيئن اسين ڪنهن ميوي جي کل لاهي آڇلي ڇڏيندا آهيون. آن عظيم رٿا ۾، جيڪا بني نوع انسان هٿان پوري ٿي رهي آهي، هيءُ آسرُ يا هو آسرُ محض عارضي قوتون آهن: ۽ جيڪو ڪو زندگيءَ جي چؤباز رفتار کي رجعت ۽ استبداد جي لغامن ۽ آڏڙين سان روڪڻ گهري ٿو، آهو پنهنجو مقصد فقط هڪ اڌ دم لاءِ حاصل ڪري ٿو، جنهن کان پوءِ آها اڳي کان به وڌيڪ هوا تي سوار ٿي، اڳتي وڌي ٿي. ڪالوينيت جي حالت ۾ به حيرت جهڙي ڳالهه اِها ٿي، جو جيترو آن انسان جي انفرادي آزاديءَ تي زنجير وڌا ٿي يا وجهڻ چاهيا ٿي، اوترو ئي، آن جي ردعمل طور، يورپ ۾ سياسي آزاديءَ جا آدما، خيال ۽ مقصد اُڀريا ۽ آسريا ٿي. هالنڊ، ڪرامويل جو انگلنڊ ۽ يونائيٽيڊ

اسٽيٽس آف آمريڪا ٿي ملڪ هئا - ۽ ٽيئي هڪ نه ٻيءَ صورت ۾ ڪال ون جي ڪٽر ”ضابطي“ جي غلبي هيٺ هئا - جتي جديد آزاد خياليءَ جنم ورتو؛ ۽ آتي ئي اِئين ٿيو، جو حڪومت (رياست) متعلق آزاد ۽ جمهوري خيالن کي فروغ مليو. اُن ’نئين‘ دور جي سڀ کان اهم دستاويزن مان هڪ عظيم دستاويز، جنهن کي ”آمريڪا جي آزاديءَ جو پڌرنامو“ (١٧٧٦ع) سڏيو وڃي ٿو، آهو خود ڪال ويني ’صالحيت‘ جي پيداوار چئي سگهجي ٿو؛ گهڻي قدر اُن پڌرنامي جي نتيجي ۾ ئي پوءِ پيو ساڳيو ئي آهڙو عظيم دستاويز ”انساني ۽ شهري حقن جو فرينچ پڌرنامو“ (١٧٨٩ع) وجود ۾ آيو. انسان ذات جي تقدير ۾ هيءُ آهو هڪ عجيب تربن انقلاب هو، جيڪو هميشه آتي رونما ٿيندو آهي، جتي ٻه ضد اچي گڏبا آهن. يورپ جي سرزمين ۾ آهي ملڪ جيڪي سڀ کان وڏيڪ ڪال ويني تعصب جي گرفت ۾ آيل هئا، آهي ئي ملڪ پوءِ روحاني سهپ ۽ رواداريءَ جا مرڪز بنيا. جن جاين ۾ ڪال ون جي ’دين‘ جو ئي قانون نافذ هو، آتي ئي ڪاسٽيلو جي آدرش جي، آخر ۾، سوڀ ٿي. آهو جينيوا جو شهر، جتي ڪال ون پنهنجي راءِ کان مختلف راءِ رکندڙ سرويٽس کي ساڙايو هو، اهو ئي شهر هو، جتي اڳتي هلي، والٽيئر کي جاءِ پناهه ملي سگهي هئي، جنهن کي پنهنجي زماني جو ”عدو عيسيٰ“ ۽ ”خدا جو دشمن“ سڏيو ٿي ويو. هن ”عدو عيسيٰ“ وٽ آتي جينيوا ۾ ئي ڪال ون جا ’جانشين‘، ڪال ون جي پنهنجيءَ جامع ديول جا واعظ، وڏي ادب ۽ احترام سان گوڏا کوڙي وڃي وينا، ۽ اُن ”ملحد اعظم“ سان فلسفي جي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪيائون. هوڏانهن هالنڊ ۾ وري ڊيڪارٽي (وفات - ١٦٥٠ع) ۽ اسپنوزا (وفات - ١٦٧٧ع) جهڙا ’ملحد‘، جن کي ٻئي هنڌ ڪٿي سک سان ساهه کڻڻ نصيب نٿي ٿيو، تن آتي ويهي، پنهنجا جڳ مشهور ڪتاب لکيا، جن جي طفيل انسان ذات کي روايت، تقليد ۽ مذهبي پادريت جي زنجيرن مان نجات حاصل ٿي سگهي. رينان (١٨٨٢ع) جهڙو عقليت پسند مصنف، جنهن ڪڏهن ڪنهن معجزي جو ذڪر نه ڪيو، اُن هن عجيب صورتحال کي واقعي هڪ معجزو سڏيو، ته آهي شخص جيڪي ڪٽر پروٽيسٽنٽ به

هئا، سي ئي "عقليت پسند نئين روشنيءَ" جي پٺ ڀرائي ۽ پذيرائي ڪري رهيا هئا. آهي عالم ۽ مفڪر جيڪي پنهنجن ملڪن ۾ پنهنجن راين ۽ عقيدن سبب ملامت هيٺ هئا ۽ اذيتون ۽ عذاب سهي رهيا هئا، آنهن آتان ڀڄي يا لوڏجي، يورپ ۾ يا يورپ کان ٻاهر آنهن سرزمينن ۾ وڃي ٿي پناهه ورتي، جيڪي ڪنهن دور ۾ ڪالويني تعصب جا ڳڙهه شمار ٿينديون هيون. 'ٻن ڀاسن جو پوتاميل' اِنهيءَ ڪي ئي چئبو آهي. ضدين جو ميلاپ اِنهيءَ ڪي چئي ٿو سگهجي. ڪاسٽيلو ۽ ڪالون جي موت کان صرف ٻن صدين گذرڻ کان پوءِ، ڪاسٽيلو جا مطالبا ۽ ڪالون جا مطالبا - برادرانه رواداري، هڪ طرف ۽ مذهب ٻئي طرف - ڪامل امن امان ۽ ڀائيچاري جي صورت ۾، هڪ ئي هنڌ، هالنڊ ۾، انگلنڊ ۾ ۽ آمريڪا ۾ گڏجي گذارو ڪندي ڏٺا ويا.

ڪاسٽيلو جا آدرش، ۽ پڻ ڪالون جا آدرش، پنهنجن پنهنجن تخليق ڪارن کان پوءِ به، زنده رهيا. جڏهن ڪو ماڻهو مري ٿو، تڏهن ٿوري وقت لاءِ اِئين سمجهي سگهجي ٿو ته هُن جو پيغام پولار ۾ گم ٿي ويو آهي: ڪي ڏهه، ويهه، ٽيهه سال ممڪن آهي ته آهو ماٺ ۽ ڪسمپرسيءَ ۾ اِئين گم ٿي وڃي، جيئن ڌرتيءَ ۾ سندس ميت پورجي ۽ گم ٿي ويو. ڪاسٽيلو جو نالو ڪنهن جي زبان تي نه رهيو: هن جا دوست ڪي مري ويا ۽ ڪي گم ٿي ويا: هن جي ڪتابن مان جيڪي ٿورا ڪجهه ڇپيا هئا، سي آهستي آهستي اڻلڀ ٿي ويا، ۽ ڪنهن به باقي سندس ڪتابن جي ڇاپڻ جي همت ڪانه ڪئي: اِئين ڀانئجي سگهيو ٿي ته هُن جي سڄي جدوجهد، هن جي سڄي زندگي ناڪام گذري ويئي هئي. پر، نه. تاريخ عجيب عجيب رستن سان اڳتي وڌي ٿي. ظاهري طور سندس دشمن جي مڪمل ڪاميابي، آخر ۾ خود ڪاسٽيلو جي ڪاميابيءَ جو پيش خيمو ثابت ٿي. هالنڊ ۾ ڪالويني نظريي جي فتح ڪجهه حد کان وڌيڪ مڪمل ٿي ويئي هئي. ڪالويني واعظ، جيڪي جينيوا جي ڪٽر مدرسن جا دستاربند هئا، تن پنهنجي لاءِ اِهو ديني اعزاز ٿي سمجهيو ته هو آن نئين 'فتح ڪيل' سرزمين ۾ خود ڪالون کان به وڌيڪ

سختيءَ سان ڪال وِني شريعت کي نافذ ڪري ڏيکارين. مگر هتان جا نڊر ۽ حوصلمند ماڻهو، جن خود آنهن پنهنجن زوراور سردارن کي بہ سنوت ڪانہ ٿي ڏني، جن پراڻيءَ توڙي نئينءَ دنيا تي پنهنجي ڌاڪ ويهاري ڇڏي هئي، سي ترت ئي آنهن ڪال وِني واعظن جي آنهيءَ سختيءَ ۽ هٺ ڌرميءَ جي خلاف ڪَنَ ڪَڙا ڪرڻ ۽ اکيون ڦوٽارڻ لڳا. هي ساده دل پر سخت جان ۽ خوددار ماڻهو، جن تازو تازو پنهنجن آنهن موروثي حڪمران سردارن سان وڙهي، ڪافي ڪجهہ سياسي آزاديون حاصل ڪيون هيون، سي آنهن ئي آزادين کي، ضمير جي دنيا ۾، هٺ ڌرميءَ ۽ تعصب جي ديباءِ آڏو، قربان ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا. پادري برادريءَ جا ڪي پادري خود ڪال وِني شريعت جي ڇڙواڳ ۽ انتهائي دعوائن خلاف احتجاج ڪرڻ لڳا - آهي پوءِ تاريخ ۾ "احتجاجي" سڏجڻ لڳا؛ ۽ آنهن جڏهن ڪال وِني واعظن جي اعتقادي ڪٽرپڻي ۽ تشدد جي خلاف روحاني 'هٿيارن' جي تلاش ڪرڻ شروع ڪئي، تہ فوراً کين پنهنجي ئي نهج جو هڪ اڳوڻو 'احتجاجي' ياد آيو، جيڪو ڪم از ڪم مسيحيت جي ڪليسائي دنيا ۾ تاريخ جو هڪ لافاني ڪردار بنجي چڪو هو. 'ڪُونهرٽ' نالي هڪ آزادي پسند پادريءَ ۽ پين سندس ڪن پروٽيسٽنٽ ساٿين ۽ پوئلڳن پوءِ آن شخص جا ڪتاب کوٽي ٻاهر ڪڍيا ۽ ١٦٠٣ع کان وٺي آنهن کي سنهن اصلوڪيءَ زبان ۾ توڙي ڊچ ٻوليءَ جي ترجمن جي صورت ۾ ڇاپڻ شروع ڪيو. هر طرف کان فوراً آنهن ڪتابن ڏانهن ڏيان ڇڪجي ويو، ۽ هر هنڌ آنهن جو پوري شوق ۽ توجهہ سان مطالعو شروع ٿي ويو.

ڪاستيلو جو سهپ ۽ رواداريءَ، فڪر ۽ ضمير جي آزاديءَ جو آدرش، ظاهر هو تہ ساٿس گڏ سندس قبر ۾ دفن ڪونہ ٿي ويو هو. آهو جيتوڻيڪ تنگدليءَ، روايت ۽ دهشتگرديءَ جي تَهَنَ هيٺان دٻجي ويو هو، پر آن ۾ اجا جان هئي، ۽ آهو هاڻي آنهن تَهَنَ جي ڳرڻ سان اڳي کان اڳرو، تازو توانو، نئين سر ڦٽي نڪتو، ۽ رنگبرنگي گل ڦهليائين، ۽ يورپ جي اسرندڙ معاشري کي پنهنجن شيرين ۽ زندگي بخش ميون سان مالامال ڪيائين. شخصي راهہ ۽ فڪر جي دنيا ۾ رواداريءَ

۽ پوپن جي بيسود بڪ بڪ ۽ مفسدانہ موشگافين ۽ منافقانہ حاشيہ آرائن ۽ مضحڪہ خيز معرڪہ آرائين منجهان بيزار ٿي پيا هئا. وڏي ڳالهہ تہ سڀ قومون ۽ سڀ ملڪ گذريل تقريباً سؤ سالن جي لاڳيتين مذهبي جنگين ۽ دين جي نالي ۾ خونريز دنگن ۽ فسادن کان تنگ اچي چڪا هئا. تان جو هالنڊ جي آتريچ شهر ۾ هڪ عام "ديني سرچاءَ" تي اتفاق راءِ ٿيو ۽ رواداريءَ کي آن جو بنياد بڻايو ويو، ۽ ائين، فڪر جي دنيا ۾ رواداري پنهنجو هڪ پائدار عملي روپ ڌاري، هن پختيءَ ۽ مضبوط ڌرتيءَ تي پنهنجون ٻاڙون پکيون ڪري اچي بيٺي. ڪاسٽيلو، جيڪا فرانس جي حڪمرانن ۽ انهن سان گڏ يورپ جي سڀني بادشاهن کي آخر ۾ هڪ نهايت تيز، چيندڙ ۽ جذباتي 'اپيل' ڪئي هئي تہ هو هڪٻين جي راين جو احترام ڪن ۽ هڪٻين کي پنهنجي پنهنجي ايمان تي هلڻ ڏين، آها هاڻي يورپ جي جاگيل ۽ آزاد عوام جي ڪنن تائين پهتي هئي، ۽ آن کي هُنن پنهنجي هيٺين سان هنڊايو ۽ پنهنجن قانونن ۾ درج ڪيو، ۽ ائين لساناً، قلباً ۽ عملاً هُنن آن کي قبول ڪري ورتو هو. يورپ جي هن ننڍڙي شهر آتريچ منجهان ائين هر نظريي، هر فرقي ۽ هر راءِ لاءِ سهپ ۽ رواداريءَ جو خيال، انساني صلح جوئيءَ جي هڪ بنيادي ۽ اٽڪس وسيلي جي صورت اختيار ڪري، سڄيءَ دنيا جي انسان دوست شخصن جو هڪ محبوب ترين خيال ۽ هڪ اعليٰ ترين آدرش بڻجي ويو؛ ۽ سڀئي ملڪ هڪٻئي پٺيان، فڪر جي دنيا ۾ عمومي طور ۽ مذهبي فڪر جي سلسلي ۾ خاص طرح، راين ۽ عقيدن جي دٻاءَ ۽ انهن لاءِ ڪنهن بہ قسم جي سزا ۽ آذيت کي غيرانساني روش سمجهڻ لڳا ۽ آن کي ننديڻ لڳا. آخرڪار ١٧٨٩ع جي فرينچ انقلاب ۾ "فرد جا حق" تسليم ڪيا ويا ۽ آنهن جي قانوني ضمانت ڏني ويئي، ۽، سڄيءَ دنيا کي شاهد بڻائي، اعلان ڪيو ويو تہ "انسان آزاد ۽ مساوي حيثيت ۾ ڄاوا آهن، ۽ هُنن کي حق آهي تہ هو، سواءِ ڪنهن خوف ۽ دٻاءَ جي، پنهنجا پنهنجا خيال ظاهر ڪن ۽ پنهنجي پنهنجي ايمان جو اعلان ڪن." تان جو ڪاسٽيلو جي وفات کي اجا ٽين صدي گذري نہ هئي ڪانہ، يعني

اوڻيهين صدي اچا شروع ٿي مس ٿي، ته آزاديءَ جو خيال ۽ آزاديءَ جو آدرش - قومن جي آزاديءَ جو، فردن جي آزاديءَ جو، خيالن جي آزاديءَ جو - سموريءَ مهذب دنيا ۾ هڪ ڪڏهن رد نه ٿيندڙ ۽ سدا موجود انساني حق جي حيثيت ۾ اُئين تسليم ڪيو ويو، جيئن خود هر انسان جو هن ڌرتيءَ تي رهڻ جو حق آهي، اُن جي هوا ۾ ساهه کڻڻ جو حق آهي، ۽ مرڻ کان پوءِ اُن جي وجود سان ملي هڪ ٿي وڃڻ جو حق آهي.

نوٽ (ڏسو ڪتاب جو صفحو ٢٤٥)

## ڪتاب سان لاڳاپيل ڪي مکيہ تاريخون ۽ واقعا

١٥٠٥ع: جان ناڪس جو جنم، - ڪالويني شريعت جو اسڪاٽلنڊ ۾ مبلغ.

١٥٠٩ع: ١٠ جولاء تي فرانس جي 'نويون' شهر ۾ ڪال ون جو جنم.

١٥٠٩ يا ١٥١١ع: اسپين جي شهر ٽيوڊيلا يا ولانووا ۾ مائيڪل سرويٽس جو جنم - هن جي جنم جي سال يا جاء جي پوري خبر ڪانهي.

١٥١٥ع: فرانس جي ڊافن پرڳڻي جي سينٽ مارٽن ڊيوفرين ڳوٺ ۾ سيباسٽيان ڪاسٽيلو جو جنم.

١٥١٧ع: پوپ جي "معافي نامن" خلاف مارٽن ليوٿر جا "پنجانوي دليل" جرمنيء جي وٽنبرگ شهر ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا.

١٥١٩ع: ٻي بازل جون جي ٢٤ تاريخ تي، ويزلي شهر ۾ ڄائو.

١٥٢٠ع: پوپ طرفان ليوٿر تي ڪفر جي فتوا ڪيئي، کيس مسيحي امت مان خارج ڪيو ويو.

١٥٢٨ع: پوپ طرفان ڪيپوچين سنت جي راهبن جي تسليميء جي فتوا.

١٥٣١ع: سرويٽس جو ڪتاب "تثليثي بدعت ۽ مسيحي نجات" ڇپجي پڌرو ٿيو.

- آڪٽوبر جي ١١ تاريخ تي زونگلي لڙائيء ۾ وڙهندي فوت ٿيو.

١٥٣٤ع: برناردينو اوچينو، ٤٧ ورهين جي ڄمار ۾، ڪيپوچن راهبن جي جماعت ۾ شامل ٿيو.

١٥٣٦ع: مارچ ۾، ڪال ون جو ڪتاب "نظام دين مسيح" باسيل شهر ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

١٥٣٦ع: جولاءِ ١٢ تاريخ، باسيل شهر ۾ اِرئسمس وفات ڪئي.
- سيپٽمبر جي ٥ تاريخ تي، ڪالون جينيوا جو مير واعظ مقرر ٿيو، ۽ جينيوا جي شهرواسين انجيل مقدس ۽ عين اُن جي آيتن مڄورن پٽاندر زندگي گذارڻ جو عهد ڪيو.

١٥٣٨ع: ٢٣ اپريل تي جينيوا جي شهرين عام اجتماع ۾ فيصلو ڪيو تہ ڪالون ۽ فاريل جينيوا مان نڪري وڃن. - ڪالون اُن فيصلي پٽاندر جينيوا ڇڏي اسٽرئسبرگ شهر ۾ وڃي رهيو.

١٥٣٩ع: فرانس ۾ مارٽن ليوٿر جي پوئلڳن خلاف عام حڪمنامو.

١٥٤٠ع: جنوريءَ ۾ ليوٿر جي ٽن پوئلڳن کي فرانس جي ليانس شهر ۾ جيئري جلايو ويو. - ڪاسٽيلو مخفي طرح ڪئٿولڪ مان ڦري پروٽيسٽنٽ ٿيو، ۽ بهار جي موسم ۾ ليانس مان نڪري اسٽرئسبرگ شهر ڏانهن ويو. - ڪالون جي ”نظام دين مسيح“ جو فرينچ ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيو.

١٥٤١ع: ڪالون، سيپٽمبر ١٣ تاريخ، جينيوا جي شهري ڪائونسل جي خاص دعوت تي واپس آيو ۽ جينيوا ۾ هن جي پرجوش آجيان ٿي.

١٥٤٢ع: ڪاسٽيلو کي ٢٣ مارچ تي جينيوا جي ڪاليج جو ريڪٽر (پرنسپال)، ۽ شهر جي ٻهراڙيءَ ۾ وئنڊيرس جي ديول جو خطيب مقرر ڪيو ويو. - ڪاسٽيلو جو ڪتاب ”آسان لاطيني رهبر“ لاطيني ۽ فرينچ ٻولين ۾ شايع ٿيو. - برناردو اوچينو تي ليوٿر جي پوئلڳ هجڻ جي چغلي هڻي ويئي، ۽ هو ”مقدس ديني عدالت“ جي خوف کان اٽليءَ مان ڀڄي نڪتو.

١٥٤٢-١٥٤٧ع: اوچينو باسيل ۽ آگسبرگ شهرن ۾ رهيو.

١٥٤٣ع: جينيوا ۾ پليگ جي وبا، ڪالون ۽ ٻين واعظين وبائي اسپتال وڃڻ کان انڪار ڪيو. - ١٥ ڊسمبر تي جينيوا جي شهري ڪائونسل ڪاسٽيلو کي واعظ مقرر ڪرڻ جي سفارش ڪئي.

١٥٤٤ع: ڪالون جي ڪاسٽيلو جي خلاف ڇهہ مهينا لاڳيتي ڪوشش،

مقدس جو بچاءُ" جي نالي سان - جينيوا ۾، شايع ڪيو. - مارچ ۾ ڪاسٽيلو جو ڪتاب "مسئلہ ملاحده" 'مارٽينس بيلس' مصنف جي لڪل نالي سان شايع ٿيو. - مارچ جي ٢٨ تاريخ تي ڪالون "مسئلہ ملاحده" بابت سٽزرلنڊ جي سيني ڪليسائن کي لکي موڪليو تہ آن کي جتي ڏسن، اتي ضبط ڪن؛ زيورچ جي ڪليسائي سربراه بُلنگر کي لکيائين تہ "هر صورت ۾ ڪتاب جي لڪندڙن، ڪاسٽيلو ۽ ڪيورو، جو منهن بند ڪيو وڃي." - سيپٽمبر ۾ دي باز جو ڪتاب "تعزيرنامو" شايع ٿيو، جنهن ۾ ڪتاب جي "اصل لکندڙ" تي ڪفر جي فتوا جاري ڪري، مطالبو ڪيو ويو تہ "دهرين ۽ ملحدن کي جوڳي سزا ڏيڻ سِول (ملڪي) اختياريءَ وارن جي ... ذميداري آهي." - ڪاسٽيلو، جواب طور، "فريادنامو" نالي ڪتاب لکيو، جو تقريباً ٦٠ سال پوءِ پهريون ڀيرو "ڪالون جو گناه عظيم" جي نالي سان ائمستردام شهر ۾ ڇپجي سگهيو.

١٥٦٠ع: اپريل ١٩ تي ميلنشان (مارٽن ليوٿر جي دست راست) وفات ڪئي.

١٥٦٢ع: ڪاسٽيلو "شڪ ڄاڻ جي ڪُنجي آهي" نالي ڪتاب لکيو، پر آن کي شايع ڪري نہ سگهيو. - ڪاسٽيلو جو ڪتاب "فرانس جي شهرين کي مِٺي صلاح" ڇپجي پڌرو ٿيو.

١٥٦٣ع: دي باز، جينيوا ۾، باسيل شهر جي اختياريءَ وارن جي نالي "اپيل" تيار ڪئي، ۽ ڪتابي صورت ۾ ڇاپرائي پڌري ڪئي؛ ڪتاب جو عنوان هو "شيطان جي چاڙتي سيباسٽيان ڪاسٽيلو جي محافظن جي ذميداري."

- اوچينو جو ڪتاب "ڇاليهہ مسئلا" شايع ٿيو.

- نومبر مهيني ۾، باسيل شهر جي اختياريءَ وارن وٽ، دستوري صورت ۾، ڪاسٽيلو جي خلاف مسيح دشمنيءَ جي الزام هيٺ فرد جرم پيش ڪيو ويو.

- ۲۹ ڊسمبر تي، باسيل شهر ۾، ڪاسٽيلو وفات ڪئي.

۱۵٦۴ع: مئي جي ۲۷ تاريخ تي، جينيوا ۾، ڪال‌ون وفات ڪئي.

۱۵٦۴ع: ڊي باز، ڪال‌ون جي جاءِ تي، جينيوا جو ميرواعظ مقرر ٿيو.

۱۵٦۴ يا ۱۵٦۵ع: موري ويا (هنگريءَ) ۾ برناردينو اوچينو فوت ٿيو.

۱۵۷۲ع: سينيٽ بارٿلمو جو ڪوس عمل ۾ آيو - آگسٽ ۲۴ تاريخ تي، جنهن ۾ ويهه هزار (ڪي چون ٿا ته هڪ لک) پروٽيسٽنٽ (پاڻ کي 'هيوگنات' چوائڻ وارا) فرانس ۾ قتل ڪيا ويا.

۱۵۸۵ع: جرمنيءَ ۾ ٽيهن سالن جي مذهبي جنگين جو خاتمو ٿيو، جن ۾، هڪ اندازي موجب، جرمنيءَ جو اڌ آدم مارجي ويو. - هن جنگ ۾ جرمنيءَ جو وچون طبقو ۽ پورهيت عوام پروٽيسٽنٽ شريعت جا حامي هئا ۽ جرمنيءَ جا نواب ۽ جاگيردار سندن بادشاهه سميت ڪيٿولڪ شريعت يعني پوپ جي پاسي هئا.

۱۵۹۸ع: فرانس جي چاليهن سالن جي مذهبي جنگين جو خاتمو ٿيو، جن ۾، هڪ اندازي موجب، ڏهن لکن کان به وڌيڪ ڪيٿولڪ ۽ پروٽيسٽنٽ فرينچ جانيون تلف ٿيون. - مذهبي صلح ۽ رواداريءَ جي حمايتيءَ، فرانس جي بادشاهه، هينري - ۴ جي تحرڪ سان، پنهي ڌرين ۾ ”نئنٽيز جو مذهبي صلح نامو“ عمل ۾ آيو. هنن جنگين ۾ فرانس جي عام خلق، سندن بادشاهه سميت، پوپ جي حمايت ۾ ڪيٿولڪ ڌر سان ۽ فرانس جو وچون طبقو ۽ اتان جا امير ۽ جاگيردار پروٽيسٽنٽ ڌر سان بيٺل هئا.

# ڀلنامو

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
| --- | --- | --- | --- |
| ۵ | ۱۵-۱٦ | تاريخ هميشه ... | تاريخ ۾ هميشه ... |
| ۱۴ | ۱۳ | محافظ، دستي ... | محافظ دستي ... |
| ۱۵ | ۲۲ | منبر مسندون ... | منبر ۽ مسندون ... |
| ۱۹ | ۱۱ | ڇاڪاڻ هن ... | ڇاڪاڻ ته هن ... |
| ۲۱ | ۱۸ | ”مقدس ڪليسا جي واعظين“ ... | ”مقدس ڪليسا جي واعظين ... |
| ۲۴ | ۲۵ | معنہ | معنيٰ |
| ۵۴ | ۵ | احتسابي عدالتن“ ... | ”احتسابي عدالتن“ ... |
| ۸۰ | ۱۹ | مسيحيءَ | مسيحي |
| ۸۹ | ۱۵ | شخص جو هن جي ... | شخص جو، هن جي |
| ۸۹ | ۲۳ | تلقيد | تقليد |
| ۱۲۰ | ۳ | پوري مقرر ... | پوريءَ مقرر ... |
| ۱۲۸ | ۱۰ | ته لٿو ۽ ... | ۽ لٿو ته ... |
| ۱۲۸ | ۱٧ | هجي، پٺي ... | هجي، ۽ پٺي ... |
| ۱٧٦ | ۱۴ | امين | اسين |
| ۱٧٦ | ۲٧ | تعصب ۾ ڪنورتا ... | تعصب ۽ ڪنورتا ... |
| ۱۹۵ | ۳ | بس ڪري ... | بس ڪرائي ... |
| ۲۰۵ | ۱۴ | حق هو. ۽ ... | حق هو، ۽ ... |
| ۲۱۳ | ۱ | زبان سان سوچيو ٿي. | ... سان ڇيو ٿي. |

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ٢١٩ | ١٣ | بچاءُ | بچاءَ |
| ٢٢٠ | ٣ | دل آها ... | دل جي آها ... |
| ٢٢٣ | ٢ | فياضيءَ | فياضي |
| ٢٢٤ | ٢٥ | باغبانہ | باغيانہ |
| ٢٤١ | ١ | خوني هو. جنهن ... | خوني هو، جنهن ... |
| ٢٥٢ | ١٩ | حه | حد |
| ٢٥٨ | ٩ | ادائگي تہ ڪئي. | ادائگي ڪئي. |
| ٢٦٤ | ٧ | پيو | ڀيو |
| ٢٦٦ | ١٨ | سنهن | سنڌن |
| ٢٦٧ | ٢١ | لڪا هئا. ۽ ... | لڪا هئا، ۽ ... |
| ٢٦٧ | ٢٢ | لکيا هئا، | لکيا هئا. |
| ٢٦٨ | ٢ | معرڪہ آرائين | معرڪہ بازين |